سَسُئي پُنهون



سَسُئي پُنهون

(پنجابي پستڪ 'سسي هاشم'
مان چونڊ ٽڪرن جو انواد)

ليکڪ
هرنام سنگهه شان

سمپادڪ
هرومل سدارنگاڻي

انوادڪ
گوبند سنگهه منسڪاڻي

ساهتيه اڪاديمي، نئين دهلي

فهرست

		صفحو
(١)	ڪهاڻيءَ جو بنياد	١
(٢)	ڪهاڻيءَ جي اتهاسڪ حقيقت	١٢
(٣)	ڪهاڻيءَ جو زمانو	١٣
(٤)	ڪهاڻيءَ جو سلسلو جاگرافيءَ جي لحاظ کان	٢٠
(٥)	ڀنڀور	٢١
(٦)	ڪيچ	٢٨
(٧)	ٺل	٣٣
(٨)	سسئيءَ جو محلات	٣٦
(٩)	درياهه ڪهڙو؟	٣٩
(١٠)	سسئيءَ جو باغ	٤١
(١١)	سسئيءَ جو بر بيابان جهاڳڻ	٤٢
(١٢)	سسئيءَ جي قبر	٤٣
(١٣)	ڪهاڻيءَ جا پاتر	٤٥
(١٤)	ڪهاڻيءَ جا واقعا	٦٧
(١٥)	ڪهاڻيءَ جي پڇاڙي	٨٤
(١٦)	دائرو، پرڀاو ۽ ڦهلاءُ	٩٩
(١٧)	ڪڇيءَ ۾ سسئيءَ نسبت ساهتيه	١٠٤
(١٨)	سنڌي ٻوليءَ ۾ سسئيءَ بابت ساهتيه	١١٢
(١٩)	بلوچڪيءَ ۾ سسئيءَ بابت ساهتيه	١٢٨
(٢٠)	پنجابيءَ ۾ سسئيءَ بابت ساهتيه	١٣١
(٢١)	لوڪ گيتن جي ڪهاڻي	١٥٦
(٢٢)	راجستانيءَ ۾ سسئيءَ بابت ساهتيه	١٧٣
(٢٣)	فارسيءَ ۾ سسئيءَ بابت ساهتيه	١٧٩
(٢٤)	هنديءَ ۾ سسئيءَ بابت ساهتيه	١٩٣
(٢٥)	اردوءَ ۾ سسئيءَ بابت ساهتيه	١٩٨
(٢٦)	انگريزيءَ ۾ سسئيءَ بابت ساهتيه	٢٠٤
(٢٧)	سسئيءَ بابت عام پڙن ۾ سانگ	٢٠٦
(٢٨)	سسئيءَ جي ڪهاڻي فلمي پردي تي	٢٠٧
(٢٩)	سسئيءَ جو ريڊيو تي گيت ناچ	٢١١

Sasui Punhoon: Sindhi translation by Gobindsingh Mansukhani of selections from ***Sassi Hashim*** in Punjabi by Harnamsingh Shan. Edited by Harumal Sadarangani. ***Sahitya Akademi, 1970. Price Rs. 6/–*** .

پهريون ڇاپو ١٩٧٠

ڇپيندڙ:
سندر پرنٽنگ پريس،
اجمير.

قيمت ڇهہ رپيا.

سَيّاحن ۽ فوجي ماڻهن جي آمد رفت ۽ سنڌ ۾ سان ملڻ جهلڻ سبب، سنڌ جا ڪيترا قصا ٻين ملڪن ۾ پهتا، ۽ موٽ ۾ آئي جُون ڪهاڻيون سنڌ ۾ پکڙيون، ۽ هِنَ ڪَنَ کان هُنَ ڪَنَ تائين پهچڻ ۽ وقت گذرڻ سان سنڌن خاڪو بدلجي ويو، ايتري قدر جو اج اصل ۽ نقل ۾ سنڌو ڪيڻ مشڪل ٿي پيو آهي. پري نه وڃي، رڳو سنڌ ۽ پر واري پرانت (پنجاب) جي مشهور ٻن ڪهاڻين جو مثال ٿا وٺون. سنڌي، سهڻي ميهار کي سنڌ جا رهاڪو ٿا سڏين ۽ سنڌن عشق و محبت، خود ٻڌڻ جي جاء، کي شهدادپور نه کي نئو ڏيکارين. پنجابي شاعر ۽ ڪهاڻي نويس وري کين پنجابي ڄاڻي، کي راوي نه کي چناب جي ڪناري جا حوالا ٿا ڏين. ساڳيءَ طرح سسئي پنهونءَ جي باري ۾ سنڌي چون ٿا ته سسئي ڀنڀور جي هئي ۽ پنهون ڪيچ مڪران جو، ۽ اج به سنڌن قبر ماٻاڙ نيءَ جي پيٽ ۾ پهاڙ تي ڏسي سگهجي ٿي؛ نه پنجاب وارا وري مقامي رنگ ڏيئي انهن کي پنجاب جي پيدائش ثابت ٿا ڪن. حيرت نه ڪچ، بلوچستان، راجستان وغيره جا باشندا به سسئي پنهونءَ کي پنهنجو ٿا سمجهن ۽ پنهنجي دعويٰ لاء کي نه کي دليل ڏين.

ٿورو وقت ٿيو جو پنجاب يونيورسٽيءَ جي پروفيسر هرنامسنگهه شان، گهڻيءَ جاکوڙ ۽ اپياس پڄاڻا "سسي هاشم ناليءَ الڪل" اٺ سؤ صفحن جو ڪتاب، پنجابي زبان ۾، ڇپائي ظاهر ڪيو جنهن ۾ هن صاحب پنجابي ٻوليءَ جي ناميارا ڪويءَ سيد هاشم شاه جو منظوم قصو 'سسي پنون' ۽ سوانح عمري ڏيئي، منڍ ۾ ڪهاڻيءَ سان لاڳاپو رکندڙ مثال ۽ روايتون پيش ڪيا آهن. مصنف پنهنجي کوجنا هڪ ٻوليءَ، پرانت يا ٿورڙن تاريخي واقعن تائين محدود نه

مهاڳ

سسئيءَ پنهونءَ جي قصي کي سنڌي ساهتيه ۾ هڪ خاص اهميت آهي. هي قصو نه فقط تمام جهونو آهي جنهنکي ڪيترن شاعرن ۽ افسانه نگارن پنهنجي رنگ ڍنگ ۽ رٿا سان قلمبند ڪيو آهي ۽ جنهن سان لاڳاپو رکندڙ ڪئين پهاڪا ۽ محاورا اڄ به اسانجي روزمره واري زندگيءَ ۾ ڪم آندا وڃن ٿا، پر حقيقت ۾ صوفيائي سنڌ جي هڪ عاجزه جي اَٿاه عشق جو درد انگيز داستان آهي. منجهس ڏيکاريو ويو آهي ته ڪيئن نه هوءَ وڃايل محبوب کي هٿ ڪرڻ لاءِ سر جو سانگو لاهي، ٽنهڻ اُس ۽ اُڃ ۾ ڏکين ۽ ڏنگن ڏونگرن مان اُگهاڙين پيرين اَڪيلي ڪاهيندي ٿي وڃي. اِهوئي سبب هو جو سنڌي شاعرن جي سرتاج، شاهه عبداللطيف، ٻين عاشقن جا قصا هڪ هڪ سُر ۾ بيان ڪيا، پر جڏهن سسئيءَ (طالب) جي حالت ورنن ڪرڻ ويٺو ته سوز مان سڄا سارا پنج سُر (سسئي آبري، معذوري، ديسي، ڪوهياري ۽ حسيني) چئي ويو.

ڪنهن زماني ۾ سنڌ جي سرزمين ڪافي وسيع هئي، ۽ هڪ پاسي ڪشمير ته ٻئي پاسي ڪيچ مڪران سان وڃي ٿي ملي. نه فقط ايترو، پر ٻاهرين ملڪن جي واپارين، سيلانين ۽ ڪاهه ڪندڙن لاءِ اولهه کان هندستان اندر داخل ٿيڻ لاءِ شاهي دروازو هئي. اِتان ٿي ايراني، تُوراني، يوناني ۽ عرب آيا. سڀاويڪ آهي ته وديسي وڻجارن،

(١) ڪهاڻيءَ جو بنياد

"معلوم ٿئي ٿو تہ سسئي پنهونءَ جي آکاڻيءَ جي شروعات ڪڇ کان ٿي" (ڊاڪٽر ايڇ. ٽي. سورلي).

سسئي پنهونءَ جي ڪهاڻيءَ بابت وڏو واد وواد آهي. ڪي اُن ڪي ڪڇ جي، تہ ڪي سنڌ جي، ڪي بلوچستان جي تہ ڪي وري پنجاب جي پيدائش چون ٿا. اهي سڀ پرانت جاگرافيءَ جي لحاظ کان هڪ ٻئي جي نزديڪ آهن ۽ تاريخ جي نظر کان صدين لاءِ هڪ ٻئي جو حصو ٿيا رهيا آهن. اِنهي ڪانسواءِ هيءَ ڪهاڻي هر هنڌ اهڙي تہ پسند ۽ چالو رهي آهي جو اُتي جا رهواسي اُنکي مڪاني ۽ پنڳتي رنگ ڏيئي، پنهنجي ڪرڻ ۽ سمجهڻ جي پيا ڪن.

جيتري قدر پنجاب جو واسطو آهي، اِها ڳالهہ ڪجهہ يقين سان چئي سگهجي ٿي تہ اِها ڪهاڻي درحقيقت اُتي جي پيدائش نہ آهي جيتوڻيڪ "ساندل بار جي ڀولن" ۾ سسئيءَ جي پيءُ کي پنجاب جو راجا ڪوٺيو ويو آهي. (١)

---

(١) "ڀنڀنجي شهر جو نالو ڀنڀور آهي،
هيٺ پاڻيءَ سان ڀريل درياهہ پيو وهي؛
۽ اعظم بادشاهہ آهي،
پنجاب پرانت جو." (نئہ جهنا، صفحو ١١٤)

اُن جو هڪ ٻيو نمونو هيءُ آهي:

رکي، اردو، انگريزي، پنجابي، فارسي، گجراتي، راجستاني، هندي ۽ سنڌي ڀاشائن، شري دسم گرنٿ، يهودي ۽ يوناني ڏند ڪٿائن، فلم ۽ ريڊيو روپانترن مان ڪهاڻيءَ جي بنياد، زمان، مڪان، گهٽنائن، پاترن وغيره واسطي حوالا ۽ حقيقتون ڏنيون آهن ۽ واسطيدار جاين ۽ پرانتن جا سفر ڪري، اتي جي ماڻهن سان ملي، پڇي، قصي ۾ اونهو وڃڻ ۽ وڌيڪ تحقيقات ڪرڻ لاءِ هڪ ئي هنڌ جهجهو مصالحو ميسر ڪيو آهي. ايڏيءَ محنت لاءِ ليکڪ لاشڪ ڪيرون لهڻيون.

ساهتيه اڪاديميءَ جي سنڌي بورڊ، ساهتيه پريمين کي سسئي پنهونءَ بابت ٿيل کوج جو لاڀ وٺائڻ مناسب ڄاتو. ان مراد سان اصل ڪتاب جي مدد مان انگل ٻن سون صفحن جو ترجمو رٿيو ويو ۽ پروفيسر هرنامسنگهه سان ان باري ۾ لکپڙهه ڪئي ويئي. هُن صاحب وڏيءَ خوشيءَ سان منظوري ڏني. بورڊ، اهڙيءَ فراخدليءَ لاءِ سندس تهدل شڪرگذار آهي.

اميد ته هيءُ ڪتاب ڪارگر ثابت ٿيندو، ۽ سسئي پنهونءَ جي باري ۾ وڌيڪ کوجنا ۽ تاريخي ڇنڊ ڇاڻ جو باعث بڻبو.

هرومل سدارنگاڻي

ڪوٺي ٿو. (١) ڊاڪٽر بنارسي داس جين کي ”پنجاب کان ٻاهر“ وارو سڌي لکي ٿو ته ”هي واقعو سنڌ بلوچستان ۾ ٿيو.“ (٢) ڊاڪٽر موهن سنگهه. پڻ پنهنجي شروعاتي کوج جي آڌار تي هن رائي تي پهتو آهي ته ”سسئي پنهونءَ جي ڪهاڻي راجپوت پٽن وٽان ان زماني ۾ آئي آهي جڏهن راجپوت، مسلمانن کان اڳ، بلوچستان، سنڌ ۽ گجرات تي راڄ ڪندا هئا. ان وقت هيءَ ڪهاڻي اتي ڦهلجي ويئي. (٣) پروفيسر ڪرپالسنگهه پرمندر سنگهه موجب، ”سسئي پنهون بلوچستان جي ان زماني جو قصو آهي جڏهين اتي جا رهواسي اڃا

علي بن حامد ڪوفي- ١٢١٦ع (اصل عربيءَ ۾): اِيرندي ڏانهن ڪشمير، الهندي ۾ مڪران، ڏکڻ ۾ سمنڊ ۽ اتر ڏانهن ڪردان ۽ ڪڪانان جا پهاڙ.

(ب) تاريخ معصومي:- ليکڪ مير معصوم شاهه- ١٥٨٣ع (اصل فارسيءَ ۾) ۽ تحفة الڪرام- اِيرندي ۾ ڪشمير ۽ قنوج، الهندي ۾ مڪران ۽ عمان، اتر ۾ قندار، سيستان، سليمان پهاڙ ۽ ڪڪانان جون پهاڙيون ۽ ڏکڻ ۾ سورت بندر.

(ٻ) سنه ١٩٠٠ع ۾ سنڌ جون حدون هن ريت هيون: اِيرندي ڏانهن جوڌپور ۽ جيسلمير جون راجپوت رياستون، الهندي ۾ قلات جو علائقو، اتر ۾ قلات ۽ پنجاب بهاولپور رياست جا ڪجهه حصا، ڏکڻ ڏانهن ڪڇ جو رڻ ۽ هندي سمنڊ (قليچ بيگ موجب).

(١) ”پنهون ۽ سسئي، مومل ۽ راڻو، عمر ۽ مارئي- نج سنڌي آهن.“ (Tales of old Sind) ديباچو.

(٢) ”پنجاب زبان ۽ اهدا لٽريچر“- فارسيءَ ۾، لاهور، ١٩٤١ع صفحو ١٤٦ ۽ ورتي ڏسو- د انٽيڪئٽيز آف سنڌ وٿ هسٽاريڪل آئوٽ لائين ڪلڪتو ١٩١٩، هينري ڪزنس.

(٣) ”ڦلواڙي“- لاهور مارچ ١٩٣١، صفحو ٣٩١.

سالڪ سسئيءَ کي پنجاب جي مشهور شهر پنيور جي نام-ور راجا سَسپال جي ڌيءُ ڪري لکيو آهي. (١)

تنهن ڪانسواءِ ستين عيسوي صديءَ ۾، جنهن زماني ۾ هن ڪهاڻيءَ جو وجود ۾ اچڻ ڏيکاري ويندو آهي، سنڌ ۽ پنجاب هڪ ئي راڄ ۾ شامل هئا. (٢)

عام طور، هن ڪهاڻيءَ جو اَصل بنياد سنڌ آهي. سر رچرڊ ٽيمپل هن کي سنڌ جي هڪ تمام مشهور ۽ ڪهني ڪهاڻي ڪري ليکي ٿو، (٣) ۽ چوي ٿو ته سسئي پنهونءَ جو قصو شروع ڪان وٺي سنڌ ۽ ڏکڻ بلوچستان سان لاڳاپو رکي ٿو. (۴) مرزا قليچ بيگ اُنکي تواريخي نموني ۾ سنڌ سان ڳنڍي ٿو. (۵) ڪنڪيڊ به هن کي نج سنڌي ڪهاڻي

صفحي ١ جو فوٽ نوٽ هلندڙ:

”آدم جام بادشاھ آهي،
وڏي ڪوٽ پنجاب جو.“

(بار جا بول، صفحو ١٨٦)

(١) ”هندوستان جي مشهور پرانت پنجاب ۾ هڪ شهر هو جنهن کي پنيور سڏيندا هئا.“

”سسئي ساهت اُردوءَ ۾“. (سالڪ جي زباني)

(٢) چچنامو- مرزا قليچ بيگ، ڪراچي، ١٩٠٠، صفحو ٨.

(٣) انڊين اَنٽيڪئري (Indian Antiquary) اپريل ١٩٠٠، جلد ٢٩، صفحو ٨٩ ۽ آڪٽوبر ١٨٨٢، صفحو ٢٩٠.

(۴) د ليجينڊس آف د پنجاب (The Legends of the Panjab) سر آر. سي ٽيمپل- جلد ٣، بمبئي، ١٨١٦.

(۵) سنڌ جون اڳيون حدون هيٺين ريت ذڪر آهن:

(الف) چچ نامو (سنڌ جو سڀ کان پراڻو اتهاس) ليکڪ

اسانکي يوناني متهاس ۾ 'سسئي پنهون' جي ڪهاڻي نه ملي آهي، ليسنانين ان بابت ڪجهه به چوڻ واجب نه ٿيندو. اسان يوناني متهاس جا ڪي ڪتاب ڏٺا آهن، پر انهن ۾ ڪا به اهڙي ڪهاڻي نه ٿي ملي جا "سسئي پنهون" سان ميل ڪائيندي هجي." (۱) ڊاڪٽر صاحب، ۱۹۴۱ ۾، ان کي "هندو بنياد" جو مهندي لکيو آهي ته "سسئي برهمڻ خاندان جي هئي." (۲) پر ڪجهه وقت بعد هن پاڻکي پهرئين خيال بدران مير ڪرامت الله امرتسري جي خيال سان سهمت جاڻايو آهي. (۳) لکيئو ته "پنجابي جٽن ۽ راجپوتن کي گهٽي وٽندڙ هڪ پيار جي ڪهاڻي سچ پچ ته يوناني ۽ يهودي بنياد جو هڪ قربل روپ آهي" (جو اسانجي ملڪ ۾ يوناني حڪومت جي وقت ۾ آيو). (۴) ان ڪان پوءِ ڪاٿي به رايت ظاهر ڪري ٿو ته "سسئي پنهون به حقيقت ۾ يوناني آهي، جيئن يوسف زليخا جي ڪهاڻي يهودي بنياد جي آهي." پر ڊاڪٽر صاحب پنهنجي هن راءِ کي مضبوط ڪرڻ لاءِ ڪا به ثابتي يا حوالو نه ڏنو آهي.

يوناني متهاس مان مونکي ڪا اهڙي ڪهاڻي نه ملي آهي، البت آرگوس جي راجا "اڪرسيئس" جي ڌيءَ داني ۽ زيئس جي ڪهاڻيءَ جو اوائلي حصو ڪجهه ڪجهه سسئيءَ جي ڪهاڻيءَ سان ملي ٿو. سسئيءَ کي پيءُ نياڻي سمجهي صندوق ۾ بند ڪري درياهه ۾ لوڙهائي ڇڏيو هئو. داني کي

---

(۱) "ڦلواڙي" لاهور- مي ۱۹۳۱، صفحا ۵۳۹ - ۵۴۰.

(۲) آڏونڪ پنجابي ڪوتا- لاهور ۱۹۴۱، صفحو ۲۹۱.

(۳) آئن انٽروڊڪشن ٽو پنجابي لٽريچر- امرتسر ۱۹۵۱، ڊاڪٽر موهن سنگهه.

(۴) ساڳيو- صفحو ۱۳۸.

مسلمان نہ ٿيا هئا.“ (۱) پروفيسر ٽولوچن سنگهہ ٻہ هن کي بلوچستاني اَصل جو ڪوٺيتو. (۲) مير ڪرامت الله، هن کي يوناني بنياد جو ٺهرائيندي لکي ٿو تہ ”جڏهين يوڪريٽائيڊس پنهنجي دشمن يوٿيڊيمس جي پٽ ۽ وارث ڊيميٽرس کي شڪست ڏيئي سنڌ ۽ پنجاب کي پنهنجي راج سان گڏيو، تڏهين اُنجي خوشيءَ ۾ جدا جدا هنڌن تي جلسن ۽ ميلن ڪرڻ جو حڪم ڪيائين. اُنهن جلسن ۾ ڪن اَداڪارن هڪڙو ناٽڪ پيش ڪيو جنهن جو لاڳاپو يوناني ڏتهاس (پُراڻن) سان هو، جنهنجي رُتا گهڻي قدر اُهائي هئي جا عام ماڻهن ۾ سسئي پنهونءَ جي نالي سان مشهور هئي. وڌي مزي جي ڳالهہ اِها تہ ناٽڪ جو نالو ”پنهون“ لکيو ويو آهي ۽ ناٽڪا جو ”ساسي“. اِهو ناٽڪ عوام کي ايترو تہ پسند پيو جو جيستائين اُمير تورڙي غريب جي شاديءَ وقت نہ ڏيکاريو ويندو هو تيستائين رونق نہ مڃيندي هئي. سچ پچ تہ هيءَ ڪهاڻي اُن وقت جي يادگار آهي جڏهين هندستان جي هڪڙي ڀاڱي ۾ يُوناني اَثر ڇانيل هو. خبر نہ آهي اسانجي ڪوين ان کي پنهنجي رنگ ڍنگ سان پيش ڪيو آهي ڪي الائي اِتفاق سان ٻئي ڪهاڻيون هڪ ٻئي سان ميل جول رکن ٿيون. (۳) پر مير صاحب پنهنجي راءِ کي مضبوط ڪرڻ لاءِ ڪا بہ ثابتي يا حوالو نہ ڏنو آهي. اِنهيءَ ڪري ڊاڪٽر موهن سنگهہ (۱۹۳۷) لکيو تہ ”جيستائين

---

(۱) ”ساهتيہ دي رُوپ“- پيو ڇاپو- لڌيانا صفحو ۳۶۸.

(۲) عرب ۾ ليلي مجنون، ايران ۾ شيرين فرهاد، بلوچستان ۾ سسئي پنهون ۽ مصر ۾ يوسف زليخا. ”پنجابي دنيا“ پٽيالا- جولاءِ ۱۹۵۶ع- صفحو ۱۲۶.

(۳) ”ترجمان“- لاهور- فبروري، ۱۹۱۷ع- صفحا ۹۳ کان ۹۷.

ائين چوڻ تہ ٽئين روپ ۾ پنجاب جي ڪنهن اهڙي علائقي ۾ رچي ويٺي جو سند سان لاڳو هو" (١) مونکي پروسي جهڙو دليل نٿو لڳي.

ان جي خلاف، مسز پوسٽنس هن کي "ڪڇ جي هڪ نهايت وڻندڙ پريم ڪهاڻي" ڪوٺيو آهي. (٢) ڪڇي ٻوليءَ ۾ پٽ راڳين کان ٻڌي لکيل ڪهاڻيءَ جا هند، خيالي، پرم، رسم رواج يا پرنگ (٣) اهو معلوم ڪرڻ لاءِ مجبور ڪن ٿا تہ هيءَ ڪهاڻي اصل ڪڇ جي آهي. ڊاڪٽر سورلي بہ ساڳئي خيال جو آهي. لکي ٿو تہ "سسئي پنهونءَ جي ڪهاڻي شروع ۾ ڪڇ کان آيل ٿي ڀانئجي جنهن جو سند سان گهاٽو سٻندڌ آهي. ڪڇ ۾ چالو ڪهاڻي روپ جو ڌرتي نرواڻ ڪڇ جو ٿي آهي. سند ۾ هيءَ ڪهاڻي گول مول ٿي ويئي ۽ ڌرتي نرواڻ جو بيان بہ گڏجي ويو آهي. هيءَ ڪهاڻي ڪڇ کان نڪري سند جي هيٺئين حصي مان گهمندي ڦرندي وڃي ڪيچ مڪران (٤) پهتي. اُتي ڪنهن نموني ۾ بلوچي ڪوتا ۾ شامل ٿي

---

(١) وڻجارا بيدي - "پنجابي دنيا" پٽيالا. اپريل ١٩٥٧، صفحو ٦٢.

(٢) "ڪڇ يا رئنڊم اسڪيچز (Random Sketches)- مسز پوسٽنس لنڊن، ١٨٣٩، صفحو ١٩٩.

(٣) ڏسو "سسئي بابت ساهتيہ" ڪڇ ۾ چالو ڪهاڻيءَ جو روپ.

(٤) مولانا سيد ابوظفر ندويءَ موجب هارون بن رشيد جي زماني ۾ سند ۽ مڪران هڪ ئي حاڪم جي هٿ هيٺ هئا. صفحا ١٦٥-١٦٦.

۽ سندس ٻار سميت بند ڪري سمنڊ ۾ اڇلائي ڪري ڇڏيو ويو هو جو جوتشين جي چوڻ موجب اُن ٻالڪ (پرسيئس) کي وڏو ٿي پنهنجي ناني (آئڪرسيئس) کي مارڻو هو. سنئيءَ جي صندوق، هڪ ڏوٻيءَ ڪپڙن ڌوئيندي لڌي، پر داني جي صندوق ڊڪشت ماڇيءَ کي، مڇيون پڪڙيندي هٿ آئي. سنئيءَ جو نيپاج ڌوٻيءَ جي گهر ۾ ٿيو، ۽ داني ۽ سندس ٻالڪ جي پرورش ماڇيءَ جي گهر ٿي. ان بعد ٻئي ڪهاڻيون علحدہ ٿيون آهن.

"ڪولمبيا اينسڪلو پيڊيا" ۾ اها ڳالهه هن طرح بيان ڪيل آهي: داني، يوناني ڪهاڻيءَ ۾، آئڪريسيس جي ڌيءَ هئي. جڏهين اڳڪٿي ٿي ته داني کي جيڪو ڏهن پٽ ٿيو ته آئڪريسيس (آرگاس جي راجا) کي ماريندو، ته داني جي پيءَ کيس ڪٽي پتل جي مناري ۾ قيد ڪيو. ان هوندي به زيئس داني وٽ سون جي ورکا جي شڪل ۾ آيو، ۽ داني کي هڪ پٽ ٿيو جنهن جو نالو پرسيئس هو. آئڪريسيس داني ۽ پرسيئس کي هڪ صندوق ۾ بند ڪرائي سمنڊ ۾ لوڙهائي ڇڏيو، پر ٻئي صحيح سلامت وڃي زمين تي پهتا. پرسيئس، اُن ملڪ جي راجا ۽ سندس رعيت ڪي داني سان بد سلوڪ ڪرڻ ڪري، ميڊيُوسا جي متي جي مدد سان پٿر بڻائي ڇڏيو. (١) انهي ڪري ڪنهن اُهڙي حصي جي ملاوت قبول ڪري سگهجي ٿي پر اُن کي رڳو يُوناني بنياد جو سڏڻ يا "سڀ يوناني ڪٿا ساهتيه جو آڌار وني

---

(١) مصنف برج واٽر ۽ شيروود - بيون ڇاپو - نيُويارڪ، ١٩٥٠، صفحو ٥٠٤.

بيو ڏسو "د ويورلي اينسڪلوپيڊيا - گارڊن اسٽوويل - لنڊن، صفحو ٣٥٣.

ڪاٺيءَ جو بنيادي مڪان سنڌ ڄاڻايو آهي. (١)

پر صدين تائين لڪيل ۽ اڻ لڪيل روپ ۾ جدا جدا هنڌ پڙندي، هن ڪاٺيءَ جي وڌيءَ ۽ جاگرافيائي احوال اهڙا نه گڏجي ويا آهن، جو انجي بنياد جي باري ۾ ڪجهه به قطعي طور چئي نه ٿو سگهجي. اگرچ موجود مصالحو اُن ڪي ڪڇ يا سنڌ سميت ڪڇ (٢) جي پيدائش ثابت ڪرڻ لاءِ ڪافي آهي، پر ان ڳالهه لاءِ وڌيڪ کوج جي ضرورت آهي.

ڪاڻيءَ جو بنياد

”سنڌي پنهون هندو نسل جي آهي.“ (ڊاڪٽر موهن سنگهه)

سنڌي پنهون ڪاٺيءَ جي گهڻا جي باري ۾ گهڻيئي ويچار چالو آهن. ڪي اُن ڪي سچي ڪاٺي ۽ ڪي خيالي چون ٿا. ڪي اُن ڪي هندن جي، ڪي يونانيءَ نه ڪي مورڳو ئي اسلامي ڪاٺي ڏسين ٿا. منهنجي خيال موجب هيءَ ڪاٺي هندو نسل جي آهي. اها ڳالهه نه ظاهر آهي نه جدا جدا ٻولين، خيالن ۽ علائقن جي رهواسين، پنهنجي لاڙي ۽ سمجهه انوسار، انجي بناوت ۽ وايو منڊل کي اهڙو نه بدلي ڇڏيو آهي جو سڀ ڪائين پهچڻ، جي اَسنيڙو نه آهي، نه تمام مشڪل ضرور آهي. منهنجي هن خيال جو آڌار هيٺين ڳالهين تي آهي:-

---

(١) هيءَ ڪاٺي سنڌ ۽ ڪڇ ۾ اُنجي جو روپ وٺي ويئي جيتوڻيڪ اَصل ۾ سنڌ جي نجي ڪاٺي آهي.

د ليجينڊس آف د پنجاب. جلد ٣، ١٨٨٦، صفحو ٣٠.

(٢) سنڌ سميت ڪڇ مان منهنجو مطلب اهو ڪڇ جو زمانو آهي جڏهين ڪڇ، سنڌ جو هڪ حصو هوندو هو. ڪننگ هئم چويٿو ته، سنڌ جو چوٿون علائقو ڪڇ هو؛ ستين صديءَ ۾ ۽ اَڪبر جي زماني ۾ به ڪڇ سنڌ سان لاڳو هو. (ڪننگ هئم. اينشنٽ جاگرافي آف انڊيا. ڪلڪتي وارو ڇاپو، صفحو ٣٤٦).

ويٺي ۽ بلوچستان جا نالا ۽ هنڌ ڏارن ڪيائين". (١) اُهڙين ثابتين (٢) مان اِن نتيجي تي ٿو پهچجي ته هيءَ ڪهاڻي ڪڇ، سنڌ ۽ پوءِ بلوچستان، بهاولپور (٣) پنجاب ۽ راجستان جهڙن پاڙيسري پرانتن ۾ آئي. پنجابين ته هن کي پنهنجو ڪري اُهڙو سمجهيو جو سندن مشهور پريم ڪهاڻي ٿي ويئي. ٽيمپل صاحب به اِها ڳالهه مڃي آهي، جيتوڻيڪ هُن، هِن

---

(١) "سسئي پنهونءَ جي ڪهاڻي اَصل ۾ ڪڇ کان آئي ٿي ڀانئجي، جنهن جو سنڌ سان گهاٽو سنبنڌ آهي. ڪڇيءَ ۾ هن جو جاگرافيائي بيان ٻڌائي ٿو ته هوءَ ڪڇ جي آهي. سنڌيءَ ۾ ڪهاڻي منجهيل آهي ۽ ڌرتي نروار به گڏيل سڏيل اٿس. ڪهاڻي ڪڇ کان ڏکڻ سنڌ وڃي ٿي ۽ اتان ڪيچ مڪران ڏانهن ...... هيءَ ڪهاڻي بلوچي نظم ۾ به لکي ويئي آهي ۽ اِنهي ڪري منجهس اهڙا نالا آيا آهن جن مان ائين پيو لڳي جڻڪ اهي واقعا بلوچن جي ڌرتيءَ تي ٿيا آهن."
ڊاڪٽر ايڇ. ٽي. سورلي شاهه عبداللطيف آف ڀٽ. ١٩٤٠، صفحا ٢٦٠-٢٦١.

(٢) مسز پوسٽنس (١٨٣٩) ۽ ڊاڪٽر سورلي (١٩٤٠) ٻنهي، ڪڇ ۽ سنڌ ۾ سالن جا سال رهي، لاڳاپي رکندڙ هنڌ ڏسي لکيا آهن.

(٣) امپيريل گزيٽيئر آف انڊيا (Imperial Gazetteer of India) ۾ لکيل آهي ته بهاولپور جي راجائن جا اَبا ڏاڏا سنڌ کان آيا هئا ۽ دُوراني سلطنت ناس ٿيڻ وقت خود مختيار ٿي ويا هئا. سنڌ مان اچڻ وقت هو سنڌ جي هيءَ پريم ڪهاڻي به پاڻ سان کڻي آيا. ڊاڪٽر ايڇ. ايڇ. هنٽر، لنڊن، ڀاڱو پهريون. ١٨٨١ع. صفحو ٢٦٦.

ڀنهون هندو نسل جو آهي. سسئي يا ششي معنيٰ چنڊ، پنهون يا پونم معنيٰ پورڻ. سسئي برهمڻ ذات جي هئي ۽ ان خاندان جا برهمڻ اڃ تائين بهاولپور رياست ۾ آباد آهن."(١) پوءِ وري ١٩٥١ع ۾ هن صاحب هن ڪهاڻيءَ کي يوناني نسل جو مڃيو" (٢) (ڏسو ڪهاڻيءَ جو بنياد).

(٨) راءِ بهادر هتو رام لکي ٿو "پراڻي زماني ۾ جڏهين سنڌ ۽ پنجاب جو ملڪ هندو راجا جي هٿ هيٺ هو (شايد هي اهو زمانو هوندو جڏهين قلات، بلوچستان سيوي يا سهوان (سيوهڻ) وانگر سنڌ خاندان جي راجا 'سيوا' جي رياست ۾ هئا؛ چاڪاڻ ته "آئين اڪبري" ۽ پراڻن ڪتابن موجب هي ملڪ "نهاد شيوستان"(٣) جي نالي سان لکيل آهي، بلڪ اڄ تائين سنڌ ديس ۾ لاڙڪاڻي شهر ويجهو سيوهڻ مشهور آهي) سيوهڻ جي آس پاس هڪ هندو راجا ڪناراءِ سنڌو نديءَ جي پار رهندو هو. هن جي گهر ۾ هڪ ڇوڪري (سسئي) پيدا ٿي. پراڻي هندو شاسترن جي رواج پٽاندڙ، هن هڪ جوتشيءَ کان ڇوڪريءَ جي ايندڙ زماني جي نصيب بابت احوال پڇيو." (٤)

(٩) مسلمانن جي اچڻ کان گهڻو وقت پوءِ، جڏهين هيءَ ڪهاڻي مسلمان ليکڪن جي هٿ چڙهي، (٥) تڏهين انهن

---

(١) آڏ نڪ پنجابي ڪوتا. لاهور. ١٩٤١. صفحو ٢٩١.

(٢) اَئن انٽروڊڪشن ٽ پنجابي لٽريچر. صفحو ١٣٨.

(٣) اهو ممڪن آهي ته اهو راجا شيوا جي خاندان مان هجي.

(٤) "تاريخ بلوچستان". راءِ بهادر هتو رام. صفحو ٤٥.

(٥) مير ڪرامت الله موجب هندستان جي سڀ کان پهرين ڪويءَ محمود سعد ١١٨٠ع ۾ ڪوتا لکي هئي (ڏسو "ترجمان". لاهور. فيبروري ١٩١٧ع ۽ اهسٽري آف پنجابي لٽريچر. صفحو ١٩). محمود جي ڪوتا اڃا تائين حاصل نه ٿي سگهي آهي.

(١) "هسٽري آف سنڌ" جي ليکڪ مرزا قليچ بيگ فريدون بيگ موجب هن ڪهاڻيءَ جي نائڪا سسئي ڀنڀور جي هندو راجا نالي ڀنڀور راءِ (دلوراءِ جي وقت ۾ رهندڙ) جي زماني ۾ پيدا ٿي (ڏسو "ڪهاڻيءَ جي حقيقت")

(٢) هيءَ ڪهاڻي ڪڇ يا سنڌ سميت ڪيچ ۾ اُن وقت واقع ٿي لڳي جڏهين مسلمان اَڃا نه آيا هئا يا آيا ٿي مس هئا (١) (ڏسو ڪهاڻيءَ جو سمو).

(٣) هن جي مکيه پاترن (Characters) جا نالا به هندو نسل مطابق آهن، جيئن ته سسئي، پنهون ۽ ٻيا (ڏسو ڪهاڻيءَ جا پاتر).

(٤) ڪهاڻيءَ جي ڪڇي ۽ سنڌي روپن (جي سڀ کان پهريان ۽ پراڻا معلوم ٿين ٿا) جي ريکا به هن خيال جي پٺڀرائي ڪري ٿي (ڏسو "سسئي ساهتيه - ڪڇيءَ ۽ سنڌيءَ ۾").

(٥) دسم گرنٿ جي چرترن ۾ هن جي متهاسڪ ۽ پراڻي بناوت جو هئڻ، ۽ نج ۽ ڳوڙها هندو رنگ به هن خيال کي پڪو ڪن ٿا (ڏسو سسئي ساهتيه - هنديءَ ۾).

(٦) هن جي ٽاچي پيٽي ۾ شامل وهم، ڀرم ۽ خيال به هن جي هندو نسل جي شاهدي ڏين ٿا (ڏسو "وهم، ڀرم ۽ وشواس").

(٧) ڊاڪٽر موهن سنگهه جي ١٩٣١ع ۾ ظاهر ڪيل راءِ موجب، "هيءَ ڪهاڻي، يا يوناني بنياد جي يا پراڻو راجپوت قصو آهي،" (٢) پر ١٩٤١ع ۾ هو هن فيصلي تي پهتو ته سسئي

(الف) (١) اِهي ڪهاڻيون (سسئي پنهون وغيره) اَصل ۾ هندو آهن. اِهو ظاهر آهي ته اُهي سنڌ سان اِسلام جي زماني اڳ لاڳاپو رکندڙ آهن - ڊاڪٽر سورلي - شاهه عبداللطيف، صفحا ٢٦٠-٢٦١.

(ب) شايد هنن سڀني ڪهاڻين جو بنياد راجپوت گهراڻن (سنڌ وارن) سان: آهي جي مسلمان ٿيڻ کان اڳي جون آهن. هنن سان مشهور ڪهاڻي پنهون ڪيچ جي شهزادي جي آهي جو سسئي ڌوٻڻ تي عاشق ٿيو. اَئٽڪنس- گزيٽيئر آف سنڌ- ١٩٠٧- صفحو ٤٨٤.

(٢) "ڦلواڙي" لاهور- مي ١٩٣١- صفحو ٥٣٧.

هن جو سنڌ جي تاريخ سان لاڳاپو ڄاڻائيندي صاف لکي ٿو ته سسئي اٺين صديءَ جي سنڌي راجا پنيوراءِ جي زماني ۾ ڄائي هئي. ڇوي ٿو ته هيءَ اها سسئي آهي جا گهڻن ٿي سنڌي ڪوتائن جي نائڪا آهي ۽ جنهن جو پنهونءَ سان پيار اڄا تاءِ سنڌ ۾ هر جڳهه ڳاتو وڃي ٿو.

برٽن يا قليچ بيگ جي بيان تي ڀروسو ڪبو ته سسئيءَ جي اتهاسڪ حقيقت مڃڻي ٿي پوندي. البت اها ڳالهه نرالي آهي ته ٻڌائڻ وارن، ڪهاڻي ڪارن، ليکڪن ۽ قصي نويسن ان کي پنهنجن لاڙن، خيالن، وشواسن ۽ آستانن وغيره موجب رنگ ڏيئي، ان جي نقشي ۽ جاگرافي نموني کي بدلي ڇڏيو آهي. اهو حال رهيو سسئيءَ جي ڪهاڻيءَ جو نه ٿيو آهي بلڪ هر ڪنهن لوڪ پسند ڪهاڻيءَ جو. انهي ڪري ڊاڪٽر موهن سنگهه لکي ٿو، "گهڻا ڪي مڃي، ٻڌائيندڙ هنن ڪهاڻين کي تاريخ، جاگرافي ۽ منشا انوسار بدليندا وڃن ٿا ۽ انهن تبديلين کي اصل خراب نٿا سمجهن. اهو هو پنهنجو حق سمجهن ٿا ۽ ان ۾ فخر وٺن ٿا ۽ ان جو اجورو گهرن ٿا."(١)

ڪهاڻيءَ جو زمانو

"سسئي پنهونءَ جي پريم ڪهاڻي پڪ اسلام جي پهرئين دور سان سنبنڌ رکي ٿي." ڊاڪٽر خورشيد

اردو- آڪٽوبر ١٩٢٨. هيءَ جوڙو هينئر ڀوڳر هستيون ٻڌائيندڙ سنت ڪري ليکيو ويندو آهي ۽ اڄا تاءِ زمين اندر جيئرو سمجهيو ويندو آهي. ليفٽيننٽ برٽن- سنڌ ۽ د ريسز د ٽَٽ انهيبٽ د وئلي آف د انڊس.

(١) "پريتم"- جولاءِ ١٩٥٦، دهلي- صفحو ١٢.

پنهنجن خيالن، يقين ۽ وشواسن پٽاندر، ان کي مسلماني رنگ ڏنو ۽ نالن، جڳهين ۽ لباسن ۾ ڪافي ڦيرگهير ڪري ڇڏي. پنجابيءَ جي اڄ ڪله جي قصن ۾ گهڻو ڪري اهو مسلماني رنگ مليل آهي.

کهاڻيءَ جي اِتهاسڪ حقيقت

"هن پيرو راءِ جي حڪومت ۾ سسئي جاتي هئي."
(مرزا قليچ بيگ)

سسئي پنهونءَ جي کهاڻيءَ جي حقيقت بابت ٻه گهڻيئي خيال قهليل آهن. مسٽر لوسٽن جهڙا ڪئين ودوان ان کي رڳو هڪ خيالي قصو ليکين ٿا. گورو گوبند سنگهه ان کي متهاس روپ ۾ پيش ڪيو آهي ۽ سيد مير حسين ان کي روحاني خزانو سمجهي لکيٿو:

"هن کهاڻيءَ کي اَجائي يا بيهودي کهاڻي نه سمجهو. اعلي شعر، معنيٰ سان پربل ۽ من موهيندڙ رمز سان ڀرُ، حقيقي عشق جي هڪ منزل، طريقت جو رستو، بيشڪ هن ۾ سمايل آهي ۽ هڪ سکدائڪ خزانو ملندو. سسئي پنهون جي کهاڻي پڙهي، اَصل چرچا نه ڪريو. هيءُ آهي توهانجو نقشو، سڄڻي دل ۾ هنڊايو. سسئي آهي اِنسان جو روح، هڪ روحاني هيرو. دنيا آهي هڪ درياهه جو زور سان وهيٿو. پنهون آهي گيان خدائي، روحاني مقصد، اُن کي حاصل ڪرڻ لاءِ آيو، اَمر روح خدائي."

اُن جي اُبتڙ، مرزا قليچ بيگ، ليفٽيننٽ برٽن، سر ڳراسي شرو ۽ تحفتہ الڪرام جو ليکڪ هن کي هڪ سچي ۽ اِتهاسڪ گهٽنا مڃين ٿا. تحفتہ الڪرام جو ليکڪ چوي ٿو ته ڪن هنڌن تي هنن جي زماني جا نشان موجود هئا ۽ اُنهن شهيدن جو مقبرو عام خاص لاءِ عبادت گاهه هو." (۱) مرزا قليچ بيگ ڊ.

---

(۱) اوريئنٽل ڪاليج مگزن- فبروري ۱۹۳۰- صفحو ۴۸-

هلدڙ- ڏسو صفحي ۱۳ جو فوٽ نوٽ.

سمن (١) سارڻ ملن ٿا. ٽيمپل (٢) ٻرٽن ۽ سورلي (٣) وغيره به اِهو قبول ڪن ٿا. گهڻن صدين جي پراڻي هجڻ ڪري، ڪهاڻيءَ ڪيترا اَستانڪ روپ ڌاريا آهن. پر ڪنهن نجي يا سليس سمڪالي يا اِتهاسڪ ثابتي نه هجڻ سبب، اِن جي پراچينتا جي ڪٿ ڪرڻ لاءِ ان جي ڪن نالن ۽ جڳهين جي اوٽ وٺڻي پوندي.

(١) سمن جي پيءُ جو نالو، عام طور، آدم جام چيو وڃي ٿو. "جام" (٤) اُنهن کي کان اينڊڙ "سمي" خاندان

---

(١) سردار مانسنگهه جي راءِ موجب هيءُ قصو اَڪبر ۽ جهانگير جي زماني ۾ ٿي واقع ٿيو هوندو. "پريتم". جولاءِ - ١٩٥٠ - صفحو ٢٧. هن صاحب اِنهي راءِ لاءِ ڪابه ثابتي يا حوالو نه ڏنو آهي. مون کي اِها ڳالهه بي بنياد ٿي لڳي.

(٢) هيءَ ڪهاڻي سنڌ جي تاريخ جي اَوائلي دور جي آهي - سر ٽيمپل - د ليجينڊس آف د پنجاب - ١٨٨٦، صفحو ٣.

(٣) شاهه عبداللطيف آف ڀٽ - ١٩٤٠ - ڊاڪٽر ايڇ. ٽي. سورلي، صفحو ٢٦٠.

(٤) چوڏهين صديءَ جي وچ واري "سمن" سومرن جو راڄ ختم ڪيو. آئين اَڪبريءَ ۾ لکيل آهي ته سومرن (راڄپوتن) جي ٣٦ راجائن پنج سو سالن لاءِ راڄ ڪيو. "سما" کي کان آيا ٿا پاڻنجن. تاريخ طاهريءَ ۾ لکيل آهي ته "هو هندو ڌرم جا هوا." ڊاڪٽر سورلي، صفحو ١٦٥. سمن "جامن" جو خطاب ورتو ۽ هنن جي سڀ کان وڏي ۽ پوئين راڄڌانيءَ "ٺٽي" جو هڪ خاص سٽي ڏيئهن ٿي، جيڪو برهمڻن ۽ نجوميين بڌايو هو، پايو وڌو ويو. هسٽري آف اِنڊيا اَئز ٽولڊ باءِ اِٽس اون هسٽوريئن - ايليٽ ڊاسن - صفحو ٢٧٣. هلنڊڙ - ڏسو پيج ١٦ جو فوٽ نوٽ.

ڪنهن به پڪيءَ يا اُن زماني جي اِتهاسڪ ثابتيءَ نه هجڻ ڪري، سسئي پنهونءَ جي ڪهاڻيءَ جي پوري سمي جي اَج تائين خاطري ٿي نه سگهي آهي. دسم گرنٿ جي چرتر ۱۰۸ ۾ ڏنل ڪهاڻيءَ جي بناوت ڪي اهڃاڻ رکندي، جي ان کي ڪنهن پراڻي متهاس ڪٿا جو ڦُڏو روپ مڃيو وڃي ته پوءِ ان جي زماني بابت ڪجهه چوڻ جو سوال پيدا ئي نٿو ٿئي.

”پنجابي يونوري“ (۱) جي ودوان ليکڪن ان جي ناٽڪا جو جنم اڄ کان گهٽ ۾ گهٽ ۷۰۰ سال اڳ ڏسيو آهي ۽ سنڌس پيءُ کي ”اَڄ کان ۷۰۰ سال پهريائينءَ جو هڪ نيڪ، گنڀير راجا آدم خان“ ڪري مڃيو آهي. پر اهڙيءَ پڪيءَ ڳالهه جي پنيرائيءَ لاءِ ڪا به ثابتي يا حوالا نه ڏنا اٿن. پروفيسر سريندر سنگهه ڪرلهي به اِئين ئي ڪيو آهي. هُو لکي ٿو، ”ڇهه ست صديون لنگهي ويون آهن جڏهن آدم خان نالي هڪ راجا هتي راڄ ڪندو هو.“ (۲) برٽن موجب ”سسئي پنهونءَ کي اٽڪل هڪ هزار سال ٿيا آهن.“ (۳)

هيءَ ڪهاڻي در حقيقت تمام پراڻي آهي ۽ ان جا ڪيئي ۽ سنڌي روپ مسلمانن جي اچڻ کان اڳ (۴) يا جلد ئي پوءِ جي

---

(۱) پنجابي يونوري“- ۱۹۳۲- ليکڪ پرنسيپال تيجاسنگهه ۽ پروفيسر ايس. ايس آمول، صفحو ۸۱.

(۲) پنجابي دين پريت ڪهاڻيان- ۱۹۴۴، صفحو ۹۲.

(۳) سسئي پنهون هڪ ٻن عاشقن جي ڪهاڻي آهي جي جيو وڃي ٿو نه اٽڪل ۹۰۰ سال اڳ- رهندا هوا يا اٽڪل اُنهي وقت جڏهين اِسلام پهريائين سنڌ ۾ آيو. ليفٽيننٽ آر. ايف. برٽن- ”سنڌ“، صفحو ۵۶.

(۴) پروفيسر عبدالسلام خورشيد موجب ”سسئي پنهون جو رومان پڪيءَ طور اِسلام جي پهرئين دور سان لاڳاپو رکي ٿو.“ پنجابي کي رومان- صفحو ۱۱.

راءِ بهادر هتورام موجب لس ٻيلي (بلوچستان) جا حاڪم ٻه ڀاڱا ڪي "جام" ڪوٺائيندا آهن. لس ٻيلي جي جام جو شجرو جام علي خان کان شروع ٿئي ٿو. راءِ بهادر چوي ٿو "جام مير خان جي والدن مون ڀاڱا ٻڌو هو ته سندس وڏا جامنگر جي هندو راجائن جا مت مائٽ هئا پر ڪنهن سبب ڪري اُن ملڪ مان ڪوچ ڪري، هن ملڪ ۾ آيا ۽ پوءِ اسلام قبول ڪيائون." (١)

سو هن ڪٺائيءَ جي ڪيترن رُوپن ۾ مکيه ڀاڱن جي ٻين جا نالا "جام" لفظ سان لاڳاپي رکي ڪري، اسانکي اُن زماني سان ڳنڍين ٿا جڏهين هن ملڪ تي جامن جو راڄ هو ۽ اُهي جام اڃا مسلمان نه ٿيا هئا. (٢)

(٢) هن ڪٺائيءَ جو مرڪزي ڪيتر ڀنڀور نالي شهر آهي، جنهن جي ٻراچيننا هن ڪٺائيءَ جي ڪهاڻيءَ جي شاهدي

(١) "تاريخ بلوچستان"- راءِ بهادر هتورام- صفحو ٥٨٦.

(٢) اَٽڪل ١٠٥٠ع ۾ عربن جي نيڪاليءَ ڪانپوءِ سومرا (مڪاني راجپوتن جو خاندان) طاقت ۾ آيا ۽ ٿوريءَ يا گهڻيءَ خود مختياريءَ سان ٣٠٠ سالن تائين ملڪ تي حڪومت ڪيائون ۽ اُنهي عرصي ۾ اسلام اختيار ڪيائون.

اَٽڪل ١٣٥١ع ۾ سومرن جي حڪومت جون واڳون هڪ ٻئي مڪاني خاندان- سما- جي هٿ ۾ آيون جن جي نيتا "جام" جو خطاب اختيار ڪيو ۽ ٺٽي کي راڄڌاني بنايو. ١٣٦١ع ۾ دهليءَ واري فيروز شاهه سنڌ تي ڪاهه ڪري ڪجهه عرصي لاءِ قبضو ڪيو پر سمن جي طاقت وري زور پڪڙيو ۽ اَرغونن جي طاقت ۾ اچڻ سان (اَٽڪل سنه ١٥٢٠ع) نابود ٿي ويئي- د انڊين ايمپائر- جلد ٢- هسٽاريڪل ١٩٠٨، صفحو ٣٧٠.

جي هندو راجائن جو خطاب هو جي سنڌ تي راڄ ڪندا هئا. اهي چوڏهين صديءَ جي وچ ڌاري سنڌ ۾ آيا. هنن جي اچڻ کان اڳ، اٽڪل پنج سؤ سالن کان وٺي سنڌ ۾ ”سُومرا“ راجپوت راڄ ڪندا هئا. سمن جي راڄڌاني ”ٺٽو“ هئي. هنن پوءِ مسلماني مذهب (اسلام) اختيار ڪيو. سمن اوچ جام نظام الدين (جنهن کي جام ننڊو به چوندا آهن ۽ جو ١٥٠٩ع ۾ گذاري ويو) جي وقت ۾ ٿيو.

ڪڇ ڪاٺياواڙ ۾ ”جام“ لفظ عام طور ڪم ايندو آهي. ڪڇ جا ”جاڙي“ راجا اڄ ڏينهن تائين ”جام“ ڪوٺائيندا آهن. (١) جام صاحب نوانگر، جامنگر ته ڏنل بدل نالا آهن. سنڌي ڪهاڻي روپ ۾ پنهونءَ جي پيءُ جو نالو ”آري جام“ (ڪيچ جو سردار) چيو ويندو. (٢)

امپيريل گزيٽيئر آف انڊيا. جلد ٢٢، صفحا ٣٩٥-٣٩٦.

سومرا ۽ سما اصل ۾ هندو هئا. ڪڇ جو راءُ سنڌي سمن جي خاندان مان آهي. ڏيارام گدومل. هسٽري آف سنڌ. جلد ٢. ڪراچي. ١٩٠٤. ديباچو، صفحو ٦.

ڊ نيسنڪ هسٽري آف ناردرن انڊيا. مسٽر ري. ١٩٣١ صفحا ٢١-٢٢.

جام سومرا. هڪ بيو مڪاني راجپوت خاندان. چوڏهين صدي جي پڇاڙيءَ تائين سنڌ جا حاڪم رهيا. جامن پوءِ اسلام اختيار ڪيو. انڊين هسٽري ١٩٢٦ تائين. مهاجن، آرورا ۽ ڪنا.

(١) گزيٽيئر آف د پراونس آف سنڌ. اي. ايڇ. اٽڪنس. ١٩٠٧. ڪراچي.

(٢) ”سسئي پنهون“. شاهه عبداللطيف. ڊاڪٽر سورلي جو شاهه عبداللطيف آف ڀٽ. صفحو ٣٦١.

اِنهي ڪري گهڻ ۾ گهڻ پنجاب جي پيٽ ۾ ڪهاڻيون
کان هيءَ ڪهاڻي گهڻي پراڻي آهي ۽ ڀائي گرداس (١٥٥١-
١٦٢٩ع) کان ڪافي اڳ جي آهي.

(٥) "دسم گرنٿ" (١٦٩٨) ۾ هن ڪهاڻيءَ جو آخرين
روپ ڪيس متهاسڪ ڀاوت ڪري پراچين زماني جي پيدائش
ثابت ڪري ٿو.

(٦) ڪهاڻيءَ جي جدا جدا روپن، نالن ۽ هنڌن ۾ گهڻو
فرق، ۽ ڀاوت ۾ تبديليون سندس پراچينتا ڏسين ٿيون.

(٧) سنڌ جي سڀ کان پراڻيءَ رچنا "شاه جو رسالو"
۾ ڀنڀور شهر جو حوالو ڏيندي، ڊاڪٽر سورلي لکي ٿو،
"ڀنڀور سنسڪرت روپ ۾ "پوئي پرا" هئو جنهن جو
مطلب ته هيءَ ڪهاڻي اُن زماني جي آهي جڏهين، بلوچي
حملي کان اڳ، هن ڌرتيءَ تي جت رهندا هئا. (١)

سورلي موجب جتن مان مراد آهي، سنڌ جا مڪاني
رهواسي. (٢) اِنين هوَ هن ڪهاڻيءَ کي سنڌ تي بلوچي
ڪاه کان اڳ واري زماني جي ڏسي ٿو.

(٨) ڪننگهم جي چارٽ موجب ڀنڀور ڏهين صديءَ جي
وچهو "ڀنڀو" راجا جي راڄڌاني هئي. اهو شهر انڪل ١٢٥٠ع
۾ ناس ٿي ويو. عام روايت مطابق، سنڌو درياه جي سڀ
کان اُلهندي واري شاخ هن شهر جي سامهون لنگهندي هئي. (٣)

---

(١) ڊاڪٽر سورلي- شاه عبداللطيف آف ڀٽ- صفحو ٢٣٨.

(٢) ڪڏهين ڪڏهين، سنڌ جي مڪاني ماڻهن کي
"جت" ڪوٺيندا آهن. جت آدمشماريءَ جو اَڌ کان وڌيڪ
حصو هئا- سورلي، صفحو ١٦٩.

(٣) اينشنٽ جاگرافي آف انڊيا- صفحا ٢٩٣-٢٩٥.

ڏني ٿي. هن (شهر) جي نالي، هند ۽ اِتهاس جي باري ۾ تاريخ نويسن ۽ ودوانن ۾ گهڻو متڀيد آهي (اِنهي لاءِ ڏسو "کهاڻيءَ جي اُستان" وارو باب)، پر هن کهاڻيءَ جي پراچينتا ۾ سڀ ٻڌراءِ آهن. "چون ٿا ته ڀنڀور جو شهر هندن جو هڪ پراڻو ۽ وڏو شهر هو جنهن جو اصلي نالو "ديبل" هو ۽ اُن تي ڀهريائين اُن وقت تي ڪاهه ڪئي جڏهين محمد قاسم سنڌ فتح ڪئي. اِنهين پڻ چيو وڃي ٿو ته اُنهين صديءَ ۾ ڌرتي ڌٻڻ سبب هيءُ شهر ناس ٿي ويو ۽ وري آباد ٿي نه سگهيو." (١)

(٣) هن کهاڻيءَ جي پراچينتا جي هڪ ٻي ثابتي پنجاب ۽ سنڌ ۾ چالو مشهور پريم ڪهاڻين ۾ هن کهاڻيءَ جي ٻڌجهه جي سگهجي ٿي. "هير دمودر" ۾ ان باري ۾ هيءُ حوالو آهي:

"منهنجي قسمت ۾ چا ڏنو اُنيئي، هڪ پل مونکي ڏنو اُنيئي. روز مان پکا پيئي وجهان ته مونکي ڪير ڪيچ (هوت سان) ملائيندو يا نه!"

هيءُ حوالو سسئيءَ جي کهاڻيءَ کي هير رانجهي جي کهاڻيءَ کان پراڻو ثابت ڪري ٿو.

(٤) ڀائي گرداس پنهنجي پوڙيءَ ۾ "مرزا صاحبان" جو اِنهيءَ ڪري ذڪر نه ڪيو آهي، ۽ سسئي پنهونءَ کي سوهڻي مهيوال ۽ هير رانجهي کان اڳ بيان ڪيو آهي:

"سسئي پنهونءَ جي دوستي، ذات جي ٻنڌنن هوندي به ذات کان ٻاهر آهي. سهڻي مهيوال کي رات جو درياهه پار ڪري وڃي گڏبي هئي. هير رانجها جي کهاڻي ته پراڻي مشهور آهي." (٢)

---

(١) گزيٽيئر آف ڪراچي ڊسٽرڪٽ. صفحو ٥٣.
(٢) (وار ٢٧، پوڙي ١)

هندن ۾ لفظن جي ملاوت سان، اُنکي ”ڪٿي جي سر ۽ ڪٿي جو پٿر“ بنائي ڇڏيو آهي. ڪو ڪهاڻيءَ جي نائڪا جو ڀنڀور سان سنبند ڏسيٿو ته ڪو برهمپر (١) سان؛ ڪو ان کي ڀنڀور (٢) سان جوڙي ٿو ته ڪو ٽراپ سان. (٣) ڪو سسئيءَ کي سندو دريا ۾ لوڙهيل ڏسي ٿو ته ڪو ڄهنان ۽ ڪوسهان ۾ ٻڏائي ٿو. نائڪ کي ڪو ڪيچ جي پيدائش چويٿو ته ڪو ڪڇ جي. ڊاڪٽر سورلي موجب، ”هيءَ ڪهاڻي اَصل ڪڇ جي آهي ۽ شهر جو نالو ڀنڀور آهي، جنهن جي اَستان باري ۾ جدا جدا هند ڏسيا وڃن ٿا (٤)؛ مطلب ايترو ته مونجهارو آهي جو ڪنهن نتيجي لي پهچڻ لاءِ اڃا وڌيڪ کوج جي ضرورت آهي.

اِنهن جڳهين جي باري ۾ لکيل هينئين پستڪن ۽ ڪاغذن جي چند ڇاڻ مان ڪجهه به حاصل نه ٿيو آهي؛ شايد هن ڪان پوءِ ڪا وڌيڪ پروسي واري ثابتي ملي وڃي جا هن منجهيل ست کي کولي، پوري جاگرافيائي سلسلي جو پتو ڏسي:

ڀنڀور

”سسئي، تنهنجو شهر ڀنڀور تنهنجي جاڻ ڪانسواءِ لٽجي ويو.“ (لوڪ-گيت)

سسئيءَ جي شهر جو نالو، ڪيڇيءَ ۾ چالوُ ڪهاڻيءَ موجب، برهمن آباد (٥)، سندي (رسالي) موجب ڀُنڀور، راجستانيءَ ۾ (٦)

(١) مسز پوسٽنس- ڏسو سسئيءَ بابت ساهتيه ڪڇيءَ ۾.
(٢) شاهه عبداللطيف- ڏسو سسئيءَ بابت ساهتيه- سنڌيءَ ۾.
(٣) ڏسو هن باب ۾- ”سسئيءَ جو محل.“
(٤) اَصل ۾ هي ڪڇ جي ڪهاڻي آهي ۽ هند ڀنڀور آهي جو جدا جدا هندن ۾ ڏسيو ويو آهي - سورلي، صفحو ٢٤٨.
(٥)؛ (٦) ”ڪڇ“ آر ٽنبر ۾ اسڪيچز- مسز پوسٽنس- صفحو ١٩٩.

علي شير هن ڀنڀور جي حاڪم ڀنڀوراءِ کي اُميه خاندان جي خليفن ٧١١-٧٥٠ع جو سمڪالي ڄاڻايو آهي. (١)

مرزا قليچ بيگ جي بيان موجب سسئي ڀنڀوراءِ جي راڄ وقت اٺين صديءَ ۾ ڄائي. (٢)

(٦) عام قصن (هاشم سميت) ۾ پنهونءَ کي ڪيچ مڪران جي "هوت" خاندان جو شهزادو ڄاڻايو ويو آهي. بلوچستان جو اِتهاس ٻڌائي ٿو، "اهو علائقو ستين صديءَ ۾ عربن جي قبضي ۾ هو. عربن کان پوءِ اُتي جا مڪاني رئيس، هوت ۽ مَلڪ خاندانن وانگر، راڄ ڪندا رهيا." (٣) اِنهي ڪري هن اِتهاسڪ ثابتيءَ موجب، هيءَ ڪهاڻي ستين صديءَ کان پوءِ جي آهي.

ڪهاڻيءَ جو سلسلو جاگرافيءَ جي لحاظ کان

" در حقيقت هن ڪهاڻيءَ جو جاگرافيائي سلسلو مدجهيل آهي." (سورلي)

پنجاب جي ڪن مشهور ۽ ڄاتل پريم ڪهاڻين (هير رانجها، مرزا صاحبان وغيره) جي اُبتڙ، سسئي پنهونءَ جي ڪهاڻيءَ جو جاگرافيائي سلسلو گول مول آهي. (٤)
اُن جو هڪ وڏو سبب هن ڪهاڻيءَ جي پسندي، ڦهلاءَ ۽ مشهوري ڏسجي ٿي. شايد ئي ڪنهن ٻئي هندستاني پريم ڪهاڻيءَ کي اهڙي وڏي ڪيتر کي خوش ڪرڻ، هيترن علائقن ۾ ڦهلجڻ، هيترين ٻولين ۾ لکجڻ ۽ هيترن ماڻهن کي وندرائڻ جو موقعو ۽ شرف مليو هوندو. اِنهي ڪري جدا جدا علائقن جي ليکڪن، پنهنجن پنهنجن علائقن جي نالن،

---

(١) هسٽري آف سنڌ - جلد ٢- ١٩٠٢، صفحو ٢٨.
(٢) تحفة الڪرام- ١٧٧٣ع.
(٣) گزيٽيئر آف بلوچستان- بمبئي- ١٩٠٧- صفحو ٢٦١.
(٤) شاهه عبداللطيف آف ڀٽ- سورلي- صفحو ٢٤٨.

ويو آهي. هن پراڻي شهر جا کنڊر سنڌ جي نئين ٺٽي کان ٢٠ ميل ڪن پري آهن. (١)

”امپيريل گزيٽيئر“ موجب ڀنڀور يا ڀُمڀُورا ڪراچي ضلعي جي ميرپور ساڪري تعلقي ۾ ”گهارو“ نالي ڳوٺ نزديڪ هڪ اجڙيل شهر آهي جو مسلمانن ٧١١ع واريءَ ڪاهه وقت برباد ڪيو. پراڻي روايت ان جو اصلوڪو نالو ”ديبل“ يا ”ديول“ (مندر) ڏسي ٿي. مسلمانن جي ڪاهه کان اڳ ان جو نالو ”نامهار“ يا ”منساور“ چيو وڃي ٿو.

(٤) اسٽوڪ لکي ٿو ته ڀنڀورا يا ڀُنڀُورا جو اجڙيل شهر گهاري پرسان ڦاٽ جي منهن وٽ آهي ۽ اُتي جي ماڻهن مطابق سنڌ جو سڀ کان پراڻو سامونڊي بندر آهي. (٢)

(٥) سر رچرڊ ٽيمپل موجب ڀنڀور يا ڀنڀور جا کنڊر ڪراچيءَ کان گهاري واري رستي تي آهن. چيو وڃي ٿو ته اهو شهر سنڌ جي هڪ پراڻي دوآبي تي هو. (٣) ٽيمپل ته ان کي يونانين جي زماني سان لاڳو ڪري ٿو.

(٦) ڪننگهم (٤) ڏسي ٿو ته هينئر اُتي سواءِ ڪن گهرن جي پيڙهين، برجن ۽ ديوارن جي ڪجهه ڪونهي پر ڏهين صديءَ ۾ ڀنڀورا، ڀنڀو راجا جي راڄڌاني هئي. هڪ روايت موجب، سنڌو نديءَ جي زيادهه ڏاکڻي شاخ ڪنهن

---

(١) هسٽري آف انڊيا جلد پهريون. صفحو ٣٦٨ ۽ ”سنڌ ٽائيمس“ - هارٽ ڊيوز. صفحو ٢٥؛ انڊين اينٽيڪئري - آڪٽوبر ١٨٨٢، صفحو ٢٩١.

(٢) هينڊ بڪ آف بامبي - اسٽوڪ، صفحو ٤٨١.

(٣) ليجينڊس آف د پنجاب - جلد ٣، صفحو ٣٠.

(٤) ڪننگهم - اينشنٽ جاگرافي آف انڊيا - ڇپايل - ايس. اين. مزمدار - ڪلڪتو. ١٩٢٤ - صفحو ٣٢٩.

نتو، ۽ بلوچستاني شعرن ۾ "پمپور" لکيل آهي. ڪيترن ڪهاڻين روُپن ۾ هن جو شهر ڏنل نه آهي پر متين کان سواء بين سڀني پنپور ڏسيو آهي، جيتوڻيڪ اُن جي اُجار ۽ آستان بابت ودوانن ۽ تاريخ نويسن ۾ ڪافي متڀيد آهي.

سنڌ جي هڪ پراڻيءَ تاريخ "تحفة الڪرام" ۾ لکيل آهي ته اميه خاندان جي خليفن جي زماني ۾ (جنهن جي نيتائن سنه ٧١١ع کان ٧٥٠ع تائين، اٽڪل ٤٠ ورهيه سنڌ تي راڄ ڪيو) سنڌ جي ڪن علائقن ۾ هندو راجا به راڄ ڪندا هئا، جن ۾ سڀن کان وڏا اَلور جو دلوُراء ۽ پنپور جو پنپوراء هئا. پنپور جو شهر پنپوراء وسايو، انهي ڪري هيءَ شهر سندس نالي پنيان مشهور آهي." بئي هنڌ وري لکيل آهي ته "عباسي خاندان جي هڪ خليفي هارون الرشيد جي زماني ۾، پنپور ۽ سنڌ جا ڪي پراڻا شهر ڀونڪمپ سبب تباهه ٿي ويا، جنهن ڪري انهي جا ڪيترا رهواسي هندستان ۾ وڃي وسيا. (١)

(٢) "تاريخ سنڌ" جي ليکڪ مولانا ندويءَ موجب ديبل يا ديول سمنڊ کان پري ملڪ جي اندر نتو هو، ٢٠ ميل ڏکڻ الهندي طرف ۽ ڪراچيءَ کان ٤٥ ميل ڏکڻ اوڀر ۾ پنپور هو، جنهن جا نشان اڄ ڏينهن تاءِ موجوُد آهن. (٢)

(٣) مسٽر ايلئٽ ۽ هارٽ ڊيوز جي کوج موجب "پنبور" "پنمبروا" نالي جي هڪ پراڻي سنڌي شهر جي بدليل صورت آهي جنهن کي پراڻي يوناني ٻوليءَ ۾ "بربرڪي" لکيو

---

(١) تحفة الڪرام - ١٧٧٣- علي شير- هسٽري آف سنڌ - مرزا قليچ بيگ، جلد ٢، ڪراچي - ١٩٠٢، صفحو ٢٨.

(٢) ڏسو "جاگرافيا خلافت مشرقي - صفحو ٤٩٦ ۽ "تاريخ سنڌ". ابوظفر ندوي، صفحو ٢٢٦.

۽ جڏهن لي سپ کان اڳ سنڌ فتح ڪرڻ وقت محمد قاسم حملو ڪيو. اهو پڻ چيو وڃي ٿو ته اُنين صديءَ ۾ ڀنڀور زلزلي ڪري تباهه ٿي ويو ۽ وري وسائجي نه سگهيو(١)

(٩) مولوي سيد اَبوظفر ندوي لکي ٿو ته ڪي ماٺهو ڀنڀور کي (جو ڪراچي ضلعي ۾ آهي) اَصلوڪو پراڻو ديول (ديبل) چون ٿا.“ (٢)

(١٠) مير ڪرامت الله ڀنڀور جو اَصلوڪو نالو ٻمڀريا ٻمڀرا (جو ڀنڀور جي ٻي صورت آهي) ڏسي ٿو. مسٽر جاين هندستان جي تاريخي نقشي ۾ هن نالي جو هڪ شهر، گدريشا جي مشهور شهر سوهبا جي نزديڪ ڏيکاريو آهي. هن شهر جو نالو ”بنبر“ اِنهيءَ ڪري پيو جو اِهو بن وانگر هو. جڏهين سڪندر عيسوي سن کان ٣٢٦ سال اڳ، ايرانين کان، مصر سان گڏ ايشيا جو اَلهند و ڀاڱو، سنڌ ۽ ساموندي ڪنارو هٿ ڪيو، تڏهين اِهو (ڀنڀور) شهر اوج تي هو. هتي سڪندر ۾ ڏينهن رهيو هو. هن شهر جي چوطرف وارياسي ميدان کي ”ٿل“ چوندا آهن. هن جي ڀرسان مڪران پرانت جو مشهور شهر ڪيچ آهي. (٣)

(١١) ”امپيريل گزيٽيئر“ ۾ ڪراچي ضلعي جي تاريخ ۾ لکيل آهي ته ”هن ضلعي جي يادگارن مان ڀنڀور شهر

---

(١) گزيٽيئر آف ڪراچي ڊسٽرڪٽ. صفحو ٥٣. تحفة الڪرام. ليکڪ مير علي شير (اوريئنٽل ڪاليج مئگزين. ١٩٤٣).

(٢) تاريخ سنڌ. مولوي سيد اَبوظفر ندوي. اعظم ڳڙهه. ١٩٤٧. صفحو ٨.

(٣) ”ترجمان“. لاهور. فيبروري ١٩١٧ ۽ اوريئنٽل ڪاليج مئگزين. نومبر ١٩٣٠.

زماني ۾ پنيورا ڪان يا ٻر ٻرائڪ جي ٻراٽي شهر ڪان (پيريپلس جي ليکڪ مطابق) لڳندي هئي. اِهو ليکڪ پنهنجي جاگرافيءَ جي ٣٠١ صفحي تي لکي ٿو ته پنيور جو نالو يا اُجڙيل منار يا پنيور شهر، هڪ روايت موجب، ڪنهن زماني ۾ هڪ ”برهمن واس يا برهمن آباد جو ڳوٺ هو. ٿورو اڳتي هن (برهمن آباد کي) سنڌ جي عربي گورنر جي راجڌانيءَ ”منصوره“ جو آستان به ڏسيو آهي.

(٧) ليفٽيننٽ برٽن پنيور جي اُجاڙ کي ذڪر سنڌ ۾، وَنجي ڪان ڳهري واري رستي جي ساڄي پاسي هڪ واريا سي ميدان سان گهيڙيل پهاڙي جاٽاڻي ٿو. هن جي خيال موجب هيءَ شهر ڪنهن زماني ۾ رونق وارو ۽ وسيل شهر هو، پر راجا جي گناهن سبب، ڪنهن غيبي شڪتيءَ، ڌرتي ڌٻڻ سان هڪ رات ۾ ڪنڊر بنائي ڇڏيو. (١) ڪننگ هئم هن شهر جو نالو براهمن آباد، ۽ مٿئين راجا جو نالو دلو راءِ ڏسيو آهي. (٢)

(٨) مير علي شير جي چوڻ موجب پنيور جي اُجاڙ جو دڙو اَڄ تائين سنڌ ۾ موجود آهي. (٣) ڪراچي ضلعي ۾ ميرپور ساڪري ڪان جيڪو رستو ڪراچيءَ ڏانهن وڃي ٿو، اُن جي ڏائي هٿ ٻن فرلانگن جي مفاصلي تي، ۽ گهاري ڳوٺ ڪان ٣½ ميل اُلهندي طرف هڪ ننڍي دڙي تي هڪ شهر جا نشان موجود آهن. چون ٿا ته پنيور جو شهر هندن جو اَهو پراڻو ۽ وڏو شهر هو جنهن جو نالو پهريائين ديبل هو

(١) سنڌ. ليفٽيننٽ برٽن. ١٨٥١، صفحو ٣٨٩.

(٢) ڪننگ هئم. اينشنٽ جاگرافي آف انڊيا. صفحو ٣٥١.

(٣) پروفيسر سريندر سنگهه ڪوهلي موجب ”سنڌ ۾ هاڻي به پنيور جي ڪنڊر جا نشان ملن ٿا.“ پنجابي جون پريت ڪهاڻيون. صفحو ٩٣.

نزديڪ ڏسين ٿا. هوڏانهن ايلئٽ، ڊبوس، ٽيمپل وغيره ٺٽي نزديڪ، ۽ هنٽر ۽ علي شير ٺوغيره اُن کي ڪراچيءَ نزديڪ سمجهن ٿا. (١)

(١٠) ڊاڪٽر موهن سنگهه کي سسئيءَ جي ڀنڀور جو رهواسي هجڻ ۾ شڪ آهي. هو لکي ٿو ته "اها ڳڪي ڳالهه آهي ته ٻنهون کيچ جو هو، پر اهو شڪي آهي ته سسئي ڀنڀور جي هئي." (٢) پر هن اِنهي شڪ جي تائيد ۾ ڪا به ثابتي نه ڏني آهي.

(١٧) ٻاوا ٻڌ سنگهه ڀنڀور کي "پنج ندياں مِنُ ڪوٽ جي پرسان" هجڻ جو اشارو ڪيو آهي. (٣)

(١٨) مونکي ته هيٺين ڪرنس جا هيٺ لکيل خيال وڌيڪ سچا ۽ ڪارائتا سمجهه ۾ اچن ٿا:

(١) ڀنڀور جو اُجڙيل اَستان گهاري نهر جي ساڄي ڪناري تي ڪراچيءَ کان ٣٣ ميل اوڀر ڏانهن آهي.

(٢) هن جا اُچار گهڻيئي آهن جهڙين ڀنڀور، ڀنڀوُرا، ڀنڀورا، ڀنڀيورا ۽ ڀنڀيروا.

(٣) گهڻن ليکڪن هن اَستان کي ديبل يا ڊيول جي نالي جي پراڻي شهر جو هنڌ ليکيو آهي پر هيءَ هنڌ ڏسڻ سان ٿي اِهو خيال غلط لڳي ٿو.

(۴) سنڌ جا رهواسي هن کي سنڌ جو سڀ کان پراڻو بندرگاهه مڃين ٿا. هن جي هاڻوڪي اَستان ۽ درياهه جي

---

(١) لاڙڪاڻو سنڌ جي اُتر ۾ شڪارپور نزديڪ آهي؛ ٺٽو هيٺ ڏکڻ ۾ ڪراچيءَ پرسان آهي.

(٢) اورينٽل ڪاليج مئگزين- پنجابي ڀاڱو- نومبر ١٩٢٩، صفحو ٣٢.

(٣) "ٻيبها ٻول"- لاهور- ١٩٢٥- صفحو ١٨٥.

هڪ دلچسپ پراڻي نشاني آهي." (١)

(١٢) "تاريخ بلوچستان" ۾ جو جاگرافيائي اُستان ڏسيندي لکيو آهي ته "سهوال جي ڏکڻ ۾، بيابان جي آس پاس، ڪرڙيءَ پاسي، هڪ شهر پنيور، درياهه جي ڪناري تي آباد هو." (٢)

(١٣) جنهن مٿي ڏسيو ويو آهي سنڌ جي لوڪ پسند ۽ پراڻي رچنا "شاهه جي رسالي" ۾ هن کي "پميور" چيو ويو آهي. ڊاڪٽر سورلي کي هي پونئي پور يا بومپر يا بامپر (بلوچستان) هڪ بئي سان ملندڙ جلندڙ لڳن ٿا. (٣)

(١٤) شري دلي راءِ ڪاراني پنيور جو اُستان سنڌو درياهه جي ڪناري تي هالوڪي جهمپير ۽ جنگشاهي جي وچ ۾ ڏسيو آهي. ڏوبيءَ جي ڳوٺ جو نالو پنيور هو. پنيور سنڌو نديءَ جي ڪناري تي، جهمپير ۽ جنگشاهيءَ جي وچ ۾ هڪ وڏو شهر هو. پنيور جي حڪومت اُن وقت سنڌ جي گهلورا سوڍي جي هٿ ۾ هئي. (٤)

(١٥) پرنسيپال تيجا سنگهه ۽ پروفيسر ايس. ايس اُمول پنيور جو اُستان هيئن سمجهائين ٿا. "لاڙڪاڻي کان هيٺ، سنڌو درياهه جي ڪناري تي اُلهندي طرف ٻه ٽي ڪوهه پنڌ ڪري ڪانپوءِ هڪ وڏو دڙو نظر ايندو جنهن جو ڪنهن زماني ۾ نالو 'پنيور' هو." (٥) سو اِهي ليکڪ پنيور کي لاڙڪاڻي

---

(١) امپيريل گزيٽيئر آف انڊيا. جلد ١٥، ١٩٠٨، صفحو ۴. هسٽري آف ڪراچي ڊسٽرڪٽ.

(٢) راءِ بهادر هتوُرام. صفحو ۴٦.

(٣) شاهه عبداللطيف آف ڀٽ. ڊاڪٽر سورلي. ١٩۴٠. صفحو ٢۴٨.

(۴) ڏسو "ڪڇ ڪلاڊر"، صفحو ٢٨٣.

(٥) "پنجابي پوري". لاهور. ١٩٣٢. صفحا ٧٩-٨٠.

(١) بيمر (١)، ايلئٽ (٢)، هارٽ ڊيوز (٣) ۽ ٽيمپل صاحب (٤) جي ڪوج موجب هيءُ شهر مڪران ۾ آهي ۽ ڪڏهين "ڪيچ"، ڪڏهين "ڪراج"، ڪڏهين "ڪِچ" ۽ ڪڏهين "ڪيڄ" ڪوٺيو ويو آهي.

(٢) مولانا سيد ابو ظفر ندوي چوي ٿو ته ٣٤٠ هجري (٩٥١ع) ۾ هڪ مسافر ابو اسحاق اسطخري سنڌ ۽ مڪران جو گڏيل حال لکندي، مڪران پرانت جي شهرن ۾ "تيز" ۽ "ڪيڄ" شامل ڪيا آهن ۽ اُن جي راڄڌاني "پنجپور" ڏسي آهي، پر پوءِ وري راڄڌانيءَ جو شرف "ڪيڄ" کي ني ڏنو اٿس. ٣٧٦ هجري (٩٧٧ع) ۾ هڪ ٻئي سفرنامي جو ليکڪ ابن حوقل بغدادي پڻ مڪران جي راڄڌاني "ڪيڄ" ڏسي ٿو ۽ ان کي مڪران سان گڏيندي "ڪيڄ مڪران" لکي ٿو. هو به اسطخريءَ وانگر "پنجپور" کي مڪران جي وڏن شهرن ۾ شمار ڪري ٿو. (٥)

(٣) ڊاڪٽر سورلي موجب هن ڪهاڻيءَ جي بلوچي روپ ۾ "ڪيڄ" جو اشارو آهي سنڌ جي سرحد ني سبيءَ نزديڪ "ڪڇ" يا ڪيڄ مڪران جي "ڪيڄ" ڏانهن آهي. (٦)

---

(١) انڊيڪس جيا گرافيڪس انڊيڪس صفحو ١٠٤.

(٢) هسٽري آف انڊيا ئاءِ اٽس اون: هسٽوريئس- جلد ١، ايلئٽ ۽ ڊاسن، صفحو ٣٩١.

(٣) سنڌ ئيلبس- هارٽ ڊيوز- صفحو ٤٣.

(٤) ڪيڄ يا ڪيڄم مڪرانِ ۾ آهي ۽ اِهو هنڌ جدا جدا نمونن ڏسيو ويو آهي، جئين ته ڪَڄ، ڪيرج، ڪِڄ ۽ ڪيڄ- سر رچرڊ ٽيمپل- انڊين انٽيڪري- جلد ١١، صفحو ٢٩١.

(٥) ڏسو "تاريخ سنڌ"- مولوي سيد ندوي- اعظم ڳڙهه- ١٩٤٧- صفحو ٢٢٦.

(٦) شاهه عبداللطيف آف ڀٽ- سورلي- صفحو ٢٤٨.

وهڻ ڪري، هن جي سڪندر جي ڪاهه وقت هندرگاهه هجڻ جو امڪان ٿي سگهي ٿو.

(٥) ڏهين صديءَ ۾ هيءُ پنيوراءِ نالي هڪ حاڪم جي راڄڌاني هو.

(٦) ۾ هاٽي انهي هنڌ تي ديوارن جون پيڙهيون وڃي بچيون آهن.

(٧) هن جي ناهود ٽيڻ جي ڪهاڻي دلوراءِ جي ڪهاڻيءَ سان سنبند رکي ٿي.

(٨) هي "سسئي پنهون" نالي هڪ دلچسپ پريم ڪهاڻيءَ سان لاڳاپو رکي ٿو؛ انهيءَ ڪري ان کي "سسئيءَ جو ڀنڀور" پڻ ڪوٺيو ويندو آهي. (١)

(٩) مسٽر جي. اي. ايل. ڪارٽر پنهنجي خيال موجب، ڀنڀور جو جاگرافيائي آستان ٺهرايو آهي ۽ اهو نقشي ۾ ڏيکاريل آهي. (٢)

ڪيچ

"تون ٿي ڪيچ شهر جو والي، مان ڏکي حيالي ڪانيندس.
گوڙها ڳاڙي وات نهاريان، ويهي ڪانگ اڏائيندس."
(غلام فريد)

پنهونءَ جي شهر جي نالي بابت ته گهڻو ڪري سڀ ليکڪ يڪراءِ آهن پر ان جي اچارءُ آستان بابت ڪجهه متڀيد آهي، جيئن ته:

---

(١) د انٽيڪئٽيز آف سنڌ وُد هسٽاريڪل آئوٽ لائين- هينري ڪزنس- ڪلڪتو- ١٩٢٩، صفحا ٨٠-٨١.

(٢) انڊين انٽيڪئري- جلد ٤٦، ١٩١٧، صفحو ١٣٣، سنڌ تي نوٽ، جي. اي. ايل. ڪارٽر جو.

(٧) "پنجاب ڪي روماني افساني" ۾ ڪيچ جي بدلي "ڪيم" لکيل آهي. ليکڪ موجب "ڀنڀور جي الهندي طرف "ڪيم" مڪران جو علائقو آهي جتي سلطان علي خان حڪومت ڪندو هو. (١) سردار گربخش سنگهه پنهنجي ڪهاڻيءَ ۾ هرهنڌ "ڪيچ مڪران" لکيو آهي. (٢)

(٨) لالا جوت پرڪاش پنهنجي مثنويءَ ۾ اُٺ تي سوار ٿيل پنهونءَ کي ڪيچ کان ڀنڀور پهچڻ ۾ چاليهه ڏينهن لڳائيندو ڏسيو آهي. فقير راج محمد جي ڳولن ۾ ڪيچ کان ڀنڀور جي رستي تي ٧ منزلون آهن. (٣)

(٩) پَر جي مسز پوسٽنس، شري ڪاراني ۽ ڊاڪٽر سورلي جي خيال مطابق قبول ڪجي ته هيءَ ڪهاڻي اصل ۾ ڪڇ جي آهي ۽ ڪڇيءَ ۾ چالو روپ ۾ جاگرافيائي سلسلو ڪڇ وارو آهي (٤) ته پوءِ مڪران ڏانهن وڃڻ جي ضرورت نه آهي. ڪيچ کي ڪڇ جو بگڙيل (اُچار جي لحاظ کان) يا ڪڙيل (اِستانڪ رنگ ڏيڻ لاءِ) روپ مڃي سگهجي ٿو. ڊاڪٽر روشن لال آهوجا موجب "هنديءَ ۾ ڪڇ (ڪاٺياوار) کي ڪيچ چوندا آهن. بصري جي کجور جنهن ڪڇ جي رستي کان ايندي هئي، تنهن جو نالو "ڪيٽ" (ڪيچ)

---

(١) "پنجاب ڪي روماني افساني". صفحو ٣٤ (ليکڪ ۽ تاريخ ڏنل ڪونهي).

(٢) "پريت - لڙي". جون ١٩٥٦، صفحا ١١-٢٢.

(٣) ڏسو "دستور - عشق" ۽ "بار - دي - ڀولي". صفحو ١٨٩.

(٤) سسئي پنهونءَ جي ڪهاڻي منڍ ۾ ڪڇ کان آئي ٿي ڏسجي. ڪڇي روپ ۾ ان جو جاگرافيائي بيان ڪڇ سان ملي ٿو. ڊاڪٽر سورلي. شاهه عبداللطيف آف ڀٽ. صفحا ٢٦٠-٢٦١.

(٤) بلوچستان جي گزيٽيئر ۾ لکيل آهي ته ڪيچ قلات جي مڪران ضلعي ۾ اُن رستي تي واقع آهي جو بلوچستان جي اُلهندي کان اُيرندي ڏانهن وڃي ٿو. هيوُ بلر ان جون حدون ڏسيندي لکيو آهي ته سندس اُتر ۾ وچاري مڪران نڪري، اُيرندي ۾ ڪولوائي گاڙ، ڏکڻ ۾ گولڪروش ٻهاڙيون ۽ اُلهندي ۾ قلات ۽ ايراني مڪران جي سرحد آهي. (١)

(٥) امپيريل گزيٽيئر موجب ڪيچ کي ڪيچ مڪران انهي ڪري ڪوٺيندا آهن جئن ايراني مڪران سان گڏجي نه وڃي (٢) (جئين اسين "حيدرآباد" کي ڇاڻڻ لاءِ "حيدرآباد دکن" يا "حيدرآباد سنڌ" چوندا آهيون). "ڪيچم" لفظ جو استعمال به انهي ڪري چالو آهي جو "ڪيچ" جي پٺيان "مڪ" مڪران لفظ جو اُختصار آهي.

(٦) "پنجابي پوري" ۾ ڪيچ جو جاگرافيائي استان هيئن ڄاڻايل آهي: "هتان (پنپور کان) اُيرندي طرف هڪ "ماڙو" بيابان پار ڪرڻ سان بلوچستان جو هڪ مڪران علائقو ايندو، اُن جي راجڌاني ڪيچ آهي." ٿورو اڳتي لکيل آهي: "روهڙيءَ کان ڪوٽيا ڏانهن ويندي، ريل جي رستي هڪ جنڪشن "سبي" ايندي آهي، سبيءَ جي ڏکڻ اُلهندي پاسي اٽڪل ٣٠ ميلن جي مفاصلي تي پٺورءَ جو ڳوٺ ڪيچ آهي." (٣)

---

(١) بلوچستان ڊسٽرڪٽ گزيٽيئر سيريز- جلد ٧- بمبئي- ١٩٠٦، صفحو ٢٩٥- جوڙيل آر، هيوُ بلر- آءِ. سي. ايس.

(٢) مڪران کي ايراني مڪران کان علحدو رکڻ لاءِ عام طور ڪيچ مڪران چوندا آهن- امپيريل گزيٽيئر آف انڊيا- جلد ١٧، صفحو ٤٦.

(٣) "پنجابي پوري"- پرنسيپال تيجا سنگهه ۽ پروفيسر اُمول- صفحو ٩١ ۽ ٣٣٨.

"جسم ۽ اَستان- ڪيچ شهر مڪهڙو،
ڏونڻ آهي ڪسب ۽ اَصل ڪم مڪهڙو."
(غلام رسول)

۾ هاشم، عام طور "ڪيچ" ئي ڪم آندو آهي،(١) جنهن جو اشارو مٿي ڏسيل ويچار موجب (ڏسو نمبر ٥) ڪيچ مڪران ڏانهن آهي.

ٿَل

"هڪ ڏرتي ٿَل، ٻيو جبل ٻريل، ٽيون پيار جي پڙ ڪيل ٻاهه،
پير ٻن پند ڪري ٿي پنهون لاءِ، ريت ٿل مان ڪاهه."
(ڪوي آڏم)

سسئيءَ جي ڪهاڻيءَ ۾ جتي نانڪا جو زمين ۽ پاڻيءَ ۾ رلندي پنهنجي جان فدا ڪرڻ جو ذڪر ڪيل آهي، اُن جي جاگرافيائي اَستان جي باري ۾ هيٺ ڏنل ٻه حوالا مليا آهن:-

(١) اُلهندي پنجاب جي مظفر ڳڙهه ضلعي جي هڪ ريگستان جو نالو "ٿل" آهي. اِنهي ضلعي جي گزيٽيئر ۾ اُن جي اَستان جي بناوت جو ڪارڻ هيئن لکيل آهي:

"ٻن درياهن جي شاخن (سنڌ ۽ چناب) کي هڪ ريگستان جدا ڪري ٿو جو سنڌ ساگر دوآبي ۾ ڦهليل آهي ۽ جنهن کي اُتي جا ماڻهو "ٿل" چوندا آهن. اِنهي ٿل جي بناوت جي باري ۾ خيال آهي ته شروعات ۾ سنڌو ندي اِتان لنگهندي هئي ۽ ريت کي هٽائيندي ويندي هئي. پوءِ هن پنهنجو وهڪرو بدلايو ۽ طوفان اُتي ريت جون ڍڳون گڏ ڪري ڇڏيون. اِنهي ۾ شڪ نه آهي ته ڪنهن زماني ۾ سنڌو ندي هن ٻرپٽ مان لنگهندي هئي. مسٽر اوبرائن هڪ هنڌ ڏنو آهي جتي ٻرپٽ جي وچان ۽ سنڌو ۽ چناب ندين کان هڪ

---

(١) ڏسو بيت نمبر ٧٤، ٧٦، ٧٧ ۽ ٨١ وغيره.
"سسي هاشم".

جو ڳوٺ هو.“ (١) پر ”ڪيچ ڪلاڙ“ ۾ اِهو ”ڪيچ مڪران
هاڻوڪي بلوچستان جي پرانت“ لاءِ لکيل آهي. (٢)

(١٠) هن عام رائي کان اِنڪار نٿو ڪري سگهجي ته پنهونءَ جو ڳوٺ ڪيچ مڪران ئي هو. ٻگلر صاحب ته ڏسي ٿو ته ”پنهونءَ جي حڪومت جا کنڊر اڄ تائين ڪيچ ڪور جي ساڄي پاسي ”تربت“ جي سامهون ڏسي سگهجن ٿا. (٣)

(١١) مارڪوپولو جي سفرنامي ۽ بلوچستان جي گزيٽيئر مطابق اِهو علائقو ستين صديءَ ۾ عربن جي قبضي ۾ هو. عربن کانپوءِ هتي جا مڪاني رئيس هوت، ملڪ وغيره راڄ ڪندا هئا. هاڻي پڻ اُتي جا وڏا زميندار بلوچ آهن جن مان هوت شهزادا ۽ ڪلمتي رئيس خاص مشهور آهن. (٤)

(١٢) هن شهر کي ڪيچ، ڪيچم ۽ ڪيڇم به لکيو ويندو آهي:-

”اَحمد يار هل ته ڪَيچ مڪران هلون،
سسئيءَ جي وڻجار جي سفر لاءِ تياريون ڪريون.“
(اَحمد يار)

حافظ برخوردار ”ڪيِڇم“، ۽ جوت پرڪاش ”ڪيڇم“ لکيو آهي پر اَصل ۽ صحيح روپ ۽ اُچار ”ڪيچ“ ئي سمجهجي ٿو جو احمد يار، لطيف، شاهباز ۽ سالڪ وغيره ورتيو آهي. هاشم شاهه، غلام رسول ۽ مت سنگهه ”ڪيچ“ ۽ ”ڪيچم“- ٻئي روپ اِستعمال ڪيا آهن، جيئن ته:

”ڪيچم شهر، ولايتي اَستان، هوت علي جنهن جو مالڪ ؛
ڪيچ مان ڳڏجي گهٽيئي آيا، اُت شهر کان ٻاهر.“
(هاشم شاهه)

---

(١) ”پريتم“- جولاءِ ١٩٤٧- صفحو ٤٣.
(٢) ڏلي راءِ ڪاراڻي- پهريون ڀاڱو- صفحو ٢٨٢.
(٣) بلوچستان ڊسٽرڪٽ گزيٽيئر سيريز- جلد ٧- صفحو ٩٣.
(٤) ڏسو ”سفرنامو“- صفحو ٣٣٥ ۽ گزيٽيئر صفحو ١٨٣.

جو جلد ۽ صفحو لکيل نہ آهي.

(٧) "امپيريل گزيٽيئر آف انڊيا" جي نائين ڀاڱي (صفحي ٤١ کان ٤٩ تائين) ۾ وچولي سنڌ جي اوڀر ضلعي "ٿر ۽ پارڪر" جو ذڪر آهي. ان جي اتر ۾ خيرپور رياست، اڀرندي ۾ جيسلمير ۽ جوڌپور جون رياستون، ڏکڻ ۾ ڪڇ جو رڻ پٽ ۽ الهندي ۾ حيدرآباد جو ضلعو آهن. ضلعي جي وارياسي حصي جو نالو "ٿر" آهي ۽ منجهس واري ئي واري آهي. (١) اِهو ضلعو ڪجهہ وقت راجپوتن ۽ ڪڇ جي راجائن جي هٿ هيٺ رهيو آهي، هتي جي ٻولي سنڌي ۽ ڪڇيءَ جي ملاوت آهي. مسز پوسٽنس بہ هن ريگستان جو ذڪر ڪيو آهي. (٢)

(٨) مير ڪرامت الله موجب "پنيور جي چئني پاسن وارو وارياسو ميدان ٿل ڪوٺجي ٿو، ان جي ڀرسان مڪران پرانت جو مشهور شهر ڪيچ آهي." (٣)

(٩) ليفٽيننٽ برٽن ۽ سر رچرڊ ٽيمپل موجب سسئيءَ سان لاڳاپو رکندڙ آستان "سنڌ جي پٻ پهاڙين ۾" آهن. (٤) برٽن نہ سسئيءَ جي انتم آرام گاهہ بہ "پٻ پهاڙين ۾" ڏسي آهي. (٥)

---

(١) ٿر يا ضلعي جو برپٽ وارو حصو، وارياسين ٽڪرين جو هنڌ آهي، جو ڏسڻ ۾ اتر کان اوڀر ۽ ڏکڻ کان الهندي طرف ويندڙ لهرن مثل آهي. امپيريل گزيٽيئر آف انڊيا. جلد ٩ - هنٽر - لنڊن صفحو ٤٢.

(٢) "ڪڇ آر رئنڊم اسڪيچز" - مسز پوسٽنس - صفحو ٢.

(٣) 'ترجمان' - لاهور - فيبروري ١٩٢٧.

(٤) د ليجينڊس آف د پنجاب - ٽيمپل - جلد ٣، صفحو ٢٤.

(٥) "سنڌ" - آر. سي. برٽن - صفحو ٣٨٣.

جيتري مفاصلي تي وسندڙ هڪ ڳوٺ آهي جنهن جو نالو 'بسيرا' آهي؛ اُن کي 'بيت بسيرا' ڪري لکيو ويو آهي."(١)

(٢) "اِنڊين ايمپائر" ۾ سنڌ درياهه ۽ بلوچستاني سرحد وٽ اُلهندي سنڌ جي پاڳي کي هڪ جابلو علائقو ڏسيو ويو آهي. (٢)

(٣) ڊاڪٽر سورلي پنهنجي ڪتاب ۾ ڪيچ جي وچواري علائقي کي بيابان- ريگستاني ۽ جابلو- ڪوٺيو آهي. (٣)

(٤) "تاريخ سنڌ" جو ليکڪ لکي ٿو ته ٢٨٠ هجري (٨٩٣ع) ڌاري واپارين جو قافلو خراسان کان مڪران ۽ سنڌ ويندو هو ته رستي تي مڪران کان ديبل (سنڌ) ايندي، سٺ ميل لنبو ريگستان ايندو هوس. وري ديبل کان سنڌو نديءَ جي دوآبي تاءِ اَٽڪل ڇهه ميل مفاصلو هوندو هئو. (٤)

(٥) "پنجاب ڪي روماني افساني" جو ليکڪ ته صاف لکي ٿو، "ڪيچ مڪران جي رستي ۾ هڪ ريگستان اچي ٿو جنهن کي اُن طرف جا ماڻهو 'ٿل مارو' تا ڪوٺين. هن ريگستان ۾ ڪوهن تائين اِنسان ۽ پاڻيءَ جو نشان به نه آهي. (٥)

(٦) اُمول موجب (گزيٽيئر آف اِنڊيا ۾) بلوچستان جا علائقا ورهائيندي، هڪ حصي جو نالو "مارو ٿل" لکيل آهي. (٦) مونکي اِهو حوالو ملي نه سگهيو جو ته اُن گزيٽيئر

---

(١) مظفر ڳڙهه ڊسٽرڪٽ گزيٽيئر ١٨٨٣ - ١٨٨٤، صفحو ٢ ۽ ٣.

(٢) اِنڊين ايمپائر- جلد ٩.

(٣) شاهه عبداللطيف آف ڀٽ- سورلي- صفحو ٣٦١.

(٤) "تاريخ سنڌ- مولوي سيد اَبوظفر ندوي- صفحو ١٩٨.

(٥) "پنجاب ڪي روماني افساني"- صفحو ٤٦.

(٦) هاشم شاهه ۽ قصو سسئي پنهون- لڌيانه، ١٩٥٦، صفحو ٧٨.

آدم خان پنهنجيءَ ناڙي جاڙل ڌيءُ سسئيءَ کي صندوق ۾ بند ڪري هن اُستان نسان سُهان ۾ ڦٽو ڪيو. هتي سسئي پنهونءَ جا ڪئين قصا چالو آهن، ۽ مڪاني ڪري پنهنجين رچنائن ۾ سندن پريم- ڪهاڻيءَ جو عام ذڪر ڪندا آهن. سُهان نديءَ جون پيانڪ ٻوڏون نه مشهور آهن. ڇوَن ٿا ته هڪ اهڙيءَ ٻوڏ مان هڪ لڙهيل ميراثي ٻچي نڪتو ته اُن کي نندڻ لاءِ هُن هڪ وڏي ڪوَتا لکي جنهن ۾ سسئيءَ جو حوالو هيٺن ڏنو اٿس: "زهريلي ندي، جنهن سسئيءَ کي لوڙهيو، شل ڪافر جي هٿ چڙهي، ڇهه سوَ چاليهه ڪوهه لڙهندي رهي. (ڌوٻي) نهو ڏٺي صندوق جي رسي پڪڙي هن کي زنده ڪڍي ورتو. ظالم ندي "سهان، اُن تي اعتبار ڪرڻ پاپ آهي." (١)

(٢) سسئيءَ جي محل جو ذڪر فقير راج محمد جي "ڍولن" ۽ ڀائي مت سنگهه جي قصي "سسئي پنهون" ۾ آيل آهي:

"سسئي ڏهن سالن جي ٿي ڪيس جدا محل ٺاهي ڏنو ويو." (راج محمد)

"ڌوٻيءَ گهر موٽندي ۽ پئسا خرچيندي، محل اڏايو ۽ سنو باغ لڳارايو." (مت سنگهه)

"ڍولن" ۾ هيءُ محل، جو ڌوٻيءَ پنهنجي پاليل (گود ۾ ورتل) ڌيءُ سسئيءَ لاءِ ٺهرايو- "لمبي دي واهڻي" ڪناري تي ٺاهيل ڏسيو ويو آهي. (٢)

---

(١) "پنجاب ڪي رؤمان- ١٩٥٠- ڊاڪٽر عبدالسلام خورشيد- صفحا ١٩٥-١٩٦.

(٢) "بار دي ڍولي"- ليکڪ پروفيسر شير سنگهه شير- صفحو ١٨٨.

(١٠) شير علي 'اَفسوس' ٺٽي جي علائقي جو ذڪر ڪندي لکي ٿو، ”اڳئين زماني ۾ برهمن آباد هڪ وڏو شهر ۽ هن علائقي جي راڄڌاني هو. اُن ڪان پوءِ ”ديبور“ راڄڌاني بڻيو، پر اَڄ اهو اوڄ ٺٽي کي حاصل آهي. اُن کي ديبل به چوندا آهن. هن پرڳڻي ۾ ملتان ۽ اُچ جي حدن کان وٺي ٺٽي ۽ ڪاچ مڪران تاءِ، اُتر ڏاڪڻ اوُچا ۽ سخت پهاڙ آهن جن ۾ ڪيترن بلوچن ۽ پٺاڻن پنهنجا مڪان بڻايا آهن. اُچ کان گجرات جي وچ تاءِ، واريءَ جون ڀٽوُن آهن.“ (١)

(١١) هاشم شاهه ۽ غلام فريد هن بيابان جو نالو ”ماروُ ٿل“ ڏسيو آهي:

”هاشم شهيد نه ٿيندو، پر 'ٿل ماروُءَ' ۾ مرندو!“ (هاشم)

”ٿل مارو مشڪلان سان پربو پيو آهي.“ (فريد)

”پنجابي پوري“ جي ليکڪ هن کي ”ٿل ماروُ“ ڪري ڪوٺيو آهي، ۽ ڪيچ ۽ لاڙڪاڻي وچ ۾ ڏسيو آهي. (٢)

سسئيءَ جو محلات

سسئيءَ جو محلات سسئيءَ جي کهاڻيءَ سان لاڳاپو رکندڙ هڪ پراڻي عمارت آهي جا تلاگنگ تعلقي جي ٽراپ ڳوٺ ۾ اَٽڪ ضلعي اندر اڄ به قائم آهي. شڪل جي چورس ۽ ننڍين، سنهين، پر مضبوط سرن جي ٺهيل آهي. سندس چوڌاري مرغول آهن جن جي متان گنبذ آهي. پاسي کان پرٺرهار جو مشهور درياهه 'سُهان' اَٿس. هن علائقي ۾ روايت آهي ته

---

(١) ”آرايش محفل“ يا محفل جو زيور- اُردوءَ مان ترجمو ڪندڙ ميجر هينري ڪورٽ، ڪلڪتو- ١٨٧١ع صفحو ١١٧. (ٻيون ڇاپو- ١٨٨٣ع)

(٢) ”پنجابي پوري“ - لاهور- ١٩٣٢، صفحو ٩٧.

(۴) هن جي اصل جي باري ۾ ڪو پتو نه پيو آهي. پاسي ۾ رهندڙ ماڻهو هن کي "سسئيءَ جو ڪلو" يا "سسئيءَ جو محل" چوندا آهن ۽ بادشاهه جي ڌيءُ سسئي ۽ مڪران جي اوني پنهونءَ جي مشهور ڪهاڻيءَ سان سندس لاڳاپو ڏيکاريندا آهن. پر شڪ شبهه بنا چئي سگهجي ٿو ته هن عمارت جو سسئيءَ جي ڪهاڻيءَ سان ڪو به سنبنڌ نه آهي، رڳو نالي ٿي هن کي ڪٺي ڪهاڻيءَ سان ڳنڍيو آهي. (۱)

(۵) ڊاڪٽر اسٽين ۽ جنرل ڪننگهم هن کي انب (ضلعو شاهپور) جي مندرن (جي ڪلر ڪان پنجاهه ڪن ميل ڏکڻ طرف آهن) جي اجائڙ جهڙو ڏسين ٿا ۽ ان جو زمانو ستين کان نائين عيسوي صدي ڄاڻائين ٿا. (۲)

درياهه ڪهڙو؟

"لڙهندي، لڙهندي، چوڪري اتي آئي،
جتي سنڌ جو ملڪ هو." (دسمر گرانٽ)

(۱) راجستاني ۽ ڊاڪٽر سورلي جي ڏنل ڪهاڻي (۳) - روهن ڪانسواءِ، گهڻو ڪري، ٻين سڀني قصن ۾ سسئيءَ جو جمڻ سان ئي درياهه ۾ لوڙهائجڻ جو ذڪر ٿيل آهي، پر ان درياهه جي نالي ۽ هنڌ جي باري ۾ ساڳي راءِ نه آهي. ڪيترن (جهڙوڪ مسز پوسٽنس، هاشم شاهه ۽ غلام رسول وغيره) ته ان جو نالو ئي نه لکيو آهي ۽ جن لکيو آهي تن جهجهو مونجهارو پيدا ڪيو آهي. گهڻن ئي، خاص ڪري شيخ اياز ۽ مسٽر ڪنڪيڊ ۽ "دسمر گرانٽ"، هن درياهه جو نالو

---

(۱) هنن هنڌن جي شروعات بابت ڪا به خبر نه آهي.
(۲) آرڪيالاجيڪل رپورٽس - جلد ۱۴، صفحا ۲۶، ۲۸، ۳۴.
(۳) شاهه عبداللطيف آف ڀٽ - سورلي - سسئي ۽ پنهون - صفحو ۳۶۰.

(٣) جرنل آف د رايل ايشيائڪ سوسائٽيءَ ۾ هن بابت هڪ لنبو ليک لکيل آهي. (١) اٽڪ ضلعي ۽ جهلم ضلعي جي گزيٽيئرن ۾ لکيل هيٺيان نقطا اسانجي وشيہ سان خاص لاڳاپو رکن ٿا: (٢)

١. سهان نديءَ ۽ سندو نديءَ جي سنگم کان ١٢ ميل اپرندي ڏانهن مکد ۽ ڪالا باغ جي وچ ۾ شاه محمد ولي جي ڳوٺ (جهلم ضلعي جي اتر- الهندي ڪنڊ ۾) کان اٽڪل ٣ ميل ڏکڻ ڏانهن "ڪلر" يا "سسئيءَ جو ڪلر" جي نالي سان هڪ محل آهي جو اڄ ڏينهن تائين هڪ دڙي تي، تمام ڀڳل حالت ۾ قائم آهي. (٣)

٢. هيءَ جڳهه سامونڊي متانهينءَ کان اٽڪل ١١٠٠ فوٽن جي اوچائيءَ تي سهان نديءَ جي پاسي، ڪس ليٽي جي ڪپ تي، هڪ دڙي وانگر آهي. اهو محل پاهران ٢٢½ فوٽ ڊگهو، ١٦ فوٽ ويڪرو ۽ ٢٨½ فوٽ اوچو آهي.

٣. هن جي ڀتين پاسي مورتي وينڪاديو جو هڪ پراڻو سڪو مليو جنهن جي راڄ جو زمانو اٺين صديءَ جو پويون حصو ليکيو وڃي ٿو. (٤)

---

(١) سن ١٩٠٣ - لنڊن - مضمون ١٢. هڪ پراڻو هندو مندر پنجاب ۾ - ڊبليو. ايس. ٽلبات - آء. سي. ايس. صفحا ٣٣٥-٣٣٨.

(٢) پنجاب جي ضلعن جا گزيٽيئر - جلد ٢٩ الف - اٽڪ ضلعو، باب. الف لاهور- ١٩٣٠، ٽاهيل سي. سي. گاربيٽ - صفحا ٣٢٢-٣٢٤.

(٣) پنجاب جي ضلعن جا گزيٽيئر - جلد ٢٧ الف - ضلعو جهلم- لاهور- ١٩٠٤، صفحا ٤٨-٤٩.

(٤) ڪائنس آف ميڊيويل انڊيا - صفحا ٥٥-٥٦.

"زهريلي ندي جنهن سسئيءَ کي لوڙهو،
شل ڪافرن جي هٿ چڙهي."

(٥) ٻار جي لوڪ گيتن ۾ درياهه جو نالو "لنما" لکيل آهي، جيئن ته:

"سسئي جمڻ سان ئي دکن ۾ پيئي،
'لنمي جي واهڻي' وٺان لوڙهي ويئي". (١)

"ميل کن لڙهي ته آنا ڌوٻيءَ هٿ ڪئي،
خدا جي رمز سان، سسئيءَ جي جان بچي."
(مت سنگهه) (٢)

"ميل کن پري، جتي آنا ڌوٻي ڪپڙا ڌوئيندو هئو
هنجي نظر صندوق جي چمڪ تي پيئي."
(سدارام) (٣)

سسئيءَ جو باغ

سسئيءَ جي باغ جو ذڪر سيني ڪهاڻي رونن ۾ آيل آهي، پر ڪيترا ليکڪ (آرام، حافظ، برخوردار ۽ جوت پرڪاش وغيره) انکي سسئيءَ جي بادشاهه- پيءُ جو لڳايل باغ ڏسين ٿا. ٻيا (هاشم، اياز ۽ ڪنڪيد) اُن جي سنيااليندڙ- ڌوٻيءَ جو لڳايل لکن ٿا. "پنجاب ڪي روماني افساني" جو ليکڪ ته هن کي هڪ شوقين غزنيءَ جي واپاريءَ جو لڳايل ڄاڻائي ٿو. هاشم ۽ ٻيا اُن هنڌ جو نالو ڀنڀور ڏسين ٿا، پر سالڪ اُن کي راوي نديءَ جي ڪناري تي لڳل لکيو آهي.

حافظ برخوردار، راج محمد ۽ فضل شاهه وغيره اُن جو نالو پڻ ڏسيو آهي.

---

(١) ڏسو "نقو جهان"- صفحو ١١٦.

(٢) "سسئي پنهون"- شيوا سنگهه جو ناهيل، صفحو ٥.

(٣) "سسئي پنهون"- پاني گرديالسنگهه جو ناهيل، صفحو ٤.

"سنڌ" ڏنيو آهي ۽ دلي راءِ (ڪڇيءَ ۾) "سنڌو".
سو رچرڊ ٽيمپل هن کي سنڌ درياهه يا اُنجو ڪو پراڻو
دوآبو سمجهيو آهي. (۱)

(۲) پنجابيءَ جي سڀني کان پراڻن قصن جي ليکڪن-
مولوي حافظ 'برخوردار' منشي سندرداس 'آرام' ۽ مولوي
اَحمد يار درياهه جو نالو "پنج ند" ٻڌايو آهي، جيئن ته:

(الف) "سنڌو ندي، جهلم، چناب، راوي ۽ بياس
پنج ئي نديون گڏجي وهن ٿيون، جن ۾ پاڻي ئي انت آهي.
جتي آهن سمجهون، ڪڇئون، ماڇر مڇ ۽ واگهون؛ اُن پنج ند جو
ڪنارو ڏسي، ڏڪڻي وٺيو وڃي."

(حافظ برخوردار)

(ب) "جمڻ ساڻ لوڙهي وڃي پنج ند ۾،
پوءِ سالم لڌي وڃئي."

(سندرداس)

(ب) "پنج ند پنيور جي پاسي ۾ ڙهي ٿو،
جتي وڃي صندوق لوڙهيائون."

(احمد يار)

(۳) سالڪ پنهنجي اُردوءَ مثنويءَ ۾ درياهه جو نالو
"راوي" لکيتو: (۲)

"هن کي لعل ۽ جواهرن سان جڙي،
روئي راويءَ ۾ لوڙهيو ويو."

(۴) ڏنيءَ جا ماڻهو ۽ مشهور ڪوي الله بخش هن درياهه
جو نالو "سهان" ڏسين ٿا. هڪ مڪاني ميراثيءَ هن درياهه
کي نندبندي لکيو آهي: (۳)

---

(۱) ليجينڊس آف د پنجاب. جلد ۳، صفحو ۲۴.
(۲) ڏسو "سسئي ساهتيه" اُردوءَ ۾. سالڪ جي زباني.
(۳) ڏسو سسئيءَ جو محل.

بلوچستاني هو ۽ ڪجهه وقت بلوچستان جي علائقي ۾ راڄنيتي ڪاتي جو هڪ ذميوار آفيسر (ايڪسٽرا اسسٽنٽ ڪمشنر ۽ چيف نيٽو اسسٽنٽ) لکيو ته "مون سڄو بلوچستان پنهنجين اکين سان ڏٺو آهي ۽ گهڻو ڪري سڀني ذاتين سان گڏجڻ ۽ انهن جي حالتن کان واقف ٿيڻ جو موقعو مليو اٿم." (١)

سسئيءَ جي قبر

سسئيءَ جي قبر جي باري ۾ ٻه گهڻيئي خيال چالو آهن:

(١) راءِ بهادر هتو رام جي اکين ڏٺل شاهديءَ مطابق "سسئي پنهونءَ جي قبر، "لس ٻيلي جي علائقي ۾ اڄ تائين موجود آهي. ماڻهو اتي تيرٿ ياترا ۽ پنهنجن ڪمن لاءِ ويندا ۽ دعا پنندا آهن." (٢) قبر جو پورو ڏس ڏيندي لکي ٿو ته "لس ٻيلي جي اوڀر واري حصي ۾، حب نديءَ جي پرسان آهي."

(٢) پرنسيپال ليجاسنگهه ۽ ايس. ايس اڏول موجب "ڪيچ ۽ لاڙڪاڻي جي وچواري مارُو ٿل ۾، انگريزي بلوچستان جي حد وٽ آهي. هر سال ماڻهو ياترا ڪرڻ ايندا آهن. سسئيءَ جي ياد ۾ ڪجهه معمولي عمارت پڻ ٺهيل آهي ۽ هن لپندڙ ويران ۾ چار پنج کجور جا وڻ مٿل سسئيءَ جي قبر مٿان ڇانو ڪري رهيا آهن. هتي ميلو لڳندو آهي ۽ ماڻهو چِلا ڪرڻ ايندا آهن." (٣) مٿين ليکڪن جي ڄاڻ جو بنياد پاڻي گنگا سنگهه چنبا نواسي آهي، جنهن جو ذڪر هنن پنهنجي ديباچي ۾ ڪيو آهي. (٤)

---

(١) "تاريخ بلوچستان". صفحو ٢.
(٢) "تاريخ بلوچستان". صفحا ٤٧ ۽ ٥٨٧.
(٣) حب ندي ڪراچي ۽ لس ٻيلي جي حد وٽ آهي.
(٤) پنجابي پوريءَ. صفحا ٦، ٩٨ ۽ ١٠٥.

"لٽيو باغ بلوچن جو،
جن منهنجو 'لکي باغ' ويران ڪيو."
(راج محمد)

"لکي باغ ۾ سسئيءَ پنهنجو ڏيرو ڪيو،
جتي سندس محبوب جي خاص تصوير لڳل هئي."
(فضل شاهه)

"پنجاب ڪي روماني افساني" جو ليکڪ هن باغ جي نالي جو بيان ڏيندي چوي ٿو ته "هن تي هڪ لک رپيا خرچ ٿيا هئا." (١)

ڊاڪٽر شمشير سنگهه (راجا اسپتال، جلندر) مونکي ٻڌايو ته سسئيءَ جي نالي سان لاڳاپو رکندڙ باغ مون خود ڏٺو آهي. اهو نئين کان ٢٥ ميل پري درياهه جي ڪنڌيءَ جي پاسي دوآبي جي شڪل وانگر آهي. اُن جي پر ۾ هڪ تلاءُ ۽ هڪ ڌوٻي گهاٽ ٺهيل آهن.

سسئيءَ جو بر بيابان جهاڳڻ

سسئيءَ جي سفر جي باري ۾، راءِ بهادر هتوُرام پنهنجا خيال ۽ رايا هيٺينءَ ريت پرگهٽ ڪيا آهن:-

"پنهنجي پريتم جي ڳولا ۾ ڪيچ جي طرف رواني ٿيل هيءَ نازنين ڪونڙيءَ جي آس پاس ڪٿان ويئي هوندي، تان جو حب نديءَ جي پار، لس ٻيلي جي علائقي شاهه بلاول ۽ اوٿل جي وچ ۾ هڪ وارياسو ميدان آهي، اُن تاءِ پهتي. هن جڳهه تي سسئي ۽ پنهونءَ جي قبر موجود آهي. اندازي لڳائڻ سان معلوم ٿو ٿئي ته هوءَ اٽڪل هڪ سؤ ميل پيادل هلي. رستو اهڙو ته خراب آهي جو اڄ تاءِ مردن جو به هن اٿانگي رستي تان اڪيلو لنگهڻ مشڪل آهي." راءِ بهادر جو اندازو ۽ جاڻ پنهنجي ذاتي تجربي تي ٻڌل آهن. هوءَ پاڻ

(١) "پنجاب ڪي روماني افساني". صفحو ٣٦.

ٿهلجي ويون آهن جو سنڌ جي تاريخ ۾ هنن جو ذڪر شامل ڪرڻ ضروري سمجهيو ويو." (١) برٽن صاحب هڪ ٻئي هنڌ لکيو آهي ته "سنڌ ۾ سسئيءَ پنهونءَ کي اڄ تائين پوتر هستيون ليکيو ويندو آهي. ماڻهن جو خيال آهي ته هو اڃا تائين زمين جي هيٺان جيئرا جاڳندا موجود آهن. گهڻا ماڻهو سندن زيارت ڪرڻ ويندا آهن؛ شردالن کي هنن جي اندروني ڪشش وٺي ويندي هئي."

برٽن صاحب اٽڪل ١٨٥٠ع ۾ بمبئيءَ جي لشڪر ۾ ليفٽيننٽ هو. اهو سڀ ڪجهه هن بلڪل ڏسي لکيو آهي. سندس چوڻ موجب سنڌ جا ماڻهو سسئيءَ کي "ڏُلي مُئي" چئي ياد ڪندا آهن.

(٧) شري دلي راء ڪاراني بڌائي ٿو ته "سنڌ کان ڪيچ مڪران يعني بلوچستان ڏانهن ويندڙ رستي تي سسئي پنهون جي قبر اڄ تائين قائم آهي؛ اتان لنگهندڙ مسافر انهن سچين پريمين کي نمسڪار ڪري اڳتي وڌندا آهن." (٢)

خوش نصيبان اهي سڀ، "اڪين ڏٺل" پر جدا جدا شاهد پون ڏين ٿا. جيئن ته اسان اها (قبر) ڏٺي نه آهي تنهن ڪري ڪنهن جي ڳالهه رد ڪجي ۽ ڪنهن جي مڃجي! ڏسڻ ۾ اچي ٿو ته پوءِ وارن پرڳڻن جي رهاڪن انهي امر جوڙي لاءِ پنهنجيءَ شردا ۽ همدرديءَ پرگهٽ ڪرڻ لاءِ، جڳهه جڳهه تي هنن جا يادگار قائم ڪيا آهن.

ڪهاڻيءَ جا پاتر

هن ڪهاڻيءَ جا مکيه پاتر سسئي ۽ پنهون آهن؛ "پنهون" نائڪ آهي ۽ "سسئي" نائڪا. هڪ ڳالهه جا ڪٿڪي ڪانسواءِ

---

(١) "سنڌ". صفحو ٨٣.

(٢) "ڪيچ ڪلاڌر". صفحو ٣٢٥.

(۳) پروفيسر ايس. ايس. اُمول هاڻ وري لکيو آهي ته ”اِها قبر ڪيچ ۽ لاڙڪاڻي جي وچ ۾ بلوچستان جي حد تي آهي“. (۱)

(۴) مسز پوسٽنس مطابق، ”اهو چشمو، جتان مرٽينگ سسئيءَ پاڻي پيتو ۽ جنهن ڪناري تي هن شڪرگذاريءَ وچان هڪ ميندي‌ءَ جو ٻوٽو لڳايو، سو اڄ ڏينهن تاءِ قائم آهي ۽ ڪڏهين به سڪو نه آهي. اهو ميندي‌ءَ جو ٻوٽو به اجا تاءِ ڏسي سگهجي ٿو.“ مسز پوسٽنس سسئيءَ جي مرڻ جي جڳهه نه ٻڌائي آهي، پر جنهن چشمي ۽ ٻوٽي جو ذڪر ڪيو اٿس، سو سنڌس شاهديءَ موجب، ڪيچ مڪران ۾ نه، پر ڪيچ ۾ آهي. (۲)

(۵) محبت خان ’محبت‘ جي ڪهاڻي ٽيڪ موجب ته سسئيءَ جي قبر خاص ڪيچ مڪران ۾ هئڻ گهرجي. (۳)

(۶) مسٽر اٽڪنسن (۴) ۽ ليفٽننٽ برٽن سسئيءَ جي قبر ”پٻ پهاڙي“ ۾ ٺهيل ڏسين ٿا. برٽن صاحب ته لکي ٿو ته ”سسئيءَ جي قبر پٻ پهاڙين ۾ آهي. عام روايت موجب هن جي قبر وٽ ڪوبه اُٺ پهچي نٿو سگهي ڇاڪاڻ ته سسئي ڪڏهين به انهن جانورن کي معاف نه ڪندي جي سنڌس پنهونءَ کي پڃائي ويا. سسئيءَ جي قبر هڪ پوتر آستان مڃي ويندي آهي ۽ اُن تيرٿ جي ياتروءَ کي گهڻي خوشي حاصل ٿيندي آهي. گهڻن شرڌالن کي قبر مان نڪرندڙ هٿن، کير ۽ ماني به کارايا آهن. اهي ڪهاڻيون اهڙيون ته

---

(۱) هاشم شاهه ۽ سسئي پنهونءَ جو قصو- ۱۹۵۵، صفحو ۸۱.
(۲) ڪيچ آر رئنبم اسڪيچز- ۱۸۳۹، صفحو ۲۰۱.
(۳) ڏسو سسئي ساهتيه اُردوءَ ۾- محبت جي زباني.
(۴) گزيٽيئر آف سنڌ- ڪراچي ۱۹۰۷، صفحو ۴۱۴.

سسئي هن اَفساني جو مرڪز آهي. سچي ڪهاڻي مٿس ٻڌل آهي.

(١) پائي ڪانسنگهه سسئيءَ جو اَرٿ "سندر شڪل وارو چندرما" ڏسي ٿو. (١) دسم گرنٿ ۾ هن جو روپ "سسيا" ڇپيل آهي ۽ هن بابت هيٺينءَ ريت لکيل آهي: "هرڻيءَ کان وڌيڪ سندر جنهنجون اکيون، جنهن ۾ روشني وسي ٿي. هُن چندرما جي سونهن کي جيتيو آهي، اِنهيءَ ڪري "سسيا" نالو ائس." (٢) ٽيمپل هن جو نالو "سسوي"، پوسٽنس "سؤسي"، ڪاراني "سسئي"، بلوچن "سسُوُ" ۽ سورلي "سسُوئي" ڏسيو آهي.

(٢) "پنجابي پوري" جي ليکڪن موجب ڪيترن هنڌن تي هن جو نالو "اَختر بدن" يا "چندر بدن" ٻه لکيو ويو آهي يعني چنڊ جهڙي (سسئي). (٣) مٿئين بيان کي مضبوط ڪرڻ لاءِ ڪنهن ٻه، قصي يا ڪتاب جو حوالو نه ڏنو آهي؛ خبر نه آهي ته ڪهڙي لکيت جي آڌار تي اِئين لکيو اٿن! مونکي نه هيلتاءِ اَهڙو ڪو ٻه حوالو نه مليو آهي.

منشي اِندر جيت جي "نامهٔ عشق" نالي واريءَ فارسي مثنويءَ ۾ ٻه سسئيءَ جي نالي جو سبب اِهو ڏنو ويو آهي:

"هڪڙي شب ڏٺهن، ٻُوڙهي خيال کان پوءِ،
هنجو دل کي سک ڏيندڙ نالو "سسئي" رکيو ويو؛
هندي زبان ۾ هن جو نالو "چنڊ" ٿيو،
اِنهيءَ سبب ڪري هن جو نالو "سسئي" (٤) سمجهو."

---

(١) مها ڪوش- ٻهريون جلد، صفحا ٤٠٥-٤٠٧.

(٢) "دسم گرنٿ"- چرتر ١٠٨.

(٣) پنجابي پوري- لاهور- ١٩٣٢، صفحو ٨١.

(٤) سسئي مسلمان نه هئي پر هڪ برهمڻ جي ڌيءَ هئي، جنهن جي معنيٰ آهي "چنڊ" يا "چنڊ جهڙي".- ڦلواڙي- مارچ- ١٩٣١- صفحو ٣٩١.

ڇٽي سگھجي ٿي سا اِها ته هو هڪ ٻئي کان نرالي ذات جي پيدائش هئا. ڪڇيءَ ۽ سنڌيءَ جا پراڻا ڪهاڻي روپ به اِن ڳالهه جي ساک ڀرين ٿا. سسئيءَ ۽ سهڻيءَ جي پريم ڪهاڻيءَ کي هڪ نئي بيت ۾ قلم بند ڪرڻ واري ڀائي گرداس (١٥٥٨-١٦٣٧) به ان جي تائيد ڪئي آهي. چوي ٿو:

"سسئي پنهون جي دوستي ذات پات کان ٻاهر آهي.
سهڻي ميهار لاءِ رات جو درياهه پار ويندي هئي."
(وار ٢٧، پوڙي ١)

جدا جدا ذاتين جا هوندي به اُنهن جي دوستي نباهڻ، سينني کي سڄاڳي بخشي آهي. اڄوڪي نالي هڪ پراڻي ڪهاڻي نويس هن ڳالهه جي ثابتي ڏيندي لکيو آهي:

"جتي اکيون گهر ڪن، اُتي ذات نه پڇجي،
ڀوتون کان پڇو- جتي سگند هجي، اُتي وڃيو ڪرن."

ڀائي مت سنگهه به، سندن بي نظير پريت جي ان نقطي ڏانهن اشارو ڪري چوي ٿو:

"هر دلعزيز عاشقن جي نه آهي ذات نه پات،
نه رنگ، نه روپ، نه دل- سڀ بيڪار؛
راڄ، ڪم ۽ سماج وساري ڇڏيو،
پنهون ۽ سسئيءَ جو حال ڏسو."

سندن نالن ۽ هنڌن بابت هيلتاءِ جيڪي معلوم ٿي سگهيو آهي سو هيٺ ڏجي ٿو. اِنهي ڪانسواءِ ڪهاڻيءَ جي ڪن بين پاسن بابت به ضروري نوٽ ڏجن ٿا.

سسئيءَ

"جمندي ئي سسئي صندوق ۾ لوڙهي وئي ۽ جڏهين سمهي لڏهين هوت وڃايائين."

(هاشم)

(۴) "دسمر گرنٿ" ۾ هن جو جنم ڪپل منيءَ جو رنڀا آڀيرا کي ڏسي ڪرڻ ويو، سبب ڄاڻايو ويو آهي:

"رنڀا نالي آڀيرا جي صورت ڏسي،
جلد ئي منيءَ جو ويرج اڇي ڌرتيءَ تي ڪريو."

(۵) سنڌ ۾ چالو لوڪ ڪٿا موجب سسئي سنڌ جي راجا دلوراءِ جي هڪ گورنر "نائون" برهمڻ جي ڌيءَ هئي. (۱) پنهوارن جا ماڻهو سسئيءَ کي هڪ "ٿاني" برهمڻ جي ڌيءَ ڪوٺين ٿا. هن جي جنم پتريءَ ۾ اهو پڙهي ته هوءَ وڏي ٿي هڪ مسلمان بلوچ سان پرڻو ڪندي، ڪل کي ڪلنڪ کان بچائڻ لاءِ، کيس صندوق ۾ بند ڪري، درمولهي (لڙهواني) ۾ لوڙهيو ويو. (۲) برٽن صاحب جو بيان به ان ريت آهي. (۳) شاهه عبداللطيف جي رسالي ۾ آيل حوالن موجب به سسئي هڪ شاهوڪار برهمڻ جي ڌيءَ هئي؛ تمام سهڻي هئڻ ڪري، اُن کي ڀنڀور جي راجا پنهنجي ڌيءَ ڪري ورتو؛ ڪجهه وقت کان پوءِ ڀنڀور جي مالڪ ٿي. (۴) شيخ اياز کيس "نابينا" ۽ علي شير "نينگا" نالي هڪ برهمڻ جي ڌيءَ ڪري ليکيو آهي. (۵)

(۵) سورهين ۽ سترهين صديءَ جي مسلمان ڪوين، ۽ کين ڏسي، پوءِ جي هندو ۽ مسلمان ليکڪن (شهباز خان، هاشم شاهه وغيره) کيس مسلمان راجا آدم ڄام جي ڌيءَ ڪري لکيو آهي:

---

(۱) ٽيلس آف اولڊ سنڌ. ڪنڪيڊ.
(۲) بهاولپور گزيٽيئر. صفحو ۳۵۹.
(۳) "سنڌ". صفحو ۹۳.
(۴) شاهه عبداللطيف آف ڀٽ. سورلي، صفحو ۲۵۱.
(۵) پاڪستان جي عوامي ڪهاڻيان. صفحو ۷۷.

لالاجوت پرڪاش جي فارسي مثنوي ”دستورِ عشق“ به هن خيال جي تائيد ڪري ٿي.

سر رچرڊ ٽيمپل ۽ ڊاڪٽر موهن سنگهه به سسئيءَ جي معنيٰ ”چنڊ“ ٻڌائين ٿا. هارٽ ڊيوز سسئيءَ کي ”سسوِي“ ڪري لکيو آهي. هُو، سنڌي شاعرن وانگر، هن لفظ جو ارٿ ”سنسار ۾ ٻُڌل“ يعني مشهور سمجهي ٿو، پر ٽيمپل صاحب هن اَرٿ کي ”بڪواس“ ڪوٺي ٿو.(۱) مسٽر ايليٽ به ”سسئي“ جي معنيٰ ”چنڊ“ ڪري ٿو.(۲) مسٽر ڪمڪيڊ ۽ شيخ اَياز به هن جي چنڊ جهڙيءَ سونهن کي مکيه سمجهي، هن جو نالو ”سسي“ چون ٿا.(۳) پنڊت سالگرام 'سالڪ' لکي ٿو:

”هن جي شڪل چنڊ جهڙي شوڀيڪ هئي،
سڀ اُن کي ”سسي“ سڏڻ لڳا.“

(۳) ڊاڪٽر روشن لال آهوجا ڏسيو آهي ته پراڪرت ساهتيه ۾ ”سسي“ جو نالو ٽي دفعا آيل آهي. هڪ ڪٿا ۾ سسئيءَ کي ”سنڀنڌُ“ راجا جي ڌيءَ ڏسيو ويو آهي. ٻيءَ ۾ سسئي راجا ويرسنگهه جي ڌيءَ لکيل آهي. هن ڪٿا ۾ سسئيءَ جو ٻيو نالو ”چندر ليکا“ به ڏنل آهي. ٽين ڪٿا دسمر گرنٿ جي ۱۰۸ نمبر چرتر ۾ ڏني ويئي آهي.(۴) آهوجا صاحب پهرين ٻن نالن جو ڪو به بنياد يا حوالو نه ڏنو آهي، ۽ ٽئين جو ته مون پهريائين ذڪر ڪيو آهي.

---

(۱) اِنڊين اَنٽيڪئري - بمبئي - جلد ۱۱، صفحو ۲۹۱.
(۲) هندستان جي تاريخ - جلد ۱، صفحو ۳۳۲.
(۳) ڏسو سسئي بابت ساهتيه - سنڌيءَ ۾.
(۴) ”پريتم“ - مگزن - دهلي - جولاءِ ۱۹۵۷، صفحو ۴۳.

لاءِ ڏسو ”ڪهاڻيءَ جو جاگرافيائي سلسلو. ڀنڀور ۽ سسئي سنبند ساهتيه.“

سسئيءَ جو پيءُ

سسئيءَ جي پيءُ جي نالي ۽ رهڻ جي هنڌ بابت جيترا وات، اوتريون ڳالهيون آهن. ڪجهه ڪهاڻي روپ ۾ هن کي برهمڻ آباد شهر جو شاهوڪار ڏسيو ويو آهي. شاهه عبداللطيف کيس هڪ امير هندو برهمڻ لکي ٿو. ڪنڪيد هن جو نالو ”ناٿون برهمڻ“، اياز ”نابينا برهمڻ“ ۽ پُنا واهڻ جا ماڻهو ”ٺاڻي برهمڻ“ ڪوٺين ٿا. منشي اندرجيت ۽ لالاجوت پرڪاش هن کي ”پرويز برهمڻ“ لکن ٿا. سالڪ هن کي ”چندر ونسي راجا سبهال“ ڪوٺي ٿو:

” اُتي هڪ مشهور راجا سبهال هو، بهادر، نوجوان ۽ ڏٺوان.“ بار جي ڊولن ۾ هن کي ”بادشاهه اعظم“ ڪري ڳايو ويو آهي. پراڻي ساهتيه ۾ هن جو نالو ”سنبندو راجا“ يا ”راجپوت راجا ويرسنگهه (١) لکيل آهي. شهباز، حسين، حافظ برخوردار، سندرداس آرام، فقير راج محمد، هاشم شاهه ۽ مولوي غلام رسول وغيره هن کي ڀنڀور جو بادشاهه ’آدم جام‘ ڪوٺين ٿا:

” ڀنڀور شهر ۾ هڪ وڏو ۽ طاقتور بادشاهه ٿيو آهي جنهن جو نالو آدم جام هو. جمشيد جهڙو لشڪر هوس.“ اُنهي ڪري پنجابي ڪهاڻي روپ ۾ هو گهڻو ڪري ’آدم جام‘ ڪري (وقايع پنون) لکيو ۽ پڙهيو ويندو آهي (٢) جيئن ته:

---

(١) ڏسو پريتم رسالو. جولاءِ ١٩٥٦، صفحو ١٥.

(٢) مون ’جام‘ خاندان جي راجائن جا شجرا ڳوليا آهن پر ان نالي جي ڪنهن به ’جام‘ جو پتو نه لڳو آهي؛ اجا تاءِ رڳا ’جادم‘ ۽ ’آدم شاهه‘ مليا آهن.

"نالو سسئي هوس ۽ ڄام جي ڌيءَ هئي، ۽ وڇوڙي ۾ 'پنهون پنهون' ڪري مري ويئي، هن جان ڏني."

منشي اندرجيت ۽ لالا جوت پرڪاش کيس پرويز بادشاهه جي ڌيءَ ڏسيو آهي. (١)

(٦) ڀائي ٻشن داس ٻُري ته سسئيءَ کي ليلا نالي بلوچستان جي هڪ نازنين ڏسيتو جا پنهونءَ لي عاشق ٿي پيئي. (٢)

(٧) سسئيءَ جي راجپوت خاندان هجڻ جي ثابتي به ملي ٿي. "هندستان جي تاريخ" جو ليکڪ لکي ٿو: "سمي خاندان جا راجپوت ڄام چوڏهين صديءَ جي آخر تائين راڄ ڪندا هئا. پوءِ هو مسلمان ٿيا. (٣) امپيريل گزيٽيئر موجب سنڌ ۾ راجپوت سمن جي ڄامن جو راڄ ١٠٥٣ع کان ١٥٢٠ع تائين (ڪڇ وچين عرصي ڪانسواءِ) رهيو. سالڪ نه پنهنجي "مثنوي سسئي پنهون" ۾ سسئيءَ کي چندرونسي راجا سنپال جي ڌيءَ ڪري مڃيو آهي. (٤) ڀائي مت سنگهه پنهنجي قصي ۾ هن جو نالو "ديپ پال" لکيو آهي.

(٨) سسئيءَ جي نالي، پاءِ ۽ سبب ڪري پوسٽنس، ڪنڪيڊ، اباز، هتورام، ڀائي گرداس، آڏوڻ ۽ سالڪ جهڙن لکيتون، سسئيءَ کي 'هندو' (برهمڻ يا راجپوت) نيگر ثابت ڪن ٿيون.

(٩) مسز پوسٽنس (جا هن کي برهمڻ آباد ۾ پيدا ٿيل ۽ برهمپور- ڪيچ ۾ پاليل ڏسي ٿي) ۽ پروهت کيتسي (جو کيس ننڍي جي رهواسڻ ڪوٺي ٿو) (٥) ڪانسواءِ ٻين سڀني هن کي پيرور- سنڌ جي رهواسڻ لکيو آهي. وڌيڪ ڄاڻ

(١) ڏسو سسئي سنڌي ساهتيه فارسيءَ ۾.

(٢) "پنجابي شبد ڀنڊار". لاهور. ١٩٢٢- صفحو ١٢٥.

(٣) مهاجن، اُرورا ۽ ڪنا- صفحو ٣٦٦.

(٤) صفحو ١٥.

(٥) ڏسو پريتم رسالو- جولاءِ ١٩٥٦، صفحو ٤٣.

٢. "پيور شهر جو "اُنا" ڏوٻي
جدهن جو ڏنڊو هو ڪپڙا ڌوئڻ."
(سالڪ)

٣. "اُني اُنا ڏوٻيءَ
ڪپڙن کي ڪلف پئي لڳايو."
(آرام)

(٢) علي شير هن جو نالو "ڏاهيمَا" ۽ لغاريءَ "پوت" (١) ڏسيو آهي. اياز ۽ ڪنڪيد "چوڌري محمد" لکيو آهي ۽ ٻرنن "محمود"، ۽ سردار گربخش سنگهه به "محمود."

(٣) منشي اندرجيت پنهنجي فارسي مثنويءَ ۾ هن جو نالو "مالڪ ڏوٻي" ڄاڻايو آهي. مولوي غلام رسول اُني ڏوٻيءَ جي ذات "جهروئيا" سڏي ٿو
"'اُنو' خود 'جهروئيا' ذات جو هئو
ڏيڻس 'سسئي' تمام مشهور هئي."
(غلام رسول)

(٤) "دسمر گرانت" ۾ سسئيءَ جي پاليندڙ جو نالو سنڌ جو "راجا ٻرهم دت" لکيل آهي.

(٥) شاهه عبداللطيف جي سنڌي رسالي ۾ هن کي پنيور جو سردار سڏيو ويو آهي.

(٦) "بلوچي شعرن" ۾ هن کي هڪ "کتري" جي پالڪا ڏسيو ويو آهي.

(٧) سسئيءَ جي صندوق يا ٽوڪريءَ يا پيري کي پڪڙڻ وارو، مسز پوسٽنس ۽ شيخ اياز موجب، پاليندڙ خود نه، پر اُنهو ڪو ملازم هو.

(٨) ڏوٻي سسئيءَ جي ماءُ جي راجدانيءَ جو رهاڪو

---

(١) "پوت" لفظ سنڌيءَ ۾ ڌوٻيءَ لاءِ ورتايو آهي.

١. ” هوءَ چنڊ جهڙي سهڻي ۽ ڪلمڪ سسئي
آدم جام جي ڌيءُ چئي ويئي ٿي.“
(سندرداس)

٢. ” آدم جام ڀنڀور شهر جي
تخت جو مالڪ سڏائيندو هو.“
(هاشم شاهه)

٣. ” نالو اٿم سسئي، آدم جام جي ڌيءُ
برپٽن ۾ مونکي عشق رلايو.“
(غلام رسول)

ساڌو سدا رام پنهنجي قصي ۾ هن جو نالو ”عزيز“ لکيو آهي ۽ ڀائي مت سنگهه ”ديپ پال“:

(١) ” عزيز سوچيو، مون ڪهڙو پُڄيل پاپ ڪيو جو اولاد نٿو ٿئي؟ مون انيڪ پاپ ڪيا آهن.“
(سدا رام)

(٢) ” ڀنڀور شهر جو مالڪ، جنهن جو نالو ’ديپ پال‘ هو سندر ۽ اَمير راجا هو، خزانا ڌن سان ڀرپور هئس.“
(مت سنگهه)

سسئيءَ جو سنڀاليندڙ

سسئيءَ جي پاليندڙ جو نالو عام طور اَنا، ۽ هن جو پيشو ڌوٻي ڏسيو ويندو آهي. جوت پرڪاش، شهباز خان، پنڊت سالگرام سالڪ، راج محمد، سندرداس آرام، سيد هاشم شاهه، ساڌو سدارام ۽ سيد فضل شاهه وغيره هن کي ”اَنا“ لکيو آهي، جيئن ته:

١. ”رهندو هو هن شهر ۾ هڪ ڌوٻي
نالو ”اَنا“ هوس ۽ ”ميان“ خاندان جو هو.“
(فضل شاهه)

”رتني، ڦتي، جاڻ، ماڻ، سيڻي، سُکي،
عايشه، ٻيبو، نصيبو، اُمري، ناري،
لاڏي، جسي، نتي، ناڻو، ناز ڪرمن،
جيمن، روري، ڏکو، صفي ڪيارڻ.“
ساڏو سدا رام اُنهن جو عدد سٺ ڏيکاري ٿو آهي:
”محل ۾ سسئيءَ جا گهڻيئي مددگار رهندا هئا،
هير وانگر، سٺ سهيليون ساڻس رهنديون هيون.“

ساڏوءَ سندن نالا نه لکيا آهن پر اُنهن جي قد، ات، اکين جي ٻيهڪ ۽ اُمنگن جو نقشو چڱيءَ طرح چٽيو آهي:

”ڪي ڊگهيون، پوريون پيون ۽ ڪي ننڍيون،
ڪي سنهيون لغڙ وانگر ۽ ڪي ٿلهيون،
ڪي تہ نڪيون، لچيون شيطان وانگر،
سدا رام چوي تہ ڪي وري ساديون وچاريون.“
(٣) ياني مت سنگهه موجب ڪل ٢٥ سهيليون هيون:
”سيئي واندڙيون هيون، سيئي مست هيون.“

پنهون

”پنهون سچ پچ تہ هڪ هيرو هئو،
منهنجي محبوب کي ڏوهه نه ڏيو.“
(اَحمد يار)

پنهون هن اَفساني جو نائڪ آهي. سندس نالي، رهڻ جي هنڌ ۽ اَستان بابت مختلف رايا آهن:

(١) عام طور هن کي ڪيچ مڪران جو شهزادو سڏيندا آهن. ڪنڪيڊ، ٽيمپل ۽ برٽن هن جي پيءُ (بادشاهه) جو نالو ”جام آري“ ۽ هاشم شاهه ”هوت علي“ ڏسين ٿا.(١) (وڌيڪ اپنار لاءِ ڏسو ”پنهونءَ جو پيءُ.“)

(١) سر رچرڊ ٽيمپل - انڊين اَنٽيڪئري- ١٨٨٩- صفحو٢٩١.

معلوم ٿئي ٿو. هو اُنهيءَ دريا ۾ شهر جي ويجهو ڪپڙا ڌوئي رهيو هو جتان سسئيءَ کي صندوق ۾ بند ڪري لوڙهيو ويو. اُن جي ساک، سسئيءَ جي راجا- پيءُ طرفان پنهنجي دل وصول ڪرڻ جي اختياري پڻ پوري ٿي.

(٩) سسئيءَ جي پاليندڙ جو نالو، آرام، هاشم وغيره موجب، "اَتا"، ڊاڪٽر موهن سنگهه موجب "نيچ ذات جي هندوءَ جو نالو" معلوم ٿئيٿو. (١) هن جي سنڌ ۾ چالو نالي "محمد" کي مکيه جاٺي، هن کي نيچ مسلمان مڃڻو پوي ٿو. پر جي اهو ساڳيو ئي ماڻهو آهي، جنهن جو نالو دسم گرنٿ "برهم دت" ڏسيٿو، ته پوءِ هن جي هندو هئڻ ۾ ڪجهه به شڪ نه ڪرڻ کپي.

سسئيءَ جون ساهيڙيون ۽ سهيليون

سسئيءَ جي ساهيڙين ۽ سهيلين، نوڪرياڻين ۽ ٻانهين جو ڪيترن قصي لکندڙن ذڪر ڪيو آهي، پر سندن تعداد جي باري ۾ هڪ راءِ نه آهي.

(١) مسٽر ڪنڪيڊ سسئيءَ جي گهڻن ئي سهيلين جو ذڪر ڪيو آهي پر نالا وفقط "سڪيءَ" جو ڏسيو اٿس. لالا جوت پرڪاش سندن تعداد ٣٦٠ ڄاڻايو آهي، ۽ ڀائي چين سنگهه ۽ جسونت سنگهه به هن سان ها ۾ ها ملائي آهي:

"ٺي سؤ سٺ سهيليون ساڻ ڪري،
سسئي ڪپڙا ڪري باغ ۾ آئي."

(٢) ڀائي نٿاسنگهه ته حد ڪئي آهي. هن سسئيءَ جي ٧٠ سهيلين جو حال ڏنو آهي. اُنهن جي نالن جي به هڪ لنبي لسٽ ڏني اٿس جا هيٺينءَ ريت شروع ٿئي ٿي:

---

(١) اورينٽل ڪاليج مگزن- ١٩٢٩.

ھوت سردار ڏسيو ويو آھي. (١) شاھ لطيف ھن کي ”آري“ خاندان جو شھزادو ليکيو آھي.

(٥) ”منتخب تاريخ“ مطابق سلطان محمود غزنويءَ جي پٽ عبدالرشيد جي راڄ ۾ آزاد ٿيل سومرن جي راجا سمر جي پوٽي جو نالو پڻ پنھون ھو جو ٦٢٣ ھجري (١٢٢٦ع) ۾ ٣٣ ورهيه راڄ ڪري گذاري ويو.

(٦) سلطان آرام شاھ (پٽ قطب الدين ايبڪ، ١٢١٠ع ۾ دھليءَ جي تخت تي ويٺو) جي زماني ۾ سنڌ ملتان جي گڏيل پرڳڻي ۾ ست راجا راڄ ڪندا ھئا جن مان ھڪ جو نالو ”پنھون چنو“ ھو. (٢)

(٧) ڀائي ڪانسنگھ موجب ”پنون - سورجونسي راجپوتن جي جاٽ خاندان جو آھي، جنھن کي پنھون ۽ پنون ٻه لکيو ويندو آھي. مغلن جي راڄ وقت پنھون ذات جا جاٽ مانجھي (پنجاب) ۾ مشھور چوڌري ھئا.“ ھڪ ٻئي ھنڌ لکي ٿو ته ڀائي لالو (جو ڀائي بالي سان تلونديءَ ۾ جنمساکي ناھڻ لاءِ ڀائي ڪالوءَ وٽ ويو ھو) به ھن ذات جو ھو. (٣)

(٨) ڀائي صاحب جي متين خبر نيڪ آھي، ڇاڪاڻ جو انھي ذات جي ماڻھن جا ٻالاڄ ڏينھن تاءِ پڙھڻ ٻڌڻ ۾ اچن ٿا، جيئن سردار امر سنگھ پنھون (پنجاب جي تعليم کاتي ۾ انسپيڪٽر) ۽ سردار مھيندر سنگھ پنھون (پنجاب جو

---

(١) پنھون يا پنون، مڪران جي ھوت سردار ۽ پنج لد جي سھڻيءَ ڏويڻ سسئيءَ يا ششيءَ جو پريمي. ”ڪاؤ ساگر“. ڀاوا بلونت جي چوندڙ ڪوتا. سمپادڪ پروفيسر ڪرپالسنگھ ڪسيل. ١٩٥٤، صفحو ١٨٢.

(٢) ھسٽري آف سنڌ. جلد ٢، صفحو ٢٨.

(٣) ”گرشبد رتناڪر مھان ڪوش“. صفحا ٢٣٢٦، ٢٣٧٨.

(٢) شهباز خان، محمد حسين ۽ منشي انڊرجيت پنهنجين فارسي مثنوين ۾ هن کي ڪيچ مڪران جو شهزادو نه، پر بادشاهه لکن ٿا. (١) ڊسمر گرانٽ ۾ به ”پنهون پاتشاهه“ لکيل آهي، جيئن ته:

”پنهون پاتشاهه ڪيچ جو، هڪ قاصد هن مڪو.“ (٢)

(٣) بلوچيءَ ۾ هن جو نالو ”فدُوُ“، سنڌيءَ ۾ ”پنهون“، راجستانيءَ ۾ ”پنو“، ڪڇيءَ ۾ ”پنهون“ يا ”پنُوُهه“ ۽ پار جي ٻولن ۾ ”پنُون“ کانسواءِ ”پنل“، ”پنل خان“ ۽ ”خان پنل“ چيل لکيو ويو آهي. (٣)

حضرت موّلا شاهه ۽ سيد فضل شاهه سنڌس نالو هر هنڌ ”پنهون خان“ لکيو آهي، جيئن ته:

”پنهون خان جي دعا قبول پيئي،
قبر ۾ جهٽ ڦاٽ پيو، جاني.“ (٤)

چراغ دين واري چاپي جي ديباچي ۾ هن جو نالو ”پنهون خان لکيل آهي. ”پنجابي دي روماني افساني“ ۾ هر جڳهه ”پنهون خان“ لکيل آهي. نور الدين هر هنڌ ”پنل“، ”پنل خان“، ”هوت“ ۽ ”هوتل“ ڪري لکيو آهي:

”هر گهر ۾، غريب ۽ امير کي خوشي ٿي،
پيءُ ڪيس ”پنهل“ ۽ ماڻس ”هوت“ ڪري سڏيندي هئي.“

(٤) ”ڪاو - ساگر“ جي آخر ۾ پنهونءَ کي مڪران جو

---

(١) ڏسو سسئي بابت ساهتيه، فارسيءَ ۾.

(٢) ڏسو چرتر نمبر ١٠٨ - ”چرتر ويا کيان“ ۾.

(٣) ڏسو سسئي بابت ساهتيه - پنجابي لوڪ - گيتن ۾.

(٤) ”قصو سسئي پنهون“ - موّلا شاهه - ١٩٢٣، صفحو ٥٦.

"جڏهين هن جي ماءُ جي مراد پوُري ٿي، تڏهين سندس نالو 'پنهون' رکيو ويو."

اَڳتي هلي، هو هن ڳالهه جي ساک ڀري ٿو:

"جي فرض ڪجي ته پنهون هندو آهي،
ته هو ڪيئن پنهنجي ماءُ کان ٻڌي ها؛
جڏهين ڪنهن جي مراد پوري ٿيندي آهي،
ته پوءِ چوندا آهن 'پُني'."

"پنهون" نالي جو لاڳاپو "پوُرنماسيءَ جي چنڊ" سان جوڙيندي لکي ٿو:

"جڏهين چنڊ چوڏس ٿي اُڀري،
ته "پورو چنڊ" سڏيو وڃي ٿو.
اُن رات کي هندستاني،
پنهنجيءَ (پنجابي) زبان ۾ "پُنيها" چوندا آهن.
شروع ۾ خدا بي مثال ۽ روشن،
سسئيءَ جو پيار پنهونءَ سان ڪرايو،
خدا هنن ٻنهي جو ميلاپ ڪرايو،
اِنهي ڪري هي سهڻو شعر لکيو اَٿم." (١)

(١٣) ڪي هن کي مائٽن جو سڪيلڌو پٽ چون ٿا ۽ ڪيترن هن جي گهڻن ڀائرن جو ذڪر ڪيو آهي (ڏسو "پنهونءَ جا ڀائر"). ليڪن ڪهاڻي نويسن مان گهڻن (خاص ڪري پنجابيءَ ۾) (٢) هنجو نالو پنهون ذات جو هوت، ۽ ڪيچ يا

---

(١) صفحي ٤٣٠ کان ٤٣٨ تائين (غلام دستگير نالي وارث وٽ پيل هٿ لکيل ڪتاب) ڏسو اورينٽل ڪاليج مئگزين- فبروري ١٩٤٤.

(٢) ڏسو هاشم شاهه، مت سنگهه، غلام رسول، سدارام، نورالدين، ملکي رام ۽ ٻين جا قصا.

سب ڊويزنل آفيسر) ۽ سردار گدويل سنگهه پنهون (هڪ پنجابي ليکڪ) منهنجا سڃاڻپ وارا آهن. پنجاب ۾ "نو شهر پدوُنا" جي نالي جو هڪ شهر پڻ آهي.

(٩) ڀائي بشن داس پُوري پنهونءَ جي معنيٰ "سهڻو ماڻهو" لکي ٿو. (١)

(١٠) ڊاڪٽر موهن سنگهه "پنهون" معنيٰ پوُرن لکيو آهي. (٢)

(١١) فقير راج محمد، شهباز خان ۽ سندر داس آرام موجب، پنهونءَ، سسئيءَ جي چونڊ تي ڀاڻکي "سپل" ذات جو ڏوٻي ڪوٺايو. شهباز خان پنهونءَ جي خيالي نالي "غلام اسلام" جو به ذڪر ڪيو آهي:

" پنهون جيئن سيکاريل هو ليئن پنهنجو وات کولي ٻڌايائين؛ پنهونءَ ڀاڻکي کيچم جو ڏوٻي ۽ سپل ذات جو سڏايو.
(سندر داس)

فضل شاهه پورو نالو، ذات ۽ خاندان به ڏسيو آهي:

" نالو پنهون، خاندان ڇيميا،
ذات سپل، کيچ مکران جو رهواسي.
منهنجي ڏوٻي پيءُ جو نالو علي،
مردان شهر جي عليءَ جهڙو سمجهو."

(١٢) پير فرحت بخش لاهوري پنهنجي "مثنوي سسئي پنهون" ۽ پنهونءَ نالي جا به مطلب ڪڍيا آهن. پهريون "مراد پوري ٿي" ۽ ٻيون "پورنماسيءَ جو چنڊ." هو پنهون نالي رکڻ جو سبب ڏسيندي لکي ٿو ته پنهونءَ جي ماءُ کي ٻار نه ٿيندو هو، انهيءَ ڪري دعا گهرندي هئي ته شل الله جي بخشش ٿئي.

(١) پنجابي شبد ڀنڊار- صفحو ٧٤٢.

(٢) آذنڪ پنجابي ڪوتا- صفحو ٢٩١.

(٣) تاريخ بلوچستان ۾ ان بابت هيئن لکيل آهي:

"جيتوڻيڪ هن زماني ۾ ڪيچ علائقي ۾ هوت قوم جي ڪا حيثيت يا مشهوري نه آهي، پر پراڻين تاريخن ۽ ڪوَتائن مان اهو ثابت ٿئي ٿو ته جڏهين اها قوم ڪرمان جي بلوچي علائقي مان مڪران علائقي ۾ ويئي (۽ ٻين قومن قلات ڏانهن ڏيان رکيو) تڏهين ڪيچ مڪران مٿان هوتن قبضو ڪيو. انهيءَ ڪري آخوند محمد صديق پنهنجي ڪتاب ۾ مڪران بابت لکيو آهي: مٿيون ذڪر ڪيل ملڪ هوتن جي هٿ ۾ هو، انهن کانپوءِ مَلڪن جي هٿ ۾ آيو، انهن کانپوءِ بليديءَ وٽ ۽ انهن کانپوءِ گچڪين وٽ.

هوت قوم جو ڪيچ مڪران جي مالڪ هئڻ بابت هڪ پراڻي زماني جو مشهور قصو سسئيءَ پنهون جو آهي، جو بلوچستان، سنڌ ۽ پنجاب ۾ عام خاص جي زبان تي آهي. (١)

(٤) "شجره نسب اَقوام بلوچ" ۾ مير عالي، هوت مير علي ۽ مير جام جو ذڪر ٿيل آهي. بلوچي قصي ۾ "مير فدؤن ۽ هوت فدؤن ٻه ورنن ٿيل آهي. (٢)

(٥) سر رچرڊ ٽيمپل (تڏهين ڪپتان) هوتن جو سسئيءَ جي ڪهاڻيءَ سان ڪنهن به طرح واسطو هجڻ کان اِنڪار ڪيو آهي. هاشم جي "سسئيءَ" جو اِختصار ڏيندي، هن "هوت علي" (پنهونءَ جي پيءُ) بابت ڏنل هڪ حاشيءَ ۾ لکيو آهي ته سنڌي ڪهاڻي روپ ۾ اِهو نالو "آري" آهي.

---

(١) "تاريخ بلوچستان" - ليکڪ راءِ بهادر هتوُرام - لاهور - ١٩٠٧ع - صفحا ٣٤-٣٦، تفصيل اَقوام بلوچي سنڌڪاءِ علائقا ڪيچ ۽ پنجگور.

(٢) ڏسو تاريخ بلوچستان - ليکڪ راءِ بهادر هتوُرام - صفحا ٤-٥.

ڪيچم (مڪران) جي علي راجا جو شهزادو ڄاڻايو آهي ، جيئن ته :

(۱) "ڪيچم شهر وارو جنهنجو حاڪم هوت علي هو ، جنهنجو پٽ پنهون شهزادو ، برين علتن کان آجو هو."
(هاشم)

(۲) "ڪيچم جو شهزادو ، عقل ۽ ڪم ۾ پـــورو ، علي هوت جو پٽ پنهون ، مڪران جو سورمو."
(آرام)

هوت

ڊاڪٽر لاجونتي جي خيال موجب ، هوت پنهون ۽ جو هڪ لقب هو پر عام راء موجب هوت هڪ بلوچي خاندان جو نالو آهي جو ڪنهن زماني ۾ هندو ڌرم جو پوئلڳ هو. پنهون هن خاندان جو شهزادو هو.

(۲) هيوُبلر موجب هوت جو نالو هڪ بهادريءَ جي لفظ مان نڪتل آهي. هو پنهنجي گروهه نمپ (مڪران) ۾ سڀ کان وڌيڪ بهادر آهن. هولبچ ۽ مالڪر هوتن جي وجود کي تمام پراڻي زماني سان ڳنڍين ٿا. جهڙيءَ طرح هولبچ اُنهن کي سڪندر جي زماني جو ڏسيتو ، تهڙيءَ طرح مالڪر اُنهن کي زرڪسز جي لشڪر سان لاڳاپو رکندڙ ٻڌائي ٿو.

مڪران جي تاريخ ڏسيتي ته هوتن رندن جو ملڪ هٿ ڪري پنهنجو راڄ قائم ڪيو. پنهون هوت ، جنهن جي سسئيءَ سان پريم ڪهاڻي اُتر ڀارت ۾ مشهور آهي ، انهي اميريءَ جا کنڊر ۽ پراڻي راڄ- شڪتيءَ جا نشان ڪيچ ڪور جي ساڄي ڪناري، ترٻت جي سامهون ، اڄ تائين نظر اچي رهيا آهن. هوتن جي جڳهه وري مُلڪن ورتي." (۱)

---

(۱) بلوچستان ڊسٽرڪٽ گزيٽيئر سيريز - جلد ۷ - مڪران ، بمبئي ، ۱۹۰۷ صفحا ۹۳-۹۴ .

پنھونءَ جو پيءُ

(١) ڪيچيءَ ۾ دلي راءِ پنھونءَ جي پيءُ جو نالو "آري ڄام" ڏسيو آهي. (١)

(٢) سنڌيءَ ۾ مسٽر ڪنڪيڊ "ڄام آري" لکيو آهي. (٢) شاهه عبداللطيف ۾ "آري ڄام" ڏسيو آهي. ڊاڪٽر سورلي لکي ٿو، "ڇاڪاڻ ته پنھون آريءَ جو پٽ هو، انھيءَ ڪري هن کي آرياڻي گھراڻي يا ذات سان لاڳاپو رکندڙ ڏسيو ويو آهي. ڪوي شاهه عبداللطيف آرياڻين کي اُنھن جي ٻئي نالي "آريچا" سان پڻ ڪوٺي ٿو. (٣)

(٣) بلوچيءَ ۾ رڳو "آري" لکيل آهي.

(۴) فارسيءَ ۾ لالا جوت پرڪاش نالو "علي" ۽ ذات "هوت" لکي آهي.

(۵) پنجابيءَ ۾ فقير راج محمد ۽ سيد فضل شاهه سندس نالو "علي خان" ڏيکاريو آهي:

"شل خبر نه پوي هُنجي پيءُ 'علي خان' کي،
متان اسان وٽ اچڻ کان روڪي هن يار کي."

(باردي پولي)

"ڪيچ مڪران جي شهر ۾ هو بادشاهه بلوان،
حضرت علي جو پوئلڳ نالي ۾ 'علي خان'."

(سيد فضل شاهه)

"پولن" ۾ هڪ هنڌ هنجو نالو "اَڪبر علي" پڻ لکيل آهي.

(٦) اُردوءَ (پنجاب کي رُوماني اَفساني) ۾ هن جو نالو سلطان علي خان لکيو ويو آهي.

---

(١) "ڪيچ ڪلاڊ ر"- پهريون حصو، صفحو ٢٨٢.

(٢) "ٽيلس آف اولڊ سنڌ"- مسٽر ڪنڪيڊ، صفحو ٧.

(٣) شاهه عبداللطيف آف ڀٽ- سورلي- صفحو ٣٦١.

هوتن جي خاندان جو هن ڪهاڻيءَ سان ڪو به لاڳاپو ٿي نه ٿو سگهي. اِهو نالو پوءِ ڏنو ويو آهي. اڳتي هلي چوي ٿو ته اِها هڪ ڀُل آهي. پنهون ذات قبيلي جي لحاظ کان "هوت" ٿي نه ٿي سگهيو. (١)

(٦) ڊاڪٽر سورلي پنهنجي ڪتاب جي آرناوليءَ ۾ هوت جي معنيٰ هيئن لکي آهي: لفظي اَرٿ "متر" آهي؛ سوهڻي (سسئي) پنهنجي پريتم پنهونءَ لاءِ ڪم آندو آهي." (٢)

(٧) "ڪڇ ڪلاڌر" ۾ "هوت" خاندان جو نالو ڪري ڪم آندل آهي، پر "جت" به لکيل آهي.

(٨) هاشم شاهه اِهو لفظ پنهونءَ جي ذات لاءِ لکيو آهي، جيئن ته:

"اِهو ٻُڌي هوت زمين تي ڪري پيو،
هُن جي دل ۾ تير جهڙي وسو."

"هوت پنهون ۽ سسئي، ٻئي مثل نه سمجهو." (٣)

پنهونءَ جي پيءُ جي نالي سان به هن لفظ کي استعمال ڪيو ويو آهي، جيئن ته:

"هوت عليءَ جا ڏينهن راحت گذرندا ويا،
مگر هنکي هوش، آرام نه مليو."

اُحمد يار ڪري به "هوت" ساڳئي مطلب سان ڪتب آندو آهي:

"هوت (پنهون) چوي مهنجي "هوتن" ڏوهه ڪيو،
مونکي پڃائي ويا، نشي ۾ چُور ڪري."

---

(١) د ليجينڊس آف پنجاب. جلد ٣، صفحا ٢٤ ۽ ٣٠.
(٢) شاهه عبداللطيف آف ڀٽ. صفحو ٤٢١.
(٣) ڏسو تڪ نمبر ٧٣-٢٩٤ ۽ ٧٤-٢٩٨ وغيره.

ٽيل آهي. مسٽر پوسٽنس هن جي ٻن پاڙن بابت ٻڌايو آهي، ۽ برٽن صاحب ڇهن لاءِ. لالا جوت پرڪاش ته هنن جو تعداد ستن لاءِ ٻڌايو آهي ۽ پنهنجيءَ ڪي نڍي ۾ نڍو ڏيکاريو اٿس.

سوداگر

(۱) سوداگرن جي نالن ۽ شمار ۾ به مت ڀيد آهي. ڪنڪيڊ ۽ برٽن رڳو هڪ "ٻيٻيو" جو ذڪر ڪيو آهي (برٽن هن جي ذات "هندو" لکي آهي). شهباز خان، سالڪ ۽ هاشم شاهه ٻن قافلن - سالارن جي خبر ڏين ٿا. سالگرام ۽ هاشم شاهه انهن جا نالا "ٻٻڙ ۽ ٻٻيها" لکيا آهن. (۱) منشي سندرداس آرام "ٻٻڙ ۽ ٻهبل" ڏسيا آهن، ۽ شهباز خان رڳو پوئين جو نالو "ٻهيا" لکيو آهي. راج محمد فقط هڪ "ٻين" جو ذڪر ڪري ٿو. ساڌو سدارام، ڀائي مت سنگهه، ۽ مولوي غلام رسول به هڪ سوداگر ڄاڻائين ٿا، جيتوڻيڪ ٽنهي جدا جدا نالو ڏنو آهي يعني اَمرو بلوچ، عمون ۽ ٻين. بلوچي قصي ۾ واپارين جو ذڪر ڪونهي ۽ پنهنجي لاءِ مائٽي ڏوليندڙ وڇاري جو نالو ۽ پتو رڳو "وڪيل" ڏنو ويو آهي.

ريڍار

(۱) گهڻن ئي ليکڪن مارو ٿل ۾ پنڪندڙ مسڪيءَ سان گڏجندڙ ريڍار جو نالو نه ٻڌايو آهي.

(۲) آڏو، سالڪ، راج محمد، هاشم شاهه، فضل شاهه ۽ غلام رسول وغيره هن جو نالو "ڪاڪا" ڏسين ٿا.

(۳) ڪيترن ئي قصي نويسن (لالا جوت پرڪاش، ڪنڪيڊ،

---

(۱) "تحفة الكرام" جي مصنف موجب ٻٻيها جي نالي وارو شهر بياس نديءَ جي ڏاکڻي ڪپ تي آهي. ڏسو هسٽري آف سنڌ. جلد ۲، صفحو ۲۹۹.

(٧) راجستانيءَ ۾ ڪيترئي ٻروهت هن جو نالو "آري بلوچ" ڄاڻايو آهي.

(٨) هاشم شاهه، جوت پرڪاش، فرحت ۽ آرام موجب هن جو نالو "علي" هو ۽ ذات "هوت"، جيئن ته:

"هوت علي، حال احوال ٻڌي،
وزيرن کان ڇھڪ لڳو."

پنهونءَ جا پاڻ

پنهونءَ جي پائرن جي نالن ۽ تعداد جي باري ۾ به گهڻو متڀيد آهي. "ڪيچ ڪلاڊر" ۾ اُنهن جو شمار ڇهه ڏسيو ويو آهي. ڪهاڻيءَ جي سنڌي روپ ۾ شيخ اياز هنن جا نالا 'چنرا، هوتي ۽ ڪوتي، ڏنا آهن. ڪنڪيڊ موجب هنن جا نالا چنون، پنهون، هوتو، نوتو ۽ نڪور هئا. راجستاني ڪهاڻي روپ ۾ اُنهن جا نالا "پنوُ، مهرکي ۽ ڪيلو آيل آهن. پنجابيءَ ۾ مولوي غلام رسول ۽ سندرداس آرام ڪين عمر ۽ تمر ڪري لکيو آهي. اُردوءَ ۾ سالڪ هنن کي "اُمرو ۽ لمروُ" بنائي ڇڏيو آهي.

(٢) حافظ برخوردار، فقير راج محمد ۽ هاشم شاهه وغيره سندن نالا نه ڄاڻايا آهن جيتوڻيڪ سندن اُچڻ ۽ پنهونءَ پڄائڻ جو ذڪر ضرور ڪيو اٿن.

(٣) منشي اندرجيت اُنهن جو ذڪر به ڪونه تو ڪري. اِهو ڪم سندن وزيرن کان ڪرائي ٿو، ۽ پائي مت سنگهه ڪيچ مان آيل ڇهن بلوچن ڳالي.

(٤) پنهونءَ جي پائرن جو عدد پڪو نه آهي. فرحت خان فرحت، "پنجابي دي رومانی اَفساني" جو لکندڙ ۽ مت سنگهه پنهونءَ کي ماءُ پيءُ جو سڪيلڊو پٽ ڪوٺين ٿا.

(٥) بلوچي قصي ۾ هن جي ڏئي هڪڙي ڀاءُ جو ذڪر

آئن ۽ اوئين سان لاڳاپو رکي ٿو.

(٢) جنهن اٺ تي چاڙهي، پنهونءَ کي پهچايو ويو هو، ان کي هاشم سسئيءَ واڱون لعنت وڌي آهي:

"اهو اٺ جنهن پنهونءَ کي پهچايو،
شل مري، دوزخ داخل ٿئي.
شل انکي عشق جي آگ لڳي،
۽ سسئيءَ وانگر جلي."

ساڳئي وقت ان اٺ کي ساراهيو به اٿس:

"جنهن (اٺ) تي يار سواري ڪري،
ان جي ڀراڀر ڪوبه نه آهي."

(هاشم)

(٣) فقير يار محمد جاڻايو آهي ته پريمين جي موت کان پوءِ اٺ سندن قبر نزديڪ بت بڻجي پيو.

(٤) جنهن اٺ تي سوار ٿي واپاري (پنهونءَ کي پنهنجي جند ڇڏائڻ جو قسم وجهڻ ۽ سسئيءَ جي ڪوٺ تي پيرو وٺي وڃڻ لاءِ) پنيور کان ڪيچ روانو ٿيو هو انجو نالو هر ڪنهن ليکڪ پنهنجي نمونې ۾ ڪنيو آهي. عام طور انجو نالو "اڏامندڙ کٽولو" جيو ويو آهي.

ڪهاڻيءَ جا واقعا

"سسئي پنهون" جي ڪهاڻي پنهنجي سوکيم روپ ۾ هڪ تمام سادي ۽ سياويڪ پريم ڪهاڻي لڳي ٿي، پر جدا جدا علائقن، ٻولين، ڪوين ۽ ليکڪن جي ور چڙهڻ ڪري، ان ۾ گھڻيئي فالتو شيون ملي ويون آهن. ڪيترن غير ضروري واقعن جي گڏجڻ ڪري، هن جي ڪهاڻيءَ جي حقيقت ۾، ڪنهن حد تائين، شڪ ۽ گمان به جاڳڻ لڳو آهي.

گھڻن ئي ليکڪن جا ڪهاڻي روپ. عاشقن جي ميلاپ

شيخ اياز، مسز پوسٽنس، آڏمف ۽ بلوچي لوڪ ـ ڪوين وغيره)
ريدار جو سسئيءَ جي سونهن تي موهت ٿي، کيس برغلائڻ ۽
ڏانهس هٿ وڌائڻ ۽ سسئيءَ جو پنهنجي ست بچائڻ لاءِ ايشور
اڳيان آراڌنا ڪرڻ واريءَ گهٽنا کي خاص آستان ڏنو آهي ۽
ريدار کي هن ڪهاڻيءَ جو بدمعاش ثابت ڪيو آهي. پر
ٻين (حافظ برخوردار، هاشم شاه ۽ سدارام وغيره) نه
فقط سندس بدنيتيءَ جو ذڪر نه ڪيو آهي پر اُلٽو هن کي
هڪ سادو، سچو ۽ پر اپڪاري پرش ڪري ليکيو آهي.

(۴) سردار گربخش سنگهه، ريدار کي سسئيءَ جو قاصد
بڻائي ڪيچ ڏانهن ويل پنهونءَ کي موٽائي آڻڻ لاءِ استعمال
ڪيو آهي.

(۵) ڊاڪٽر موهن سنگهه جي ان شڪا پر نه "مارُو ٿل ۾
ريدار ڪٽي، اوٺي هوندو" (۱) ڪجهه وزن آهي، جيتوڻيڪ
هر ڪنهن بيان ڪندڙ اُن کي ريدار ئي ڪوٺيو آهي.
بلوچي قصي ۾ هن کي "شفا" ڏسيو ويو آهي، جنهن لاءِ
اُردو زبان ۾ هڪ هنڌ "گله بان" ۽ ٻئي هنڌ "گبريان"
آيل آهي. (۲) راجستاني ڪهاڻي روپ ۾ "ڪلهري" لکيو
ويو آهي.

ڏاچي

"رنندي چڙي نه وڃ، اي اوٺي (پنهون)
مون توکي غفور پير برابر سمجهيو آهي.
(راج محمد)

(۱) جيئن هير جي ڪهاڻيءَ ۾ مينهن، ۽ صاحبان جي
ڪهاڻيءَ ۾ گهوڙي کي آستان آهي، تيئن سسئيءَ جو رومانس

---

(۱) "پريتم" رسالو- دهلي- جولاءِ ۱۹۵۶، صفحو ۱۲.
(۲) "تاريخ بلوچستان"- صفحو ۴۳ ۽ ۴۴.

(٢) تفاوت رڳو وچين حصي ۾ آهي. مسٽر ڪنڪيڊ، منشي انڊرجيت، پنجاب دي رُوماني افساني، فقير راج محمد ۽ سيد فضل شاهه وغيره انهيءَ اڳئين جي خبر سسئيءَ جي جمڻ کان اڳ جي ٻڌائين ٿا.

(٣) ان جي ابتڙ، مسز پوسٽنس، شيخ اياز، سالڪ، حافظ برخوردار، سندرداس آرام، هاشم شاهه، غلام رسُول ۽ سدارام وغيره اهڙي خبر سسئيءَ جي جمڻ کان پوءِ جي ڄاڻائين ٿا، جيئن ته:

١. "هن جو عشق سچيءَ دنيا ۾ مشهور ٿيندو،
پاڻ مرندي ۽ تنهنجي عزت گدوائيندي."

(سدارام)

٢. "نينگر تُنهنجي، جا حُور پري آهي،
شروع کان پريم جي رس سان ڀريل آهي؛
ڇوري ٿي پن پن پٽڪندي،
ڪنهن جي پريم ۾ ڦاسي مرندي."

٣. "جڏهين هن جو نصيب ڦٽندو،
ماءُ ۽ پيءُ جي عزت نه رهندي."

(غلام رسُول)

درياهه ۾ لوڙهڻ

سسئيءَ کي درياهه ۾ لوڙهڻ وارو واقعو هڪ خاص گهٽنا آهي ڇاڪاڻ ته ان سان ئي هن جون مصيبتون شروع ٿيون، ۽ اهو ئي هن جي حياتيءَ ۾ هڪ وڏي تبديليءَ جو ڪارڻ آهي.

(١) سنڌ يا پنجاب جي سمڪالي سماجڪ حالتن کي سامهون رکندي، اهو واقعو عجيب يا اڻ ٿيندڙ نه ٿو لڳي. مسز پوسٽنس ٻڌائي ٿي ته ڪڇ ۾ ڌيئن کي مارڻ جي رسم

کان وٺي سمدن موٽ تائين (ٽالن ۽ آستانن جو ٿورو فرق ڇڏي)- هڪ ٻئي سان ڪافي ملن جهلن ٿا. خاص فرق، گڏجڻ کان اڳ ۽ موت کان پوءِ واري بيان ۾ آهي؛ باقي ڪهاڻيءَ جو اصل خاڪو ساڳيو آهي.

پنجابي ڪوين گهڻو زور سسئيءَ جي گهري نند ۽ اوجهر ۾ رلڻ تي ڏنو آهي. ڪيترن ليکڪن جو احوال ڏيو اِنهن نظارن چٽڻ جي خيالي بيان تائين محدود آهي.

نجومين جي خبر

”اي شاهه، انهنجي گهر ۾ ڄمندي هڪ ڌيءُ،
آسان لکيو قوليو آهي.
عاشق ٿي ڀهاڙن ۾ ڀٽڪندي مرندي،
جڏهين هوءَ جوان ٿيندي!“
(فضل شاهه)

تازي ڇاول سسئيءَ جي ”جنم- پتري“ بابت نجومين جي اِها اَڳڪٿي (١) سسئيءَ جي ڏکن جو مکيه سبب ثابت ٿي. اِها ڳالهه گهڻو ڪري هر علائقي ۽ ٻوليءَ ۾ چالو ڪهاڻيءَ جي روپ ۾ آيل آهي. ڪهاڻيءَ جا پوِيان واقعا ۽ اُنجي پڇاڙي اِنهي اَڳڪٿيءَ کي سچو ثابت ڪن ٿا.

---

(١) سنڌ جي پراڻي تاريخ ۾ ٻه اهڙين اَڳڪٿين جو ذڪر اچي ٿو، جيئن ته چچ ۽ سهندي جي عشق مان پيدا ٿيل ”ٻائي“ بابت. اُنهي جي ڄمڻ وقت ٻه نجومين کي ڪوٺي سندس نصيب بابت پڇا ڪئي ويئي. نجومين چيو ته هن نينگريءَ کي راجدانيءَ کان ٻاهر وڃڻو پوندو ۽ هن جو مڙس بادشاهه ٿي سڄيءَ سنڌ تي راڄ ڪندو. بادشاهه اِنهي ڳالهه کي ڏجهو رکڻ جو حڪم ڏنو، وغيره (ڏسو ڇچنامو- عليءَ جو- ٦١٣ هجري (١٢١٦ع)- صفحو ٢٣.)

اها صندوق ھٿ ڪئي ۽ اُن ۾ ھڪ سندر تازي ڄاول
نينگر ڏسي ڏاڍو عجب لڳس. ھو ڪيس ڪڻي گھر آيو ۽
پالڻ لڳو. (١) جيئن درياھ ۾ لوڙھيل راڻيءَ جي تازي ڄاول
سسئيءَ کي ڌوٻيءَ ڪڻي، پنھنجي ڌيءُ وانگر پالي ٿو، تيئن
مٿي ذڪر ڪيل ڪھاڻيءَ ۾ شھزاديءَ جي ٻيوس ڇوڪريءَ
جي پالنا ھڪ چمڙو ڌوئيندڙ چمار ڪري ٿو.

(٢) دسم گرنٿ جي چرتر نمبر ١٠٨ ۾ مٿي ذڪر ڪيل
رشيءَ جو نالو ڪپل مني ۽ راجڪماريءَ جي جڳھ تي رنڀا
اَپڇرا لکيل آھي، ۽ تازيءَ ڄاول ڇوڪريءَ کي چمار جي
بدران سنڌ جي راجا برھمدت ھٿ ڪيو ھو.

(٣) گھڻو ڪري سڀني ليکڪن يا قصي نويسن سسئيءَ
کي پيءُ جي حڪم يا مرضيءَ سان لوڙھيل ڏسيو آھي، پر
منشي اندرجيت موجب سسئيءَ جي جنم ڪان اڳيئي (نجومين
جي اَڳڪٿيءَ جي ڪري) بادشاھ جي اُنھي حڪم جي
مد نظر نہ جمڻ وقت ئي اُن کي پورو ڪيو ويو، سسئيءَ
جي دائيءَ کي مٿس ڪھل آئي، جنھن ڪيس صندوق ۾ بند
ڪري لوڙھي ڇڏيو. واقعي جي بنياد واسطي ڊاڪٽر موھن سنگھ
لکيو آھي تہ ”صندوق ۾ بند ڪري لوڙھيل ھندواسڻ، نہ
ھندوءَ ھئي ۽ نہ مسلمان ۽ مونکي اُن ۾ ھيبروءَ (Hebrew) ۽
يھودي رنگ ڏسڻ ۾ اچي ٿو. ٿي سگھيٿو تہ .... صندوق
۾ بند ڪري ڌيءُ کي نجومين جي چوڻ موجب لوڙھڻ
يوناني يا يھودي اَثر يا رسم رواجن جي ملاوٽ ھجي.(٢)

---

(١) اي پنجاب ليجينڊ. انڊين اَئنٽيڪئري- سر رچرڊ
ٽيمپل جو لکيل- آڪٽوبر ١٨٨٢ صفحو ٩٢٠.

(٢) ”پريتم“- دھلي، جولاءِ ١٩٥٦، صفحو ١٢، ٤٣.

چالو رهي آهي. (١) سر رچرڊ ٽيمپل لکي ٿو "وڏن وڏن درياهن سان ڍڪيل پنجاب جهڙن پرانتن ۾ نه گهوڙن ٻارن کي درياهه جي ڪناري تي ڇڏي اچڻ يا لهرن جي حوالي ڪرڻ، ڪا وڏي ڳالهه نه آهي. توريت ۽ قرآن شريف ۾ حضرت موسيٰ کي صندوق ۾ بند ڪري (نيل نديءَ ۾) لوڙهڻ جو ذڪر ثبت آهي. مون کي پڪ آهي ته درياهه ۾ لوڙهيل اهڙي طرح جي خانه بدوش ٻالڪن بابت گهڻيئي قصا، ڪهاڻيون چالو آهن." پنهنجي بيان کي مضبوط ڪرڻ لاءِ هن هاشم جي لکيل 'سسئي' ۾ شامل ٿيل اهڙي واقعي کي لوُڻا (٢) (راجا سهلوان جي پياري راڻي ۽ پورن ڀڳت جي ماٽيلي ماءُ) جي جنم ساکيءَ سان ڳنڍيو آهي. اها ڪٿا هيٺينءَ ريت آهي:

"هڪ ڏينهن ڪنهن رشيءَ جو ويڙهه نڪري آيو. هن کي سڌ هئي ته جي اهو زمين تي ڪريو ته اُن مان ماڪوڙا ڄمي پوندو، انهيءَ ڪري هن اُن ويڙهه کي هڪ گل ۾ وجهي اُن درياهه ۾ ڦٽو ڪيو، جنهن ۾ چنبيلي نالي هڪ راجپوت شهزادي اشنان ڪري رهي هئي. هن اُهو گل ڪڍي سنگهيو ته ڳرڀوتي ٿي پيئي ۽ اُنڪري ڏهن مهينن کان پوءِ، هن کي هڪ ڪڪي ڄائي. راجڪماريءَ، ٻئي وچان هن کي صندوق ۾ بند ڪري، درياهه ۾ لوڙهائي ڇڏيو. قادر جي قدرت سان، هڪ چمار درياهه جي ڪپ تي چمڙو ڌوئي رهيو هو، تنهن کي

---

(١) ڏسو ڪڇ يا رنڊم اسڪيچز.

(٢) هيءَ لوُڻا هڪ درياهه جي ڀرسان لڌل ٻار سمجهي ويندي آهي ۽ پنجابي اُتراد ۽ سنڌي ٻوليءَ ۾ سسئي پنهونءَ جي ڪهاڻيءَ ۾ (جا هاشم شاهه هڪ مشهور ڪوِتا ۾ لکي آهي) سسئي به هڪ اهڙو اُتاق ٻار ڄاڻايل آهي. سر رچرڊ ٽيمپل - انڊين انٽيڪئري - ١٨٨٣.

جو پهريون حصو به گهڻي قدر اِنهي نموني جو آهي. سرڳواسي گياني هريندر سنگهه روپ جي لئبرري مان هٿ آيل هڪ لکيل رچنا هيٺين شروع ٿئي ٿي:

"سورٺ ٻيجي جي ڪٿا لکجي ٿي:

چوپائي: "سهڻو راڄ ۽ سهڻو شهر،
سٿن ڏيئن جهڙو روشن تيل
راجا جو نالو هو سگرسين
بانڪو، دشمن ماريندڙ."

ان راجا جي گهر آڌيءَ رات هڪ نينگر پيدا ٿي. راجا پنڊت کي ڪوٺي چيو "هن ڇوڪريءَ جو نالو ڪهڙو رکجي؟" پنڊت جواب ڏنو، "هي راجا! تون هن جو نالو نه پڇ. هيءَ ڇوڪري تمام خراب گرهن ۾ ڄائي آهي ۽ جي تنهنجي گهر رهي ته نه تون رهندين ۽ نه تنهنجو راڄ. جنهن راڻيءَ جي پيٽ مان هيءَ ڇوڪري ڄائي آهي سا راڻي به نه رهندي ان ڪري ڇوڪريءَ کي درياهه ۾ لوڙهي ڇڏ ته تنهنجو ڪلياڻ ٿئي نه ته تنهنجو راڄ ڀاڳ تباهه ٿي ويندو." (١)

مٿين ڪهاڻيءَ موجب راجا سگرسين اهو ٻڌي، دائيءَ کي ڪوٺي ڇوڪريءَ کي لوڙهڻ جو حڪم ڏنو. دائيءَ ههڙي سندر ٻالڪ کي لوڙهڻ بدران، پنهنجي جان خطري ۾ وجهي، ان کي پالڻ جو پڪو ارادو ڪيو ۽ هڪ مٽ ۾ وجهي، ڍڪ مٿان رکي، اچي راجا سان ڪوڙ ڳالهايو ته اُنکي لوڙهي آئي آهيان.

صبح جو سوير جيوڻ نالي ڪنڀار ان رستي تان لنگهيو ته روئندڙ ٻالڪ جو آواز ڪن پيس ۽ بيهي رهيو. پوءِ مٽ مان ڇوڪري ڪڍي گهر کڻي آيو ۽ مٿس "سورٺ" نالو

---

(١) "پريتم رسالو" - دهلي، جولاءِ ١٩٥٦.

ملاوت جو هجڻ يا نه هجڻ هڪ ممڪن ڳالهه آهي، (١) پر هن کي يهودي يا يوناني بنياد جو ڪوٺڻ، محض جهڙي ڳالهه نٿي لڳي. جيئن پهرئين پڌايو ويو آهي، سنڌ يا پنجاب جي سمڪالي سماجڪ حالت ۽ جاگرافيائي احوال کي سامهون رکندي، هيءُ واقعو هن ديس لاءِ عجيب يا نه ٿيندڙ نٿو لڳي. ٽيمپل صاحب هن کي پنجابيءَ جي لوڪ ڪٿائن جو هڪ رواجي ۽ لوڪ پسند انگ سمجهي ٿو. پنجاب ۾ (جنهن مان گهڻيئي نديون وهن ٿيون) درياهه جي پرسان لڌل ٻار هڪ دلپسند واقعو آهي. ٽيمگري ڪنهن لموني نديءَ ۾ لڙهندي لڌي ويندي آهي ۽ لڀڻ وارو اُن کي گود ۾ وٺندو آهي، پوءِ ڪنهن مشهور نائڪ سان سندس شادي ڪرائبي آهي يا ڪنهن وڏي خاندان سان لاڳاپو رکندڙ سمجهي ويندي آهي ۽ وڏي گهراڻي سان سندس تعلق ڳنڍيو ويندو آهي. آڳاٽين قومن ۽ ذاتين جي مکيه گهراڻن جي جهوني تاريخ جي کوج ڪندي اَهڙيون گهڻيئي عجيب غريب ڪهاڻيون نظر اينديون. لوڪ ڪٿائن ۾ به اهڙيون ڪهاڻيون گهڻيئي ملنديون، ۽ ڏند ڪٿائن ۾ نه ضرور لينديون. (٢)

انهيءَ ڪري ڊاڪٽر روشن لال آهوجا جو اهو خيال غلط نظر اچي ٿو ته ”هيءَ ڳالهه (درياهه ۾ لوڙهڻ جي) ٻئي ڪنهن به مسلماني يا هندستاني چالو مشهور ڪهاڻيءَ ۾ نٿي ملي.“ اهو ته ٿيو پر خود سورٺ ٻيجا جي مشهور پريم ڪهاڻيءَ

---

(١) يوناني متهاس سان لاڳاپو رکندڙ آرگوس جي راجا اَنڪريسئس جي ڌيءُ ڏاني جي ڏوهٽي، پرسيئس جي ڪهاڻيءَ ۾ هن واقعي جا ڪجهه نشان ملن ٿا. (ڏسو ڪهاڻيءَ جو بنياد- صفحو ٢٣-٢٤).

(٢) اِنڊين اَنٽيڪئري- جلد ٢٩، اَپريل ١٩٠٠ع، صفحو ٨٩.

ٺولاءِ اني هڪ محل ۽ باغ ٺهرايان ٿو.

(سالگرام)

(٢) لالا جوت پرڪاش سسئيءَ کي پنهنجي ڌوٻڻ ماءُ سان پنهنجي پيءُ (بادشاهه پرويز) وٽ ٻيا ڳاچا ڪرڻ جو وسيلو ڏسيو آهي. بادشاهه پنهنجي ڌيءُ سڃاڻي ورتي ۽ انکي ڀول معاف ڪري، ٣٦٠ سهيليون ۽ ڌن مال ڏئي ساڻس موڪلائي ڪئي.

(٣) سالڪ، شرف (فلم ۾) ۽ سردار گربخش سنگهه موجب بادشاهه پيءُ حاسد ڌوٻين جون شڪايتون ٻڌي. سسئيءَ جي سؤنهن تي مست ٿي، هن کي پنهنجي محلات ۾ رکڻ جو ارادو ظاهر ڪيو، پر جڏهين سندس سامهون آئي ته هن جي تعويذ کي سڃاڻي نهايت شرمسار ٿيو.

(٤) هاشم شاهه به دشمن ڌوٻين جي دانهن تي، بادشاهه جي دل اَندر خراب خيالن جاڳڻ ۽ سسئيءَ جي موڪليل تعويذ کي سڃاڻي شرمندو ٿيڻ بابت لکيو آهي.

اِنهيءَ کان پوءِ راجا ۽ راڻيءَ (سسئيءَ جي ماءُ ۽ پيءُ) سسئيءَ کي گڏجڻ جي گهڻي ڪوشش ڪئي، پر سسئيءَ ساڻن ملڻ کان اِنڪار ڪيو:

"هاشم چوي ته اُنهنکي گڏجڻ، جن هڪ دفعو لوڙهي ڇڏيو، حرام آهي."

ڀائي مت سنگهه ۽ ساڌو سدارام جو بيان به ائين ئي آهي. بادشاهه طرفان سسئيءَ کي موڪليل چٺيءَ جو بيان ڪندي ساڌو لکي ٿو:

"مون کان چوڪ ٿي وئي، منهنجا اوگڻ درگذر ڪر،
دل سان ٿو چوانءِ: منهنجي ڌيءُ، مون وٽ آءُ؛
راجا جواب لکي اَلي جي هٿ ۾ ڏنو،
اَلي پيدل هلي گهر ۾ سسئيءَ کي پهچايو."

رکي کيس پنهنجي ٻار وانگر نپائڻ لڳو." (١)

ڀيءُ ۽ ڏيءُ جي گڏجاڻي

ڏوٻيءَ جي گهر رهي جوان ٿيندڙ سسئيءَ جو پنهنجي ٻادشاهه - ڀيءُ سان ملڻ جي ٻاري ۾ ليکڪن اندر گهڻو متڀيد آهي. ڪيترن ته ٿازي جاڙول ٻار کي لوڙهڻ کان پوءِ، ڀيءُ ۽ ڏيءُ جي گڏجڻ جو احوال ڏنو ئي ڪونهي. ٻئي طرف

(١) شهبازخان، محمد حسين، حافظ ٻرخوردار، منشي سندرداس آرام، مولوي غلام رسول، پنڊت سالگرام وغيره ڀيءُ ۽ ڏيءُ جي وچ ۾ ٿيل لکپڙهه جو به ذڪر ڪيو آهي:

" آئسن جي مس ٿاهي، منشيءَ کان خط لکارايائين،
ويچاري سسئيءَ جو ٿالو وٺي،
ڪو پيپور جي مالڪ کي نيايو پهچائي."
(غلام رسول)

ڏيءُ کي ملڻ ۽ پاڻ وٽ ڪوٺڻ بدران، ڀيءُ هڪ محلات ٺهرائي، باغ لڳارائي ۽ محصول وٺڻ جو حق ڌيئي کيس راضي ڪري ڇڏيو

" ازانسواءِ لعل جواهر، مال ۽ سون ۽ جنهن تي به دل هجيس گهر وٺي موڪلي ڏيانس، مگر منهنجي سامهون نه اچي."
(حافظ ٻرخوردار)

" ازل کان ائين لکيل آهي، ۽ ممڪن آهي ته هن کان پوءِ ملاقات نه ٿئي ۽ تنهنجي رهڻ لاءِ ڏوٻڻ جو گهر هجي، اها ڳالهه مونکي به پسند نه آهي، اي چنڊ کي راحت ڏيندڙ!

---

(١) هيءَ رچنا ڀائي نهال سنگهه جي لکيل آهي ۽ سندس لکيل ليک جي صفحي ٣٢٢ کان شروع ٿي ٣٢٨ صفحي تي ختم ٿئي ٿي.

وسيلا ڏسين ٿا. (١)

(٢) ان جي اٿئون شاهه عبداللطيف، شهبازخان ۽ محمد حسين وغيره، پنهونءَ جي ٻي نظير سندرتا ستّيءَ لاءِ ڪشش جو بنياد ۽ هن کي ڪوئڻ لاءِ ڪيل ڪوشش جو ڪارڻ ڏسين ٿا.

(٣) شهبازخان، سالڪ، حافظ برخوردار ۽ سندرداس آرام ۽ غلام رسول وغيره موجب

”وري نجومين کي ڪوٺي، سسئي آندربان راز پڇڻ لڳي:
مان ڪير آهيان ۽ ڪٿي پرڻبيس، اهڙو نشان پتو ٻڌايو.“
(آرام)

نجومي چون ٿا:

”اهو شخص آهي ڪيچ جو شهزادو،
سهڻي شڪل وارو، نصيب وارو ۽ وڏ گهراڻو،
هنجي خاندان جو نالو هوت آهي ۽ سندس پنهون؛
توهين ٻئي ليلي مجنون وانگر پيار ڪندا.“
(غلام رسول)

(۴) بلوچي قصي موجب پريمين جي ميلاپ جو سبب اُن دلال جي خبر آهي جنهن کي پنهونءَ لاءِ لائق ڇوڪري ڳولڻ واسطي ٻاهر موڪليو ويو هو ۽ جنهن سسئيءَ کي پسند ڪري اچي انجي سونهن جي ساراهه ڪئي.

---

(١) ڪن سان خبر ٻڌي هن (پنهونءَ) جي دل ۾ پيار پيدا ٿيو، جيئن برٽن لکي ٿو: هيءَ پيار جو هڪ نمونو آهي- نه پهرين نظرسان پر ٻڌي جو نالو ٻڌڻ سان. مشرق جي ڪوين اهڙيون گهڻيئي آکاڻيون لکيون آهن. عربن جو چوڻ آهي ته ”اکين جي عشق کان اڳ ڪن پيار سان ڀريا آهن.“ سنڌ- برٽن- صفحو ٣٩٠.

(٥) ”پنجاب ڪي روماني اَفساني“ ۾ لکيل آهي ته جڏهين ڏوٻين ڪنهن خوشامدڙني معرفت بادشاهه کي اُتي ڏوٻيءَ جي گهر ۾ هڪ نوجوان نازنين جي هجڻ جي خبر ڏني، ۽ هن کي پنهنجي محلات ۾ گهرائڻ لاءِ لالچايو، تڏهن راجا اُني کي ڪوٺايو. اُنو حڪم ٻڌي، سسئيءَ وٽ آيو ته سسئيءَ پنهنجي سڄي حالت بادشاهه کي لکي موڪلي. هن جا حواس خطا ٿي ويا ۽ رات جو راڻيءَ سميت اُني ڏوٻيءَ جي گهر آيو. ماءُ، پيءُ ۽ ڌيءُ پاڻ ۾ گڏيا ۽ سڪ جا ڳوڙها ڳاڙهائون. جڏهين دل جو بوجهه هلڪو ڪيائون ته پيءُ چيو:

”ڌيءُ اُٿ، پنهنجي گهر موٽي هل؛

پر سسئيءَ وڃڻ کان اِنڪار ڪيو.“

سسئي پنهونءَ جي گڏجاڻي (پيار جو بنياد)

”تصوير ڏسڻ سان هنجي دل وهي ويئي،
تصوير جي جهلڪ سان پاڻ تصوير ٿي بيئي؛
جيڏانهن پلڪ لاءِ ويئي هئي،
اُتي هن جون اکيون لڳيون رهيون،
اکين کي وري ننڊ نه آئي،
پلڪ پلڪ هن جي يادگيري هين.“

(سدارام)

قصي نويسن ۽ ليکڪن سسئي پنهونءَ جي هڪ ٻئي سان چاهنا پيدا ڪرڻ ڪاڻ جدا جدا طريقا ورتا آهن ۽ ڪيترين ٿي ڳالهيون ڪيون اٿن:

(١) پوسٽنس، ڪنڪيڊ، اَياز ۽ اِندرجيت شروعات ۾ هن ڪشش جو ڪارڻ، سسئيءَ جي سونهن جي ٻاري ۾ پنهونءَ تائين پهتل خبر ۽ پنهونءَ جا وڻس پهچڻ جا مختلف

٣. تصوير ڏسي سسئي بت ٻڄي پيئي،
ست ٻڌ ۽ حواس گم ٿي ويس."
(فضل شاهه)

پنهونءَ جو پنهور اچڻ

"سسئيءَ جي ڳڻن جي ساراهه ٻڌي، پنهون بيمار ٿي پيو،
سسئيءَ جي دلپسند چني ڪٽي،
هن سڀ ڪم ڪار ڇڏي ڏنو،
هنکي پريم جي تلوار لڳي،
جيئن ڪو قاتل کنهن کي قتل ڪري،
هڪ سٺي پٽ وانگر ماءُ پيءُ کان موڪل وٺي هليو."
(نوردين)

پنهونءَ جي پنهور پهچڻ جي باري ۾ گهڻن ٿي قسمن جا خيال ظاهر ڪيا ويا آهن، جهڙوڪ شهبازخان ۽ محمد حسين موجب سسئيءَ هن کي واپارين ذريعي، ڀهانو ٺاهي گهرايو. "توهانجو راجا پنهون هڪڙو ڀيرو ڪيچ کان آسانجي شهر ۾ آيو ۽ آسان کان گهڻيئي روپيا قرض وٺي ويو. اهو قرض هن اڄ تائين واپس نه ڪيو آهي. هاڻي يا توهين پاڻ پياريو يا پنهونءَ کي وٺي اچو." (١)

حافظ برخوردار ۾ پنهونءَ کي سسئيءَ طرفان ڪوٺايل بنايو آهي. هن قيد ٿيل واپارين جي ڇڏڻ لاءِ اهو شرط وڌو ته پنهونءَ کي ڪيچ کان وٺي اچن، پر حافظ برخوردار شهبازخان واري قرض جو نمونو ڪونه ڏسيو آهي.

"پيا ڳاڇا ڪري قافلي وارا دربار ۾ اچي پهتا. چيائون ته آسان سان شهزادو نه هلندو ته اسانجون جانيون سلامت نه رهنديون.

(١) ڏسو- "وقايع پنون" جو نمبر- سسئي بابت ساهتيه-

(٥) "دستور عشق" ۽ "پنجابي دي روماني اُفساني" وغيره ۾ ميلاپ لاءِ ڪشش جو بنياد سسئيءَ جو پنهونءَ جي باري ۾ سهڻو جاڳايل آهي. (١)

"پنجاب ڪي روماني اُفساني" ۾ لکيل آهي ته سسئيءَ ني سپنا لڌا. پوئين سپني ۾ هن پنهونءَ کي اکين اڳيان ڏٺو ۽ چوندو ٻڌو، "منهنجو نالو پنهون خان آهي. مونکي گڏ جٺو اٿيئي ته ڪيچ مڪران ۾ اچ، منهنجو پيءُ ڪيچ مڪران جو راجا آهي ۽ مان اُنجو لاڏلو پٽ. (٢) هڪ ڏينهن 'لکي باغ' جو سير ڪندي سسئيءَ پنهنجين سهڻن جي مالڪ جي تصوير ڏٺي ته ٻاقي ڪسر به پوري ٿي ويس.

(٦) سيد هاشم شاهه، ساڌو سدارام، ڀائي مت سنگهه ۽ سيد فضل شاهه ۽ بابو فيروزدين شرف ان جو سبب سسئيءَ جو پنهونءَ جي تصوير ڏسڻ موهت ٿيڻ لکن ٿا.

١. "بينل جي شڪل، بت ۽ بدن جي بيهڪ ڏنائين. ڏسي هن جسي دل ڪوهه-شڪن (فرهاد) وانگر موهجي ويئي." (هاشم)

٢. "هن تصوير کي وکڻڻ وارو،
غزنيءَ جو هڪ رهاڪو هئو،
سسئي چوي ٿي ته اُن ۾ اَج ڪهڙي نه چمڪ آهي!
مونکي تصوير ڏسي جڻ ته نانگ ڪکيو.
(مت سنگهه)

---

(١) "يوسف زليخا" جي ڪهاڻيءَ ۾ پيار جي چڪ جو خاص بنياد سپنو ڏسيل آهي. نل ۽ دمينتيءَ جي ڪهاڻيءَ ۾ به اِهو جزو موجود آهي. راجا نل، دمينتيءَ کي سپني ۾ ڏسي هن جي پيار ۾ ڦاسي ٿو، ۽ اُهڙوئي سپنو دمينتيءَ کي به اَچي ٿو. ڏسو ليجينڊس آف د پنجاب، جلد ٻيون.

(٢) "پنجاب ڪي روماني افساني"، صفحا ٣٧-٣٩.

پنهونءَ ڪئي. هن جي چنيءَ ڀڃڻ تي سسئيءَ ڪيس پاڻ وٽ اَچڻ لاءِ لکيو.

سندرداس، هاشم شاهه، سالگرام، مت سنگهه، سدارام ۽ غلام رسول چنين جي جهڄهٽ ۾ نه پيا آهن. هنن حافظ برخوردار وارو رستو اختيار ڪيو آهي. آرام، واپارين جو پنهونءَ اڳيان فرياد هن طرح بيان ڪيو آهي:

"تنهنجي ڪري پنڻ تي اوٺي روڪيل آهي،
اَسان سان هلندين نه ڇڏيندا، نه نه ظلم ڪندا.
ڪيس عشق اَندر ۾ ستائڻ لڳو ۽ (عشق) پڪارڻ لڳو،
اَسان ساڻ نه هلندين نه هوءَ (سسئي) اسانکي ماري ڇڏيندي."

واپارين جو فرياد ۽ سسئيءَ جي بي صبريءَ جو احوال ٻڌي پنهونءَ ڀنڀور وڃڻ جو فيصلو ڪيو:

"هڪدم اُٺ تي سوار ٿيو؛ هن پريم جي زنجير پاتي.
مت ته آرام نه آيس؛ بي صبرن وانگر اُن پاٽي ڪڍيس."
(هاشم)

"هن ڪنهن جي نه ٻڌي - فقط پنهنجي دل جي ٻڌي؛
هن ڪي يار جي ملڻ جو چاهه ٿيو، ۽ هڪدم روانو ٿيو.
سدارام چوي ٿو ته جڏهين ڀنڀور شهر جي نزديڪ پهتو
ته اوٺين ڪي ڇڏي، باغ ڏسڻ هليو."
(سدارام)

پنهونءَ جون آزمائشون

"پڇيائونس ته ڪهڙي ذات اٿيئي ۽ ڪهڙو ملڪ،
چيائين ته خاندان ذوبي اٿم ذات سهل ۽ ملتان جو آهيان.
احمد يار چوي اچو ته آزمائي ڏسون
زبان تي ڀروسو ڪونهي." (اَحمد يار)

جيئن رانجهي ۽ ميهار کي هير ۽ سهڻي حاصل ڪرڻ لاءِ

اُن جهڙن قطار اندر قافلي ۾ هيلل آهن، انهن ئي رهڻ، عشق پنهونءَ جي دل ۾ اُڀرو ڪاڏو، هو ٻاڻ کي روڪي نه سگهيو.“
(حافظ برخوردار)

ڊاڪٽر سورلي لکيو آهي ته جڏهن ڏڪار ۾ ماريل ڪيچ جا ماڻهو ٿولو ٿاهي، اَن وٺڻ لاءِ ڀنڀور آيا ته اُتي جي راڻي سسئيءَ اِن شرط تي سستو اَن ڏيڻ قبول ڪيو ته ٿوليءَ جو نيتا ٻهر ياتين ڪيچ جي شهزادي کي ڀنڀور پهچائي. شيخ اَياز موجب جڏهن پنهونءَ پريءَ مجلس ۾ سسئيءَ جي سونهن جو ذڪر ٻڌو، ته هن کي گڏجڻ لاءِ آتو ٿيو. آخر ۾ عطر جو سوداگر ٿڻجي، سسئيءَ جو واپار ڪرڻ لاءِ ڀنڀور آيو.

ڪنڪيڊ ڀنهونءَ کي پنهنجي هڪ دوست ’ڀنڀور‘ نالي واپاريءَ کان سسئيءَ جي سونهن جي باري ۾ لکيل چنني ملڻ تي، عطر ڦُليل جو واپاري ٿڻجي ڀنڀور آيل ڏسيو آهي. سردار گربخش سنگهه به گهڻي قدر انهن ئي لکيو آهي.

ڪهاڻيءَ جي ڪچي روپ (مسز پوسٽنس واري) ۾ لکيل آهي ته سسئيءَ جي بي نظير سونهن جي خبر ٻڌي پنهون واپاريءَ جو ويس ڌاري قافلي سان ڀنڀور پهتو.

پروهت ڪيتسي جي راجستانيءَ ۽ سري دلي راءِ جي ڪچي ڪهاڻيءَ موجب ڪيچ مڪران ۾ پيل ڏڪر پنهونءَ کي سنڌ مان اَن وٺڻ لاءِ ڀنڀور آندو. سسئيءَ جي خبر ۽ درشن ڀنڀور پهچڻ کان پوءِ ئي کيس حاصل ٿيا.

بلوچي قصي موجب هڪ وڪيل (دلال) جي ٻڌائڻ تي پنهون پنهنجين اکين سان چوڪري ڏسڻ آيو هو.

لالا جوت پرڪاش موجب سسئيءَ جو نياپو ۽ چنني ملڻ تي پنهون ڀنڀور آيو.

منشي اندرجيت موجب چنني موڪلڻ جي شروعات

هير ۽ رانجهو، مرزا ۽ صاحبان، سهڻي ۽ ميهار وغيره اُهڙي سياڳي موقعي لاءِ سڪندي ٿي سواسين سڪالا ٿيا. هن ڪهاڻيءَ جي گهڻو ڪري هرڪنهن روپ (ڪڇي، بلوچي، پنجابي، فارسي، هندي وغيره) ۾ شادي ڄاڻايل آهي.

هير ۽ صاحبان وانگر، سسئيءَ کي پنهنجي پرينءَ جي هٿ ران ڪنهن به وقت ٻئي ڪنهن سان شادي ڪرڻ جو ذڪر مون ڪٿي به نه پڙهيو آهي. البت ڪنڪيڊ سر سسئيءَ جو "پيپيو" نالي واپاريءَ تي، ڪجهه وقت لاءِ، موهت ٿيڻ بابت لکيو آهي.

ڪيترن رانجهي ۽ مرزا جي برعڪس، پنهونءَ جو سسئيءَ سان شادي ڪرڻ کان اڳ ئي شادي شده ڄاڻايو آهي. دسم گرنٿ جي چرتر نمبر ١٠٨ ۽ لک شاهه ۾ محبت خان جي قصي ۾ پنهونءَ جو سسئيءَ سان پيار ڪرڻ کان اڳ پرڻيل ڄاڻايل آهي. ليفٽيننٽ برٽن ۽ ڪوئي لک شاهه سندس پهرينءَ زال جو نالو (١) به ٻڌائين ٿا، ۽ پنهونءَ جو سسئيءَ تي موهت ٿيڻ جو ٻڌي، هن جي حالت هيئن بيان ڪن ٿا:

"پنهونءَ جي گهر جي سهڻي بيگم،
پريم جي مار ـ ل "گُدائي" آئي.
زيور ۽ ڪپڙا لاهي ڦٽا ڪري،
مٿي ۾ مٽي وجهي هوءِ روئڻ ۽ رڙڻ لڳي."
(لک شاهه)

راجستاني ڪهاڻي روپ ۾ به ذڪر ٿيل آهي ته پنهونءَ کي راڻيون هيون.

مسٽر ڪنڪيڊ "سانجها" ۽ ليفٽيننٽ برٽن "سهجان"

---

(١) برٽن موجب هن جو نالو "عايشه" (ڏسو "سنڌ"، صفحو ٩٧) ۽ لک شاهه موجب "گُدائي" هو.

ڏنا ر ٻڌي ميهون چار ٽيون پيون، ليڪن پنهونءَ کي بـ سسئيءَ لائق ٿيڻ لاءِ، ڌوبي ٻڌي ڪپڙا سٽڻا پيا.

شيخ اياز، ڪنڪيڊ، ہرنن، دلي راءِ، حافظ برخوردار فقير راج محمد، سندرداس آرام، سردار گربخش سنگهہ ۽ شهباز خان وغيره پنهونءَ جي سسئيءَ هٿ ڪرڻ لاءِ ڌوبي ٿيڻ جو ذڪر ڪن ٿا، جيئن ته:

” پنهون ڌوبين کي چوي ٿو ته ڪم سنو ڪرہو،
هڪ ٽڪي جي ڪم لاءِ چار ٽڪا ڏيندو سانوَ. “
(حافظ برخوردار)

لالا جوت پرڪاش ته هن جي پاس ٿيڻ لاءِ ڪيس هڪ بدران ٽن مشڪلاتن مان لنگهندو ڏسي ٿو يعني ته پنهنجي معشوق جي سڃاڻيندڙ کي خوش ڪرڻ لاءِ هوُ ڌوبي ٿيو، درزي ٿيو ۽ رنگريز بہ ٿيو. پر هاشم شاهہ اهڙي ڪنهن بہ امتحان جو ذڪر نہ ڪيو آهي ۽ نہ اُنهيءَ جي ڪهاڻي - روپ ۾ ڪنهن اهڙيءَ ڳالهہ جي ضرورت ئي هئي ڇو تہ:

”ديدار ڪري، بنهي جا جسم، عشق جي درد سان ڀرجي پيا
جنهن کي پار سڪندي ماي، اُن کي ئي پورو قدر پوندو.“

سسئي پنهونءَ جي شادي

” نائيءَ کي سڏائي، شاديءَ جي ڳنڍ پائي،
سسئيءَ جو دان ڏيئي، هن وواهہ ڪيو؛
پگوان ڪنوار کي سهاڳڻ ڪيو،
چوڪريون هميشهہ سهاڳ جا گيت ڳائينديون آهن.“
(فضل شاهہ)

پنجاب ۾ چالو مشهور پريم ڪهاڻين مان رڳو ” سسئي “ ئي ڪرنمن جي وچم رسمي شاديءَ جو ذڪر ڪيل آهي.

محبت خان، دوکي سان ڀڄائل پنهونءَ جي ڳولا ۾ نڪتل سسئيءَ جو خاص ڪيچ پهچڻ ڏسيو آهي. اُتي پهچي، پنهونءَ کي پنهنجي اچڻ جي خبر ٻڌائڻ ڪاڻ، سندس موڪلائڻ وقت ڏنل نشانين مان هڪ (منڊي) ڏانهنس موڪلي ٿي. پر جڏهين ٻڌي ٿي ته پنهونءَ جي شادي ٿي وئي آهي ته اُتي ئي ٻيٺي دم ڏئي ٿي. پنهونءَ کي خبر ملي ٿي ته هو به مُورڇا ٿي ڪري ٿو ۽ دم ڏئي ٿو.

مسز پوسٽنس مُوجب نشي ۾ چُور ٿيل پنهونءَ کي ڪيچ پهچي جڏهن هوش آيو ته هُو ڀيرين پنڌ واپس وريو ۽ سسئيءَ کي مئل ڏسي اُتي ئي ساهه ڇڏيائين.

دسمر گرانٽ ۾ لکيل ڪهاڻيءَ مُوجب شڪار تي ويل پنهون پنهنجي ڀرينءَ زال جي منصوبي ڪري هڪ جهنگلي (ڍُوڪ) جي تير سان گهايل ٿي مري ٿو. نوڪر چاڪر اُتيئي قبر کوٽي ڪيس دفن ڪن ٿا. جڏهين سسئيءَ کي خبر پوي ٿي ته هوءَ روئندي، رڙندي، قبر تي اچي ٿي ۽ اُتي پهچي ڪري پوي ٿي ۽ هن سان لِوَلين ٿي وڃي ٿي.

مسز پوسٽنس، شيخ اَياز، ڪنڪيڊ، برٽن، منشي اِندرجيت، پروهت ڪيتسي، بلوچي قصي ۽ پنجاب کي روماني اَفساني موجب سسئي جڏهين پنهونءَ کي ڳوليندي ريدار جي دوکي ۾ ڦاٿي ته هن پنهنجي صدق جي لڄ رکڻ لاءِ ڀڳوان يا ڌرتيءَ اڳيان پرارٿنا ڪئي. هن جي ارداس قبول پيئي. زمين ۾ اوچتو خال پئجي ويو ۽ "پنهون، پنهون" ڪري پڪاريندڙ سسئيءَ کي گود ۾ وٺي پُرجي ويو. سسئيءَ جي رئي جي ٻاهر رهيل ڪنڊ، ۽ ريدار جي ڏاهيل يادگار قبر، سسئيءَ جي ڳولا ۾ ڀٽڪندڙ مست پنهونءَ کي نشانيءَ جو ڪم ڏنو. چوڻ لڳو، "اي ڀڳوان! جيئري نه ٿيو ته مُئي ني ميل ڪراءِ." هن جو عرض اگهاڻو. انهيءَ هنڌ وري

نالي هڪ سوناريءَ جو بيان ڪن ٿا جا پنهنجو ڏانهن ويندي گهاٽي بن ۾ منجهي پيئي، ۽ پنهونءَ تي عاشق ٿي ساڻس شادي ڪرڻ لاءِ ماندي ٿي پيئي.

محبت خان محبوب جي ڳولا ۾ سسئيءَ جي ڪيچ پهچڻ ۽ پنهونءَ جي ڪنهن ٻئي سان شادي ڪرڻ جو ذڪر ڪيو آهي.

پر هاشم ڪابه اهڙي ڳالهه نه ڪئي آهي ۽ نه وري پنهونءَ جي وهانءَ يا نڪاح بابت صاف سمجهاڻي ڏني اٿس. هن رڳو ٻنهي پريمين جو ميلاپ ڪرائي، سندن سڪ ۽ صدق جي ساراهه ڪئي آهي:

”هاشم چوڻو ته سسئيءَ جي آس ۽ مراد، عشق رستي پوري ٿي.“

ڪهاڻيءَ جي پڄاڙي

”قبر ڦاٽي، سسئي اُن ۾ ڏٺي وئي،
عاشقن جا گلا ۽ ٻانهون پاڻ ۾ مليون
ٻنهي جو پيار سچو هو ۽ ڀڳوان وٽ قبول پيو.“
(آڏمع)

سسئي پنهونءَ جي ڪهاڻيءَ جي پڄاڙي دکدائي آهي ۽ پريمين جي موت سان ختم ٿئي ٿي. عام ريت اُن جو سبب ”هڪ ذات جو ٻيءَ ذات سان“ پريم ڪرڻ جي بيهودگي ۽ اسقلتا ڏيکاريل آهي. برهمڻ يا اڇرا جي ڌيءَ هئڻ ڪري، سسئي ڪنهن کتريءَ يا راجپوت سان پرڻائي نٿي سگهجي. ساڳي دليل سان ڪنهن نيچ ذات جي ڌوٻيءَ يا کتريءَ جي پاليل ٻار هئڻ سبب هوءَ ڪنهن اوچ گهراڻي جي شهزادي سان پر نٿي ميچي سگهي. ڪيئن به هجي پر هن دکانت ڪهاڻيءَ ۾ ليکڪن ۽ ودوانن اندر ڇڱو متڀيد آهي.

قدرتي، زمين جو منهن ڪليو پيو،
پنهون ٻوڙي انهي خال ۾ سمائجي ويو."
(ٻاردي ڀولي)

آخر ۾ ٻين لوڪ ڪهڻن جا رايا ڏيئي، "سسئيءَ پنهونءَ جو موت بلوچن مٿان مڙهي، ڀڳوان جو راز ڀڳوان ڄاڻي" چئي هوءَ ڪهاڻي پوري ڪري ٿو.

منشي سندرداس آرام سسئيءَ جي انت سياڻپ سڏي ٿو. مست ٿيل پنهون، اوجهڙ ۾، ٽنهينءَ قبر جي باري ۾ ريڊار ڪان پڇي ٿو ۽ هو ٻڌائين ٿا ته:

"هتي هڪ سهڻي نازنين ڪري پيئي،
"پنهون پنهون" چوندي، هن جان ڏني.
ڪير هن مسافر ڪسي ڳوٺ ڪٺي وڃي؟
اسان ڀڳوان جي ڊپ ڪان،
راتو واه قبر ٺاهي ڪيس دفن ڪيو."
(آرام)

پنهنجي معشوق جو اهو احوال ٻڌي پنهونءَ ڀڳوان اڳيان ارداس ڪئي: (١)

---

(١) فتح پور ضلعي ۾ ان نموني جي پرارٿنا ۽ ان جي قبول پوڻ جي ڪهاڻي چالو آهي، مگر گهر پرامي ۽ ٻد ران پريمڻ طرفان ڪيل آهي. پنهنجي عاشق جي سمادي ۽ ٽي پهچي هن فقير کان پڇيو ته هن پنهنجي حياتي ڪيئن وڃائي، ۽ وارتا ٻڌڻ شرط پريم ۾ ڀرجي قبر ڏانهن وڌي روئي چيائين، "هي ڀڳوان! جيڪڏهن منهنجو پريم هتي ٻيل جوان لاءِ سچو آهي ته شل زمين ڪلي پوي جيئن مان به هن سان ملي وڃان." ڀڳوان هن جي پرارٿنا قبول ڪئي. زمين ڪلي وري ڳنڍجي ويئي." فوڪ ٽيلس فرام ناردرن انڊيا (راڻي ۽ سندس عاشق جو موت ۾ ميلاپ) وليم ڪروڪ صفحو ١٤٨.

خال ٿي پيو ۽ ”سسئي، سسئي“ ڪري پڪاريندڙ پنهون ۽ کي جذب ڪري پرچي ويو. (١) پنجابي ڪوي ۽ آڏت ان ٻچاڙي کي هيئن قلمبند ڪيو آهي:

”سسئي ۽ ڀڳوان اڳيان فرياد ڪيو، ته سچا سائين ٻڌ،
جيڪي به اساڻي قسمت ۾ آهي، سو اسانکي ڏي.
ديدار ٻرو خيال نه ڇڏيو .... مان ڪيترو وقت ترسيس؟
آڏت چوي ٿو ته ڌڻي ۽ کي حڪم ٿيو ۽ ان هند قانئي پيئي
سسئي ’پنهون پنهون‘ پڪاريندي اندر هلي ويئي.
ڀر پائين ڪوڙو پيار ڪيئه (پنهون ۽ کي)،
تنهنجي پاسي ۾ نشاني رهجي ويئي.
هي ڀڳوان! اسانجي پيار ۾ شروع کان ٿي اٽڪ رهي آهي.
دکن ۾ ماندو ٿيڻ کي جي ڪجهه مليو آهي ته رڳي تڪليف،
قبر قانئي پيئي ۽ ان ۾ سسئي نظر آئي؛
هن کي ڏسي (پنهون) گلي ۾ ٻانهون وڌيون،
آڏت چوي ٻنهي جو پيار سچو هو ۽ درگاهه ۾ قبول پيو.“

لوڪ ڪوي راج محمد سسئي ۽ جي زمين دوز ٿيڻ جي خبر پنهون ۽ کي ديدار جي زباني ۽ هيئن ٿو ٻڌائي:

”........ هلي ويئي زمين ۾،
مون خود هتي ڏٺي اکين سان اهو اسرار ڏٺو،
جتي سسئي ۽ جو سر پير آهي، اُتي ڏاگهي ويهي رهي
اُتي ڀڳوان روئندڙ عاشق جي پڪار ٻڌي،

---

(١) ”ڪچ“ - مسز پوسٽنس؛ ”پاڪستان کي عوامي ڪهاڻيان“؛ ٽيلس آف اولڊ سنڌ - مسٽر ڪنڪيڊ؛ تاريخ بلوچستان (راءِ بهادر هتو رام)؛ اوريئنٽل ڪاليج مگزن، ١٩٢٩ نامهٔ عشق، ليکڪ منشي اندرجيت.

(الف) ٻيدار هيءُ ڪرتڪ ڏسي ماڻهن کي ٻڌائي ٿو. ماڻهو گهڻي تعداد ۾ اچي، قبر کوٽين ٿا ۽ ڪجهه نه نڪرڻ ڪري وڌيڪ حيران ٿين ٿا.

(ب) هيءَ دکدائڪ خبر ڪيچ ۾ پنهور پهچي ٿي. ٻنهي جا مائٽ روئندا پٽيندا، قبر واري هنڌ پهچن ٿا ۽ هاهاڪار مچائين ٿا، پر قبر مان آيل هڪ غيبي آواز هنن جي دل کي شانتي بخشي ٿو ۽ هو پريمي جوڙي جي سچي عشق جا ڳڻ ڳائيندا، پنهنجي پنهنجي گهر واپس وڃن ٿا.

سيد فضل شاهه سسئي پنهونءَ جي هڪ ئي قبر ۾ سمائجڻ کانپوءِ ڪهاڻي ختم ڪرڻ بدران هڪ ٻيهوڏو بيان ڏنو آهي. هو لکن، سلطان کان ڊڄي، هٿن مان نڪري ويل پنهون کي وري واپس وٺي اچڻ جي ڪوشش ڪئي. منزلون جهاڳيندا، تربت کي وڃي پهتا، ته ٻيدار واتان سڄي حال جو پتو پين. نهايت عجب ۾ پئجي ويا ۽ هڪ ٻئي کان پڇڻ لڳا ته هاڻي ڇا ڪجي؟ آخر وطن جي ياد ستاين ۽ خودڪشي ڪرڻ بدران لاچار ٿي ڪيچ روانا ٿيا.

جڏهين ڪيچ پهچي، سارو قصو ٻڌايائون ته شهر ۾ شوڪ ڇانئجي ويو. بادشاهه ته (پنهونءَ جي موت) ٻڌڻ سان ئي دم ڏنو.

”علي خان اهو ٻڌي ڪوڪ ڪئي ۽ دل ٽٽي پيس. بلوچن جو سڄو ملڪ ماتم سان ڀرجي ويو ۽ زالون ۽ مرد غمگين ٿيا.“

سالڪ ۽ هاشم جي ڪهاڻين جون پڇاڙيون گهڻي ڀاڱي ساڳيون آهن. هنن ٻيدار کي اڪيلي نازنين ڏسي خراب دل هئڻ بدران ڊرپوڪ ظاهر ڪيو آهي. سسئيءَ جو موت مارو بيابان ۾ سڙندي، پاڻيءَ کان سڪندي ۽ پيار ۾ تڙڦندي سڀاوڪ ليکي ٿو.

" قبر کلي نه مان وڃي سسئيءَ سان ملان،
منهنجي دل جي تمنا آهي ته دلبر سان گڏجان
پنهونءَ جڏهين دل ۾ عشق پڪو ڪيو،
ته انهيءَ هنڌ قبر کلي ۽ سسئي نظر آئي،
ٻئي ڪير ڪنڊ وانگر هڪ ٻئي سان مليا،
وصل جي شوق ۾ لولين ٿيا. "

(آرام)

حافظ ابراهيم به ڪهاڻيءَ کي گهڻي قدر انهيءَ نموني ۾ ختم ڪيو آهي. جڏهين سسئيءَ 'پنهون پنهون' ڪندي جان ڏني ته ڏهين جانورن ۽ پکين مٿس ماتم ڪيو، سڄو بيابان غم سان ڇانئجي ويو.

جڏهين پنهون انهيءَ هنڌ پهتو ۽ ريڍار کان هن درگهٽنا بابت ٻڌائين ته ورلاپ ڪرڻ لڳو. هن جي پڪارن کان قبر ڦاٽي پيئي.

حافظ ٻنهي پريمين جي قبر ۾ پوڻ کان پوءِ جي حالت هيئن بيان ڪئي آهي:

" خدا ڄاڻي ته ٻئي ڄڻا جيئرا رهيا يا مري ويا،
پر ماڻهن جون ڳالهيون ٻڌي، جهان واقف ٿيو. "

لالا جوت پرڪاش پڇاڙيءَ ۾ ڏاڍو وڏاءُ ڪيو آهي. سسئيءَ جو ريڍار جي چنبي مان بچڻ لاءِ پرارٿنا ڪرڻ ۽ ڦاٽل زمين ۾ گم ٿيڻ لائين هو ڪڇي، سنڌي ۽ بلوچيءَ جي ڪهاڻي روپن جو ورنن ڪري ٿو. قبر ۾ داخل ٿيڻ بعد هن جو منڪر ۽ نڪير (فرشتا) جو سسئيءَ کان پڇا ڳاڇا وارو بيان، آڏت ۽ هاشم سان ملي ٿو. پنهونءَ کي سسئيءَ سان ملائڻ لاءِ قبر جو ڦاٽڻ ۽ هن کي وٺي وري هڪ ٿي وڃڻ جو ڪوتڪ به گهڻي قدر سيهي سان ملي ٿو. پر پريمين جي دفن ٿيڻ کان پوءِ جي واقعن ٻڌائڻ ۾ هو سيهي قصن کان اڳيرو وڌي ويو آهي، لکي ٿو ته:

ياڻي مت سنگهه اُپاڻ سمائيءَ جو ريدار کان پاڻي گهرڻ ۽ ريدار جو هن کي ڏاڻڻ سمجهي، ٻپ وچان پڇڻ جو ذڪر ڪيو آهي ۽ پر هوءَ اُن هند غش کائي ڪري پيئي. سمائيءَ کي دفن ڪرڻ لاءِ، هن ريدار ٻدران هڪ واڻهڙو سائين لوڪ کان ڪم ورتو آهي.

ياڻي مت سنگهه پريمين جي قبر داخل ٿيڻ (١) کان پوءِ، سندن ٻهشت پهچڻ، زمين ۽ آسمان کي هلائڻ ۽ اندر ديوتا لاءِ چڻتا جو سبب ڄاڻڻ سان کهاڻي پوري ڪئي آهي:

” ڪرندي پنهونءَ جو روح رمندو رهيو،
قبر ڪلي ۽ ٻت اَندر ويو،
برهما، سورج، چنڊ ۽ شيش ناڳ ڏڪڻ لڳا

---

(١) انجيل ۾ درج ڪيل 'جوناهه' جو مانگر مڇ جي پيٽ ۾ سمائڻ ۽ هندستاني لوڪ ڪٿا ۾ چالو آهي. هن جي هڪ ٻئي نموني لاءِ ڏسو صفحو ٥٥. رانجهو ۽ ٻند ڪندو جيئرو هير جي قبر ۾ داخل ٿئي ٿو ۽ سمانجهي وڃي ٿو. ليجينڊس آف د پنجاب. جلد ٢، مهاڳ، صفحو ١٦:

” چون ٿا تہ قبر ڦاٽي پيئي، رانجهو اُن ۾ ويو،
جيئن نموني حضرت يونس،
مڇيءَ جي پيٽ ۾ داخل ٿيو.“

زمين جي ڦاٽڻ بابت سنڌ جي اتهاس ۾ هڪ گهٽنا لکيل آهي: سومرن ۽ سلطان علاءُالدين جي لڙائيءَ واري زماني ۾، سومرن جون ڪجهه زالون سلطان کي هٿ چڙهيون. پنهنجو ست بچائڻ لاءِ، هنن ايشور اڳيان اَرداس ڪئي، سندن پيرن جي هيٺان زمين ۾ خال پئجي ويو ۽ زمين هنن کي گود ۾ ولي، وري سنئين ٿي پيئي (ڏسو سنڌ جو اتهاس، جلد ٢، صفحو ٤٠).

سسئيءَ جي زمين دوز ٿيڻ کان پوءِ، سندس قبر ٺاهڻ جو ڪم، کهل ۽ همدرديءَ جي ٻنهي رهدار کان ورتو ويو آهي. "سسئي، سسئي" ڪندي پنهونءَ جو اچڻ، قبر جو ڦاٽڻ ۽ ٻنهي جو هڪ ٿي وڃڻ ٿي کهاڻي ختم ٿئي ٿي.

هاشم موجب سسئيءَ جو موت هيئن ٿيو:

"هنجو مٿو ڦرڻ لڳو ۽ غشيءَ ۾ پيئي؛
موت اکين اڳيان ڦرڻ لڳس،
ڪرڻ سان ٿي دم ڏنائين،
۽ جان جسم کان موڪلائي ويس."

سسئيءَ کي لڪائڻ يا دفن ڪرڻ لاءِ ڌرتي ڪانه ڦاٽي، ٻاڻ رهدار هن کي دفن ڪيو ۽ سندس قبر ٺاهيائين:

"ڪنهن غريب ۽ يتيم وانگر بيابان ۾ سسئيءَ جي قبر ٺاهيائين. گلي ۾ ڪفني پائي، مٿو ۽ پير اگهاڙا ڪري هڪ قبر جي سرانديءَ کان ٿي وينو. پنهون آيو، قبر کلي ۽ کيس سسئيءَ سان ملائي بند ٿي ويئي."

قلمي کهاڻيءَ جي پڇاڙي، سالڪ ۽ هاشم کان ٻه وڌيڪ سياويڪ ۽ ناٽڪي محسوس ٿئي ٿي. ليکڪ بابا فيروزدين شرف، مارُوٿل ۾ هڪ زبردست طوفان لڳندو ڏسي، ٻنهي پريمين کي هڪ ٻئي کي ڳوليندو، ۽ طوفان جي گهيري اندر اچي، واريءَ هيٺان دٻجي مرڻ ڏيکاريو آهي. "ڪچ ڪلاڌر" واري پڇاڙي ٻن کي قدر اهڙي پائي آهي ٿڪل ٽٽل سسئيءَ کي، اڌامندڙ واري دٻي ٿي ڇڏي. هنجي لوٽ مٿان ڪريل پنهون ٻه واريءَ سان دٻيل ڄاڻايو ويو آهي.

پر گهڻن ئي پنجابي قصي نويسن جا بيان هاشم ۽ سالڪ وارن احوالن سان ملن ٿا. احمد يار لکي ٿو:

"پنهون قبر ٿي ڪريو.... قبر ٻه ٻن حصن ۾ ورهانجي ويئي هن جيئري ئي دوڙي اُن ۾ ٽپو ڏنو ۽ ٻئي ڀاڪر پائي مليا."

مولوي غلام رسول ٻه اهڙي پڇاڙيءَ کي بلڪل سياويڪ ليکي ٿو.

ڪرامت جو انگ

” پنهون سمائجي ويو - قبر جي مٽي ٿـي ويو،
قدرت سان ملي ويو.
عشق جا ڪامل اسرار سچا آهن،
ڪافر ٻڌجي نہ سمجهہ تہ مخول بازي آهي. “
(مولا شاهہ)

ڪيترن ٻين پريم ڪهاڻين (هير ۽ مارئي وغيره) وانگر سسئي پنهونءَ جي ڪهاڻيءَ ۾ بہ ڪرامت وارو اڻٽيٽو انگ شامل ڪيو ويو آهي. سسئيءَ جي قبر جو ڦاٽڻ ۽ پنهونءَ کي پاڻ سان ملائڻ واري ڳالهہ تہ گهڻن ئي مڃي آهي پر انهيءَ کان سواءِ، ڪيترن قسمن جون ٻيون ڪرامتون، فرشتن جا غيبي آواز وغيره بہ اُن سان شامل ڪيا ويا آهن.

ڪهاڻيءَ جو ” دسم گرنٿ “ وارو روپ تہ رشين، اپسرائن ۽ جنترن منترن سان هڪ نرالو روپ اختيار ڪري ٿو. هن ۾ آڪاس واڻي ٿيندي بہ ڏسيل آهي. وري جڏهين سسئي پنهجي پريتم مٿان جان واري ٿي تہ هنڪي ووان ۾ چاڙهي ديو لوڪ ۾ پهچايل ڏيکاريو ويو آهي. اُتي بہ هنجي پرين ۽ ديوتائن کان گهڻي عزت ۽ سنمان ظاهر ڪئي ويئي آهـي:

” ديون ۽ اپسرائن ووان ڪـي مٿي چاڙهيو،
جئہ جئہ ڪار ٿي ۽ اندر ديوتا ڪي خوشي ٿي.
(چـرتـر)

منٿين چـرتـر کـان سواءِ سڀ کان وڌيڪ اُسياويڪ انگ ” دستـور عشق “ ۾ ملـي ٿو. آرينا ونڻ لاءِ وهـل پنهون، جڏهين آرينا پڄي نٿو سگهي تہ فرشتو سهائتا ٿـو ڪريس. سسئيءَ جي پريم جي لڄ رکڻ لاءِ ڌرتي ڦاٽي ٿي ۽ هنڪي

اُهو ڏسي اِندر کي ڏاڍي چِنتا ٿي،
عاشقن جي وچ ۾ ويهي حڪم هلائڻ لڳو!
عاشقن کي وئڪنٺ جي پالڪي ملي.“

ساڌو سدارام به پنهنجي قصي جو پوڳ ڪجهه اهڙي نموني سان ٻڌائي ٿو:

”ٻلهار وڃان پنهونءَ تان: هن اُت تان ٽپو ڏنو،
قبر کُلي پيئي ۽ زمين ڀار سنڀاليو،
سدارام چوي ته سندن سچو پريم ڏسي،
اِندر راجا جو تخت لڏڻ لڳو.“

سدارام به هاشم وغيره وانگر ريدار جو سسئيءَ کي ڏسي حيران ٿيڻ کان پوءِ قبر تي مجاور ٿي وهڻ جو ذڪر ڪيو آهي ۽ سسئيءَ جي رُوح کي پنهونءَ ڏانهن ويندو ڄاڻايو آهي.

”پنجابي پوري“ ۾ کهاڻيءَ جي پڇاڙيءَ هڪ نرالو روپ اختيار ڪيو آهي. ريدار، جو ڪنهن مددگار جي ڳولا ۾ هو، تنهن سسئيءَ کي ڳوليندڙ، لڪڙو لڪڙو ڏاچيءَ تي سوار ٿيل پنهونءَ کي ڏسي، هٿ ۾ لٺ کڻي، اڳتي وڃڻ کان روڪيو ۽ قسم وڌائين ته هڪ زال ”پنهون، پنهون“ پڪاريندي مري ويئي آهي - خدا جا بندا اَچ ته هنکي دفن ڪريون. اهو ٻڌي، پنهونءَ جو هوش گم ٿي ويو. هو لاش ڏانهن ويو ۽ هنکي ڪرڻ ۽ ليلائڻ لڳو پر ڪو هجي ته ورندي ڏئي! آخر، ”سامهون وينل پنهون، هن مورت کي ڏسندي، متانڪس ڪري پيو ۽ ڪن پل ۾ اُن جو جسم به سسئيءَ وانگر ٿري ويو. ريدار سسئيءَ جو لوٽ نيڪال ڪرڻ لاءِ اَڪيلو هو ۽ ڪنهن ساٿيءَ کي پٺي ڳوليائين ۽ هيئنر ته ٻه لوٿون ٻڏجي پيئون. خبر نه آهي ته ڪيئن سنڀاليون!“ (١)

---

(١) صفحا ١٠١، ١٠٤ ۽ ١٠٥.

سسئيءَ جو اُن ۾ داخل ٿيڻ، ۽ حساب وٺڻ لاءِ فرشتن جي اچڻ جو به ذڪر آهي:

(۱) منڪر ۽ نڪير سسئيءَ کان قبر ۾ پڇڻ آيا:
سچ ٻڌاءِ تہ تو دنيا ۾ ڪهڙا ڪم ڪيا؟
(هاشم)

(۲) سسئيءَ کان حساب وٺڻ لاءِ آسمان مان فرشتا آيا ۽
سسئيءَ کي ٻانهن کان پڪڙيائون، جيئن ڪو سنڌ کي
اُٺاري. (آڏت)

پر آڏت اِتي بس نہ ڪئي آهي. چوي ٿو تہ سسئيءَ جو حساب وٺي. سوالن جا جواب ٻڌي، فرشتا پڳوان وٽ پهتا ۽

"فرشتن چيو تہ سسئي هيئن چوي ٿي:
آڏت چوي ٿو تہ سسئي اَسان کي پيئي چوي
تہ منهنجي پنهونءَ کي وٺي اچو."

پڳوان جو جواب بہ لکيل آهي:

"ست ڪرتار چيو تہ منهنجا عاشق جڳ کان ڏاڍا آهن.
مان اُپائيندڙ ۽ قدرت جو مالڪ آهيان.
پر هو منهنجي وَس ۾ نہ آهن."

چنبون چپائبوُن

"آنس جي مس ناهي، سسئيءَ منشيءَ کان خط لکارايو."
(غلام رسوُل)

"سسئي پنهون" جي ڪهاڻيءَ ۾ ڪيترن ليکڪن چنبون بہ شامل ڪيون آهن. برٽن صاحب سسئيءَ جي چنبين لکڻ لاءِ هڪ منشي آخوند لال (۱) جو ذڪر ڪيو آهي. (۲)

---

(۱) ڏيرا ذات جي علائقي ۾ پڙهيل ماڻهوءَ کي "آخوند" چوندا آهن. ڏسو - "اي پيئر آف د پنجاب فرنٽيئرس اِن ۱۸۴۸-۱۸۴۹ - ميجر. ايچ. بي ايڊورڊس - لنڊن، ۱۹۵۱، جلد پهريون، صفحو ۵۸.

(۲) "سنڌ" - صفحو ۹۵.

سمائي وري سڌي ٿي وڃي ٿي . پنهونءَ کي سسئيءَ سان ملائڻ لاءِ اهڙو اسرار واقع ٿئي ٿو. هڪ غيبي آواز سسئيءَ کي نرڪ ڏيڻ کان بچائي ٿو. هڪ غيبي شڪتي سسئي پنهونءَ جي قبر لــي رودن مچائــڻ وارن ٻنهي جي دوستن ۽ مائٽــن کي شانتي ڏيندي ڏسڻ ويئي آهي .

زمين يا پهاڙ جي ڦاٽڻ، ۽ سسئيءَ جي رنڀي جي رڳــيءَ کنڊ کي ٻاهر رکي پنهنجيءَ گود ۾ سمائڻ واري اسرار جــو ذڪر شيخ اياز، ڪنڪيڊ ۽ مسز پوسٽنس ڪيو آهي .

بلوچي قصن ۾ رڳو اچانڪ غائب ٿيڻ جــو ذڪر ٿيل آهي.

مثل سسئيءَ جي روح جو ڪيچم وڃڻ، يا پهتل پنهونءَ کي سڪ ۾ موت جي خبر ڏيڻ وارو ڪڙڪ ۾ ڪيترن ئي ليکڪن ڏنو آهي .

مولوي غلام رسول مرجب سسئيءَ جي موت جي نماز، فرشتن پڙهي.

منشي سندرداس آرام، فقير راج محمد، ۽ سيد هاشم شاه جي لکيتن ۾ سسئيءَ جي قبر ڦاٽڻ ۽ پنهونءَ کي اندر سمائڻ جي واقعي جو ذڪر آهي ؛ جيئن ته :

” پنهونءَ جي دل صدق ۽ عشق ۾ پڪي ٿي ،
قبر ان جاءِ تي کلي ، سسئيءَ کي پاڻ ۾ سمايو.“

(آرام)

” اهو ٻڌي هوت زمين تــي ڪري پيو-
ڪيس دل جي چوٽ لڳي ،
قبر کلي پيئي ۽ هو اندر هليو ويو،
۽ وڃــي معشوق سان مليو .“

(هاشم)

هاشم، لک شاه ۽ آڏت جي لکيتن ۾ زمين جو ڦاٽڻ ۽

البت جڏهين ڪونيندا تہ ڏهين ڳڏجڻ ايندس.
لوهانجي سسئي.“ (١)

پنڊت سالگرام سسئي ۽ پنهونءَ جي ماءُ جي وچ، سسئي ۽ پنهون جي ڀاڄاين جي وچ ۽ سسئي پنهون جي ڀين مائٽن جي وچ پنهونءَ جو خيال لاهي ڇڏڻ بابت چنبن جو بيان ڪيو آهي.

منشي اندرجيت پنهونءَ جو ڀنڀور ڇڏڻ وقت سسئيءَ کي چٺي لکڻ جو ذڪر ڪيو آهي.

لالا جوت پرڪاش سسئيءَ جي پنهونءَ ڏانهن (ڀنڀور کان ڪيچ) موڪليل فرياد ڀري چٺيءَ جو ذڪر ڪيو آهي.

ڪنڪيد ڀيڀيو واپاريءَ هٿان پنهون شهزادي کي (ڀنڀور ۽ ڪيچ) موڪليل ٻن چٺين جو ذڪر ڪيو آهي.

بلوچي قصي ۾ پنهونءَ جي پيءُ طرفان پنهونءَ کي (ڪيچ کان ڀنڀور) لکيل خطن جو احوال آهي.

ڪوي هاشم شاهه ڪنهن بہ اهڙي رسمي لکپڙهه جو ذڪر نہ ڪيو آهي.

وهم، ڀرم ۽ وشواس

”نتو مهنا تيار ٿئي، رات وچي آئي،
سسئيءَ جنم ڌاريو، حيا جي پتلي جائي.
(مت سنگهه)

گهڻين ٻين پريم ڪهاڻين (هير، سهڻي) وانگر سسئي پنهونءَ جي رومانس سان بہ ڪيترا وهم ڀرم ۽ وشواس سنبنڌ رکن ٿا. گهڻو ڪري سمورن ڪهاڻي روپن ۾ ڪجهه عام ڳالهيون شامل آهن، جهڙوڪ

١- دان پنج ڪرڻ، پير فقير پوڄڻ ۽ منت نيزاري

(١) ”پريت لڙي“- جون ١٩٥٦- صفحو ١٤.

شهباز خان، محمد حسين، حافظ برخوردار، غلام رسول ۽ فضل شاهه پڻ (آدم جام) ۽ ڏيءُ (سسئي) جي وچ ۾ موڪليل چٺين جو ذڪر ڪيو آهي؛ جھڙوڪ سسئي پڻ کي لکي ٿي:

تنهنجي بهبوديءَ لاءِ دعا پيئي پڙهان
تنهنجي خوشيءَ جي سڪا ڪئي اٿم
پيءُ راڄا هجي ۽ ڏيءُ کي لوڙهي ڇڏي!
مونکي تہ فقيرن وانگر، نڪر ڪنا ڪري، پاليو ويو
آهي.

(فضل شاهه)

پيءُ سسئيءَ کي هيءُ جواب لکيو:
اي نينگر! نجومين مونکي ڀلايو - ڀڳوان شاهد آهي.
(حافظ برخوردار)

سردار گربخش سنگھ پنهنجي آدرشڪ نقطہ نظر کي سندر لباس پهرائي هڪ اهڙي چٺي هيئن لکي آهي:

"منهنجا راڄائي ماءُ پيءُ،

سڄي رات مان لڙهندي ترندي رهيس، سڄي رات منهنجي راڻيءَ ماءُ جو تعويذ منهنجي هٿ ۾ هو، هن جي پرئين ڳهر منهنجي ڪن ۾، ۽ هن جا آنسو منهنجين اکين اڳيان ترندا رهيا؛ پر اهي ڪن گهڙين لاءِ هئا. ٻئي طرف منهنجي اڙهڻ وڙهڻ لاءِ، خدمت ۽ قربانين منهنجي چوطرف گهيرو ڪيو. جڏهن نينگر کي ماڻهن ڪلنڪ سمجهي لوڙهيو، انکي ڏاڍ چند مثال سمجهي پنهنجو ڪري پاليو، مان سندن ڳهر رهي ڪين سنڀال جو اجورو ڏيئي نہ سگهندس. ڪلهہ توهان مونکان معافي گهري، اڄ مان توهان کان ٿي گهران.

دائرو، پرياءَ ۽ ڦهلاءُ

هيءَ ڪوين جي روپ واري سسئيءَ پنهونءَ جي مشهور ڪهاڻي، جا اصل ۾ سنڌ ۽ ڏاکڻي بلوچستان جي آهي، قيمتي آهي ۽ ثابت ٿي ڪري ته لوڪ ڪهاڻي هڪ ساهتڪ ڪهاڻي ٿيڻ کان پوءِ ماڻهن وٽ واپس اچي ٿي. (١)

(سر رچرڊ ٽيمپل)

”هير“ ۽ ”سهڻي“ وانگر، ”سسئي“ جو رومانس پڻ پنهنجي جنم ڀُوميءَ ۽ ماتر ٻوليءَ جون حدون ٽپي، پروارن پرانتن ۽ اُنهن جي ٻولين ۾ داخل ٿي گهڻي عرصي کان بدل بدايل، ڳايل، ڳارايل رهيو آهي. پانت پانت جي علائقن جي ڪوين ۽ ليکڪن ان کي پنهنجي ٻوليءَ ۾ نئون روپ ڏيئي لوڪن جي دلين ۾ سچو پريم پريو آهي، ۽ اُهڙي ڳُوڙهي مڪاني رنگ ۾ رڱي ڇڏيو آهي جو هر هڪ سنبند رکڻ واري علائقي جو رهاڪو اُن کي پنهنجي پاسي جي پيو سمجهي. جيڪڏهين سنڌ وارا ان کي سنڌيءَ جي رومانس ۾ اوُچي جڳهه ڏين ٿا. (٢) ته پنجابي ڪيس پنجابي پريت. ڪهاڻين

---

(١) د لجينڊس آف د پنجاب - جلد ٣، صفحو ٢٤.
مطلب (مختصر طور) ته سسئي پنهونءَ جي مشهور ڪهاڻي، جا اصل ۾ سنڌ ۽ دکن بلوچستان جي آهي، ميراسي روپ واري لوڪ ڪهاڻيءَ مان ساهتڪ ڪهاڻي ٿيڻ کان پوءِ موٽي ماڻهن جي دلين ۾ ۽ وسعت سبب خاص اهميت ٿي رکي.

(٢) ڏسو ”سنڌي اَدب“ - ليکڪ پير حسام الدين راشدي؛ پاڪستان ڪي عوامي ڪهانيان؛ ٽيلس آف اولڊ سنڌ، وغيره.

ڪرڻ سان پکوان راضي ٿيندو آهي ۽ ٻار جي بخشش ڪندو آهي:

"حافظ چويٿو ته خدا جي مهر ٿئي ته ڪلو مان ڦل ٿئي
قدرتي سڪل وڻ، پکوان وري ساوا ڪري ٿو."
(حافظ برخوردار)

٢- هر ڪنهنجو نصيب ڄمڻ سان ئي پکوان وٽان ٿـهي ٿو، ۽ پيدا ٿيڻ کان پهريائين ئي پوء، جوتش جي وسيلي، ان جي خبر پئجي سگهي ٿي:

"تنهنجي گهر هڪ ڇوڪري ڄمندي،
جا تنهنجو سر وڃائيندي يا تنهنجو نقصان ڪندي."
(راج محمد)

"آدم، هڪ نجومي گهرائي ان کـان ڪتاب ڪولارايو،
هن ڇوڪريء جي خبر ڏيو ته ڪهڙيء ويلا جائي آهي؟"
(نور الدين)

٣- پکوان پئج رکي ٿو ۽ ڌرتي پنهنجن جاوَلن جي لڄ رکڻ لاء انهن کي مشڪلات کان بچائيندي آهي:

"زمين قائي پنهونء کي جاء ڏني ۽ هوُ اندر هليو ويو،
ٻـار پـاڻـيہ گـڏيـا ۽ عشق رنگ ڏيکاريو."
(اڪبر شاهہ)

"پنهونء اندر جو عشق پڪو رکيو،
ان هنڌ قبر کلي، ۽ سسئيء کي لڪائين."
(سندرداس)

سسئيء بابت ساهتيہ

(پرياق، ڦهلاق، ڪڇيء، سنڌيء، بلوچيء، پنجابـيء، راجستانـيء، فارسيء، هنديء، اردوء ۽ انگريـزيء ۾، ۽ لوڪ زباني، فلمي پردي ۽ ريڊيو تي.)

صوفي يا ڌارمڪ سمجهاڻيءَ جا نمونا آهن ۽ ڪين تمثيل ڪري ليکڻ جڳائي. (١)

اهڙيءَ طرح سدارام جهڙن سنت ڪوين ان جي تاڃي پيٽي ۾ ڀڳتي ڀاو ڀري ڇڏيو آهي. هو پنهنجي قصي ۾ هڪ هنڌ لکي ٿو:

" اهڙو آنند نه راڄ ۾ آهي ۽ نه ڪنهن راجا يا سماج ۾،
نه پالڪيءَ جي سواريءَ ۾، ۽ نه پَٽ جا ڪپڙا پائڻ ۾
جهڙو سدارام چوي آهي يار جي ملڻ ۾؛
اهو آنند آهي هريءَ جي گڻ ڳائڻ ۾."
(سدارام)

نورالدين جهڙن مولوين ان تي اسلامي رنگ چاڙهي هوت کي محمد صاحب ۽ ڪيچ کي مديني شريف بيان ڪيو آهي.

برٽن صاحب ٻڌائي ٿو ته سنڌ جا هندو سسئيءَ کي "رُل متي" (ماروٿل ۾ پنڌ ڪندڙ) چئي ياد ڪندا آهن، ۽ ان ريت ڪيس سهڻيءَ کان علحدو ڪن ٿا جا سنڌ ۾ "ٻڏي

---

(١) برٽن صاحب جو حوالو هن ريت آهي:

سنڌي ائين سمجهندو ته پنهون انسان جي اندر هڪ قسم جي امر چڻنگ آهي جا ڪنهن پرجوش سبب متاثر ٿي، حقيقي روشنيءَ سان ملڻ لاءِ ٻري ٿي. اهڙيءَ طرح بلوچ هڪ قسم جو ٻانرو آهي جو انتيءَ جي راهه تان امرتا ڏانهن هلندي دنيا ۽ سندس لاڳاپن، خوشين ۽ غمن کي ترڪ ڪري ٿو. شاستريه شاگرد کي بوئيٿيوس وارو "فيلسوف ديوتا" جو پاڻ ياد هوندو جنهن ۾ آرفيئس ۽ يوريڊائيس جي کهاڻي، ڪنهن رمز سان، ساڳيو اخلاقي سبق ڏيئي ٿي. ("سنڌ" - صفحو ٣٩٠).

۾ شمار ڪن ٿا. (١) لاڳو علائقن ۾ مشهور هئڻ ڪري، هيءَ ڪهاڻي لوڪ گيتن ۽ لوڪ-ناچن ۾ به ڳڏجي ويئي آهي.

رُوماني ڪوين ته ان جي اوٽ ورتي آهي پر صوفي ۽ ڌارمڪ ڪوي به روحاني رمزون يا دل جو مطلب سمجهائڻ لاءِ ان کي هر هنڌ مثال طور پيا پيش ڪن. سنڌيءَ ۾ شاهه عبداللطيف ۽ پنجابيءَ ۾ خواجه غلام فريد اُن کي ڏُوڙهو صُوفي رنگ ڏنو آهي:

ڪُوڙيون پُڇن ڪيچ، هوت نه پُڇن هنن،
جن پنهوءَ سين پيچ، تن پيرين پنڌ وسارئو.
(شاهه)

"يار بلوچ، ڪيچ جو مالڪ،
منهنجو حال بيحال (بدڻ کان ٻاهر) ڪيو،
جبل ڳوليندي، مونکي يار رلايو،
آسانجا ڪن ۽ دل پيا يار لاءِ ٿڙڪن."
(غلام فريد)

دسم گرونت ان کي مٿاسڪ روپ ۾ پيش ڪيو آهي: ۽ سيد مير حسين مٿس پڪو روحاني رنگ چاڙهي ڇڏيو آهي:

"هڪ ڏينهن ڪپل منيءَ هڪ هنڌ ڏيرو ڪيو،
هڪ اَپسرا جي قابوءَ ۾ آيو،
اِها ڪهاڻي اوهين ڏيان ڏيئي ٻڌو.
(چرتر)

"عشق حقيقي جي ساري منزل طريقت وارو رستو آهي، ان ۾ لاشڪ سک جو خزانو پيل آهي اهو حاصل ڪريو."
(باغ محبت)

برٽن صاحب، سنڌي ڪوين جي لکيل سسئيءَ بابت ليکن مان کي سامهون رکندي چوي ٿو ته هي سڀ شعر

(١) ڏسو "پنجابي پوري"؛ "پنجابي دهقان پريت ڪهاڻيان" "پنجابي دي رُوماني اَفساني" ۽ "پنجاب دي لوڪ گيت."

ڇو ته خود قلمي دنيا کي پاڻ ڏانهن ڇڪڻ ۾ به هيءَ ڏرڏيري ڪهاڻي پٺتي نه پيئي آهي ۽ هيستائين به دفعا قلم طور ڏيکاري ويئي آهي.

انهي ڪري جدا جدا علائقن، لوڪن ۽ انهن جي ٻولين ۾ گهڻي وقت کان لڪيل، پڙهيل ۽ بدل هڻ ڪهاڻيءَ جي روپ ۾ تفاوت ۽ ملاوت داخل ٿيڻ هڪ سياوڪ ڳالهه آهي، پر ان هوندي به ڪهاڻيءَ جي اَصل روپ ريکا گهڻي قدر هڪجهڙي ٿي رهي آهي، ۽ سيني جو بنياد ڪڇ ۽ سنڌ ۾ ٿيل گهڻا معلوم ٿئي ٿي. سنڌ ۽ پنجاب ته جاگرافيءَ ۽ پنگتي پهلوءَ کان به پراڻي زماني کان وٺي هڪ ٻئي سان لاڳاپو رکندڙ آهن انهيءَ ڪري هيءَ ڪهاڻي پرانتڪ حدون ٽپي، پاڙيسري پرانتن ۾ لنگهي ويئي. البت انهيءَ زماني ۾ اَڄ وچ ۽ لکپڙهه جا نمونا اَڄوڪي زماني جهڙا سڌريل ۽ وگيانڪ نه هئا ان سبب ڪهاڻيءَ جي نالن ۽ استانن ۾ هڪجهڙائي نه رهي آهي ۽ نه وري رهي سگهي ها. استانڪ اَثرن ۽ لوڪ - اُچارن سبب، منجهس ڪافي فرق پئجي ويو آهي. جنهن ڪهاڻيءَ تي ڪيترن علائقن جا ليکڪ گهڻي وقت کان پنهنجي قلم آزمائي ڪري ڪيس پنهنجي پنهنجي رنگ ڍنگ ۾ پيش ڪري رهيا هجن، جنهن کي مختلف قسمن جا ماڻهو پنهنجي پنهنجي نقطي ۽ ڀاوَ سان پڙهي، ٻڌي، لطف وٺندا هجن، ۽ جا ڪهاڻي لکين ڪروڙن جي رڳ رڳ ۾ سمايل هجي، اُن جي روپ ۾ اَهڙو فرق پوڻ ڪا اڻ ٿيڻي ڳالهه نه آهي. (١)

---

(١) سچ اَلائي ڇا آهي، پر مونکي صاف ڏسڻ ۾ اَچي ٿو ته سنڌي ڪوين ۽ بلوچي شاعرن ساڳئي مضمون تي ڪم ڪيو آهي. سنڌي ۽ بلوچي هنڌن جي نالن جو مونجهارو شڪ نه آهي ته مڪاني اَثرن ۽ عام اُچارن ڪري آهي. ڊاڪٽر سورلي - شاهه عبداللطيف آف ڀٽ - صفحو ٢٤٨.

مئي" (درياهہ ۾ لڙهي ويئي) جي نالي سان مشهور آهي.
اِهو هڪ نمونو ني هن ڪهاڻيءَ جي ماڻهن جي دلين ۾ گهر ڪرڻ جي هڪ وڏي ثابتي آهي. منهنجي خيال موجب جهڙي عزت ۽ درجو جدا جدا علائقن ۾ چڱن ماڻهن هن ڪهاڻيءَ کي ڏنو آهي، اهڙو ٻيءَ ڪنهن پريت - ڪهاڻيءَ کي ورلي حاصل ٿي سگهيو هوندو.

سسئيءَ جي ڪهاڻيءَ جي عزت ۽ شهرت، انهو دائرو ڪافي ڪشادو ڪري ڇڏيو آهي. ڪهاڻي سڄي اُتر الهندي هندستان ۽ پاڪستان ۾ پکڙيل آهي. برٽن موجب ته مڪران ۽ افغانستان، جيسلمير ۽ اُيرندي ايران وارو وچون علائقو به اُن جي اَثر هيٺ آهي، ۽ فارسيءَ جانڪي ۽ بلوچي ٻولين ۾ پڻ موجود آهي. مسٽر ڪرو موجب فتح علي خان اُن کي جاميءَ جي "يوسف و زليخا" جي نموني لي فارسيءَ ۾ ڪوتا جي روپ ۾ لکڻ جو حڪم ڏنو هو، جيئن ٻين ملڪن ۾ پکڙڻ سان، سنڌ جي جنگي ڀل وانگر ان جي ساهتڪ مشهوريءَ جو به ڏاڪو پئجي وڃي. سنڌ بلوچستان ۾ هن ڪهاڻيءَ کان اُني جي مڪاني ذاتين ۽ ڪٽنبن ۾ ڪو ورلو اَڻڄاڻ هوندو. منزلون ڪٽيندڙ اوٺي، ريون چاريندڙ ريدار ۽ کيتي ڪندڙ ڪسان سيئي سسئي- پنهونءَ جا روماني واقعا ڳائي وقت گذاريندا آهن. (١) ڪڇ، سنڌ، بلوچستان ۽ پنجاب ته ائين ڪري سمجهجي جڻ پريمي جوڙي جو ٻيڪو ساهڙو گهر يا ناناڻا ڏاڏاڻا آهن. اِنهن پرانتن جي مڪاني ٻولين ۾ چالو قصن کان سواءِ، اتي جي ماترين ۽ ميدانن ۾ ٻاهران وسيل ماڻهن جي ٻولين (فارسي ۽ انگريزي وغيرهہ) ۾ پڻ هيءَ ڪهاڻي لکي پڙهي ۽ ٻڌي ٻڌائي وڃي ٿي. ٻيو ته

(١) "سنڌ" - برٽن- صفحو ٥٦-٥٧.

جو ٻايو وڏائين جنهن جا راجا اڄ به ”ڄام“ ڪوٺائين ٿا. (۱)
مٿين بيان موجب، ڪڇ ڪاٺياوار تي ڄامن جو راڄ هو.
اُتي ڏيڍن ڪي ڄمندي مارڻ جو رواج عام پئي رهيو آهي.
اُت به ڄام آهن، ۽ اُتر اوڀر وارو علائقو به وارياسو ۽ پٽ وارو
آهي. (۲) اِن ڪري سسئيءَ جو هٿي جي ڪنهن ڄام جي
ڌيءُ هجڻ ۽ سنڌس دڪانس جو واقعو گهٽي قدر سچو ٿي
سگهجي ٿو.

ڪڇ ۾ چالو سسئي پنهونءَ جي ڪهاڻي هن کان پوءِ ڏني
ويندي. اِها ڪهاڻي مسز پوسٽنس، شري دلي راءِ ۽ سر
ايليٽ جي ڪتابن تان ورتل آهي. ڪجهي روپ ڪي ڪهاڻيءَ
جو نجو روپ ونبو ته سنڌس روپ ڪيا بين علائقن ۽ ٻولين
۾ چالو ڪهاڻي روپن جو بنياد ٿا پيڙهه نظر ايندي.

مسز پوسٽنس جي ڪهاڻي

ٻرهمڻ آباد شهر جي هڪ شاهوڪار گهر ۾ هڪ ڇوڪري
سڪي ڄائي. ماءُ پيءُ ڏاڍا خوش ٿيا، پر جوتشين
اڳڪٿي ڪئي ته هيءَ نينگر وڏي ٿي ڪنهن مسلمان سان
شادي ڪندي. اُهڙي بدناميءَ کان بچڻ لاءِ، هن ڪيس
هڪ نوڪري ۾ بند ڪري درياهه ۾ لوڙهي ڇڏيو. نوڪرو
لڙهندو لڙهندو، اچي ٻرهمپور پهتو ۽ هڪ ڌوٻيءَ جي
نوڪر ڪڍي آڻي پنهنجي مالڪ اڳيان رکيو. ڌوٻيءَ ڪي

---

(۱) امپيريل گزيٽيئر آف انڊيا - ڪڇ - صفحو ۱۶۱.
(۲) ڪڇ جو سڀ کان برک جاگرافيائي نشان آهي رڻ
(Rann) يا لوڻ وارو بيابان، جو علائقي جي اُتر اڀرندي
طرف وڌي ٿو. پالو جانورن مان، اُت سيني کان وڌيڪ
مشهور آهي (ڏسو مٿيون حوالو، صفحو ۴۱).

ڪڇيءَ ۾ سسئيءَ نسبت ساهڃاڻيون

جيئن اڳ ۾ ٻڌايو ويو آهي، ڊاڪٽر سورلي جو خيال آهي ته سسئي پنهونءَ جي کهاڻي ڀُهريائين ڪڇ کان آيل معلوم ٿئي ٿي. ڪڇ ۾ چالو کهاڻي روپ ۽ استانڪ سلسلو ڪي قدر ان ڳالهه جي ساک ڀري ٿو. (۱) سسئيءَ جو پنهونءَ سان ذاتف کان ٻاهر سنبنڌ، جو ٻنهي جي دکن جو بنياد آهي، ڪڇي روپ ۾ صاف قبول ڪيو ويو آهي. سسئيءَ جي لوڙهڻ لاءِ صندوق ٻدران هڪ ٻوڪري ڪم آيل ڏيکاري وئي آهي ۽ اها هٿ ڪرڻ جو شرف ڌوٻيءَ کي نه، پر سنڌس ملازم کي حاصل ٿيو آهي. لڙهندڙ سسئيءَ کي هٿ ڪرڻ واري استان جو نالو ٻه ڄاڻايل آهي. ڪيچ جو استان ڪڇ کي ڏنو ويو آهي ۽ ڀڄايل پنهونءَ کي ڪڇ ۾ پهچي وري سسئيءَ جي ڳولا ۾ نڪرڻ جو احوال ٻه لکيل آهي. مسز پوسٽنس جي بيان موجب هڪ چشمو ۽ ان جي ڪناري تي لڳل ميندي جو ٻوٽو، سسئيءَ جي ياد ۾ ڪڇ اندر اڃا تائين موجود آهن.

امپيريل گزيٽيئر جي سمپادڪ، هنٽر صاحب موجب، ڪڇ جو راجا جاريجي راجپوتن مان هو. اهي راجپوت سمن جي خاندان مان هئا ۽ جام لکا جي اڳواڻيءَ هيٺ پنجين صديءَ ۾ سنڌ کان ڪڇ ۾ اچي وسيا. اهي جام ۱۵۴۰ع تائين ٽن حصن ۾ ڪڇ تي راڄ ڪندا رهيا، تان جو کنگهار کين ماري ڀڄائي، سڄو راڄ پنهنجي هٿ ڪيو.... کنگهار جو چاچو جام راول ڪاٺياوار ڀڄي ويو ۽ اُتي نوا نگر جي ڪنهن خاندان

---

(۱) ڏسو ”کهاڻيءَ جو بنياد“ - صفحو ۷ - سورلي جا خيال ۽ مسز پوسٽنس جا دليل.

ڀينديءَ جو هڪ ٻوٽو لڳايائين. (١)

سسئي وري پنڌ پيئي. ڀاڙن ائي سفر ڪرڻ ڪري ٿڪاوٽ ۽ گرميءَ کيس هلاڪ ڪيو. اِن کان سواءِ هُنکي اَڪيلي ۽ سهڻي ڏسي هڪ ريڍار ڦاسائڻ جو خيال ڪيو. سسئيءَ کيس آزي نيزاري ڪئي ۽ اثر نہ ٿيندو ڏسي چيائينس تہ پهريائين پيئڻ لاءِ ڪجهہ آڻي ڏي. هو کير کڻڻ ويو تہ آپدا کان ڇٽڻ لاءِ سسئيءَ ايشور کي آراڌنا ڪئي. سندس پرارٿنا قبول پيئي ۽ جڏهن ڀاڙيءَ تي بيني هئي، اُن ۾ خال ٿي پيو. سسئي اُن ۾ پيهي ويئي ۽ خال جو منهن وري ملي ويو. فقط سندس رئي جو پلاند ٻاهر رهجي ويو. ريڍار واپس اچي، هيءُ اسرار ڏسي، ڏاڍو ششدر ٿيو ۽ پنهنجي ڏک جي ياد قائم ڪرڻ لاءِ ڪجهہ پٿر ڪٺا ڪري اُتي ئي پنهنجو آستان ٺاهي ويهي رهيو.

هوڏانهن معشوق کان وڇڙيل پنهون پنهنجي ماءُ پيءُ لاءِ آزار ثابت ٿيو، ۽ سندس پيءُ هار مڃي، ساڳين ڀائرن جي سنڀال هيٺ کيس سسئيءَ ڏانهن موڪليو. ڀاڙيءَ تي پهچي ريڍار کان وارتا ٻڌي سڀيئي ڏاڍا حيران ۽ پريشان ٿيا. پنهونءَ سسئيءَ جي الوپ ٿيڻ واريءَ جڳهہ تي اَرداس ڪئي تہ هي ڀڳوان! جيئري ميلاپ نہ ڪرائين تہ مرڻ کان پوءِ تہ ڪراءِ. هنجي پرارٿنا قبول پيئي. وري بہ ڀاڙيءَ ۾ خال ٿيو ۽ پنهونءَ

---

(١) اِهو چشمو اَجا سين اُتي قائم آهي ۽ ڪڏهين بہ سڪو نہ آهي. گهڻي گرميءَ جي موسم ۾ جڏهين ٻيا سڀ ڪوهہ، تلاءَ ۽ چشما سڪي ويندا آهن، تڏهين پڻ اِهو چشمو ڀريل هوندو آهي.... ٻوٽو بہ اَڄ ڏينهن تائين ڏسي سگهجي ٿو.

پيار ڪندو هئو. اِن ڪري هن ڪيس پنهنجي ڌيءُ وانگر پالڻ شروع ڪيو. ڪجهه وقت کان پوءِ، هيءَ ڇوڪري، جنهن کي "سسئي" ڪري ڪوٺيندا هئا، پنهنجي سونهن لاءِ اهڙي ته مشهور ٿي ويئي جو جڏهين به ٻاهر نڪرندي هئي ته شهر جا ماڻهو سندس پٺيان پيا ڦرندا هئا.

هڪ دفعي واپارين جو هڪ قافلو ڀنڀور آيو. هنن نازنين جي سونهن ۽ نزاڪت ڏسي، ڪيچ پهچي، اُتي جي گورنر جي پٽ پنهونءَ سان ان جو ذڪر ڪيو. بيان ٻڌڻ سان، پنهون مٿس موهت ٿي پيو ۽ ڪيس ڏسڻ لاءِ واپاريءَ جو ويس ڌاري ٻئي قافلي سان ڀنڀور پهتو. ارادي ۾ ڪاميابي پائڻ لاءِ هو ڌوٻيءَ وٽ نوڪر ٿي بيٺو، ۽ ڪجهه عرصي بعد سسئيءَ کي پنهنجي پيار کان واقف ڪري سندس منظوريءَ سان اُتي ئي رهي پيو. پوءِ ڌوٻيءَ جو راضپو هٿ ڪيائين ۽ ٻنهي جي شادي ٿي.

جڏهين اِها خبر پنهونءَ جي پيءُ کي پيئي ته هو تمام ڏکي ٿيو ۽ پنهونءَ کي واپس آڻڻ لاءِ پنهنجن ٻن پٽن کي چاڙهي موڪليائين. هنن ڀنڀور پهچي ڌوٻيءَ جي گهر ڀرسان منزل ڪئي ۽ هڪ رات وجهه وٺي، پنهونءَ کي هڪ ڪَڙِي اُٺ تي سوار ڪري ڪيچ روانا ٿيا.

پنهنجي مڙس جي وڇوڙي جو ٻڌي، سسئي منجهي پيئي ۽ سندس پٺيان وڃڻ جو فيصلو ڪري، ڪيچ ڏانهن منهن ڪيائين. اٽڪل چاليهه ڪوهه پنڌ ڪرڻ کان پوءِ، اُڃ ۽ ٿڪاوٽ ڪيس بيحال ڪري ڇڏيو ۽ بيهوش ٿي زمين تي ڪري پيئي. ڪرڻ سان هن جو پير هڪ پٿر کي لڳو جتان صاف پاڻيءَ جو چشمو اُبرڪو کائي نڪتو. سسئيءَ پاڻي پي سامت ۾ آئي ۽ مالڪ جي مهرباني مڃڻ خاطر اُن چشمي جي ڪناري تي

ٽپو ڏيئي اها ڪڍي. ڪولياڻون ته ان ۾ هڪ سهڻي ڇوڪري ڏٺائون. ڏسي ڏاڍا خوش ٿيا ۽ ڪيس پنهنجي شهر ڀنڀور (جو اڄ ڪلهه جي جهمپير ۽ جنگشاهيءَ وچ ۾ دلوراءِ جي راڄ ۾ شامل هو) کڻي آيا. شهر جو راجا هن ڌوٻيءَ تي گهڻو خوش هئو.

ڇوڪريءَ جي سونهن ڌيان ۾ رکي، هن جو نالو ”سسئي“ رکيو ويو. سسئي جيئن وڏي ٿي تيئن سندس سونهن ۽ سياڻپ به وڌي، ۽ راجا ڪيس درياهه رستي ايندڙ مال جي محصول اڳاڙڻ جي اختياري ڏني. سسئي اهو ڪم تمام سٺي نموني ڪندي رهي.

هڪ ڏينهن ڪيچ جو قافلو درياهه تي پهتو ۽ رسم موجب پنهون ۽ بالبل محصول ڏيڻ لاءِ سسئيءَ اڳيان حاضر ٿيا. سسئي ۽ پنهون هڪ ٻئي کي ڏسي، موهت ٿي پيا. قافلو اناج خريد ڪري ڪيچ وڃڻ لاءِ تيار ٿيو، پر پنهونءَ واپس وڃڻ کان نابري واري. آخر بالبل کي پنهون جي سنڀال ۽ مدد لاءِ ڇڏي، قافلي موٽ کاڌي.

بالبل، پنهون جي سسئيءَ پٺيان پوڻ تي، پڻس کان هن لاءِ سڱ گهريو جنهن وراڻيو ته مان ڌوٻي آهيان ۽ پنهنجي ڌيءَ ڪنهن ڌوٻيءَ سان ئي پرڻائيندس. بالبل نراس ٿي، پنهونءَ کي اتين ئي ڇڏي، ڪيچ روانو ٿيو. هيڏانهن پنهونءَ سسئي هٿ ڪرڻ لاءِ ڌوٻي ٿيڻ قبول ڪيو، ۽ سسئيءَ جي پيءُ راضي ٿي ٻنهي جي شادي ڪرائي، ۽ ٻئي خوش گذارڻ لڳا.

هوڏانهن جڏهين ڪيچ مڪران جي راجا کي سڌ پيئي ته پٽس هڪ ڌوٻڻ سان شادي ڪري ويٺو آهي ته ڏاڍو غصي ٿيو. پيءُ جي ڪاوڙ ۽ مايوسي ڏسي، پنهونءَ جي ڀائرن پنهونءَ کي ڌوٻڻ جي ڇنبي مان ڇڏائڻ جو فيصلو ڪيو.

کي اندر سمائي ٻند ٿي ويو. (١)

شري ڏلي راءِ جي ڪهاڻي

شري دلي راءِ ڪاراڻي ڪڇ ڪاٺياواڙ جو هڪ مشهور لوڪ ساهتيه ڪٺو ڪندڙ آهي. هن، پنهنجي پرانت جون گهڻيئي لوڪ ڪهاڻيون ۽ رومانس هٿ ڪري، 'ڪڇ ڪلاڌر' جي نالي سان ٻه جلد ڇپايا آهن. انهن ۾ سسئي پنهون به آهي، جنهن جو سار هيٺئن آهي:

پنهون ۽ جي پيئور وڃڻ جو سبب ڪڇ مڪران ۾ ڏڪار هو. راجا دلوراءِ سسئيءَ کي محصول اُڳاڙڻ لاءِ خود مقرر ڪيو هو. ٻنهي پريمين جو موت زمين ڦاٽڻ ۽ کين سمائڻ بدران بياباڻ جي ريتيءَ ۾ دفن ٿيڻ سان ٿيو، جو وڌيڪ سياويڪ ۽ مڃڻ جوڳو آهي. ليکڪ سسئيءَ جي پريم جي مستيءَ جون جهلڪيون ڏيکارڻ لاءِ شاهه عبداللطيف جي "رسالي" جو آڌار ورتو آهي.

ڪڇ - مڪران يعني هاڻوڪي بلوچستان ۾ هڪ دفعي ڏاڍو ڀيانڪ ڏڪار پيو، رعيت بيحال ٿي پيئي. راجا "آري جام" پنهنجي وزير "بالبل" ۽ ڇهن پٽن کي وڏو قافلو ڏيئي اَناج وٺڻ لاءِ سنڌ موڪليو. پٽن مان سڀ کان ننڍي جو نالو "پنهون" هو.

هڪ ڏينهن صبح جو سوير، هڪ ڌوٻي ۽ ڌوٻڻ، جنکي اولاد نه هو، سنڌو درياهه جي ڪپ تي ڪپڙا ڌوئي رهيا هئا ته هڪ صندوق لڙهندي ايندي نظر آين. ڌوٻيءَ

---

(١) پوري ڪهاڻيءَ لاءِ ڏسو "ڪڇ يا رئنبم اسڪيچز" جي مسز پوسٽنس اَلهندي هندستان جي اتري پرانت ۾ رهڻ وقت لکيا (لنڊن - صفحو ١٩٩).

ڳوٺ جي هڪ رهاڪوءَ قاضيءَ مرتضيٰ سورٺيءَ، محمد شاهه بادشاهه جي زماني ۾، هڪ عجيب ڇند آلنڪار واريءَ ڪوتا ۾ هڪ ڪهاڻي (سسئي پنهونءَ جو رومانس) لکي.

شري جئرامداس دولترام، اڳوڻي آسام جي گورنر ٻڌايو ڪتياڻا سوراشٽر اندر هڪ ڳوٺ آهي ۽ سورٺيءَ جي ڪوتا سوفي صدي ڪڇيءَ ۾ هوندي. هن محمد شاهه بادشاهه جو زمانو ١٣٢٣ع کان ١٣٥٢ع تائين ڏسيو آهي.

اها ڪوتا اصل روپ ۾ ملي نه سگهي. انگريزيءَ واري ترجمي جو خلاصو انواد هن ريت آهي، جنهن ۾ سسئي پنهون جي ڪهاڻيءَ بدران دڪانت کان پوءِ هڪ دل ڇڪيندڙ گهٽنا لکيل آهي:

اسماعيل نالي ملتان جو هڪ فقير هن عجيب پريمي جوڙي جو درشن ڪرڻ آيو ۽ اُتي ڪولي، مقبري جي نزديڪ ويهي، سندن درشن جي اُبلاڪا ۾ ٽي ڏينهن اُپواس رکيائين. ٽن ڏينهن کان پوءِ، هڪ ٻڍي زال پرگهٽ ٿي جنهن هنکي کاڌو ڏنو. پر فقير سسئي پنهونءَ جي ديدار ڪرڻ کانسواءِ ڪجهه به کائڻ پيئڻ کان انڪار ڪيو. آخر ٻڍيءَ کيس ٻڌايو ته مان ئي سسئي آهيان، ۽ چيائينس ته ”توکي پنهونءَ جي درشن جي آس رکڻ نه کپي ڇو ته اسانکي هن دنيا تي اعتبار ڪونهي.“ فقير وراڻي ڏني، ”اهو مان ڪيئن مڃان- سسئي ته نهايت جوان ۽ سهڻي هئي، پر تون ته تمام ٻڍي آهين!“ اهو ٻڌنديئي ٻڍيءَ پنهنجو روپ بدلايو ۽ پنهنجي انوکي سونهن ۽ جوانيءَ جي ثابتي ڏيئي، کيس روٽي کائڻ لاءِ وينتي ڪئي.

فقير چيو ته ”مان توهان ٻنهي کي ڏسڻ کان سواءِ ڪجهه به کائڻ کان، مرڻ بهتر ٿو سمجهان.“

هن جي پرڻ ۽ ايمان جي پختائي ڏسي، سسئي قبر ۾

پوءِ ٻيئي ڀائر ڀنڀور آيا ۽ سسئي پنهونءَ جا مزمان ٿجي، وٽن اچي رهيا.

هڪ رات هنن پنهونءَ کي خوب شراب پياري، مدهوش ڪري، اُٺ تي چاڙهي، ڪيچ ڏانهن رخ رکيو. جڏهن سسئي جاڳي ۽ ڏٺائين ته پنهون غائب آهي ته بلڪل وياڪل ۽ چري ٿي پيئي. پنهونءَ بنا جيئڻ هن لاءِ موت سمان هو. اِن ڪري ننگي پيرين پنهونءَ جي تلاش ۾ نڪري پيئي. جيڪي هنگي هتائي رهيون هيون اُنهن کي چوڻ لڳي:

"اي پينر، هن ڀنڀور ۾ منهنجو آهي ٿي ڪير،
ڪلهي ٿي قاتل رئو ۽ وار ڪليل،
هن ڏوهڻ کي ڪيچ مڪران جو مالڪ لٽي ويجي ويو."

غريب نينگر بيابان، جهنگل ۽ پهاڙ ۾ گهٽوٽي رلي پر پنهونءَ جي خبر نه پيس؛ آخر ٿڪجي ٽٽجي ڪري پيئي ۽ اُهڙي ڪري جو وري نه اُٿي. اڏامندڙ واريءَ سنڌس مرڻينگ جسم کي گود ۾ لپيٽي ڇڏيو- فقط سنڌس رئي جي هڪ ڪنڊ نشانيءَ طور ٻاهر رهجي ويئي.

هوڏانهن جڏهين پنهونءَ کي هوش آيو ته بيحال ٿي ويو ۽ ڀائرن جي ڀاڪر کان ڇڏائي ڀنڀور روانو ٿيو. واٽ تي، رڻ‌تيءَ هيٺان دٻيل سسئيءَ جي رئي جي نوڪ نظر آيس. گهٻرائجي، ٻنوالي کاٽي ڪري پيو. جلد ئي طوفان آيو جنهن کيس واريءَ سان ڍڪي ڇڏيو.

سنڌ کان ڪيچ مڪران ويندي اُڄ به سسئيءَ ۽ پنهونءَ جون قبرون ڏسڻ ۾ اچن ٿيون، ۽ ايندڙ ويندڙ انهن اڳيان سر جهڪائي پوءِ ئي اڳتي وڌندا آهن.

قاضي مرتضيٰ سورٺيءَ جي ڪهاڻي

"تاريخ طاهري" جي انگريزي ترجمي ۾ آيل آهي ته ڪتياڻا

ٿو. شاهه ھڪڙي پنھنجي ھنر سان فقيري رنگ ۾ رڱي منجھس
ايڏي تہ سڪ ۽ ميناج پريو آھي، جو ھوءَ ھرھڪ سنڌيءَ
جي دل اندر گھڙي ويٺي آھي. ھن دک انت ڪھاڻيءَ
جون ٽڪون ماڻھن کي ياد آھن؛ مثلاً اُن پڌيان ڀوڙندڙ
سسئيءَ کي جو رستو شاهه ٻڌايو آھي، اُھو ڪمال جو آھي:

"ھلُ ھٿين سين ھوت ڏي، پيرين پند وسار؛
قاصداڻي ڪار، ڪين رساڻي ڪيچ کي."

پنھونءَ کي ڏسندڙن کان پوءِ جو ٻروڪ ٻڌي جيڪا
سڪ سسئيءَ کي لڳي آھي، اُھا ماءُ سان گفتگوءَ ۾ ھن
ريت بيان ڪئي اٿس:

"مون سي ڏنا ماءُ! جنين ڏٺو پرينءَ کي،
ڪري نہ سگھان ڪاءِ، اُنھن سندي ڳالھڙي."

شاهه کان پوءِ، سسئيءَ جي ڪھاڻي تفصيل سان ڪوتا
۾ پيش ڪرڻ جو فخر نبي بخش لغاريءَ کي حاصل ٿيو. ھن
قسم جي شاندار روماني رچنا سنڌي ساھتيہ ۾ ورلي لڀندي.
اُن جو نالو "قصو سسئي پنھونءَ جو" آھي. لکڻ جي تاريخ
١٢٥٤ ھجري (يعني ١٨٣٨-١٨٣٩ع) ھئڻ اُمود اٿس. اِھو
قصو نول ڪشور پريس، لاھور ۾، ڇپيو (ڪل صفحا
١٢٧، سٽون ٢١٩٥). شري جيرامداس دولترام جي لئبرريءَ
۾ ھڪ سنڌي قصو ڏٺم. جنھنجو نالو "سسئي پنھون"
آھي. اھو سنڌي ورنيڪيولر لٽريچر ڪاميٽيءَ، سنہ ١٨٧٠ع
۾ ديسي اسڪولن لاءِ ڇپايو. مون ڇوٿون ڇاپو ڏٺو جو ١٨٨٢
جو ڇپيل ھئو. اھو بہ ڪوتا ۾ وڏن ڇائيتاليھن پنن تي ڇپيل
آھي. ليکڪ جو نالو آخوند عبدالرحيم ڏنل آھي. مسٽر
چارلس ريوُ سيد علي نٿي نواسيءَ جي سنڌي نثر ۾

لنگهي ويئي ۽ اُتان ئي پنهونءَ جي سر ۽ ڏڙ جو ڪيس درشن ڪرايائين. پاڻ پنهونءَ کي پنهنجين ٻانهن ۾ قابو ڪيائين جيئن ڪو هنڪي وري ڀڄائي نه وڃي.

مطلب ته گهڻن ئي صوفي بزرگن ڪين ڏنو آهي. سندن آستان وٽان لنگهندڙ، اُت سي سوار ئي لنگهڻ ٺيڪ نه سمجهندا آهن. چون ٿا ته هنن جي قبر ئي ويهي، ڪو سڄي رات جاڳرتو ڪري، ته ڪيس هڪ غيبي هٿ جي وسيلي ڪاٺ پيئڻ جون شيون ملنديون. جيتوڻيڪ اُن هنڌ رڳو واري ئي واري لڳي پيئي آهي. (١)

سنڌي ٻوليءَ ۾ سسئيءَ بابت ساهتيہ

سسئيءَ جي پريم-ڪهاڻي، ڪڇ جي پاڙيسرڙي پرانت سنڌ ۾ پراڻي زماني کان ٻڌي ٻڌائي ۽ لکيل چيل آهي. هيءَ ڪهاڻي يا ته سنڌ جي پيدائش آهي يا سنڌين هن کي گهرائيءَ سان گڏ اهڙو ته آستانڪ رنگ ڏنو آهي جو سنڌي پيئي لڳي. "تحفة الڪرام" جو مصنف لکي ٿو ته "هنن ٻن جي پيار ڪهاڻي اڄا تائين حسيني ڳوٺ اندر سنڌي ٻيٽن ۾ ڳائيندا آهن ۽ اِئين ماڻهو هڪ وسيلو ڳوليندا آهن جنهن سان دنيوي پريم کان روحاني پيار ڏانهن وڃن. درحقيقت ٻڌندڙن ۽ بيان ڪندڙن تي هن ڪهاڻيءَ جو عجيب اثر ٿو ٿئي. (٢)

سنڌيءَ ۾ هن ڪهاڻيءَ جو سڀ کان وڌيڪ لوڪ پسند بيان شاهہ عبداللطيف (١٦٨٩-١٧٥٢) جي "رسالي" ۾ ملي

---

(١) اُصل ڪهاڻيءَ جي ترجمي لاءِ ڏسو "هسٽري آف انڊيا آئز ٽولڊ باءِ اِٽس هسٽوريئنس" - سر ايليٽ - جلد اول، لنڊن، ١٦٧٨، صفحو ٣٣٥.

(٢) (ترجمو ڪيل سر ايليٽ) جلد اول، صفحو ٣٣٥.

آرڙي ڄام پنهنجي پٽ جي هيءَ هلت ڏٺي ڏاڍو غصي ٿيو. هن قافلي جي نيتا کي پنهنجن ٻن پٽن سميت روانو ڪيو ته پنهنجو وڃي ڀڄوڻ کي ساڻ وٺي اچن. هو ياءُ جي سڪ جي ڀاڻي سان پنهنجو ڀڄنا ۽ هڪ رات لڪي ڀڄوڻ کي ڀڄائي کيچ واپس هليا.

سسئي جاڳي، ۽ پنهنجي پرينءَ کي نه ڏسي روئڻ رڙڻ لڳي ۽ انهيءَ حالت ۾ پيرين، اڳهاڙي اُن جا پيرا ڳوليندي ويندي واريا سا پٽ ۽ پهاڙي علائقا لتاڙيندي. هن سخت مشڪلاتون سٺيون ۽ آخر هُن جي ڳولا ۾ دم ڏنائين.

مير علي شيرخان جي لکيت

مير علي شيرخان اَرڙهين صديءَ جو هڪ نامور سنڌي تاريخ نويس هو. هن ١٧٦٧ع ۾ سنڌ جي تاريخ فارسيءَ ۾ لکڻ شروع ڪئي ۽ سنه ١٧٧٤ع ۾ ٽن جلدن ۾ پوري ڪيائين.

هن ڪهاڻيءَ جو هيءُ روپ، ليکڪ جي زماني ۾ چالو ڪهاڻيءَ جو نسخو آهي. منجهس آيل ڪجھ نالا، آستان ۽ گهٽنائون باقي ڪهاڻي روپن کان علحديون آهن؛ مثلا سسئيءَ جي ماءُ جو نالو (مُندار) رڳو هن روپ ۾ لکيل آهي. هوءَ برهمڻ جي ڌيءَ، ڀنڀور واهه ۾ جاول ۽ ناهيتا ڌوٻيءَ جي بالڪا ٻنائي ويئي آهي. هن جي يادگارن (ٻاٽيءَ جو تلاءُ، مينديءَ جي ٻوٽي ۽ قبر) جي هجڻ جو ذڪر، مسٽر پوسٽنس واري بدل ڪهاڻيءَ جي پنيرائي ڪري ٿو. ڪهاڻي ٿوري ۾ هن ريت آهي:

دلوراءِ جي زماني ۾ ڀنڀور واهه اندر نتيتا نالي هڪ برهمڻ رهندو هو. کيس هڪ ڇوڪري ٿي جا سونهن ۾ پورنماسي جي چنڊ وانگر چمڪندڙ هئي. ڪنهن چيو ته وڏي ٿي، هڪ مسلمان سان شادي ڪندي. خاندان جي بيعزتيءَ جي

لکيل ڪهاڻيءَ جو ذڪر ڪيو آهي.

جيتوڻيڪ سسئيءَ جي قصي تئي صديون گذري ويون آهن ته به سنڌين جي دلين تي اجا تازو آهي، البت نهايت دلچسپ هجڻ سبب ڪهاڻي روپ ۾ گهڻو فوق پئجي ويو آهي. چالو روايت، هن ڪهاڻيءَ کي ڪجهه ٻيءَ طرح پيش ڪري ٿي. ساهتڪ روپ ڪجهه قربل آهي، جيتوڻيڪ مکيه گهٽنائون ساڳيون آهن. هيٺ مون ٻنهي روپن ۾ چار نمونا ڏنا آهن. ساهتڪ روپ جي ڪهاڻيءَ جو آڌار شاهه عبداللطيف ۽ شيخ اياز جون لکيتون آهن، ۽ بدل ڪهاڻين جو بنياد مير علي شير ۽ ڪنڪيد جون لکيتون آهن.

شاهه عبداللطيف جي لکيت

شاهه جي رچنا جو گهڻو حصو سسئيءَ جي اُنهيءَ حالت جو روحاني بيان آهي جو پنهونءَ جي اَچانڪ وڇوڙي پڄاڻا جو ڪيس نصيب ٿيو. هن ڪهاڻي روپ ۾، سسئي ڀنڀور جي راجا جي ڌيءُ هجڻ بدران هڪ برهمڻ جي ڌيءُ آهي. ڌوٻيءَ بدران، سنڌس سنڀاليندڙ ڀنڀور جو راجا آهي ۽ هوءَ هن جي راج گديءَ جي حقدار آهي. پنهونءَ جي اَچڻ جو سبب ڪيچ ۾ پيل ڏڪار بنايو ويو آهي.

ڪيچ ۾ ڏڪار پوڻ ڪارڻ اُتي جي ماڻهن ڀنڀور مان اَناج آڻڻ لاءِ هڪ سفارت موڪلي. قافلي جي سردار، ڪيچ جي راجا آري جام جي پٽ پنهونءَ کي ڀنڀور ۾ آڻي سسئيءَ کان اَناج جي اگهه ۾ رعايت ڪرائي جو ته پنهون پنهنجي سونهن سبب تمام مشهور هو ۽ سسئي ساڻس گڏجڻ لاءِ آتي هئي. پنهونءَ ۽ سسئيءَ جي گڏجاڻي ٿي ۽ هو هڪ ٻئي تي موهت ٿي پيا، ايتري قدر جو جڏهين قافلو واپس ورڻ لڳو ته پنهونءَ موٽڻ کان ناڪري واري.

ڳولا ۾ نڪري پيئي. ويچاريءَ پيرين پنڌ بيابان، پهاڙيون
۽ مارئيون لتاڙيون. اٽڪل ڇاليهه ڪوهن جو مفاصلو جهاڳي
ٿڪجي ٿڪجي ڪري پيئي. اڄ پريشان ڪيس. پيرن جي
ڪريءَ سان زمين رڳڙي رهي هئي، ته مالڪ جي مهر سان
هيٺان پاڻيءَ جو هڪ چشمو ڦاٽي نڪتو. پاڻي پي سسئي
سامت ۾ آئي. ماڻهو چون ٿا ته اهو چشمو اڄ تائين موجود
آهي. ڪيترا سال لڳاتار مينهن نه پوڻ جي باوجود به
اهو چشمو ڪڏهين سڪو ناهي. ڪن جو چوڻ آهي ته سسئي
شاديءَ رات هيءُ سچو سپنو ڏٺو هئو: مينديءَ جي هڪ
شاخ، جا هنکي شاديءَ وقت ڏني ويئي هئي ۽ جيڪا اُن
وقت جي رسم موجب هٿ ۾ جهلي سمهي پيئي هئي ۽ جاڳڻ
وقت پنهور ۾ پاڻ سان کڻي نڪتي هئي، اُها هن پهاڙيءَ
تي پوکي. قادر جي قدرت سان اِها شاخ هڪ وڻ ٿي
پيئي ۽ اڄ تائين هن ڦٽيل دل جي ياد قائم ڪري رهي آهي.

هوءَ وري هلڻ لڳي. ڇهه ست ڪوهه وڌڻ کان پوءِ اُج
وري به ڪيس ستايو. پريان هڪ ريڍار هنکي ڏسي ورتو.
ويجهو آيو ته مٿس موهت ٿي پيو ۽ هنکي پڃائي وڃڻ جو
پهه پچايائين. سسئي سندس نيت سمجهي ويئي ۽ ٽارڻ لاءِ
ڇيائينس ته وني هلڻ کان اڳ ۾ ڪجهه پيئڻ لاءِ آڻي ڏي.
ريڍار هن کاڻ کير آڻڻ لاءِ پنهنجي ڌڻ ڏانهن وڌيو ته
هيڏانهن پنهنجي پريتم جي ڳولا ۾ شڪست کاڌل ۽ نراس
ٿيل سسئيءَ مشڪلات مان نڪرڻ جي ٻي ڪا وات نه ڏسي
مالڪ کي مدد لاءِ پڪاريو. جهٽ پٽ پهاڙيءَ ڦاٽ کاڌو ۽
کيس گود ۾ سمايو. نشانيءَ طور سسئيءَ جي لباس جي هڪ
ڪنڊ ٻاهر رهجي ويئي. جڏهين ريڍار کير کڻي موٽيو ۽
هيءَ اسرار ڏٺائين ته ڏاڍو پڇتايائين ۽ رواج موجب، اُتي
پٿرن جي مقبري جهڙي هڪ جاءِ ٺاهي ڇڏيائين.

ٻپ کان، ماءُ ۽ پيءُ کيس صندوق ۾ بند ڪري درياهه ۾ لوڙهي ڇڏيو.

درياهه جون لهرون صندوق کي ڀنڀور نالي شهر ڏانهن گهلي ويون. اُتي ناهيئا نالي هڪ ڌوٻي رهندو هو جنهن جي هٿ هيٺ ٥٠٠ ڌوٻي ڪم ڪندا هئا. کيس ٻار نه هئو انڪري، تمام دکي هو. هن جي هڪ نوڪر- ڌوٻيءَ جي نظر صندوق تي پيئي ۽ جهٽ ٻاهر ڪڍي، مالڪ جي حوالي ڪيائين. ناهيئا ڇوڪري ڏسي ڏاڍو خوش ٿيو ۽ کيس ڌيءُ وانگر پالڻ لڳو. سندس نالو "سسئي" رکيائين. جوان ٿي ته سندس سونهن جي هاڪ هنڌين ماڳين ڦهلجي وئي.

اُنهن ڏينهن ۾ ڪيچ ۽ مڪران جا قافلا هن پاسي ايندا هئا ۽ اُنهن جي ذريعي، هن "هند جي ٽڪر" جي هاڪ ڪيچ جي حاڪم جي پٽ پنهونءَ جي ڪن تائين وڃي پهتي. هو ڏسڻ کان سواءِ ئي مٿس موهت ٿي پيو، ۽ پوءِ هڪ واپاريءَ جي لباس ۾ ڀنڀور پهچي سندس درشن ڪيائين. اِن بعد کيس هٿ ڪرڻ جي خيال کان هن جي پيءُ جي ڌوٻي برادريءَ ۾ شامل ٿي، پنهونءَ ڌوٻين وارو لباس اختيار ڪيو. ڏينهون پوءِ ٻنهي جو پريم وڌندو ويو ۽ هڪ ٻئي جي ويجهو رهڻ لڳا.

هڪ سونارڻ پنهونءَ جي پيار هٿ ڪرڻ لاءِ منجهن نفاق آڻڻ جي ڪوشش ڪئي، پر سسئي پنهنجي پيار تي قائم رهي. آخر سندن شادي ٿي.

پنهونءَ جي پيءُ کي اِها ڳالهه نه وڻي. ان ڪري هن پنهنجن پٽن کي پنهون واپس وٺي اچڻ لاءِ موڪليو. هو ڀنڀور پهتا ۽ هڪ رات ستل پنهونءَ کي اُٺ تي چاڙهي ڪيچ ڏانهن رخ رکيائون. جاڳڻ کان پوءِ سسئيءَ کي جڏهين هن دوکي جو پتو لڳو ته روئندي رڙندي اڪيلي سر سندس

سياڻي جوتشيءَ هنکي چيو ته تنهنجي ڀاڳ ۾ هڪ ڇوڪري لکيل آهي جا وڏي ٿي، ڪنهن مسلمان سان شادي ڪندي. اِهو ٻڌي هو ٻاڻ وڌيڪ ملوُل ٿيو. هن پنهنجي نصيب ڦيرڻ جي گهڻيائي ڪوشش ڪئي، پر پٽ جي آس رکندي هن کي ڌيءَ ٿي ڄائي.

نانون جوتشيءَ جي اڳڪٿي سچي نڪرندڙ سمجهي، هن ڌيءَ کي مارڻ جو فيصلو ڪيو ۽ کيس مال متاع سميت صندوق ۾ بند ڪري سنڌو نديءَ ۾ لوڙهي ڇڏيائين. لهرون هنکي ڀنڀور (۱) شهر کان وٺي وڃي رهيون هيون ته درياهه جي ڪپ تي ڪپڙا ڌوئيندي، محمد نالي هڪ ڌوٻيءَ، جنهنکي اولاد ڪونه هو، هن صندوق کي ٻاهر ڪڍيو. محمد هڪ سندر ٻالڪ ۽ ڌن مال ڏسي ڏاڍو خوش ٿيو ۽ گهر کڻي آيو. جوڙس هنکي پنهنجي ڌيءُ سمجهي سندس پالنا ڪرڻ لڳي. نينگر جي چنڊ جهڙي سونهن کي ڏسي، مٿس "سسئي" نالو رکيو ويو. حاصل ڪيل ڌن مال مان ڌوٻيءَ هڪ شاندار ٻن ماڙين وارو مڪان جوڙايو، هڪ سهڻو باغ لڳايو، ۽ سسئيءَ لاءِ ڪئين ساهيڙيون ۽ گوليون (ٻانهيون) حاضر ڪيائين.

ان زماني ۾ "آري ڄام" نالي هڪ مشهور بلوچ جوڌو، ڪيچ ۽ ڪوهستان تي راڄ ڪري رهيو هو. هنکي پنج پٽ هئا: چنون، پنهون، هوتُو، نڪرُو ۽ نينتُو. پنهون سونهن ۾ سڀني کان سرس ۽ ٻلوان هو. سسئيءَ جي سونهن جي هاڪ هن دور ديش ۾ به پهچي ويئي هئي، ۽ پنهون هن جي

(۱) ڪنڪيڊ سسئيءَ جي پيءُ جي شهر جو ذڪر نه ڪيو آهي. هن ڀنڀور کي محمد ڌوٻيءَ سان لاڳاپو رکندڙ ڏيکاري، انکي راڄا جي راڄڌاني کان گهڻو گهٽ ليکيو آهي.

ٻئي پاسي زنجيرن ۾ جڪڙيل پنهون پنهنجي پيءُ وٽ پيش ٿيو تہ هن جي مايوسيءَ جي حد نہ رهي. ڪجهہ وقت گذرڻ کانپوءِ هن جي حالت ۾ ڦيرو ايندو نہ ڏسي، پيءُ کي سندس ڀيڻ جو خيال ٿيو، سو پٽن سميت ڀنڀور وڃڻ جي موڪل ڏنائينس. پريان واٽ تي هڪ نئين قبر ڏسي، پنهون حيرانيءَ سبب روڪجي پيو ۽ ان بابت پڇا ڪرڻ لاءِ هيڏانهن هوڏانهن ڊوڙڻ لڳو. انتري ۾ ريدار بہ اچي پهتو ۽ ساري حقيقت بيان ڪيائين. پنهون پاڙن کي ٽرسائي مقبري جي زيارت ڪرڻ ويو. اتي پهچي ڪري پيو ۽ داور اڳيان دعا ڀيائين جون ٿا تہ پهاڙي ڦاٽي پيئي ۽ پنهونءَ کي سسئيءَ سان ملائي وري هڪ ٿي ويئي.

ڪنڪيٻ جي لکيت

ڪنڪيٻ جي ڪهاڻيءَ جو آڌار ويهين صديءَ جي پهرئين چوٿين حصي ۾ چالو ڪهاڻيءَ تي آهي جا هن سنڌ جي ماڻهن کان ٻڌي، لکي. ان موجب سسئيءَ جو دڪانت راجا دلوراءِ جي زماني ۾ ٿيو. سسئيءَ کي آباز واري آنڌي ٻدران "نائون" برهمڻ جي ڌيءُ ڄاڻايو ويو آهي. ڪهاڻيءَ کي وڌيڪ دلچسپ بڻائڻ لاءِ، ڪيچ پنهونءَ جي اچڻ کان اڳ 'ڀيڀيو' نالي واپاريءَ تي موهت ٿيل بڻايو ويو آهي. ٻئي طرف 'سانجها' نالي هڪ سونارڻ جو پنهونءَ تي موهت ٿيڻ بہ ٻڌايو ويو آهي. هيٺ ڏنل ڪهاڻي، ڪنڪيٻ جي ڪتاب (١) تان ورتل ڪهاڻيءَ جو اختصار آهي:

سنڌ ۾، دلوراءِ جي زماني ۾، نائونءَ نالي هڪ برهمڻ ورتر، پار نہ ٿيڻ سبب تمام دکي هو. هڪ پيري هڪ

---

(١) "ٽيلس آف اولڊ سنڌ" - لنڊن ١٩٢٢.

ٿيو ۽ پنھونءَ کي چنونءَ سان گڏ ڀنڀور روانو ڪيائين.

پنھون جو قافلو رات گذارڻ لاءِ ”ڪھير ٻيلي“ (١) ۾ ترسيو، صبح ٿيو ته سڄو ڳوٺ ڪين ڏسڻ آيو. ”سانجھا“ نالي ھڪ سونارڻ ڇوڪري پنھونءَ کي ڏسڻ شرط مٿس عاشق ٿي پيئي ۽ مال ڏيکارڻ جي بھاني سان ھڪ ٻيءَ ذريعي کيس پاڻ وٽ اچڻ جي دعوت ڏنائين. پنھون ويو ۽ ھيرن جواھرن جي بدلي ۾ به پنھنجو مال وڪڻڻ لاءِ تيار نه ٿيو. چيائين ته ھيءُ سڀ مال ڀنڀور لاءِ آھي. البته رات سندس گھر رھڻ قبول ڪيائين ۽ صبح ٿيندي ئي کيس روئندو، رڙندو ۽ نيزاريون ڪندو ڇڏي، قافلي سميت روانو ٿيو.

ڀنڀور پھچي، شھر جي ٻاھران ڏيرو لڳائي، ھن پاڻ سان آندل مال جو نماءُ ڪيو. عطر جي خوشبوءِ چوطرف ڦھلجي وئي. سسئي سمجھي وئي، ۽ ساھيڙين سان گڏ عطر خريد ڪرڻ آئي. ٻنھي ھڪ ٻئي تي موھت ٿي پيا. سسئيءَ پنھنجي ساھيڙيءَ ”سڪي“ جي ذريعي پنھنجي ماءُ کي پنھنجيءَ دل جي پيڙا کان واقف ڪيو. ماءُ پيءُ پنھونءَ جي ذات پات بابت احوال پڇڻ چاھيو. اُن وقت قدرت سان ٻيو به اچي لنگھيو. سڪيءَ کيس پنھونءَ جو منشي چاڪائي احوال پڇيو. واپاريءَ چيو ته پنھونءَ مونکي ھڪ دفعي ٻڌايو ھو ته ھو پھريائين ڌوٻي ھوندو ھو، پر گھر وارن سان وڙھي ديس مان نڪرڻ کان پوءِ واپار ڪرڻ لڳو. پنھونءَ کي سڏائي، سندس پيشي آزمائڻ لاءِ کيس ڪپڙن ڌوئي ڏيکارڻ لاءِ چيو ويو. وات تي چنون گڏيس جنھن چيس ته ھڪ

---

(١) اھو شھر ڪاھير بيلا بن معتضد (وفات ٩٣٣ع) نالي ھڪ خليفي جي نالي پٺيان آباد ٿيل سمجھجي ٿو (ڏسو ھسٽري آف سنڌ، جلد ٢، صفحو ٥).

ديدار لاءِ مشتاق هو. هڪ ڏينهن ”ٻيبو“ نالي هڪ واپاري ڪنهن ڪم سان ڪوهستان آيو، ۽ جڏهين ڀنڀور وڃڻ لڳو ته پنهونءَ چيس، ”اُتي سسئيءَ کي ضرور گڏججانءِ ۽ مون کي هڪ ڳجهي نياپي رستي ٻڌائج ته سچ پچ اُهڙي سهڻي آهي جهڙي ماڻهو چون ٿا.“

ٻيبو ڀنڀور پهتو، ۽ ٻن ٽن ڏينهن کان پوءِ سسئيءَ جي گهر وٽان لنگهيو. سسئي هنکي ماڙيءَ تان ڏسي سندس سندرتا تي موهت ٿي پيئي. پوءِ پنهنجي ساهيڙيءَ ”سڪي“ کي موڪلي، هنکي مٿي ڪوٺايائين. واپاري ٻه هن جي سونهن جو تاب جهلي نه سگهيو، پر پنهونءَ جو خيال ڌاري چوڻ لڳو ته ”مان ته هڪ رواجي واپاري آهيان، تون ته پنهونءَ جهڙي شهزادي جي لائق آهين. ڌڻي ڪري ته توهان جو جوڙو ٺهي.“ ان بعد واپاريءَ پنهون جي سونهن ۽ ملڪ جي تعريف ڪئي. ٻڌڻ شرط سسئي پنهونءَ ڏانهن مائل ٿي ۽ هن سان ميلاپ ڪرڻ لاءِ واپاريءَ کي نيزاريون ڪرڻ لڳي. گهر پهچي واپاريءَ کيس ڏانهن ٻه چٺيون لکيون. پهريون چٺي پنهونءَ ڏانهن موڪليائين جنهن ۾ ڄاڻايائين ته ”سسئي سچ پچ چنڊ جهڙي آهي ۽ توسان ملڻ لاءِ تڙپي رهي آهي. تون واپاريءَ جي لباس ۾ عطر ڦليل جي ڌنڌي ڪرڻ جي بهاني سان هتي اچ.“ ٻي چٺي پنهونءَ جي پيءُ ڏانهن رواني ڪيائين جنهن ۾ لکيائين ته ڀنڀور وارن منهنجو مال متاع لٽي مون کي قيد ڪري ڇڏيو آهي. منهنجي آزادي چاهيو ته پنهونءَ کي هڪدم موڪليو. هن ٻئي چٺيون پنهونءَ جي هٿ ۾ پهچائڻ جو تاڪيد ڪري کيس موڪلي ڇڏيون. پنهونءَ چٺيون پڙهيون ته سسئيءَ جي انوکيءَ سونهن کيس عاشق ڪري ڇڏيو. پوءِ هن ٻيون نمبر چٺي پيءُ کي پهچائي، جام آرتي، پنهنجي مٽر جي تڪليف جو احوال پڙهي غصي

ٽلوار ڪڍي ۽ پائون کان جدا ٿي، مقابلو ڪندو، اُتي اچي پهتو جتي ريدار بيٺو هو. پوءِ ته ريدار کان سر بستي ڳالهه ٻڌي ۽ ٽنهي جي ڪنڌ مان سسئيءَ جي قبر ٺهرائي، هن هائيدوس مچايو. آخر سندس پرارٿنا تي قبر کلي پيئي ۽ اندران "پنهون، پنهون" جو آواز آيو. پنهون اندر ٽپو ڏنو ته قبر وري سڌي ٿي پيئي. اِن ريت جيڪي پريمي جيئري نه ملي سگهيا سي مري هميشه لاءِ هڪ ٿي ويا.

شيخ اياز جي لکيت

شيخ اياز سچي ڪهاڻي ڏني آهي، ۽ سسئيءَ جي پيءُ جو نالو "نابينا" برهمڻ، ۽ سنڀاليندڙ جو نالو "چوڌري محمد" ڌوٻي ٻڌايو اٿس. ڪهاڻي سسئيءَ کي ريدار کان بچائڻ لاءِ ڏونئيءَ جو ڦاٿي ڪيس سمجهڻ ۽ وري پنهونءَ پيري ۾ ساڳيو واقعو ٿيڻ سان ختم ٿئي ٿي. ڪهاڻي هن ريت آهي:

شاديءَ کان چار سال پوءِ نابينا برهمڻ کي هڪ ڌيءَ ڄائي. جوتشين چيو ته ڇوڪري وڏي ٿي ڪنهن مسلمان سان شادي ڪندي. نابينا کيس بدنصيب سمجهي، صندوق ۾ بند ڪري، سنڌو درياهه ۾ لوڙهي ڇڏيو.

ٻئي ڏينهن گهاٽ تي هڪ ڌوٻيءَ صندوق کي ترندو ڏسي، ٻاهر ڪڍيو ۽ اُن مان ايندڙ آواز تي حيران ٿي، پنهنجي مالڪ چوڌري محمد وٽ کڻي آيو. محمد ڌوٻيءَ کي پئسو ته سڀڪي ڏنو هو مگر ٻار نه هوس. هن صندوق کولي ته هڪ کلندڙ کڏندڙ ڇوڪري نظر آيس. ڏاڍو خوش ٿيو.

سسئي جيئن وڏي ٿيندي ويئي تيئن سندس سونهن ۽ سيرت جي هاڪ به آس پاس ڦهلبي ويئي. هر روز ڪيترا قافلا محمد جي شهر "ڀنڀور" مان لنگهندا هئا ۽ ڇڏهين

ڏوھڻ ڪانہ پيءُ ڏاڏي جي عزت ڇونہ مٽيءَ ۾ ملائين؟ ڪجھہ سمجھہ ڏار. پنھونءَ وراڻيس تہ عشق ڪرڻ ۾ ڪھڙي لڄ؟ اُٺاڻ پنھونءَ ڪھڙا سٺي ڦاڙي وڌا. ان ڪري ڏاڍو حيران ۽ پريشان ھو تہ سسئي اچي نڪتي. ھن سندس دل ورتي ۽ ڪيس ھرھڪ ڪھڙي جي لھہ ۾ ھڪ سوني مھر رکڻ جي صلاح ڏني جيئن ڪوبہ داڻھن نہ ڪري. ڪھڙن جا مالڪ مھرون ڏسي چپ رھيا. سسئيءَ جي پيءُ پنھونءَ جي لائقي محسوس ڪري سندن شادي ڪرائي. ڇنڊون جلندو، پڇندو، ڪيچ پھتو ۽ پنھونءَ جي حالت پيءُ اڳيان بيان ڪيائين. ھن پنھنجن پٽن کي پيئور روانو ڪيو تہ وڃي پنھونءَ کي واپس وٺي اچو.

پنھونءَ جا ڀائر پيئور پھتا ۽ سسئيءَ کي ٻڌايائون تہ پنھونءَ جي شاديءَ جو ٻڌي بابو تمام خوش ٿيو آھي ۽ آسيسون ۽ سوغاتون ڏنيون اٿس. سسئي ۽ پنھون ڪين گڏجي خوش ٿيا. ان طرح گھٽيئي ڏينھن گڏجاڻي ۽ خوشي ٿيندي رھي تان جو ھڪ رات ڀائرن شراب ۾ دوا ملائي، ٻنھي کي چڪاچوُر ڪري، پنھونءَ کي اٺ تي چاڙھي، ڪيچ جي واٽ ورتي.

سسئيءَ جي اک کلي تہ پنھونءَ کي غائب ڏٺائين. بيحد رڙي، ۽ ھڪلي ڳولڻ لاءِ ڪيچ جي راہ ورتائين. اٺ جا پير ڪڍندي ڊوڙندي ھلي. رستي تي ريڍار گڏيس جنھن مدد تہ مدد جي ماڳ، سسئيءَ کي خراب ڪرڻ جو ارادو ڏيکاريو، پر ننگيءَ سسئيءَ جو ننگ رکيو - زمين ڦاٽي پيئي ۽ سسئيءَ کي سميٽي وري ھڪ ٿي ويئي؛ البتہ سندس رئي جي ھڪ ڪنڊ ٻاھر رھجي ويئي. ريڍار ھيءُ معجزو ڏسي ڏڪي ويو.

ھوڏانھن پنھونءَ کي ھوش آيو تہ اٺ تان لھڻ لڳو. ڀائرن ڪيس پيءُ جو حڪم ٻڌايو ۽ موٽڻ کان روڪيو. ھن

آندر هڪ سوني مهر وجهي مالڪن کي ڏني ۽ ايندين ته گلا نه ڪندا. پنهونءَ ائين ئي ڪيو ۽ ڪنهن به ڪوڪ نه ڪئي. محمد کي پنهونءَ جي ڏوبي هئڻ جي پڪ ٿي ۽ سسئيءَ سان پرڻايائينس.

پنهونءَ جو وقت عيش ۽ خوشيءَ ۾ گذرڻ لڳو، پر سندس دوست ڀنڀور ۾ بيزار ٿي پيا. پنهونءَ جي پيءُ به موٽڻ لاءِ نياپا موڪليا، پر پنهونءَ ڀنڀور کي ئي پنهنجو گهر ڪري ڇڏيو ۽ ڪيچ مڪران وڃڻ کان نابري واريائين. پٽس دکي ٿي، ٽن پٽن چنري، هوٿي ۽ نوتي کي پنهونءَ کي واپس آڻڻ لاءِ روانو ڪيو.

پنهونءَ جا ڀائر ڀنڀور پهتا ته پنهونءَ سندن آجيان ۾ هڪ جلسو ڪيو. محفل رنگ ۾ هئي ته هڪ ناچڻي دلسوز آواز ۾ ڳائڻ شروع ڪيو:

”ندي سڪي وڃڻ کان پوءِ
جيڪڏهن پکي اڏامي وڃن ته فڪر ڪونهي
پر هاءِ! هي ڇوڪرا تاڙيون وڃائي پکين کي ڇو ٿا اڏائين؟“

اهو بيت پنهونءَ تي هڪ عجيب اثر پيو. ڪيس اهو بيت پنهنجي حال سان ٺهڪي ايندڙ لڳو. هن باقي بچيل شراب پيتو ۽ نشي ۾ چڪنا چور ٿي سمهي پيو. محفل پوري ٿي ته چنري، ستل پنهونءَ کي کڻي پاڻ سان اٺ تي چاڙهيو ۽ راتو واهه ڪيچ مڪران جو رستو ورتائين.

صبح ٿيو، سسئي جاڳي، ۽ پنهونءَ کي نه ڏٺي، گهبرائجي ويئي. روئي رڙي وڇڙيل مڙس لاءِ ورلاپ ڪري چوڻ لڳي:

”منهنجا سڄڻ، اوني! ساهه پتيو، اُن کي روڪيو؛
هن ٻانهيءَ کي پنهنجن چرنن جي رج بخشيو!“

نڪتي ڏانهن منهن رکندا هئا ۽ چانڊوڪين راتين ۾ "ڀنڀور جي چنڊ" جون ڳالهيون ڪندي اصل ڪونه ٿڪبا هئا. ڪو هن کي ماڪ سان ڌوتل ڳل ڪوٺيندو هو ۽ ڪو هن جي اکين جي چمڪ کي رات جي چمڪندڙ واريءَ سان ڀيٽيندو هو. اِئين سسئيءَ جي سونهن جي واکاڻ ڏُورانهن ڏيهن ۾ پکڙڻ لڳي.

ڪيچ مڪران جو شهزادو پنهون به پنهنجي سونهن ۽ شان لاءِ مشهور هو. هڪ ڏينهن هن جي مجلس ۾ اوڀارين لهوارين ڳالهين تي رهيون هيون ته ڪنهن سسئيءَ جو ذڪر ڇيڙيو. هر ڪنهن ڏنل ٻڌل ڳالهيون ڪيون ۽ سڀني سسئيءَ جي اَنوکي سونهن جا ڏڪ ڀريا. سونهن جي پريءَ جو خيال دل ۾ سمائڻ سان شهزادي جو رنگ ئي بدلجي ويو. سسئيءَ سان ملڻ لاءِ اڪير جاڳيس ۽ آخر سائس ملڻ جو پڪو ارادو ڪيائين.

عطر جو واپاري بڻجي، منزلون جهاڳيندو، پنهون ڀنڀور پهتو. هُن جي اچڻ جي خبر سڄي شهر ۾ ڦهلجي وئي. سسئي به عطر ڦليل خريد ڪرڻ آئي، ۽ ٻنهي هڪ ٻئي کي ڏٺو. مشڪ سان ڀريل پنهونءَ کي پنهنجي دل جي پٽيءَ تي اُڪري، هوءَ گهر موٽي.

ڳالهين ۾ سسئيءَ جي ساهيڙين محمد ڌوٻيءَ کي سڀ ڪجهه ٻڌائي ڇڏيو، پر هن چيو ته مان پنهنجي ڌيءَ پنهنجي ذات ۽ برادريءَ کان ٻاهر مُور نه ڏيندس. ساهيڙين چيو ته پنهون ڌوٻي آهي. محمد کي تسلي نه ٿي ۽ چيائين ته جي ڌوٻي آهي ته ڪپڙا ڌوئي ڏيکاري. پنهون درياهه جي ڪناري تي ڪپڙا ڌوئڻ ويو ۽ ڪپڙا ڦاڙي، هٿ ڦٽي، اُداس ٿي، اُتي ئي ويهي رهيو. سسئيءَ جي ساهيڙي آئي ۽ ڪيس دلاسو ڏنئي چيائين ته جي هو ڪنهن ڪپڙي

اتري ۾ سسئيءَ کي هڪ جهوپڙي ڏسڻ ۾ آئي. ويجهو وڃي در کڙڪايائين. هڪ رڍار نڪري آيو. سسئي تہ بيحال هئي، پر هن جي ٻهڪندڙ سونهن کي ڏسي، رڍار جي نيت خراب ٿيڻ لڳي. سسئيءَ پڇيس، ”تو منهنجو پنهون تہ ڪونہ ڏٺو؟“ رڍار جواب ڏنو، ”دنيا ۾ سوين پنهون؛ تون هڪ پنهونءَ جو ڇو ٿي پڇين؟“ سسئيءَ وراڻي ڏني، ”پنهون تہ سوين هوندا، پر منهنجو پنهون تہ هڪڙوئي آهي.“ رڍار اهو جواب ٻڌي غصي ۾ ڀرجي ويو. هن جي نرڙ جي گهنجن کان ڊڄي، سسئي ڊوڙڻ لڳي، پر رڍار ٻانهون پکيڙي ورتيس. سسئيءَ گهڻوئي رنو، پر هو ڪٿي ٿو ڇڏيس! آخر سسئيءَ ڌرتي ماتا کي پڪاريو، ”اي ماتا تون مونکي هن آپدا کان بچاءِ! تون مونکي پنهنجي گود ۾ لڪاءِ.“ هن جو فرياد ٻڌي، زمين ڦاٽي پيئي ۽ سسئيءَ کي جيءَ ۾ جاءِ ڏئي وري سڌي ٿي پيئي.

هوڏانهن پنهون سجاڳ ٿيو تہ پاڻ کي پنهنجن پائرن سان اٺ تي ڏٺائين؛ سو پٽڻ ۽ پڇتائڻ لڳو. پوءِ اٺ تان ٽپو ڏئي، ”سسئي سسئي“ پڪاريندو، پوئتي ڊوڙيو. واٽ تي هڪ هنڌ باهہ ٻرندي ڏٺائين؛ اتي آيو. جهوپڙيءَ جي دروازي تي رڍار نظر آيس. روئي پڪاري پڇيائين تہ تو ڪا سسئي ڏٺي؟ رڍار زاروزار روئڻ لڳو. پنهونءَ جو هٿ پڪڙي کيس ان جاءِ تي وٺي آيو جتي سسئي اَلوپ ٿي ويئي هئي. اَچانڪ وڄ چمڪي ۽ ان جي روشنيءَ ۾ پنهونءَ کي رئي جي هڪ ڪنڊ نظر آئي جا زمين کان ٻاهر رهجي ويئي هئي. پنهونءَ وري رڍار کي ڌوڏاريو ۽ پڇيو تہ منهنجي سسئي ڪٿي؟ رڍار روئي سربستو احوال ٻڌايو. پنهونءَ رئي جي ڪنڊ چمي ”سسئي، سسئي“ پڪاريو تہ زمين هيٺان ”پنهون، پنهون“ جو آواز آيو. زمين وري

اي منهنجا سائين!
توهان کان سواءِ منهنجي لاءِ پل به قيامت آهي."

روئي روئي آخر ٿڪ ٿي پيئي. جڏهين ڪوبه زور نه هليس ته پنهنجي پريتم جي سلامتيءَ ۽ سک لاءِ پرارٿنا ڪرڻ لڳي:

"اي ڀڳوان! هن جي اُن کي شل اُس نه لڳي!
شل رستي ۾ هن کي اُڃ لڳي نه ڪري!"

ڏينهن پورو ٿيو، سانجهي ٿي ته سسئي لڪي ڇپي گهر مان نڪري مڪران طرف هلڻ لڳي. سڄي رات تارن سان ڳالهيون ڪندي هلندي ويئي. مارو بيابان جنهن ۾ پاسن کان تمام پري پري تائين ڦهليل هو پر عشق جي ماريل سسئي ان کي اَڪيلو پار ڪري رهي هئي. رات گذري، صبح ٿيو، پر سسئيءَ کي آرام نه آيو:

"نيهي اکين کي ننڊ ڪيئن اچي؟
ڏينهن رات پيئون ڳوڙها ڳاڙين."

هوءَ "پنهون، پنهون" ڪندي اڳتي وڌندي ويئي. نازڪ پير ڦٽجي پيس ۽ ڪپڙا ليڙون ليڙون ٿي پيس ته به هوءَ ائين ٿي چئي رهي هئي:

"ڇو نه لڪين ڪنڊا منهنجن پيرن ۾ چڀن
۽ آڱريون ڪسي آڱرين کان جدا ڪن،
پر مان پريتم ڏانهن رستي تي ڪرندي، ڊهندي،
هلندي رهنديس ۽ هلندي ئي رهنديس."

هوءَ سڄو ڏينهن هلندي هلي. بک، اُڃ، مٽيءَ ۽ گرميءَ هن جي وڌڻ ۾ ڪوبه فرق نه وڌو. پر منزل دور هئي. سانجهي ٿي، پر پنهونءَ جو پتو نه پيو. سج لهڻ لڳو ته سسئيءَ نيزاري ڪري چيس:

"آئون نه ڳڌي پريءَ کي، تون تو لهين سج!
آئون جي ڏينهن سڀيا، نيئي پريان کي ڏج،
وڃي ڪيچ چئج، ته وڃاري وات مٽي."

ڏيءُ سمان ٻالڻ لڳو. سندس سونهن ۽ ڳڻ ڏسي ڪيترن جون اکيون اُتي وڃيون، مگر ورو ڪجهه به ڪين. وڪيل ڪتريءَ کي گڏيو ۽ پنهنجي مالڪ "فدون" لاءِ سسئيءَ جي ٻانهن گهرائين. ڪتريءَ 'ها' ڪئي ۽ وڪيل واپس وريو.

ڪيچ پهچي، وڪيل مير فدونءَ کي ٻڌايو ته مان پنهور ۾ "سسئي" نالي چنڊ جهڙي چمڪندڙ هڪ ڇوڪري تو لاءِ پسند ڪري آيو آهيان. هوت فدونءَ سسئي کي پنهنجين اکين سان ڏسڻ لاءِ پنهور وڃڻ جي تياري ڪئي ۽ سؤ شاندار اٺ، سؤ ماڻهو، سؤ ڇوڪريون، ٻي سؤ سوار، هڪ هزار سپاهي ۽ جهجهو سون چاندي ساڻ ڪري روانو ٿيو. پنهور پهچي هنن تنبو کوڙيا، ۽ اُتي ۾ عطر ملائي اُٺن کي ڪارائي اُنهن جا پُوٽ ٻڌ ڪري ڇڏيائون. صبح جو اُٺن جا منهن کوليائون ۽ هوُ اُٿڻ لڳا ته چوڌاري سرهاڻ ڦهلڻ لڳي جا سسئيءَ تائين وڃي پهتي. سسئيءَ پنهنجين ساهيڙين کي چيو ته منهنجو جيون ساٿي پهچي ويو آهي.

ڪتريءَ وڪيل کي چيو ته مونکي ڌيءُ ڏيڻ ۾ ڪو به اعتراض نه آهي، مان سمجهان ٿو ته توهين تمام شاهوڪار آهيو، پر فدونءَ کي شاديءَ کان اڳ هڪ دفعو ڪپڙا ضرور ڌوئڻا پوندا. فدونءَ درياهه جي ڪپ تي ڪپڙا ڌوتي، هر هڪ ڪپڙي سان هڪ مهر ٻڌي، ۽ پوءِ ڪپڙا مالڪن کي پهچايا. مالڪ تمام خوش ٿيا، ۽ هوت فدون ۽ سسوءَ جي شاديءَ جا نغارا وڄڻ لڳا. هڪ مهنو خوب رونق رهي.

وڪيل ڪيچ موٽيو. پوري سال کان پوءِ، عاليءَ فدونءَ کي لکيو ته تون اُتي موجن ماڻڻ ۾ مشغول آهين ۽ مان هتي تنهنجيءَ ياد ۾ اداس ويٺو آهيان. پر فدونءَ ڪوبه جواب نه ڏنو.

آخر فدونءَ جي پيءُ پنهنجي پٽ "ڪياني" کي فدونءَ

ڦاٽي پيئي ۽ پنهونءَ کي سميئي هڪ ٿي وئي. سسئي ۽ پنهون اهڙا جڙي ويا جو وري ڪو به کين جدا ڪري نه سگهيو.

بلوچڪيءَ ۾ سسئي بابت ساهتيه

سسئي پنهونءَ جي ڪهاڻي جنهن روپ ۾ سند ۽ بلوچستان اندر چالو آهي اُن جو هڪ نمونو هتورام جي "تاريخ بلوچستان" ۾ "شعر بلوچي" آهي. راءِ بهادر جي چوڻ موجب هيءُ ۴۸ شعرن جو بلوچي قصو تمام دلچسپ آهي. پنجاب ۽ سند جي شاعرن پنجابي ۽ سندي زبان ۾، ۽ بلوچستان جي شاعرن بلوچڪي زبان ۾، هن تي شعر ٺاهيو آهي جو وڏي شوق سان ڳايو ويندو آهي.

مٿينءَ تاريخ ۾ سارو قصو لکيل آهي جنهن جو تت هيٺين آهي:

ڪيچ ۾ "فدون" نالي هڪ نوجوان رهندو هو. سندس پيءُ "عالي" هن جي شادي ڪرائڻ ٿي چاهي، پر فدون چيو ته ڪيچ مڪران ۾ منهنجي پسنديءَ جي ڇوڪري ڪانهي. ان ڪري لائق ڇوڪري لهڻ لاءِ هڪ ايجنٽ (وڪيل) کي هڪ سؤ سوار ڏيئي روانو ڪيو ويو.

هو صفهان، لاڙ، قندار وغيره ملڪن ۽ علائقن مان گهمندو گهمندو، سند جي باغستان ۾ پهتو، ۽ ڀنڀور ۾ دابو ڪيائين. اتي "سسؤ" نالي هڪ تمام سهڻي ۽ ڳڀرو ڇوڪري ڏٺائين. پڇڻ سان پتو لڳس ته ڪيس ماءُ پيءُ ڪونهي ۽ هڪ کتريءَ کيس پاليو آهي. هوءَ هڪ ڏينهن درياهه تي ڪپڙا ڌوئڻ وئي هئي ته درياهه ۾ هڪ صندوق ترندي ڏٺائين جا پڪڙي هن ٻاهر ڪڍي، ۽ اُن ۾ هڪ ڇوڪري پيل هئي. کتري هنڪي گهر وٺي آيو ۽

هن ڪهاڻي روپ ۾ سسئيءَ جو سڏيالينڊڙ ڏوڀي ڪونهي ۾ هڪ ڪتري آهي، ۽ پر يمين جي ميلاپ لاءِ پڻ هڪ وڪيل ڪـي شامل ڪيو ويو آهي. پنهونءَ جي پنيور داخل ٿيڻ ۽ موڪلائڻ لاءِ پڻ عجيب نمونو ورتو ويو آهي. پنهونءَ کـي واپس وٺـي اچڻ لاءِ موڪليل پاڻرن جو تعداد ٻه ٽن يا پنجن جي بدران هڪ جڻو آهي. ڪهاڻيءَ جي پڇاڙي ڪجهي ۽ سنڌيءَ جي ڪهاڻي روپ سان ملي جهلي ٿي. (١)

پنجابيءَ ۾ سسئيءَ بابت ساهتيہ

سنڌ ۽ پنجاب جون حدون ملڻ ڪري ۽ ٻنهي پرانتن جا ناتا تمام پراڻا آهن. ستين صديءَ ۾ ٻئي هڪ راڄ جا گڏيل حصا هئا (٢) ۽ پر جڏهين اڪبر بادشاهہ ١٥٩٢ع ۾ ٺٽي جي حاڪم مرزا جاني بيگ کي شڪست ڏني، سنڌ تي قبضو ڪيو تہ سنڌ ملتان صوبي جو هڪ حصو ٿي پيو ۽ هيءُ ناتو وري پختو ٿيو. (٣)

سسئيءَ جي دردناڪ ڪهاڻي سنڌ مان پنجاب ۾ آيـل معلوم ٿئي ٿي. سڌ نہ آهي تہ ڪڏهين آئي، پر پنجابـي

---

(١) ڪهاڻيءَ جي اصل ۽ پوري روپ لاءِ ڏسو "تاريخ بلوچستان"، ليکڪ راءِ بهادر هتو رام، لاهور، ١٩٠٧ع، صفحا ٣٦ کان ٤٥ تائين.

(٢) " ستين صديءَ ۾ سنڌ ۽ پنجاب هڪڙيءَ سلطنت ۾ هئا " چچ نامو - انگريزيءَ ۾ ترجمو ڪندڙ مرزا قليچ بيگ، ڪراچي، ١٩٠٩، صفحو ٧.

(٣) د امپيريل گزيٽيئر آف انڊيا - جلد ١٥، ١٩٠٨. جڏهين اڪبر سنڌ مغل سلطنت سان گڏي، اڏهين هيءُ ملڪ ملتان صوبي جو حصو ليکيو ويو. شاهہ عبداللطيف آف ڀٽ - سورلي - صفحو ٢٣.

کي واپس وٺي اچڻ لاءِ موڪليو. هن پشور پهچي، هڪ رات سسئي ۽ ڀاڻن کي خوب شراب پياريو ۽ جڏهين نشي ۾ چُور ٿيا تڏهين ڦنوءَ کي اُٺ تي چاڙهي اٿي هليو.

سسئي سجاڳ ٿي ته زارون زار روئڻ ۽ پڇتائڻ لڳي. چي "ڦنون کان سواءِ هتي منهنجو ڪير آهي!" پوءِ اُن جا پير ڪڍندي، ڪيچ رواني ٿي. اَجا ٻه ٽي منزلون مس پوريون ڪيائين ته پير ڦٽجي پيس ۽ سريرُ ٿڪجي بيحال ٿي پيس. شفا نالي هڪ ريدار، بُري نيت سان ڏانهنس وڃڻ جي ڪوشش ڪئي؛ پر سسئيءَ کيس هٽائي ڪڍيو ۽ چيائينس ته "مونکي سخت بک ۽ اُڃ لڳي آهي؛ کير جو ڪو پيالو آڻي ڏي." هو کير کڻڻ ويو ته سسئيءَ اُرداس ڪئي ته "هي ڀڳوان! مونکي هن نيچ کان بچاءِ. تون ئي منهنجو آڌار آهين، مونکي هنجي چنبي ۾ نه ڦاساءِ."

اُن وقت زمين ۾ ڦاٽ پئجي ويو ۽ سسُئي اُن ۾ اَلوپ ٿي ويئي. ريدار واپس آيو ۽ هنکي نه ڏسي، عجب ۾ پئجي ويو؛ ڏاڍو پڇتايائين ۽ هائيدوس مچايائين.

هوڏانهن ڦنوءَ کي هوش آيو ته نهايت پريشان ٿيو ۽ روئندو رڙندو پٺتي موٽيو. اُهوئي ريدار گڏيس، جنهن کيس ٻڌايو ته "مان خود هن جي ڪپڙي جي نشانيءَ جي چوطرف هنکي لهڻ لاءِ، هيءَ زمين پيو کوٽيان. هوءَ هڪ اَماهه مالڪ هئي، جا منهنجي ڏسندي ڏسندي هتي اَلوپ ٿي ويئي آهي."

ڦنوءَ مالڪ اڳيان نيزاري ڪندي چيو، "اي خدا! منهنجو سر ۽ جان توتان قربان! تون مونکي پنهنجي معشوق کان جدا نه ڪر." ڦنوءَ جي التجا قبول پيئي، زمين ڦاٽي، ۽ هو اُن ۾ لنگهي ويو. سسُئيءَ ٻانهون وڌايون، ۽ ٻئي گڏجي لڳي هميشه لاءِ راحت جي ننڊ ۾ آرامي ٿيا.

اِنهيءَ ڪري پنجابي ٻوليءَ ۾ چالو ڪهاڻيءَ جي اَڻ لکيل روپ ۾ ڪا ڏيکارڻ لاءِ جدا جدا لوڪ - گيتن جي کوج ڪري مون اُنهن کي هڪ ڪهاڻي روپ ۾ آڻڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. (١) هڪ لوڪ - ڪوي، فقير راج محمد جا لکيل ۽ سانڊل ٻار جي لوڪ - گيتن وانگر مهيل ٻولن جي پيڙهه لاءِ مون جدا جاءِ ڏني آهي. جيتوڻيڪ سڀ کان وڌيڪ مشهوري هاشم جي "سسئيءَ" کي ملي آهي، پر مون لکيل ڪهاڻيءَ

(صفحي ١٣٢ کان هلندڙ)

جيتري قدر گريئرسن جي مٿين ڪتاب جي حوالي جو لاڳاپو آهي، مونکي نه اُن ۾ پش ڳوٺ ۽ نه وري پشپ نالي ڪويءَ جي اُهڙيءَ ڪنهن رچنا جو ذڪر مليو آهي. اُني رڳو هيئن لکيل آهي ته پُسيا، اُجين وارو - ٧١٣ع. اِهو سڀ کان پهريون ڪوي آهي جنهنجو مڪاني ليکڪن ذڪر نه ڪيو آهي - "د سب سنگهه سروج" ۾ لکيل آهي تہ هيءُ ٧١٣ع ۾ زنده هو؛ ٻولي "ڀکان کي جار" جو بنياد وجهندڙ هو. هن مان اهو ظاهر نه آهي ته هنجو نالو پسيا يا پسها يا پندا هو. رڳو هڪ حوالو جو راجستان ۾ ملي ٿو اُهو پسيا جو آهي جنهنجو هڪ اُڪريل ليک آهي (ترجمو ٽيل ٧٩٦ع ۾). "ڏسو د ماڊرن ورنيڪيولر لٽريچر آف هندستان". جارج اي. گريئرسن - ١٨٨٩ع - باب پهريون، صفحو ١).

(١) انهيءَ لاءِ مون هيٺ لکيل رسالن مان خاص طور مدد ورتي آهي، جنهن لاءِ مان انهي جي ڪٺي ڪندڙن جو شڪرگذار آهيان: "پنجاب جا گيت" پنڊت رام سرن؛ "پنجاب جا لوڪ - گيت". سردار مهندر سنگهه رنڌاوا؛ "مُولي لي ميندي"، اَمرتا پريتم؛ "ٽِڪ جهنا" سردار هرجيت سنگهه، "ٻاردي ڊولي"؛ شير سنگهه شير.

لوڪ - گيتن ۾ مليل ڪهاڻي اُن کي تمام پراڻو ثابت ڪري ٿي . ڀيرائين ته هيءَ ڪهاڻي لوڪ - گيتن ۾ ئي پُوري وئي؛ ان کان پوءِ هن قصن جو روپ اختيار ڪيو ۽ ڪيترن رچنائن جي ناچي پيٽي ۾ شامل ٿي وئي .

پنجابي ساهتيه ۾ ڀائي گرداس (١٥٥١ع - ١٦٣٠ع) جي وارن موجب:

"سسئيءَ جو عشق ذات پات کان ٻاهر آهي ."

(وار ٢٧، پؤڙي ١)

۽ دامودر گلاٽي (اڪبر جو سهيگي) جي قصي هير ۾:

"روز (سسئي) پڪا پيٽي وجهي ته ڪير مونکي ڪيچ (واري سان) ملائيندو." (صفحو ١٣١)

انهن بيانن ۾ ئي ڪهاڻيءَ جا سڀ کان پراڻا حوالا ملن ٿا. سچي ڪهاڻي ڀيرائين حافظ برخوردار (اورنگزيب جي همعصر) جي لکيل ملي آهي . (١) منشي سندرداس آرام ته اها ڪهاڻي مير مئوُ جي زماني ۾ شعر ۾ پيش ڪئي آهي.

---

(١) پروفيسر ڪرپالسنگهه پرمندر سنگهه جو هيءَ خيال غلط ٿو لڳي ته پنجابيءَ ۾ سسئي پنهونءَ جو قصو سڀ کان پهرين ڀاولپور جي ڪوي پشيه لکيو. اهو قصو ٻارهين صديءَ ۾ لکيو ويو (پنجابي ساهتيه دي اُتپتي تي وڪاس- لڌيانه، ١٩٥٢، صفحو ٢٨٥). جي هن ڪويءَ جو مطلب اُهو ماڻهو (پشيه، پند يا پشپ) آهي جنهجي سسئيءَ جي قصي جو ذڪر مير ڪرامت الله (مسز پنڊو جي "ڪوي ڪيرتن" ۽ ڊاڪٽر گرئرسن جي ماڊرن ورنيڪيولر لٽريچر آف انڊيا جي آڌار تي) ڪيو آهي ته هن اهو قصو ٧٧٠ بڪرميءَ ۾ هندي دوهن ۾ يونانيءَ مان ترجمو ڪيو هو. ڏسو: ترجمان لاهور، فيبروري ١٩١٧، ۽ هسٽري آف پنجابي لٽريچر- ڊاڪٽر موهن سنگهه، ٻيون ڇاپو، ١٩٥٦، صفحو ١٩ . (وڌيڪ ڏسو صفحو ١٣٣) .

ڪاوِ-روپ (سي حرفي، ٻارهماهه، چِٽي وغيره) ڪم آندا ويا آهن. هر قسم جي پڙهندڙ (هندو مسلمان، پڙهيل اڻ پڙهيل، مجهيل ۽ ملوڻي يا پوٺوهاري) جي ذوق کي خيال ۾ رکي، لفظن جي چونڊ ۽ استعمال، وهمن ڀرمن ۽ وشواس جي هوندي، گهٽنائن کي ڳنڍڻ ۽ گفتگو جي سليقي جي چستيءَ وغيره تي جوڳو ڌيان ويو آهي. جي اِنهن ڪهاڻين ۾ ڪا اسراري ڪشش نه هجي ها ته هر زماني ۾ وري وري لکيون نه وڃن ها. جدا جدا مضمونن، ڇندن ۽ ڪاوِ-روپن کي ڪم آڻڻ بدران رڳو هڪ قسم جي رچنا ٿي ڪم ڏني ها. پر ان طرح ماڻهن جي لاڙن ۽ خيالن جي پورائي ٿي نه ٿي سگهي. اِنهيءَ ڪري، نوان نوان ڪوي پاڻ جا ڪارناما نئين نئين ڍنگ سان بيان ڪندا رهيا آهن. هير رانجهو، سهڻي مهينوال، مرزا صاحبان، راجا رسالو ۽ سسي پنهون ڳچ عرصي کان پنجابين جا محبوب پاتر بڻجي رهيا آهن. اِنهي سبب ئي پنجابي ڪوي هر دور ۾ سندن ڪهاڻيون لکندا ۽ ڳائيندا رهيا آهن. مگر سندن گهڻيئي لکيتون، پنجابين جي لاپرواهي ڪارڻ، زماني جي گود ۾ اَلوپ ٿي ويون آهن. دڪانن، تلهن ۽ ڪتابن جي ڳولا مان، جن ۾ سسئيءَ جي قصن ۽ قصيدارن جو هيل تائين پتو لڳو آهي، اُنهن جي فهرست هن ريت آهي. گهڻن جي ٺيڪ زماني جي ڄاڻ نه هئڻ ڪري، اِها فهرست سن مطابق نه ڏيئي سگهيو آهيان.

١. حافظ برخوردار، ڳوٺ مسلماني (ضلعو لاهور) جو رهاڪو ۽ اورنگزيب جو سهيڳي هو. هن سسئي پنهونءَ کان سواءِ يوسف زليخا، مرزا صاحبان ۽ قصا ڪيترا ئي لکيا. قصي "يوسف زليخا" ۾ هن جي لکيت جي تاريخ ١٠٩٠

جي روپ ريکا پڌائڻ لاءِ، حافظ برخوردار جي ڪهاڻيءَ جو
ئي اختصار ڏنو آهي. (١)

حافظ برخوردار کان پوءِ سسئيءَ جي ڪهاڻي ڪيترن ئي
ڪوين لکي آهي پر اُنهن مان گهڻن جي رچنائن جو نالو
نشان به نه رهيو آهي. پنجابي ٻولي ڳائڻ وارن، منڊين ۽ ميلن ۾ قصن
وڪڻندڙن وٽ عام طور هاشم ۽ سدارام جي "سسئي"
ڏسڻ جو وجهه مليو آهي. اُنهيءَ مان معلوم ٿو ٿئي ته باقي ٻين
ڪوين جي رچنائن کي پنجابين بلڪل وساري ڇڏيو آهي،
جنهن ڪري اُهي رچنائون، هميشه لاءِ گولينديون به نه ٿيون
لڀن. درحقيقت هن قصي کي ڪجهه وقت کان (خاص
ڪري سنگهه سڀا، لاهور، جي زماني ۾) نفرت سان ڏٺو ويو
آهي. نتيجو اهو نڪتو آهي جو هن وڏي ساهتڪ روپ
جي مهانتا ۽ سنيال تي ڌيان نه ڏنو ويو آهي. زماني جي
نين قيمتن (خيالن) قصي لکڻ جي رواج کي گهٽ ليکيو
آهي. ان ڪري اسين نون قصن لکڻ کان ته دور رهياسين،
پر خود پراڻن قصن کي وڃائي ڇڏڻ سبب پنهنجي قيمتي
ورثي کان به محروم ٿيڻو پيو اٿئون.

پنجابيءَ ۾ لکيل گهڻائي قصا رڳو ڪهاڻين جا خاڪا نه
آهن. انهن ۾، ڪهاڻيءَ جي آس پاس قصي وارن جي جدا
جدا جهڪاون موجب، ڌرم، سماج، راجنيتي ۽ اتهاس کي
بڌايو ويو آهي. مهو وڳيان بيان، ناٽڪي گفتگو ۽ خيالي
مصالحي سان متن ڪلا جو رنگ چاڙهيو ويو آهي. جدا جدا
ڇند (دوها، ڪبت، بيت ڪورڙا، سورٺا وغيره) ۽

---

(١) اُنهيءَ لاءِ مان باوا بڌ سنگهه، ليکڪ "ڪوئل ڪوُ"
جو شڪرگذار آهيان.

ڊاڪٽر بنارسي داس ۽ ڊاڪٽر موهن سنگهه انهيءَ بابت ڪجهه وڌيڪ روشني وڌي. (١) اهو قصو ١١٧٢ هجري يعني ١٧٥٨ع ۾ لکيو ويو. آرام، هير رانجهي جو قصو پاڙ جهنگ وڃي، سڀ احوال چڱيءَ طرح پڇي لکيو هو. "سسئي پنهون" جي قصي جي باري ۾ هو لکيتو:
"سسئيءَ جو احوال سڀ گڏي ماڻهو ٻڌائين ٿا، مان انهيءَ طرح سان ئي لکان ٿو، جيئن مون اها ڳالهه ٻڌي آهي."
اها رچنا هينئر پبلڪ لئبرري، پٽيالا ۾ پيئي آهي.
٤- سيد وارث شاهه (١٧٢٢ - ١٧٨٥) - ڊاڪٽر موهن سنگهه "هسٽري آف پنجابي لٽريچر" ۽ "پنجابي دربار" ۾ سيد وارث شاهه جي نالي سان لاڳاپو رکندڙ "قصا سسئي پنهون" جو ذڪر ڪيو آهي، پر ميان مولا بخش ڪشتا هن ڳالهه کي غلط ثابت ڪيو آهي. (٢)
٥- "بيهبل" - ليکڪ جو "سسئي پنهون" جي. ايس. سنت سنگهه ڇاپيو ۽ "سسئي پنهون احمد يار" شايع ڪيو. بيهبل (ٻهبل) لاهور جو رهاڪو هو. هن جي شخصيت ۽ لکيت جو جائزو وٺندي، ميان محمد صاحب لکي ٿو:
"لعل ڪي ٿونگه ڪري ماڻهائن ۾ پوُلائين،
لعريف جي قابل ۽ خوش مزاج،
صراحيءَ سان مست شراب پي
شاعريءَ جي گاڏيءَ تي خوب سير ڪيو."
ٻهبل هير جي ڪهاڻي ٻه بيتن ۾ لکي آهي. سندس "سسئي پنهون" جو آڌار حافظ برخوردار جي قصي تي تو ڏسجي. هن اهو قصو ١١٩٢ هجري (١٧٧٨ع) ۾ لکيو. منجهس ٥٥٠ بيت آهن.

---

(١) اوريئنٽل ڪاليج مئگزن ١٩٢٧: ١٩٢٨ ۽ ١٩٢٩.
(٢) پنجاب دي هيري - ٻيون ڇاپو صفحا ٢٥ ۽ ١٣٢.

هجري برابر ١٦٧٩ع (١) ڏنل آهي، جنهن مان ثابت ٿئي ٿو ته "سسئي" به انهي لڳ ڀڳ لکي ويئي هوندي. ڊاڪٽر موهن سنگهه ان جي لکڻ جي تاريخ ١١٧٦ هجري ٻڌائي آهي جا ٺيڪ نٿي لڳي. (٢)

٢. فقير راج محمد، ٻار جو رهاڪو هو. هن اٺن جي "ٻولن" ۾ سسئيءَ جي ڪهاڻي ڪوتا روپ ۾ لکي آهي. (٣)

٣. منشي سندرداس آرام، پنجاب جي صوبيدار مير محي الدين جي زماني جو هڪ مشهور منشي ٿي گذريو آهي. هن فارسيءَ ۾ جهجهي رچنا ڪئي آهي ۽ "هير رانجهه" نالي هڪ مثنوي به لکي آهي. پنجابيءَ ۾ هيل تائين رڳو هڪ رچنا "قصا سسئي پنهون" حاصل ٿيو آهي جنهن ڏانهن پهريائين محمد شفيع (پرنسيپال، اورينٽل ڪاليج، لاهور) ڌيان ڇڪائي اُن جا ڪجهه بند ڇپارايا. اُن ڪان پوءِ

(١) اهو سن ١٦٧٦ع يا ١٦٧٧ع جو آهي جيئن باوا بڌسنگهه (ڪوئل ڪو، صفحو ٩٩) ۽ ميان مولا بخش ڪشتا (پنجاب دي هيري، صفحو ٦٠) ڄاڻايو آهي (ڏسو ڪمپيريٽو ٽيلس آف هيري ائنڊ ڪرسچن ڊيٽس، ١٩٣٩، صفحو ٥٥، مولف پروفيسر اي. ايم. خليدي.

(٢) ڦلواري - لاهور - ١٩٣٠، ۽ اورينٽل ڪاليج مگزن، لاهور ١٩٣٠.

(٣) ڏسو "بسار دي ٻولي" ليکڪ پروفيسر شير سنگهه شير.

(٤) سردار ڪرمسنگهه هن جو نالو سيتارام لکيو آهي. ڏسو "پنجاب دي هيري" - ليکڪ ميان مولا بخش ڪشتا، صفحو ١١٣.

مون وٽ موجود ڇاپو ١٨٢٨ع ۾ ڇپيو هو. سندس سائيز وڏو آهي ۽ ٣٢ صفحا اٿس.

٩ - سيد شاهه محمد (١٧٨٢ - ١٨٦٢ع) - ليڪڪ ''جنگ سنگها ني فرنگيئان'' ڪشنا جي چوڻ موجب، هن سسئي پنهون جو قصو به لکيو هو جو سي حرفي جي روپ ۾ آهي ۽ هيئن شروع ٿئي ٿو:

''ڀـﻬـريـائين اي ايـاڳـڻ اٿـسـي ڏس،
هـــي بـلـوچ ڪــونهن چـــور آهــن.
منهنجي پيار جي ڪين ســـڌ ڪانهي،
پنهونءَ کي زبردستيءَ ٻڌي ڪڍي ويـا.
ويچاري سسئيءَ جي هٿن جان لٽي ڇڏي،
بـــاقي ڀنڀور جـــو شهر لـــــ ۽ وسي پيو.
شاهه محمد چوي تـه پيئي پڪاريـان،
پنهونءَ کان سواءِ منهنجو ٻيو ڪوبه آسرو نه آهي.''

١٠- مولانا هاشم شاهه (حافظ سيد) - ڪسوُر جي سيد زاهد شاهه همداني جو پٽ ۽ عربيءَ جو وڏو عالم هو. پروفيسر پريتم سنگهه جي راءِ موجب، هن پنجابيءَ ۾ ''سي حرفي پنهون'' به لکيو آهي.

١١- سيد هاشم شاهه ''مخلص''. متئين سيد شاهه محمد جو پٽ هو. هوُ حڪمت به ڪندو هو ۽ ڪوَتا به رچيندو هو. هنجو سسئي پنهون جو قصو ويهين صديءَ جي ڀرپاسن ڏهن سالن ۾ ظاهر ٿيو ۽ سي حرفيءَ ۾ آهي.

١٢ - لک شاهه جي سسئي، ١٢٤٧ هجري (١٨٣١ع) ۾ لکي ويئي. انجو هڪ هٿ اکر نسخو (نمبر ٨٢/٩١) پنجاب يونيورسٽي لئبرري، سملي ۾ آهي ۽ ١٩٢ ڏيوڙهن جي هڪ وڏي مذ ڪوتا آهي. اهو قصو مفيد عام پريس، لاهور، ١٩٠٤ع ۾ ڇپيو.

٦- آڏت جي ”سسي“ مانجهي جي ٻوليءَ ۾ لکيل آهي. ڪهاڻي سسئيءَ جي ننڍ ۽ پنهونءَ جي وڃڻ کان پوءِ ٿيل گهٽنائن سان شروع ٿئي ٿي:

”ڦلن جي سيجا وڇائي، هوت شراب جا پيالا پينا،
هوءَ مڙس سان پاڪر پائي سمهي ته
هنن وري اُٺ تيار ڪيا،
سسئيءَ جون اکيون ننڊ ۾ مخمُور،
خمار سان ڀر هيون.“
آڏت چوي ٿو ”پنهونءَ کي وٺي ٿا وڃن ٿي.“
ڪيس خبر پيئي جڏهين کيل ختم ٿيو.

اهڙي ٻوليءَ ۽ ڍنگ سان لکيل بندن جو تعداد ٥١ آهي. هن جو هڪ منظوم سڪه رفرنس لئبرري، اَمرتسر ۾ آهي جنهنجو سِرُ ليکه آهي - ”سسي مانجها آڏت ڪيتا“.

٧- سيد هاشم شاهه ”هاشم“ (١٧٣٥-١٨٤٣). هنجي ”سسي“ پنجابين جي سڀ کان دلپسند ”سسي“ آهي.

٨- مولوي اَحمد يار (١٧٦٨-١٨٤٥ع) پنهنجي زماني جو هڪ اُستاد ڪوي، ڳُوڙهو ودوان ۽ بي ڊپو سمالوچڪ هو. هنجو جنم ڳوٺ اِسلام ڳڙهه (ضلعي گجرات) ۾ ٿيو، پر سندس حياتيءَ جو گهڻو عرصو مرالا ۾ گذريو. هن گهڻن ئي پريمي جوڙن جا قصا لکيا جن ۾ سسئي پنهون به شامل آهي. هي قصو ڇئن سئن وارن بيتن ۾ لکيل آهي جيتوڻيڪ ڪويءَ جي ٻي گهٽي رچنا دوهن ۾ آهي. پڇاڙيءَ وارو بيت هيٺئن اٿس:

”سسي پنهونءَ جي عشق جو قصو،
دل جي غم سان جوڙيو اَڻم؛
جپ سان ڪاڏي جو سواد ونڃ،
جلدي لکمدڙن جو ڪم آهي.“

وڏو قصو لکيو جو سندس پوئي وٽ پيو آهي ۽ اڃ تائين شايع ٿي نہ سگهيو آهي. (١)

١٨ - مولانا غلام رسُول (وفات ١٨٩٢ع) - عالم پُور ڪوٽلا (ضلعي هوشيارپور) جو رهاڪوُ هو. سندس پيءُ جو نالو مراد بخش هو ۽ ذات گجر. سندس جنم اُڻويهين صديءَ جي شروعات ۾ ٿيو. هن مينهون چاريون، ڇوڪر پاڙهيا، حڪمت ڪئي ۽ ڪجهہ وقت امام رهيو. "اَحسن القصص" (قصو يوسف زليخا، ١٢٩٠ هجري، برابر ١٨٧٣ع) "داستان اَمير حمزه" ۽ چنبين ڪان سواء، هن "سي حرفي سسي پنهون" بہ لکي جا چون ٿا تہ ١٨٨٢ع ۾ پوري ڪيائين. اُن جو نمونو هيٺين آهي:

"سسّيءَ جي اکين مان جڏهن تہ
رت جو مينهن لـڳي وسيو.
روئي دانهون ڪيئي ڪري تہ
هوت مونکي دکن ۾ وجهي ويو؛
پنهون يار، مونکي ڇڏي نہ وڃ،
واپس اَچ ۽ مونکي ساڻ وٺي هل.
'غلام رسُول' منهنجو پيغام وٺ ۽
وڃي منهنجي يار کي پهچاء."

١٩- ميان محمد بوُٽا (جنم ١٨٣٦ع) - گجرات جو رهاڪوُ هو. هن گهڻيئي قصا لکيا آهن. سسّي پنهونءَ جو قصو هن ١٣٢٠ هجري (١٩٠٢ع) ۾ لکي پورو ڪيو. سندس "پنج گنج" خاص معروف آهي.

٢٠- ساڌو سدارام- هنجو ٢٣٤ ڪبتن ۾ لکيل قصو "سسي

---

(١) "پنجاب کي روماني"- ١٩٥٠، ڊاڪٽر عبدالسلام خورشيد، صفحو ١٩٧.

١٣ - مولوي غلام رسول - هن جو موت ١٢٩٠ هجري (١٨٧٣ع) ۾ ٿيو. هو قلعه مهاسنگهه (ضلعي گجرانوالا) جو رهاڪو، مولوي رحيم بخش جو پٽ ۽ پنجاب جي مشهور ڪوين مان آهي. ١٢٦٤ هجري (١٨٤٧ع) ۾ "هزج مسدس محذوف" جي وزن تي سسئي پنهونءَ جو قصو لکيائين. سندس بيان نهايت دردناڪ ۽ موهيندڙ آهي. قصي جون ڪجهه ٽڪون لوڪ-گيتن وانگر ماڻهن جي چپن تي آهن ۽ انهيءَ ڪري رنداوا صاحب ۽ امرتا پريتم پنهنجي چونڊ ڪلام ۾ شامل ڪيون آهن.

١٤ - سيد فضل شاهه (١٨٢٧ - ١٨٦٠ع) - پنجابي ڪوتا جو مکيه شبدن سان راند ڪندڙ، نوان ڪوٽ (لاهور) جو رهاڪو هو. اڻويهين صديءَ جي پوئين اڌ جي ڪوين مان وقت جو سڀ کان مشهور ليکيو وڃي ٿو. ذات جو سيد، قطب شاهه جو پٽ هو ۽ قادري ذات سان لاڳاپو هوس. هن گهڻيئي قصا لکيا جن ۾ "سهڻي مهيوال" ڏاڍو مشهور آهي. سسئيءَ جو قصو ڇٽيهن سالن جي عمر ١٢٨٠ هجري ۾ لکيائين.

١٥ - فضل دين - هن ١٣٠٠ هجري (١٨٨٣ع) ۾ "فگان سسي" لکي.

١٦ - رامچند - هن "سهڻي" کان سواءِ "سسي" بہ لکي. ...ءُ ڪوي لاهور پرسان "پسين" نالي هڪ ڳوٺ جو رهاڪو هو. سندس رچنا 'ڪبتن' ۾ آهي. (١)

١٧ - الاهي بخش - ضلعي اٽڪ جو رهاڪو هو. هن ١٩ صديءَ جي پڇاڙيءَ ۾ سسئي پنهونءَ جو هڪ سندر ۽

---

(١) سري بشن داس وشنو، وڪيل، لاهور نواسي (اڄ ڪلهه ڪرول باغ، دهلي) جي چٺيءَ مورخه ٥ نومبر ١٩٥٥ع جي آڌار تي.

اِنهي ڪري، وارث وانگر، هن بہ قصي جي پاتڙن ۽ گهٽنائن تي تمثيل جو لباس چاڙهي ڇڏيو آهي. هن قصي ۾:

"سسئي اِنسان جو رُوح آهي، نـــُوراني هيرو آهي،
دنيا درياهہ آهي، جنهن ۾ ظلمن جو وهڪڙو آهي."
"پنهون آهي ايشوري گيان، جو روحاني مقصد آهي،
اَمـــر روح، هن (گيان) کـي حاصل ڪرڻ آيو."

ان طرح هن "ٿل مارو" کي 'نفساني خواهشون'، عمر، تمر کي 'نفس ۽ شيطان'، ۽ ريبار کي "غيبي فرشتو" ڪري ڏيکاريو آهي.

٢٣- پنڊت موهن لال، ڇونڊا نواسي. سندس سسئي پنهون ١٩٦٨ بڪرمي (١٩١١ع) ۾ لکيو ويو.

٢٤- ميان شير محمد- ڳوٺ تلونڊي، ٿاڻا ڪنا (ضلعي لڌياني) جو رهاڪو هو. هن گهڻا قصا لکيا آهن (جيئن تہ چندربن، روڊا جلالي، يوسف زليخا، هير رانجها، سسئي پنهون، سهڻي مهيوال، مرزا صاحبان، وغيرهہ)، جن مان هيٺئين ٻہ سهڻي مهيوال (١٩٥٦ بڪرمي ۾ لکيل ۽ ١٩٦٧ بڪرميءَ ۾ مالڪ بخش جو ڇپايل) ۽ مرزا صاحبان (١٩٦٧ بڪرمي ۾ ڇپايل) ڏسي سگهيو آهيان جي پاشا ويارهہ، پٽيالي جي لئبريءَ ۾ موجود آهن.

٢٥- سردار نٿا سنگهہ جو سسئي پنهون جو قصو، جو ڀائي پريتم سنگهہ، هزار مائي سيوان، اُمرتسر، ١٩٨٤ بڪرمي (١٩٢٧ع) ۾ ڇپايو ۽ ڪلين (شعر) ۾ لکيل آهي. ڀائي نٿاسنگهہ، ٽڙوڙ ڳوٺ، ضلعي پٽيالي جو آهي. سندس قصي ۾ ٢٤ 'وانجا'، ٢ دوهڙا ۽ ٢٤ اڙت (نثر ۾ تشريح) آهن.

٢٦- الله ڏتا حاجيپور (ضلعو هوشيارپور) جو رهاڪو هو. هن جي "فگان سسي" جو پهريون ڀاڱو جولاءِ ١٩٣٣ع ۾ ڀائي چتر سنگهہ جيون سنگهہ ڇپائي پڌرو ڪيو.

پنهون" جو مشهور آهي. هن ڪري، دوستن جي چوڻ
تي، اهو قصو بحر (Metre) ۾ آندو. لکي ٿو:

"سيا ۾ ڳالهه نڪتي ۽ سيني گڏجي چيو
(اهو خيال ۾ اچي ويو،
چاڪاڻ ته منهنجو انهن سان پيار هو).
اي يار! ڪبتن جي صورت ۾ هيستائين
ڪنهن به اهو قصو نه لکيو آهي.
اي سدا! تون ئي ڪٿي لک،
انهي واقعي جو بيان ڪر."

قصي جي شروعات ۾ ڪجهه دوهرا، ڏيوڍا ۽ سورٺا به آهن. ١٨٠ کان ١٩١ تائين ڪبتن ۾ لکيل "ٻارهن ماهه" تمام سهڻو ۽ جذبي ڀريل آهي. ڪوي هڪ رمتو سادو هو. پنهنجي رهڻ جو هنڌ تلونڊي سابوڪي (ضلعو برنالا، پٽيالا رياست) ۽ پنهنجي گروءَ جو نالو گنگاگر لکيو اٿس.

٢١ - حضرت مولا شاهه قادري - پنجابيءَ جي مشهور قصي نويسن مان آهي. هن هير، سهڻي ۽ مرزا به لکيا آهن. سندس "سسي پنهون" ١٣١٣ هجريءَ ۾ لکيو ويو ۽ ١٣٢٥ (١٩٠٧ع) ۾ وزير هند پريس، امرتسر ۾ ڇپيو.

٢٢ - سيد مير حسين دنجرا - بٽالا تعلقي (ضلعو گرداس پور) جو رهاڪو آهي. هن ١٣٢٠ هجري (١٩١١ع) ۾ "باغ محبت" جي نالي سسئي پنهونءَ جو قصو ڇپايو جو روحاني رنگ ۾ پيش ڪيل آهي. ڀاڱ چوي ٿو ته:

"اجاني ۽ بيڪار نه سمجهو،
هرگز هيءَ ڪهاڻي،
هي شعر ڪامل ۽ مطلب سان ڀريل آهي،
جنهن ۾ دل جي رمز ڏسيل آهي.
هيءَ حقيقي عشق جو داستان،
۽ اسانجي اندر جي تصوير آهي."

مان هڪ شهزادي هئس،
جنهنکي صندوق ۾ وجهي لوڙهيو ويو.
اَن جل ۽ قسمت جي چڪر سان،
مان اُنَ جي گهر آيس.
ڪريم بخش جي سسي چوي ته
منهنجي ماءُ ڏوهاري آهي."

٢٩- حشمت شاهه چشتي - ليکڪ "ليلي مجنون"، "بهار حشمت شاهه"، "گلزار حشمت شاهه" ۽ "سسيءَ دا وڇوڙا" ۾ لکيا آهن. سسئي جي قصي کي ڪريم بخش برڪت الله، جلندر ۾ ڇپائي پڌرو ڪيو.

٣٠- حسن جي "سسي" ۾ پيگوان ۽ اُن جي ياڻي جو ذڪر ۽ پنهون جي وڃڻ کان پوءِ سسئيءَ جي ڏکن جو بيان آهي:

"اَمبر جهڙي مونهن وارو، اَچانڪ (سسئي) اُٿي،
گهر ۾ يار (پنهون) نظر نه آيس.
هن جو شهر ۾ رهڻ زهر ٿي پيو،
مڪان جون ڀتيون تلوار وانگر چيرڻ لڳيس.
هنجي سونهن جا سڀ دشمن ٿيا،
هن نازنين جي مٿان آپدا آئي.
منهنجي هوت کي پهاڻي ويا، حسن چوي،
مونکي هوت جي خبر خراب خوابن مان پيئي."

جاڳندي ٿي جڏهين سسئي بيابان ڏانهن ڊوڙڻ لڳي ٿي، ته هنجون سٺ ساهيڙيون هنکي واري واري روڪين ٿيون. سسئي هنن جي دلين جا جواب ڏئي ٿي جي واقع ٿي دلسوز آهن. اُن کان پوءِ سسئي ۽ سعدس ماءُ جي گفتگو شروع ٿئي ٿي جا سسئيءَ جي بيابان ڏانهن هلڻ سان ختم ٿئي ٿي.

٢٧ - سلطان اَحمد جي سسئيءَ جو هڪ قلمي نسخو مون، سک رفرنس لئبرري، اَمرتسر ۾ ڏٺو (نمبر ٤٢٦٠ جي ١٤٦ کان ١٥٢ صفحن تائين لکيل آهي). سلطان اَحمد هي قصو ماءُ ڌيءَ جي سوالن جوابن ۾ بيان ڪيو آهي؛ هڪ "سي حرفي" آهي. ماءُ جي گفتگو هيئن ٿي شروع ٿئي:

"او سسي! تنهنجي ماءُ توکي،
پهريون سبق اهو ٿي سيکاري
تہ هوتن تي ويساهہ ڪونهي،
آڌيءَ رات بيابان ۾ ڪوچ ڪن
۽ اُٺ وٺي روانا ٿين.
سلطان اَحمد چوي سسئيءَ کي
تہ پنهونءَ جو آسرو لاهي ڇڏ."

پوين بيتن ۾ سسئيءَ جو بيابان ۾ ڊوڙڻ ۽ مري پنهونءَ سان ملڻ جو ذڪر تمام دردناڪ آهي.

٢٨ - ڪريم بخش - چٺن لکن واري "بارهان ماهہ" ۾ سسيءَ جي دکن جو ذڪر ڪيو آهي. هو قلعہ مياسنگهہ (ضلعو گجرانوالا) جي مسجد جو ملو هو. هڪڙي ٿي سڪيلڌي جوان پٽ جي اچانڪ موت ڪري تمام اُداس ٿي پيو، ۽ پنهنجن دکن جو اِظهار ڪرڻ لاءِ هن سسئيءَ جي ڪهاڻي ڪوتا ۾ آندي. پنهنجي مئل پٽ کي پنهون ۽ پاڻ کي عشق جي ماريل سسئي سمجهي، اهڙا تہ دردناڪ ورلاپ ڪيا اٿس جو ضلعي گجرانوالا ۽ شيخ پورا جا ماڻهو، ڪريم بخش جي اِها دل جي پڪار طبلن ۽ چمٽن سان ڳائيندا آهن: (١)

"مانگهہ جي مهني مونکي ماري وڌو،
مونکي پنهنجي اصلي ياد آئي."

---

(١) پروفيسر شير سنگهہ شير - "پنجابي دنيا" - پٽيالا - آگسٽ ١٩٥٢.

وڏو بيت: صبح جو وقت ٿيو، سڄي رات گذري ويئي،
سڄو پلنگ ڏسي، سسئي ٻـاڪاري ٿـي،
مٿي جا وار ڪٽي کوليائين ۽ چوڙا ڀڃي ڇڏيائين،
وڏوا جو روپ ٿاهي، هار سينگار ڦٽا ڪيائين،
ڀڳوان کي پٽي چوي ته مونکي ختم ڪر،
منهنجي جان وٺ،
يـا مونکي پنهنجي محبوب جو ديدار ڪراءِ.

دوکيباز بلوچن کي سزا ڏي، جي پنهنجي پياري،
ڪـونـج وڃ ڪـان وڇـوڙي ويـا!"

٣٦- چراغ دين- هن "عشق لهر" ۽ "سي حرفي ۾ بارهاماهه" لکي آهي. هو لاهور ۾ موچڪو ڏندو ڪندو هو، راجنيتي ڪمن ۾ حصو وٺندو هو ۽ ڪجهه وقت مغلپرا جي ريلوي ڪارخاني ۾ به ڪم ڪيائين. ستر ورهين جي عمر ۾ سنه ١٩٥٠ع ۾ گذاري ويو.

٣٧- منشي محمد رمضان ڪوڪو (جنم ١٨٨٢ع) وزيرآباد جو رهاڪو هو. هن "گستاخي عورت": چار سي حرفيون، "قصا شاهه سلطان محمود"، "فرهاد هير"، ڪافيون شعلهٔ عشق" ۽ "فرياد بيوهه" کان سواءِ "سسئي پنهون" جو قصو به لکيو آهي جو شيخ آدم جي عبدالله، لاهور، سنه ١٩٤٦ع ۾ ڇاپي پڌرو ڪيو. هيءَ سڄي رچنا، ڏوهڙن (شعر) ۾ سسئيءَ ۽ قاضيءَ جي وچ ۾ گفتگو آهي، مثال طور:

سسي: "بهار جو باغ، سرڳ جي نعمت،
پنهون کان سواءِ کهڙي ڪم جا؟
اي رمضان! اسان لاءِ بهشت کان وڌيڪ،
سـنـي آهـي اڏامـنـدڙ ڌوڙ."

رچنا "مانجها" (نظم) ۾ لکي ويئي آهي. جنهن جنهن ٽڪن جا ڪل ٢٦ بند آهن. ٻولي تمام مٺڙي ۽ سولي "لهندي" (ملتاني) آهي.

٣١- محمد بخش- جي "فگان سسي" جي ڏارنا هيٺين آهي:

"پنهون، توسان منهنجون اکيون چو پلجي اَڙيون!
تنهنجي فراق ۾ منهنجي جند رلي ويئي آهي."

٣٢- سردار هرنام سنگهه- هن ٤٥٢ ڪبتن ۾ سسئيءَ جي ڪهاڻي لکي. هيءُ ڪوي سيڪا ڳوٺ (رساين پٽيالا) جو رهاڪو هو.

٣٣- شاڪر- ڊاڪٽر موهن سنگهه هن ڪويءَ جي لکيل "سسي" جي قصي جي خبر ڏني آهي.

٣٤- شري اِندر سنگهه "مسڪين" ڳوٺ دوابا (ضلعو گرداس پور) جو رهاڪو آهي. سندس بيتن ۾ لکيل "سسي پنهون" جو قصو، ڀائي چتر سنگهه جيون سنگهه، اَمرتسر، واري ڇپايو.

٣٥- ڀائي چمن سنگهه جسونت سنگهه، ڳوٺ راءِ سنگهه سڪروني سنگهان جي، پٽيالا جو آهي. هن جي رچنا ڀائي دربارا سنگهه جوڌ سنگهه ڇپائي پڌري ڪئي. قصو "ڪڙاڪيدار، شان شوڪت وارن ڪلمن، آوازن، گونا بيتن" ۾ لکيو ويو آهي ۽ مالوي ۾ عام ڳايو ويندو آهي. مثال طور:

ننڍو بيت: "سسئي پلنگ کي ڏسي روئي ٿي،
ودوا آنسن جو هار پيئي ناهي.
بدن جا وار پٽي پٽي،
باغ خراب پيئي کري.
هنجو جهان لٽيو ويو آهي.

٤٢- ملڪي رام جو قصو ٻيٽن ۾ آهي ۽ وڏي ماپ جي ٦٤ صفحن ۾ ڇپيل آهي. ان کي جي. ايس. سنت سنگهه ۽ سنس، چوڪ متي، لاهور واري ڇپائي پڌرو ڪيو. قصي جي پڇاڙيءَ ۾ ميان علي محمد يسين جو خيال درج ٿيل آهي جنهن ۾ هو ملڪي رام جي سسئيءَ کي ”هير وارث“ ۽ ”سوهڻي فضل شاهه“ سان ڀيٽي ٿو:

”وارث شاهه جي ’هير‘، ۽ فضل جي ’سوهڻي‘،
ملڪي رام جي ’سسئي‘- ٽي ٽي مشهور آهن.
ماڻهو انهن جي نالن کي سڃاڻن ٿا.
ٽيئي چنڊ وانگر دور دور تائين روشن آهن.“

٤٣- اَحمد دين- ميان والي جو هو. هن ”سوهڻي مهينوال“ کان سواءِ ”سسئي پنهون“ جي پريت ڪهاڻي به ڪوتا ۾ لکي آهي.(١)

٤٤- خدا بخش ”صبر“، موچي دروازي، لاهور جو هڪ مستري هو. هن ”جديد فگان سسئي“ نالي قصي ۾ سسئيءَ جون پڪارون هڪ دل ڇيڙيندڙ ڍنگ ۾ لکيون آهن:

”تو کان سواءِ منهنجو جيئڻ محال آهي،
اُٺ موٽاءِ ۽ مون کي پاڻ سان وٺي هل.“

اهو ڪتاب ڀائي ديا سنگهه، ڪتاب فروش، لاهوري دروازا، لاهور واري ڇاپي پڌرو ڪيو. قصي جي پڇاڙيءَ ۾ ڪويءَ جو هڪ اُردو غزل به ڏنل آهي.

٤٥- نور محمد جي ”سسئي“ ’سي حرفي‘ ۾ آهي ۽ ڇاپيندڙ لالا موتيرام، مفيد عام پريس، لاهور وارو آهي. هن قصي ۾ ماءُ جو ڌيءَ کي روڪڻ ۽ سسئيءَ جي سڪ تمام چست ڏيڍن ۾ لکيل آهي. جيئن ته

---

(١) ڊاڪٽر فقير محمد فقير- ايڊيٽر ”پنجابي“، لاهور.

قاضي - "راتِ جو قافلي ڪوچ ڪيو،
سسئيءَ کي ڇڏي ويا ڇڙيو ڪري، خبر نه لڌائون.
سسئي تنهنجي ڳالهه سيني ملڪن ۾ ڦهلجي ويئي آهي،
گهڻو وانگر ڦهل آهي."

٣٨- پنڊت ڪشنچند - ڊاڪٽر بنارسي داس، ڪشنچند (گوٽ بدووال، ضلعي لڌيانيءَ جو رهاڪو) جي لکيل "سسئي" جو ذڪر ڪيو آهي.(١)

٣٩- مير حسين - "سسي دي وَنڄ" تمام دردناڪ ٻوليءَ ۽ عبارت ۾ قلمبند ڪيو آهي، جيئن ته

"مون اڃا ميلاپ جي سمنڊ مان پوري اڃ نه لاٿي هئي،
اڃا مون غريب جي پياس نه بجهي هئي ته
وري به مسڪين ٿي پيس.
مان اڃا ٻڌي نه ٿي هيس ته جلد ٿي 'ودوا' جي حالت آئي،
اوچتو غيبي وڇوڙو ٿي ويو، مون سان ظلم ٿي ويو.
هاءِ هاءِ! مون غريب کي لٽڻ لاءِ، ڪٿان لٽيرا آيا؟
لٽي پڄي ويا، منهنجا نازڪ ٻوٽا پاڙن کان پٽي ويا."

٤٠- خواهش علي جي نالي سان "قصا سسي پنهون" به ڇاپي جو روپ وٺي چڪو آهي.

٤١- محمد بخش فرشي جو قصو منشي عزيز دين، نجم الدين، ڪشميري بزار، لاهور واري ڇاپيو. هن جي لکڻ جي طرز هيئن آهي:

"ڪيئن روئان، ڪيئن کلان،
منهنجا پنهون، مان تنهنجي آهيان.
تنهنجي رهائش جي خبر ٿي نٿي پوي،
اي پنهل تنهنجي خبر نه آئي آهي."

---

(١) ڏسو- پنجابي زبان ۽ انجو ساهتيه- صفحو ١٣٨.

۴٨- منشي عبدالحميد- لوڪي قواليءَ جي طرز تي "فرياد پنهون" لکيو آهي جنهن ۾ ڇهن سٽن جي بند کان پوءِ هڪ دوهرو شامل آهي ۽ پنهونءَ جا ورلاپ لکيل آهن:

"اي پکوان، منهنجو منهن اُنهي پاسي ڦيراءِ
جنهن پاسي سسئيءَ جو شهر ڀنڀور آهي."

موصوف، سرڳواسي "آسي" جو شاگرد هو. مٿيون قصو ميان ڪريم دين، مالڪ ڪريمي جنتري، لاهور، واري ڇپي پڌرو ڪيو.

۴٩- مولوي نورالدين جو "سسي پنون"، جو حافظ شمس دين منورالدين ملتان واري، ڇپائي پڌرو ڪيو. ڪويءَ سڄي ڪهاڻي ڇندن ۽ ٻيرن ۾ اڏوهي پيش ڪئي آهي. "ڪافيون" ۽ "ڦگانا" تمام سنا آهن ۽ ملتاني شبدا وليءَ جي ڪم آڻڻ ڪري ڪافي رنگ ڪڍيو اٿن. قصو ڪويءَ جي نالي، پتي، ۽ اُنجي لکڻ جي تاريخ (١٨٩٥ع) باري ذيل تڪن سان ختم ٿئي ٿو:

"نورالدين، عمر جو پٽ، ذات جو اُپاڻو،
شهر اَلودي واليءَ ۾، پنهنجو گهر اٿس.
ٻيرهن سو ٻيرهن هجري سن ۾ ناهيو
سسئي پنهون جو پراڻو قصو مگر نئين ڍنگ سان لکيل."

۵٠- سيد اڪبر شاهه جي قصي "سسي و پنون" جو ڇپائيندڙ حافظ شمس دين منورالدين ملتان وارو آهي. ٻولي 'لهندي' اٿس:

"مان لوڪي (ماءُ ڪي) بنيءَ ۾ جلايان، ٻاهه سان ڀنڀور ساڙيان،
جا صلاح لوون ڏيسن ٿي، اها صلاح مور نه مڃيندي يس.
ٻار پنهل جي چال سهڻي آهي، مونکي هر گهڙيءَ موهت ڪريندي،
هوت جي صورت نه بلوچن واري آهي،
مونکي هڪ پل به هت (ڀنڀور) رهڻ نٿي ڏني."

ماءُ: جن جي سڪ ۾ ويٺي آهين،

سي ڇرن وانگر پيڇي ويا، پيد نہ ڏنائون،

نور محمد چوي،

ويچاري سسئيءَ ٿي پراوا ماڻهو تا ڪلن ۽ ڪيس مهڻا ڏين.

ڏيءُ: دکايل کي وڌيڪ نہ ڏکوءِ،

اي اماں! مهنجي اندر باهہ پيئي ٻري، وڌيڪ نہ سناءِ،

ڪيچ شهر ۾ ايمان آهي،

ڏسڻ ۾ مديني جهڙو آهي، مونکي اُن تي يقين آهي.

پنجابي پرڪاشنا جي فهرست (ڇپايل پنجابي وڀاڳ، پٽيالا) ۾، مجتبائي مصطفائي لاهور، ١٩٤٤ واري ڇاپي جو بہ ذڪر آهي. مون وٽ جي. ايس. سنمت سنگهہ ۽ سنس، لاهور جو ڇاپو بہ پيو آهي.

٤٦ - محمد بخش ”ظالم لوڪ شيرين تيري شهر دي“ جي گاني تي، هڪ سندر ۽ ننڍي رچنا لکي آهي جا عزيز دين نجم دين، لاهور واري ڇپائي پڌري ڪئي. طرز هيٺينءَ ريت آهي:

”سسئي اڪيلي بيابان ۾ رلسي پيئي،

يار پنهونءَ جي ڏاچي نظر نٿي اچي.“

٤٧ - معراج دين ”بيدم“ امرتسر جو رهاڪو ۽ ڪوي موسيٰ لڌيانويءَ جو شاگرد هو. هن جو ”فرياد پنهون دي فراق سسي“ مولوي ولي الله، ڪشمير بزار، لاهور واري ڇپي پڌرو ڪيو. قصي جي ٽيڪ هيءَ آهي:

”سسئي فريـاد ڪري پيئي پڪاري،

پنهون يـار جي ڪا خبر پڌايـو.“

سسئيءَ جا ورلاپ هن جي وچايل بار لاءِ لکيل آهن، اِنهي ڪري قصي جو نالو غلط نظر اچي ٿو. قصي جو بيو اُتواد جوت سنگهہ، سنمت سنگهہ، لاهور واري بہ ڇپيو آهي.

٥٩- مير رحمت الله "رحمت"- هن "رحمت دي ڏاچي" نالي قصي ۾ پنهنجي مرشد جو وڇوڙو بيان ڪيو آهي، نيڪ اٿس:

"ڏاچيءَ وارا، قرب ڪري،
منهنجي دل کي لئي ويو آهين."

مذڪور قصو امير بخش ۽ سنس، لاهور ڇاپيو آهي.

٦٠- ميان محمد دين صفري، بٽالي جي حڪيم مهردين جو پٽ هو. هن "پيارا ماهي" نالي قصو سسئيءَ جي وڇوڙي بابت لکيو آهي. ڏارا هيٺين اٿس:

"تنهنجو عشق وهڻ نہ ڏي، اڄ مل مونکي پنهون يار،
تنهنجي ڳولا ڪندي، مان رڻن ۾ اڄي منجهي آهيان."

اهو قصو منشي عزيزدين نجمدين، لاهور، سپٽمبر ٢٢، ١٩٣٣ع ۾ ڇپائي پڌرو ڪيو.

٦١- حضرت مولا شاه- "مڪمل سسئي پنون" کان سواءِ "سي حرفي سسي پنون" بہ لکي اٿس. سي حرفيءَ ۾ پنهونءَ کان وڇڙيل سسئيءَ جي سڪ ڳاتل آهي ۽ هن طرح شروع ٿئي ٿي:

"ڀوريائين اڪيلي سيج تان اٿيس، منهنجو نشو لٿو،
نہ اهي اٺ نہ اٺن وارا، منهنجو يار گم ٿي ويو،
رات جو پنهنجي دلبر پنهونءَ سان ستيس،
مولا شاه چوي، هميشہ هو نظر نثو اچي،
منهنجو دلدار هليو ويو."

٦٢- ملڪ محمد دين "دردي"- "سسي دا اڙدا عشق المعروف" لکيو آهي جو قڳوارڻي واري ميان خوش محمد پرڪاشت ڪيو. ڪتاب جي پڇاڙيءَ ۾ ڏنل ڪافي تمام غمناڪ آهي.

٦٣- ڀائي مت سنگهہ- مالوا جي مشهور قصي نويس ۾

سيد صاحب ڏھ ڪافيون ۽ "قصہ مصري" ۾ لکيا آھن. اھو قصو ١٢٣٧ ھجريءَ ۾ لکيو ويو ۽ ١٩١٠ع ۾ ڇپيو.

٥١ - رکي سنگھہ - ھنجو قصو "سسي پنون"، سردار شرنا گت سنگھہ، بزار مائي سيوان، امرتسر واري ڇپائي پڌرو ڪيو.

٥٢ - عبدالڪريم جي "سسي" ھڪ درد ڀري رچنا، مثنويءَ جي 'بحر' ۾ لکيل آھي. بوليءَ ۾ ملتانيءَ جي گھڻي ملاوت آھي.

٥٣ - غلام جي "سسي" بابت ميان محمد بخش "سيف الملوڪ" جي پڇاڙيءَ ۾ ھيءَ خبر لکي آھي:

"بيو 'غلام' ھو جو چوي
غم جا بيت سسيءَ جا."

(٥٤ - ٥٧) "سسي پنون" جي ڪھاڻي نثر ۾ پرنسيپال تيجاسنگھہ ۽ پروفيسر ايس. ايس آمول (پنجابي پوري، ١٩٣٢)، پروفيسر سريندر سنگھہ ڪولھي (پنجاب دي٘ان پريت ڪھاڻيان، ١٩٤٤) سردارني امرتا پريتم (پريت ڪھاڻيان، ١٩٤٧) ۽ سردار گوبخش سنگھہ (پريت لڙي، جون ١٩٥٦) لکيون آھن.

٥٨ - منشي محمد عبدالله، فيض پور خورد جو رھواسي ھو. ھن "فرياد سسي" لکي جنھنجي ٽيڪ،

"اُٺ وارا، ناڪيليءَ ڪي موڙ."

پنجابين جي دل ۾ وسي ويئي آھي. قصي جي آخرين بند ناٽڪ روپ اختيار ڪيو آھي:

"عبدالله، مان جي مديني پاسي وڃان،
حاجين سان گڏجي،
ٻنيان ٻيا سڀ پڪاري چوندا،
اُٺ وارا، ناڪيليءَ (مھار) ڪي موڙ."

هيءَ هڪ عجيب رچنا آهي جا هيٺين شروع ٿئي ٿي:

”الف ڇــوي آرام ويو، قافلي وارا حملو ڪري،
ڪيچ هليا،
مان کٽ تي سمهي نـٿي سگهان، گلي ۾ پلؤ پاتي،
وڙهان ها ليڪن هـن جو پـلؤ نــہ ڇڏيان هــا،
مان پاڪري تي چڙهي وڃان ها، هوت کي ميڙائڻ،
قسمت پرير ٽوڙي ٿي، پر مان پريت نٿي ڇنان،
ڪچا اَنب ٽوڙيائين، ڪا کهل نــہ ڪيائين.“

سڄي رچـنا ڏيڍن ۾ آهي ۽ اکرن جي جادوءَ سان پـري پيئي آهي. هر ٽڪ هيٺان اُن جو ٽت فارسي ٻوليءَ ۾ لکيل آهي، جيئن تہ:

”مـون هوتن جي ڳالهہ نہ سمجهي،
يار کي گلي سان لڳائي سمهيس، اٻاهر ٿي ويس.“

ڪيترن هنڌن تـي فارسي ترجمي جـي مـدد کـان سواءِ پنجابي ٽڪون پڙولين وانگر لڳن ٿيون.

٦٨- ڪَڪو- ليکڪ جو ”بيت سسئي پنهون“ جو هٿ لکيل نسخو، نئشنل لائبريري، ڪلڪتي ۾ پيو آهي. سي حرفيءَ ۾ آهـي، جنهن ۾ پنهونءَ جي وڇڙڻ کان پـوءِ سسئيءَ جـي اَڇـانڪ تڪليف ۽ سندس جذبن جو بيان آهـي. ان جـو پهريون بند هيٺين آهي:

”الف ڇوي اُج ويا، هوت مون کان ڇڏي،
نکي آرام ڪونهي، مان ڇا لاءِ جيئان؛
سڄي سيج مونکي ڪائي ۽ ڊيکاري ٿي،
دل تـي ٽيم لــہ زهــر ڪٽي کـان؛
پنهونءَ کان سواءِ دڪايل ڪـي صبر ڪٿي!
ٿس پڇيم تــہ وڃي هــن سان مــلان؛
لکو ڇــوي لڪ شاديـن مـان ڇـا؟
جــي يـار ملي نہ خوش ٿــي وڃــان.“

شمار ڪيو ويندو آهي. هوُ موڙ ڪلا ڳوٺ (تعلقي پنڊدا) جو رهاڪوُ ۽ سري مانسنگهہ جو شش هو. هن سروٺي، شامو، شهيد پرڪاش، سوهڻي مهيوال وغيرهہ کان سواءِ "سسئي پنون" جو قصو بہ لکيو آهي جو سيوا سنگهہ، ڪتب فروش، اَمرتسر واري ڇپائي پڌرو ڪيو. لکڻ جي تاريخ ۱۹۶۹ بڪرمي (۱۹۱۲ع) آهي ۽ گهڻو تڻو ڪبتن ۽ ڪيسري چندن ۾ آهي.

۶۴- مولوي محمد حفيظ الله قريشي، نقشبندي فرقي جو پوئلڳ هو. سنہ ۱۳۳۸ هجري (۱۹۲۰ع) ۾ "فرهاد سسي" لکيائين جنهن کي مولوي محمد اَڪبر علي لاهور واري ڇپائي پڌرو ڪيو:

" تنهجي عشق ۾ ماريل ڇِري ٿي،
مون بيابان ۾ مصيبتون سَنيون،
روز زاروں زار پيئي روئان،
اُٺ وارا، مهار کي موڙ."

۶۵- حڪيم حافظ فضل اِلاهي - دهلي کان سند حاصل ڪيل حڪيم ۽ محمدي ڳوٺ، پوانا پوسٽ آفيس، جهنگ ضلعي جو رهاڪوُ هو. هن ۱۳۵۱ هجري (۱۹۳۲ع) ۾ "سسئي پنون" جو قصو لکي پورو ڪيو.

سندس رچنا ڪنهن نجي ڏک جو قل آهي ۽ ٻوليءَ جي لحاظ کان پنجابيءَ جي سسئي ساهتيہ ۾ هڪ خاص جڳهہ ٿي والاري.

۶۶- پڳت بخشي - اَمرتسر جو رهاڪوُ هو. "عاشقن دي هاري" ۾ سسئي پنهون جو قصو بہ لکيو اٿس.

۶۷- سيد فضل شاهہ - نوان ڪوٽ، لاهور جو رهاڪوُ هو. "دوهرا- جامع زومهني والجنيسي" ناالي ڪيترن ئي پريم ڪهاڻين کان سواءِ هن "سي حرفي سسئي" بہ لکي آهي.

شڪ نہ آهي تہ اهو سمو پنجابي ساهتيہ جي لکيت جي روپ ۾ اچڻ ڪان اڳ جو آهي. ماڻهن هن آدرشي جوڙي جي پريم ڪهاڻيءَ کي پنهنجي دل جي اندر جڳهہ ڏني، جا جذبن سان ڳنڍجي، لوڪ-گيتن جي صورت وٺي ٻاهر نڪتي.

لوڪ-گيتن ۾ هيءَ ڪهاڻي تمام سادي ۽ مختصر نموني ۾ بيان ڪئي ويئي ان لاءِ تہ ياد رهي ۽ جڏهين بہ دل ٿئي تہ ڳائي سگهجي. پوءِ جي لکيل پورن قصن وانگر هن ۾ آدم جام جي دٻدٻي، سسئيءَ جو نياڳي جنم، درياهہ ۾ لوڙهجڻ، ڌوٻيءَ جي گهر پلجڻ، پنهونءَ جي ملڻ تي ساڻس شادي ڪرڻ، بيابان ۾ ديدار جي ڳنڍجڻ، قبر ڦاٽڻ ۽ ٻنهي جي وري ميلاپ ماڻڻ جهڙن واقعن کي جاءِ نہ ڏني ويئي. منجهس رڳو سسئيءَ جي انهن ڏکن کي ڳاتو ويو جن عوام جي دلين تي گهاٽو اثر وڌو آهي. 'ٻار ڏي ٻوليان' کان سواءِ جيڪي بہ فالتو گيت پڙهڻ يا ٻڌڻ ۾ آيا آهن، سي گهڻي قدر سسئيءَ جي گهري ننڊ ۽ پنهونءَ جي وڃڻ کان پوءِ ڳولا ۽ ورلاپن جو بيان ڪن ٿا.

هيءَ ڪهاڻي اهڙن لوڪ-گيتن جي ذريعي ماڻهن جي زبان تي هلندي رهي، ۽ سندين دلين تي اُڪرجي ويئي. ان جا پاتر پنهنجي سونهن، صدق ۽ قربانيءَ سبب، پنجابين جا پيارا پاتر بڻجي ويا. ڪنواريون ”سسيون“ ڪرائڻ لڳيون ۽ جوان ”پنهون“؛ ۽ ٻئي سندن نالا وٺي پنهنجو عشق ڳائڻ لڳا. ميلي تي ويندڙ پنجابي زالون، سسئيءَ جو گيت ڳائڻ لڳيون:

” اُٺن وارن رستو روڪي ڇڏيو،
ڇوڪريون چراگاهن تي گهميون.
’جيتو‘ ڳوٺ ۾ ميلو لڳو،
آيون ’سوهڻيون‘ ’سسيون‘ روانيون ٿيون.“

٦٩- سردار شيوا سنگهہ- اُرڙهين صديءَ جي پڇاڙيءَ جو ڪوي، سردار ڪيسر سنگهہ جو پٽ ۽ گجرات جو رهاڪو هو. ڊاڪٽر موهن سنگهہ جي چوڻ موجب، هن بہ "سسئي پنهون" جو دلپسند قصو لکيو آهي.

٧٠- ڪوي ڪان سنگهہ- چنڊپور (ٻڇي پوسٽ آفيس) ضلعي مانٽگومريءَ ۾ جائو هو. گرو بلاس، رامچند چرتر، هري چند ۽ برثري وغيرہ جي قصن کان سواءِ هن ڪيترن ٻين جوڙن جون ڪهاڻيون بہ لکيون جن ۾ "سسئي پنهون" جو قصو بہ شامل آهي.

نوٽ- ڊاڪٽر موهن سنگهہ لکيو آهي تہ "سسئي پنهون" جو رومانس "پنجابيءَ ۾ سڀ کان پهرئين هڪ مسلمان ڪويءَ ١٢٣٣ع جي لڳ ڀڳ لکيو (١)، پر ڊاڪٽر صاحب ڪويءَ جو نالو ۽ پتو ڄاڻايو نہ آهي ۽ نہ وري ڪو حوالو ڏنو اٿس، ان ڪري هن وقت ڪجهہ بہ وثوق سان چئي نٿو سگهجي. جيسيتائين مهنجي کوج جو واسطو آهي، هن لقب جو حقدار اڃا تائين حافظ برخوردار آهي.

لوڪ- گيتن جي ڪهاڻي

"رڻ تتل، ماڻ تتل، آکين جا تارا بہ تتل،
اي مالڪ! بڌاءِ تہ ڪڏهين پنهونءَ سان ملڻ ٿيندو!"
(لوڪ- ڪوي)

پنجاب جي ٻين پريت ڪهاڻين وانگر سسئيءَ جو رومانس بہ پهريائين لوڪ گيتن ۾ ڳاتل سمجهجي ٿو. اها خبر نہ ٿي پوي تہ اهو گيت پهريائين ڪڏهين ۽ ڪنهن ڳاتو، ۽ نہ وري چئي سگهجي ٿو تہ ان جو اصلوڪو روپ ڪهڙو هو، پر انهيءَ ۾

---

(١) آئن انٽروڊڪشن ٽو پنجابي لٽريچر، ١٩٥١، صفحو ٤٥.

آسمان مون لاءِ آڳ آهي، اي منهنجا پنهل!
اپ هڪ باهه آهي، اي منهنجا سوداگر!
منهنجي اڪيلي زندگي روئي ٿي،
اي منهنجا پنهل!"

ٻار دي ڍوليان جي ڪهاڻي

مٿي ذڪر ڪيل ٻار لڙي ۾ بدل ڍولن مان منهنجو اشارو ساندل ٻار (الهندي پنجاب) جي اُنهن لوڪ-گيتن ڏانهن آهي، جي ماڻهن جي دلين جي گڏيل آواز هئڻ بدران، اُنِ جي رهندڙ لوڪ-ڪوين جي رچنا آهن. هونءَ ٻار جي لوڪ-گيتن ۽ لوڪ-ناچن ۾ سسئيءَ جي ڪهاڻيءَ جا ڪافي حوالا هر هنڌ ملن ٿا، جيئن ته:

دوهرا- "سسئيءَ جي ماءُ ڌيءُ کي ٻڌائي، بلوچن جي ريت
ايندڙ رات جي منزل رئي،
پوئين رات تياريءَ ۾ لڳا ٿين.
اي سسئي ٿون 'نور' پهاڙ تي چڙهي آهين
پنهون اُنِ جي قطار سان پيو وڃي.
اي سسئي بيابان ۾ رلي مرندينءَ
سڄي عمر رت روئندينءَ!

جهمر- پنهل خان جو خيال! مونکي خان پنهل جي لڳن،
جتي ٻر ۾ ڪونجون رُنِ، يار ويو سڏڪا ٿي ڀريان،
هوُ الائي جاڻي ٿو ڪي نه ۾ منهنجو يار شل خوش هجي
منهنجو مڙس شل شاد هجي.

بيت- منهنجون ڳالهيون شل قيامت ڏسنهن تيسن،
منهنجون ڳالهيون قيامت وقت ٿين، بلوچن سان.
مون پنهل سان پاڻي ٻاري،
رات هليو ويو چور شڪاري،
اڳهاڙن پيرن سان بيابان ۾ هلان، بلوچن سان!

پنهنجي پياري سپاهيءَ کان وڇڙيل پنجابڻ پنهنجي جسماني ڪمزوريءَ ۽ چرخي جي سستيءَ سبب پياري پنهونءَ جو وڇوڙو پڌائڻ لڳي:

"چرخي جو هٿيو پيو هلي، ڌاڳو ٻه گهمي رهيو آهي،
سيني ساهيڙين پنهنجا ڏيرا ڏاهيا پر مون کان سٽ ڪتجي نٿو؛
چرخو ڪيئن هلايان؟ منهنجو من پنهونءَ ڏانهن پيو ڊوڙي."

ڪيس گهڻيءَ سڪ سان هن نموني نياپا موڪلڻ لڳي:

"ڪڏهين ڪڏهين تہ پنهون، منهن موڙ،
مهار موڙ ۽ اچي گهر وساءِ،
پيارا پاڻ ملاءِ، هيئن نہ سڪاءِ،
مان تنهنجا لک لک ٿورا مڃيندس."

پنجابيءَ ۾ "بلوچا" مڙس جي معنيٰ ۾ ورتو ويندو آهي. اُلي جون زالون سستيءَ جي مثال ڪري وڇوڙي جون تڪليفون جاڻن ٿيون، انهيءَ ڪري نوڪريءَ تي چڙهندڙ مڙسن کي پاڻ سان وٺي هلڻ لاءِ هيٺيون سٽون ڪم آڻي، نيزاري ڪنديون آهن:

"جي تون نوڪري تي چڙهڻ لاءِ هليو آهين، اي پيارا،
اي پيلا لوڪ! مونکي بہ پاڻ ساڻ وٺي هل!"

ٻيو بہ اهڙو گيت آهي، جنهن ۾ پرديس ويندڙ پريميءَ کي سسئيءَ جي دردناڪ ڪهاڻيءَ جو حوالو ڏيندي، پاڻ سان گڏ وٺي وڃڻ لاءِ وينتي ڪئي ويئي آهي:

"ڪٿي تو وڃين اي واپاري، او سوداگر مالڪ!
رڻ پٽ ۾ پٽڪندڙ سسئي روئي ٿي،
اي سوداگر مالڪ!
مونکي بہ وٺي هل، اي منهنجا پنهون!
ڪٿي ويو آهي، اهو ڪارو ڪڪر،
اي سوداگر مالڪ!

وڃو آهي ۽ آدم جام کي پنجاب جو راجا ڪوٺيو ويو آهي، وغيره. (١)

فقير راج محمد جي ڪهاڻي

”روئندي ڇڏي نه وڃ، اي ڏاچيءَ وارا،
قسم اٿيئي، پلو پڪڙيندڙن جو.“
(راج محمد)

”لنمي دي واهڻي“ پنپور جي وسيل شهر ۾ پنجاب جو راجا اولاد ڄمڻ کان اڳ، جونشين جي خبر ملڻ تي، هن کي درياهه ۾ لوڙهڻ جو فيصلو ڪري ڇڏي ٿو:

”شهر جو نالو پنپور آهي،
هيٺ پاڻيءَ سان ڀريل درياهه پيو وهي،
آدم جام راجا آهي، پنجاب جي پرانت جو
هنجي گهر اميدواري آهي،
ڇنيون لکي جونشين کي ڪوٺي ٿو.
جونشي پڇي، حساب لڳائڻ لڳا ـ
چيائون ته، تنهنجي گهر هڪ ڇوڪري پيدا ٿيندي
جا تنهنجو خون ڪندي ۽ راڄ ڦٽائيندي.
راجا چيو ته مان هن کي ڄمڻ شرط ماري ڇڏيندس
خون خرابيءَ وارو ٻوٽو ٻاڙ کان پٽي ڇڏيندس.
سسئيءَ جي لڙهندي ايندڙ صندوق، اٿو ڌوٻي ڪڍي
ٿو. هو سسئيءَ کي ڌوٻي جي ڌيءُ ڪري پالي ٿو، هن لاءِ

---

(١) جڳهه جي لنگيءَ ڪري، هن جي پوري روپ ۾ ڇاپڻ جي بدران گهرج موجب چونڊيو ويو آهي. هيءُ سمورو (بار دي بولي) صفحي ١٨٦ کان ١٩٨ تائين ڇپيل آهي. اهڙي بئي ڪهاڻي روپ لاءِ ڏسو 'نئن جهنا'- ليکڪ هرجيت سنگهه، صفحا ١١٣ کان ١٢٥.

پنجابيءَ جي ٻين علائقن جي لوڪ- گيتن ۾ هن پريم- ڪهاڻيءَ جا اهڙا پورا ۽ ڦهليل حوالا اڄ تائين نه مليا آهن. هنن فالتو حوالن کان سواءِ، سچي ڪهاڻي بيان ڪندڙ "ٻولا" ملن ٿا جي آدم ۽ ڀنڀور جي ذڪر سان شروع ٿين ٿا:

"انهنجو شهر ڀنڀور، هيٺ درياهه وهي پيو،
وڏو آهي بادشاهه صوبي پنجاب جو."

سسئيءَ جي اَنوکيءَ سونهن جو بيان هن ريت آهي:

"سسئيءَ جي ٻار کان ڪستوريءَ جي سڳند پيئي اچي،
جڻ ڪا شاخ گلن سان ڀريل آهي؛
سسئيءَ جي ڇاتي سهڻي صاف گلاب وانگر آهي.
گويا عطر جي شيشي ڪلي آهي."

ٻنهي جا ڏک پڇاڙيءَ ۾ ڏنل آهن:

"پنهنجن ماڻهن کان (پنهون) پڇي ٿو ته ڪا سهڻي صورت ڏٺو جا وات سان 'پنڻ خان' پيئي پڪاريندي هجي؟

ديدار ڇيو نه ورلاپ ڪندي غائب ٿي ويئي، هن جو ٻاڙهو پلاند اُچا ٻاهر آهي. پنهون خان هٿ ٻڌي پڪارڻ لڳو. ڏوليءَ ڪيس جاءِ ڏني ۽ هو وڃي معشوق کي مليو.

اُهڙن لڙهي پوئل ٻولن ۾، ڪيترين پڇاڙيءَ وارن لڪن ۾، سنڌن رچيندڙن يا ڳائيندڙن جا نالا به شامل آهن؛ پر اهي ڪنهن هڪ اَڏ لوڪ- ڪوين (اَنُو، لڪڻا، راجا، وغيره) جي رچنا هئڻ جي باوجود، عام ماڻهن جي ٻوليءَ ۾ لکيل ۽ ڦهليل هئڻ ڪري، لوڪ- گيت ڏسڻ ۾ اچن ٿا. اُهڙي هڪ لوڪ- ڪويءَ راج محمد جي ٻولن ۾ سسئي پنهونءَ جي سچي ڪهاڻي، چڱي ڍنگ سان بيان ڪيل ٻار ۾ چالو آهي. ان ۾ سسئيءَ جو ڪهاڻي- روپ ڪيترن هنڌ نُهڻو منجهيل معلوم ٿئي ٿو، جيئن ته درياهه جو نالو ٻڌلايو

"سسئيءَ جي ڪنن ۾ آواز پيو
سسئيءَ چيو، سهيليون چرخو ٻوءِ چورجو هنر ڏياري
ڪريو ڪيچم کان شهزادو ڪهي آيو آهي
اَساڻي سڪ سبب رهيو درشن لاءِ.
منهنجي محبوب جي منهن مان ڪرندڙ گل مونکي ڏجو
جڏهين هو ڪلي ڪلي ڳالهائي.
سسئي چيو نہ گهڻين ۾ گل وڃايو،
نوار جو سيج پلنگ ناهيو."

مس مس پنهنجي ملپس سو سائينءَ جو شڪر ڪيائين. دلين پاڻ ۾ ڏي وٺ ڪئي ۽ سسئيءَ پنهنجو حال اوريو:

"سسئيءَ چيو تہ ڪرتار مونکي پنهون ملايو آهي،
مون سپني ۾ سندس صورت جو درشن ڪيو آهي.
مان جنم جي شهزادي آهيان، پر غريبن گهر پلي آهيان
مان لکن ۽ جاگيرن جي مالڪ هيس،
تنهنجي جلاد عشق پيار جي چريءَ سان کهي ڇڏيو.
اي ڏاچيءَ وارا! مونکي روئندو ڇڏي نہ وڃ،
قسم اٿيئي پلو جهليندڙن جو."

سسئيءَ پنهون کي پنهنجي ۾ رهائڻ ۽ ساڻس شادي ڪرڻ جي رٿ رٿي. پنهونءَ، سمجهائڻ تي، پاڻ کي "سهل" ذات جو ڄاڻايو ظاهر ڪيو ۽ ڌوٻين وانگر ڪپڙا ڌوئڻ لڳو. اڀتري ۾ سندس ڀائر ڪيچم کان آيا ۽ دوکي سان کيس پچائي وٺي ويا. سسئي جاڳي ۽ پنهونءَ کي نہ ڏسي، روئڻ پٽڻ لڳي:

"سسئيءَ چيو: جي مونکي ڄاڻ هجي ها.
تہ بلوچ سوير وڃڻا آهن تہ سڄي رات جاڳان ها،
سيني قافلي وارن کان کيس ڌار ڪري ڇڏيان ها.
جي سڌ هجيم ها تہ پنهون ويندو،
تہ لغامن کي پڪڙي وهان ها."

باغ لڳارائي ٿو ۽ محلات ٺهرائي ٿو. سسئي جوان ٿيندي ٿي وڃي، ۽ سونهن ۽ عشق هن جي اندر گهر ڪن ٿا. هوڏانهن قسمت ٻه پنهنجي چار پکيڙي ٿي:

”هين سسئيءَ کي بيشڪ صندوق ۾ بند ڪيو
بادشاهه جون مهرون (Seals) لڳائي.
معصوم سسئيءَ جي قسمت قتل آهي،
اوچي ڪناري تان هنکي ڪيرائي لوڙهيو وير.
ڌوٻيءَ جو نالو آتا هو،
هن کي ڪپڙن ڌوئڻ جو شوق هو،
هوُ لڙهندڙ صندوق ڪڍي،
درياهه جي ڪپ ڏانهن وٺي آيو.
ڇوڪريءَ جي سونهن سوڀيا ڏسي،
هنجو منهن ٽڙي پيو.
ڪيس اولاد جي سڪ هئي،
هن کي ڌرم جي ڌيءَ بڻايائين.
جڏهين سسئي ٻارهن سالن جي ٿي
ته هنکي عشق پيو سڏي، دروازي وٽ بيهي.
اها ڄڃ ڪيچ کان اچي آهي، پلا اُٿ وٺي.
فقير راڄ چوي ته اِها ڳالهه ٻلوچن کي وڃي ٻڌاءِ،
جن سسئي بيابان ۾ رلائي ماري.“

سسئيءَ ڪيچ واري پنهونءَ کي سپني ۾ ڏٺو هو ۽ سندس سونهن جي خبر ٻه ٻڌي هئائين. هڪڙي ڏينهن هن جي لکي باغ ۾ ڪيچ جا ڪجهه بلوچ واپاري اچي لٿا. باغ کي اجاڙيائون ته سسئيءَ کٽي قيد ڪين. بلوچن جند ڇڏائڻ لاءِ پاڻکي پنهونءَ جا پائر ڪونايو. سسئي ٻين کي پنهونءَ کي وٺي اچڻ لاءِ ڪيچ مرڪليو. پنهون پنيور آيو ۽ سسئيءَ سهيلين سميت سندس آدر ڪيو:

پڇيائين ته 'هتي اهڙي شهزادي ڏٺءِ،
جنهنجو نالو سسئي آهي ۽ بادشاهه جي ڌيءُ آهي -
سندس سونهن جو تاب ڪري، سهي نه سگهي؟'
ريڊار جواب ڏنو، 'هائو مون ڏٺي آهي،
ورلاپ ڪندي ۽ پڪاريندي،
پنهل يار کي پئي ڳولهائين.'

جڏهين عاشق پنهنجي معشوق جي هيءَ ڳالهه ٻڌي
ته سندس اَنومان پڪو ٿيو.
ريڊار چيو "هتي زمين اندر گم ٿي ويئي،
مون هتي پيهندي اهو اسرار ڏٺو.
جتي سسئي سمايل هئي اُتي ٻوڙندڙ ڏاڍي ويهي رهي،
اُتي روئندڙ عاشق جي پڪار ٻڌي ويئي؛
اُتي قدرتي زمين جو مٿاڇرو کلي پيو
پنهون ٻوڙندو، اُنهيءَ ۾ گم ٿي ويو."

بهاولپورين جي ڪهاڻي

سسئي پنهونءَ جي ڪهاڻي بهاولپور ۾ گهڻي چالو آهي. ڊاڪٽر موهن سنگهه لکي ٿو ته سسئي پنهونءَ جي روماني ۽ دردناڪ ڪهاڻي حقيقت ۾ اُن زمين جي آهي جا اَڄ ڪلهه بهاولپور رياست ۾ آهي، پر سنڌين ۽ بلوچن به مٿس حق ڄمايو آهي. معلوم ٿئي ٿو ته هيءَ ڪهاڻي اُنهي پراڻي زماني جي آهي جڏهين بلوچستان هندو هو ۽ "سيوستان" (١) ڪوٺيو ويندو هو. پر اڳتي وڌي لکيتو

---

(١) اَن انٽروڊڪشن ٽو پنجابي لٽريچر - ڊاڪٽر موهن سنگهه صفحو ٤٥٩.

سسئي پريشان ٿي، پنهنجي پيارن ۾ وئي،
سسئيءَ کي ماڻس علاج ڏني:
چوڻ لڳي، ”اي ڌيءَ،
غريبن کي جي ساهوڪار پسند ڪري
نه هو هوند سردارن مان گهٽيءَ ٻڌا ڪمائين.
تون پيادي آهين، سوارن جي سڳ نه رک
انيان جهنگل ۾ شينهن، نانگ ۽ بگهڙ آهن!
تنهنجون ڏانهون، ڪوڪون، ڪير ٻڌندو؟“
سسئيءَ جواب ڏنو، ”امڙ!
عاشق مصيبتن کي وزن نه ڏيندا آهن.
”جن عشق جا پيالا پيتا
اهي بهشت جي ڪوثر کي لئه ڪري نٿا ليکين.
جن برهه جي باهه سٺي آهي اهي باهه ٻيا وسائين.
دوزخ جي غارن کي باهه ڏيان
او امان! تون خيال نه ڪر،
تنهنجي جهڙا سان هتي رهي ڪين پوندا پس
ڪيترا غرور وڃي آئو،
بار بارن کي چڙي وٺي ڪونه رهندا آهن.“
ماءُ ٺهڪوني روڪيس پر سسئيءَ بلڪل نه مڃيو ۽ وڃڻ پنهونءَ کي پائڻ لاءِ ڪيچ جو رستو ورتو.
هو ڏانهن نٿي ۾ چڙهيل ٿيل ڪيچ ڏانهن وڃڻ پنهونءَ جي جڳهين اک ڪڍي نه ڏٺو پيچانائين. انهيءَ ساعت پنهور ڏانهن مهار ڦيرائين. پيادن مان لنگهندي، رستي ڏاڍي سسئيءَ سان جيڪي ٿي گذريو هو انهيءَ سڌ پيس، ۽ سسئيءَ جي قبر تي پنهنجي محبوب سان پنهنجي معشوق سان ملي هميشه لاءِ هڪ ٿي ويو:
”توبه توبه ڪندو چوڻ لڳو، ”ڳوڻ ٻڌاءِ:
مون يار کي ڏوکو ڏيئي گناهن جي ڳري ڪئي.

اي خدا! ظلم ٿي ويو، هوتن پنهل کي پڃايو
ويچاريءَ جي دل دکوايائون،
هنن کي ٻاجهه نه پيئي.
هوتن پنهل پڃايو.
مان بيابان ۾ روئندي ڀٽڪندي وتان،
اُن لاءِ جو پل ۾ گم ٿي ويو.
بيابان ۾ سوين ڏوکا آهن،
بيابان ۾ سوين ڏوکا آهن.
هنن کي ٻاجهه نه پيئي، هوتن پنهل پڃايو.
هوتن پنهل پڃايو، اي خدا! اِهو ڏسورو ظلم آهي."

اِهو گيت اِنهي نموني ۾ اڳتي وڌندو ٿو وڃي. گيت جو مزو، درد ۽ سِڪ

"هوتن پنهل پڃايو، اي خدا! اِهو ظلم آهي،
ويچاريءَ جي دل دکوهائون،
هنن کي ٻاجهه نه پيئي."

جي ورلاپ جو وري وري اچارڻ سان گيت ۾ جان وجهن ٿا. اڳيان ٻه بند به اِئين ئي ڳنڍيل آهن:

"ماڻهن خراب ڪيس، مست شراب پيارياٿونس،
ماڻهن خراب ڪيس، مست شراب پيارياٿونس.
دل چڙهه نه ڪنائونس، دل چڙهه نه ڪنائونس،
هنن کي کهل نه آئي، هوتن پنهل پڃايو."

شري هولورام ۽ ماسٽر چندرڀان (١) مونکي ٻڌايو ته سنڌي

---

(١) هي ٻئي دوست بهاولپور جا رهاڪو آهن ۽ اَج ڪلهه راجپرا ٽائونشپ ۾ رهن ٿا. هوتورام ساهتڪ رچنائن جو آهي ۽ چوڪيداري ڪندو آهي. چندرڀان لائبريري جو ڪم ڪندو آهي ۽ سڀئي، پورن ۽ گوپيچند جي ناٽڪن ۾ حصو وٺندو آهي.

جيئن 'يوسف زليخا' جي ڪهاڻي اَصل روپ ۾ يهُودي آهي تيئن سسئي پنهون اَصل ۾ يوُناني آهي.

بهاولپور جي هڪ وڏي صوفيءَ فقير خواجه غلام فريد، ان کي ڪيترين ڪافين ۾ ڳايو آهي. (١) هتي جي ماڻهن ڪيترن گيتن جي روپ (ڍولا، ماهيا، جهمر، دوهڙي وغيره) ۾ ڳائي ڳائي انکي محفوظ رکيو آهي. سردار هرجيت سنگهه ڪنهن جهوني زماني جي بهاولپوريءَ کان هڪ اَهڙو گيت حاصل ڪري ڇاپيو هو. (٢) ان ۾ پنهونءَ جي وڇڙڻ کان پوءِ سسئيءَ جي وڇوڙي کي تمام سادي پر درد ڀري ڍنگ سان بيان ڪيو ويو آهي. اُهو گيت هيئن شروع ٿئي ٿو:

" هوتن پنهل کي ڀڄايو، خدا! اِهو ظلم آهي.
هوتن پنهل کي ڀڄايو، خدا! اِهو ظلم آهي.
وچاريءَ (سسئي) جي دل دکوياءُون،
وچاريءَ جي دل دکوياءُون.
هُنن کي کهل نہ آئي، هوتن پنهل کي ڀڄايو.
مان سڄيءَ سيج تي سمهي آهيان،
مان پنهل جي عشق ۾ ڪُنل آهيان.
مان سڄيءَ سيج تي سمهي آهيان،
مان پنهل جي عشق ۾ ڪنل آهيان.
مان بدبخت لُٽي ويئي آهيان،
مان بدبخت لٽي ويئي آهيان.
هنن کي کهل نہ آئي، هوتن پنهل ڀڄايو.
هوتن پنهل کي ڀڄايو، هوتن پنهل کي ڀڄايو.

(١) ڏسو "ديوان فريد دي" - محمد عزيزالرحمان، ١٩٤٤.
(٢) "پنج درياه" - اَمرتسر، نومبر ١٩٥١ع، صفحا ٣٠-٣١

”همت“ پڙهيو ته هيءَ قصو لکڻ کان اڳ مون سنڌيءَ
جو جنم آستان ته ڏٺو هو. هن جي چوڻ موجب سنڌي،
”پنا واهڻ“ (رياست بهاولپور) ۾ جائي هئي. جنهن گهاٽ
تان هوءَ سنڌوءَ نديءَ ۾ لوڙهي ويئي، اُنکي ”لڙهه واني“
کوٺيندا آهن. اُتي پراڻي زماني جون جايون ۽ کجهه کنڊر
اڃا تائين موجود آهن. هن پڙهيو ته ”لڙهه واني“ کان ٿيتي
کيل سنڌيءَ جي صندوق پنهور پرسان لڏي ويئي، ۽ هوءَ
اُتي ئي هڪ ڌوبيءَ جي گهر ۾ پلي نپني.

حافظ برخوردار جي کهاڻي

جيئن اڳ پڙهيو ويو، پنجابيءَ ۾ سسئي پنهونءَ جي پوري
کهاڻي لکيل روپ ۾، سڀ کان پهرين، حافظ برخوردار
جي آهي. پوءِ جي قصي نويسن جو آڌار، عام طور، ان
تي سمجهيو وڃي ٿو.

برخوردار سسيءَ کي ”پنج ند“ ۾ لوڙهيل پڙهائي ٿو.
پنهونءَ کي ڌوبي پرگهٽ ڪرڻ ۽ هن جي پريکشا لاءِ
ڪپڙن ڌوئڻ واريءَ ڳالهه جي باري ۾ حافظ لکي ٿو:

”گهڻين سکن، سوادن کان پوءِ، پنهور جي مالڪ
”آدم جام“ جي گهر هڪ بالڪا جائي، جنهن جو نالو
”سسي“ رکيو ويو. نجومين هن کي ”ڪٽنب ناس ڪرڻ
واري“ ڏسيو، ۽ ديس پرديس لاءِ نياڳي ڄاڻايو:

”سسيءَ لاءِ ڏکن جو پينگهو ٿيو،
دک هن کي لوڏو ڏيڻ لڳا؛
پارن جي ڪپڙن ۾ ڪيس ڪندا ڇپيا،
هن (ماءُ) کي منهن ڏسڻ نه ڏنائون.“

انڪري ماءُ پيءُ، هن کي ڄمندي ئي، پيتي ۾ بند ڪري
”پنج ند“ ۾ لوڙهي ڇڏيو. ڪپ تي ڪپڙا ڌوئيندي،

پنهون جا قصا بهاولپوري ڪوين عام لکيا آهن. هنن پنهنجي يادگيريءَ مان ڇهن سيڪارن (واصل، پردرد، بخت علي، فقير، حيدر بخش ۽ مسڪين) جي خبر ٻڌائي ۽ انهن مان هيٺ ڏنل ٻن نمونن ڏيڻ جي ڪرپا ڪئي:

(١) ڪوي مسڪين

"عزرائيل سسئيءَ جي سر تي آيو، اُتي ٻڌي حال اَحوال ڏنو:
ٻه ڏينهن مونکي مهلت ڏيو، شايد مونکي هوت ياد ڪري.
مان ته ڪلي ڪلي جيڪر جان ڏيان، هوت وارو رستو ڳوليندي
ڏسو اعتقاد سسئيءَ جو،
هوءَ مرندي به پريت جو ناتو نباهي ٿي."

(٢) ڪوي بخش:

"عزرائيل سسئيءَ جي سر تي آيو،
مون کان موت جو پيغام وٺ،
سسئيءَ نئڙي سلام ڪيو،
سمجهائين هوت پنهل جو قاصد آهي.
تون وينو آهين محلن ماڙين ۾،
اَسانکي رلايءِ جبلن ۽ بيابان ۾،
بخش چوي ته منهنجي هوت جا
وڇوڙي وارا پيغام رکي وڃ."

شري هوتورام "همت" هن پرير ڪهاڻيءَ کي هڪ قصي ۾ لکيو هو جو بهاولپور ۾ رهجي ويو. هيٺ لکيل نمونو هن پنهنجي هٿن سان لکي ڏنو آهي:

"مان انهن اکين تي لوڻ ٻرڪيان، جن مٺي ننڊ ڪئي،
سسئي سمهي غافل ٿي، پنهل کيچ وڃڻ جي تياري ڪئي،
مهار موڙي، وطن ڏانهن هليو ويو، اُٺ تي سوار ٿي.
سسئي رلي ٿي بيابان ۾، هن مٿان وڏي آپدا آئي.
'همت' چوي اهي عاشق چو نه روئن،
جن جي پيٽ ۾ تلوار کهي."

ٿيو. سسئيءَ کين چيو ته اوهان کي تڏهين ڇڏيندس جڏهين پنهونءَ کي ڪيچ مان وٺي مون وٽ پهچائيندا. قافلي جا آڳو پنهونءَ وٽ پهتا ۽ سسئيءَ جي عجيب سونهن ۽ پنهنجي رهائيءَ لاءِ مدح ڪري، ڪيس مڃائي، پنهور وٺي آيا. پنهون باغ ۾ اچي لٿو. هن جي اچڻ جو ٻڌي، سسئي خوش ٿي:

” سسئي سهيلين سميت رنگ محل ۾ آئي،
هوت پنهون سسئيءَ جي سونهن جو تجلو سهي نه سگهيو.
حافظ چوي ته ٻن اکين هن کي موهت ڪري ڇڏيو.
سسئيءَ (جي پنبڻن) جا تير هن جي زره مان نڪري،
ڪليجي کي چيريندا ويا.“

پر پوءِ ڇا ٿيو؟ هڪ ٻئي تي اهڙا ته موهت ٿي پيا جو جدا ٿيڻ جو نالو ئي نه وٺن. پنهونءَ بلوچن کان موڪلائي، سسئيءَ جي چوڻ تي ڌوٻين جو لباس اختيار ڪيو ۽ سسئي خوش ٿي ڪيس پنهنجي ڌوٻڻ ماءُ وٽ وٺي ويئي.

” اما! مون پنهنجو گهوٽ ڳولي لڌو، اگر پتا صاحب مڃي.
هن کان صورت ۽ سيرت ۾ سرس ٻيو ڪونه ملندو.“

آزمائش لاءِ پنهونءَ کي ڪپڙن ڌوئڻ واسطي موڪليو ويو. هو پئسا ڏيئي ڪپڙا ڌئاري آيو. ڌوٻي ماءُ ۽ پيءُ ڏاڍا خوش ٿيا ۽ سسئيءَ کي پنهونءَ سان پرڻايائون. سسئي جنهن ميلاپ جي رات لاءِ واجهائي رهي هئي، سا آئي:

” سسئي دعا ڪرڻ لڳي ته شل ڀڳوان جلد صبح نه ڪري،
مان محبوب سان ترپت ٿي سمهان،
پوءِ ڀلي ته ڏينهن چاڙهي.“

هوڏانهن ڪيچ ۾ هاهاڪار مچي ويئي. پنهونءَ جا ڀائر هن کي واپس وٺڻ لاءِ پنهور آيا. سسئيءَ سندن خوب خاطرداري ڪئي. هڪ ڏينهن هنن ٻنهي ڀائرن کي شراب ۾ چڪناچور

ڌوٻيءَ هيءُ ٻچڙو پڪڙي ٻاهر ڪڍيو ۽ تازي چاوَل چوڪري ڏسي، ڪيس ڏاڍي خوشي ٿي.

سسئي ڌوٻين جي گهر پلجڻ لڳي. جڏهن جوان ٿي ته ماءُ پيءُ هن لاءِ گهوٽ ڳولڻ لڳا. سسئيءَ جوتشين کان پڇيو. هنن چيو ته شادي پنهونءَ سان لکيل آهي. هوءَ پنهونءَ سان پيار ڪرڻ لڳي. ڌوٻڻ ماءُ هن لاءِ ڌوٻي گهوٽ هٿ ڪرڻ واسطي ڪوشش ۾ هئي. پر سسئيءَ، جنهن کي پنهنجي راجائي ڪُل جي سڌ پئجي چڪي هئي، تنهن نه مڃيو ۽ پنهونءَ کي ڏسڻ کان سواءِ، هن جو نالو ڳنهندي رهي. آخر ڌوٻين کان ڌڄي، پنهنجي راجا- پيءُ کي چٺي لکيائين:

”مون ڄمڻ سان نه خون ڪيو، ۽ نه ڪو ٻيو گناهه ڪيو.
اهڙي ڏوهه کان رکي وڃڻ لاءِ، ڀڳوان شاهد آهي.
مونکي نه تنهنجي راجائيءَ جو حصو کپي ۽
نه ٻي ڪا جاءِ کپي،
مان تنهنجي بدنصيب ڌيءُ آهيان،
جي بادشاهه اهو قبول ڪري.“

راجا جواب ۾ پنهنجي لاچاري ڏيکاري:

”ٻچي، نجومين مونکي صلاح ڏني، ڀڳوان شاهد آهي.
ته ڌيءَ کي مار، نه ته پروار يا ديس ۾ ڏک ٿيندو.
اَسان ٻچڙو نديءَ ۾ لوڙهيو، دل تي پٿر رکي.“

پوءِ پيءُ سسئيءَ کي محلات ۾ گهرائي، پاڻ وٽ رهائڻ جي بدران هن کي هڪ جدا محلات ڏني، لکن جو باغ لڳائي، گهاٽ جو محصول اُگاڙڻ جو حق عطا ڪري، راضي ڪري ڇڏيو. سسئي ٻيا سڀ آسرا ڇڏي، اُتي ئي دابو ڪري، پنهونءَ لاءِ ولهي رهي.

هڪ ڏينهن، اِتفاق سان، بلوچن جو هڪ قافلو اچي

واپس موٽي. بيابان لتاڙيندو، هڪ ٽاڙيءَ تهيل قبر وٽ پهتو ۽ اُتي ويٺل هڪ ريبار ٻڌايس:

"ميان! هڪ قداور، ٻڍي،
سنهي چيلهه واري نوجوان ڇوڪري،
نالو سسئي، ڏيءَ جام جي، عشق جو شان رکندڙ،
'پنهون، پنهون' چوندي، مري ويئي؛
اسانجي ٻيڻي هن جان ڏني،
اسان هن جي قبر هتي ناهي آهي،
سيڪو ڏسي حيران ٿيو وڃي."

ٻڌندي ئي پنهونءَ جو هوش اُڏامي ويو. ڏاڍو وياڪل ٿيو، رنائين ۽ پڇتايائين:

"مونکي زوريءَ ڏوليءَ ۾ وٺي ويا، دوکي فريب سان،
ڪيچ خراب، منهنجا ڀائر خراب، اُنن جا قافلا خراب،
شراب جي زهر ٻڌران ته تلوار سان
منهنجو سر ڌڙ کان ڌار ڪن ها."

پر هاڻي روئڻ، رڙڻ ۽ پڇتائڻ مان ڇا وريندو؟ پنهونءَ دک ۾ ڀڳوان اڳيان پرارٿنا ڪئي ته 'اسين هڪ جوت ٻه ساٿي هئاسين؛ جيئڻ وٽيئي ليئڻ اسانجو ميلاپ ڪراءِ ۽ اسانجي لڄ رک.' ڀڳوان هن جي اُرداس ٻڌي- سسئيءَ جي قبر ڦاٽي ۽ پنهونءَ کي اندر سميٽي وري بند ٿي ويئي. ان طرح جن کي جيئري ماڻهن ملڻ نه ڏنو، تن کي ڀڳوان مئي ميلي ڇڏيو.

راجستانيءَ ۾ سسئيءَ بابت ساهتيه

پنجاب، سنڌ ۽ راجستان جون حدون، زمين جي خيال کان، هڪ ٻئي ۾ ڳنڍيل آهن. اِنهيءَ ڪري ٻين ٻاڙ ڀسري ب

ڪري، پنهونءَ کي ڏوليءَ ۾ وجهي، راتوواهه ڪيچ جو رستو ورتو. سسئيءَ جي اک کلي ۽ پنهونءَ کي غائب ڏسي روئڻ رڙڻ لڳي:

"سسئي اچي، اڱڻ ۾ ويهي، مٿي ۾ ڌوڙ وجهڻ لڳي.
مالها موتين جو هار ۽ زيور پيئي اڇلي ڦٽا ڪري."

ماءُ ڪيس گهڻوئي سمجهايو:

"ڌيءُ سسئي، جن جو نالو ۽ آستان تون نه سڃاڻين،
سرڻ ڪـي ڪيئن ڪانءُ اڄـري ۾ ڦـاسائيندو؟"

پر سسئيءَ هڪ به نه ٻڌي. سڪ جي سڪايل، ماءُ جا پيارن پريا پاڪر ڇڏائيندي، روُئندي رڙندي، نيزاريون ڪندي، چوڻ لڳي:

"اي امڙ! تون نه شيپ وچن ٻول،
منهنجو بيحال جسم نـ جلاءِ؛
اي اَمڙ! جن کي عشق جو زخم،
تن کي ٻرهم جي ٻچار."

پنهونءَ جـي ڳـولا ۾ برپٽ اندر ڪاهي پيئـي. گهڻيانـي ڪوشش ڪيائين، اَڻ سهندڙ ۽ اَپار ڪشٽ سٺائين پر پنهونءَ جي خبر نه مليس. آخر سندس سمرن ڪندي، دم ڏنائين. انسانن هن سان ڏوهه ڪيو پر جانورن ۽ پکين هنجي مـوت تي اَهڙو نه ماتم ڪيو جو هڪ عجيب نظارو ٺهي پيو:

"مـور، جهنگل جـا پکـي ۽ ڪوُنـجون پيئـون رڙن،
هرڻين ڪير ڏيڻ ڇڏيو، هنن جا پير بند ڪري ٽڪجي پيا
يـارو! پکي ڪاڏو نه ڪائين، مرغن ڪـي به وڇـوڙو ٿيو.
سسئي فراق جو غم ڪائيندي مئي، بيابان ۾ دک ڦهلائي."

هوڏانهن پنهونءَ کي هوش آيو ته تمام ماندو ٿيو. ڀائرن جي روڪڻ ۽ اعتراض جي پرواهه نه ڪري، هن اُٺ جي واڳـ

آهي، جو گهڻن سيڪارن بلوچي سوداگر جو نالو ڪري ورتيو آهي. ڀنڀورءِ جي اَڇڻ جي خبر، اُجڙيل باغ بدران ڪستوريءَ جي سڳنڌ سان ٽهليل باغ ٻهڇائي آهي. ڏوٻيءَ جو ذڪر ڪونهي، ۽ ڏوٻڻ جو نالو "ڏڏا" ڇيل آهي. ڀنڀور ڀاڳڪي "آنسي" ڏوٻيءَ جو ٻٽ ڇرائي ٿو. ڪيس پهچائڻ لاءِ شراب جي نشي بدران دماغي چالاڪي ۽ زور ڪم آندل آهي.

پروهت ڪيٽسي جي ڪهاڻي

ڪيچ مڪران جي ملڪ ۾ آري بلوچ راڄ ڪندو هو؛ هن جي راڻيءَ جو نالو "هاتا" (يا "هوتا") هو. ڪيس ٽي پٽ هئا: پنا، مهرڪي ۽ ڪلو.

هڪ دفعي ملڪ ۾ ڀيانڪ ڏڪار پيو. ماڻهو تمام دکي ٿيا، ۽ هوٿي ۽ نوٿي شاهه گڏجي آري بلوچ وٽ آيا ۽ نگر ٺٽي مان اَن وٺڻ لاءِ اِجازت گهريائون. آري بلوچ سندن ڳالهه مڃي. واپارين چيو ته رستي ۾ چورن ڌاڙيلن جو ڊپ آهي سو بچاءَ لاءِ "پنا راجڪمار" اَسان سان گڏ ڏيو. آري بلوچ چيو ته هوته "هاتا" راڻيءَ جي چئي ۾ آهي. تڏهين واپارين هاتا راڻيءَ کي وينتي ڪئي، پر راڻيءَ نه مڃيو. واپاري پوءِ پني وٽ ويا. هن چيو ته مهوُرت ٺهي اَچو ته مان توهان سان گڏجي هلندس. هنن جوتشيءَ کان مهوُرت ڪڍايو ۽ پني سان آڌيءَ رات کان پوءِ روانا ٿي ويا. جڏهين صبح جو هاتا راڻيءَ کي پتو پيو ته پنا هليو ويو آهي ته هوءَ سيدي لي غصي ٿي، ۽ سيدي راڻين ۽ پني جي ٽن زالن کان پڇيائين ته پني کي وڃڻ ڇو ڏنو؟ آخر ساران راڻيءَ کي چيائين ته پني پٺيان وڃي هن کي جلد واپس وٺي اَچ. ساران پنا جي پٺيان وئي، پر هن جي چوڻ جي باوجود به پنا واپس نه وريو.

پريم - ڪهاڻين وانگر، سسئيءَ جو رومانس به راجستان جي لوڪ - ڪٿا جو حصو بڻجي ويو آهي.

"ٻون ٻرا" جي سمپادڪ شري ڪومل ڪولاريءَ مون کي ٻڌايو ته سسئي پنهونءَ جي دردناڪ ڪهاڻي جيسلمير جي نزديڪ عام ڳائي ويندي آهي؛ اُتي جي نُورمحمد ۽ شمارخان نالي ٻن کي ان جا ڪئين قصا زباني ياد آهن.

جيتري قدر لکيل قصن جو لاڳاپو آهي، سري اگرچند ناهٽا، بيڪانير واري مونکي لکيو آهي ته راجستانيءَ ۾ هن کي "باتان" چوندا آهن. اِنهن مان ٻه پوٿيون اَنوپ سنسڪرت لئبريري، لالگڙهه ۾ پيل هيون، جن مان هڪ ۾ هيءَ ڪٿا اُپڀرنش سان ڏنل آهي ۽ ڪجهه تصويرون به شامل آهن. هڪ هٿ لکيل ڪاپي ناهٽا جي ڪتابن ۾ به پيئي آهي. "اَڀي جين گرنٿاليه ڳنٿا" ۾ شامل ٿيل "سسئي پنهونءَ جي بات" ١٧٨٨ بڪرمي (١٧٣١ع) جي رچنا آهي. ليکڪ بيڪانير جو پنڊت ڪيتسي آهي. پڇاڙيءَ ۾ سماپت هيئن ڏني اٿس:

"هتي سسئي پني جي ڳالهه پوُري ٿي،
سنبت ١٧٨٨ مدسر بري گيارس،
لکت پروهت ڪيتسي بيڪانير مڌي، شري شري."

مٿيون ڪهاڻي روپ هن "بات" جو سنڌي ۽ پنجابي ترجمو آهي.

هن ڪهاڻي روپ ۾ پنهونءَ کي "پنا" يا "پني" ڪري لکيو ويو آهي. سندس ماءُ جو نالو "هالا" (يا "هونا") ۽ زال جو نالو "ساران" اَڄ تائين رڳو هن ئي روپ ۾ ثابت ٿيو آهي. پاترن جا نالا به عجيب آهن: مهرڪي ۽ ڪاو. منجهس ڀنڀور جو ڪوبه ذڪر نه آهي ۽ اُن بدران "نتو" لکيل آهي. ڪوتوال جو نالو "ٻاٻيها" ڏنل

خوش ٿيا اگرچ پنهي وهاري جي نازڪ آڱرين مان رت وهڻ لڳو.

پنهي اهو سارو ڪم سسئيءَ کي هٿ ڪرڻ لاءِ ڪيو. هاڻي جڏهين ڏاڏا کي شاديءَ لاءِ چيو ويو ته هوءَ مڃي ويئي. برهمڻ کان اڳ پڇيو ويو. هن چيو ته هڪ مهينو ترسو، پر جڏهين پنهي کين رپين جي لالچ ڏني ته انهي ئي ڏينهن کي شڀ ويلا ڄاڻائي هن شادي ڪرڻ جي اجازت ڏني. پوءِ ته پنهو واپارين کي جاچي هٽائي، وڏي شان مان سان وواهه ڪرڻ لاءِ اچي پهتو. ساري تياري ڏسي سسئيءَ جي ساهيڙين چيو ته گهوٽ ڏوٻي نه آهي پر ڪو وڏو واپاري يا امير سونارو معلوم ٿو ٿئي.

شاديءَ کان پوءِ سسئي پنهو مزي سان رهڻ لڳا. هيڏانهن واپاري اناج جو بندوبست ڪري ڪيچ وڃڻ لاءِ تيار ٿيا؛ پنهي کي پاڻ سان گڏ واپس هلڻ لاءِ چيائون؛ پر هن نه مڃيو. ان ڪري نراس ٿي ڪيچ وريا.

آئي هر ڪنهن پنهي بابت پڇين. چيائون ته هو ته ٺٽي جي هڪ ڏوٻڻ سان وواهه ڪري اتي ئي ٽڪي پيو آهي. اهو ٻڌندي ئي هاٿا راڻيءَ پنهنجي پٽ مهرڪيءَ کي پنهي کي واپس وٺي اچڻ لاءِ ٺٽي چاڙهي موڪليو.

مهرڪي ٺٽي پهتو. سسئي بزار ۾ تيل وٺڻ ويئي هئي. پرديسيءَ کي ڏسي هوءَ ڏاڍي دکي ٿي. ڪيس کٽڪو پيو ته هو شايد سندس پرينءَ کي وٺڻ آيو آهي. مهرڪي باغ ۾ وڃي لٿو؛ پوءِ پنهي کي گڏيو. ڪيس چيائين ته توکان جدا ٿي گهڻوئي وقت ٿيو هو ان ڪري توسان ملڻ آيو آهيان. پنهي سسئيءَ کي ٻڌايو ته هيءُ منهنجو ڀاءُ آهي. وجهه وٺي مهرڪيءَ پنهي کي ڪيچ هلڻ؛ اُسي راج سنڀالڻ لاءِ منٿ ڪئي؛ پر پنهي جواب ڏنو ته ”اهو سڀ توکي ئي نيڪ هجي.

پنئي نڪتي پهچي، پنهنجي منزل هنئين. اُتي جو ڪوٽوال ”ٻاٻيها“ وٽس آيو. واپارين ڪيس ڪنهن جڳهه لاءِ چيو ته هن کين سسئيءَ جي باغ جي خبر ڏني ۽ چيائين ته پنو باغ ۾ رهي سگهي ٿو ۽ واپاري ڪنهن ٻئي هنڌ. سو پنا ڪوٽوال ذريعي، ڏڏا ڏوٻڻ کان موڪل وٺي وڃي باغ ۾ رهيو. هن وٽ ڪستوري هئي جنهن سان سارو باغ واسجي ويو. خوشبوءِ سبب ستل سسئي به جاڳي پيئي. هن سمجهيو ته اَڄ جمعي رات آهي ۽ باغ ۾ ڪو فرشتو لٿو آهي. هِتي هُتي نهارڻ لڳي، تان جو ڪيس پنا جي اَچڻ جي خبر پيئي. هوءَ پنهنجي دوست ”خواص“ کان هنجو نالو ۽ پتو پڇڻ ويئي ته پنو به جاڳي پيو. ٻنهي جون اکيون مليون ۽ هڪ ٻئي تي موهت ٿي پيا.

صبح ٿيڻ وارو هو. سسئي اُتان واپس آئي ۽ وري سهيلين سان پاڻي ڀرڻ هلي ويئي. ايتري ۾ پنهي پانڌو کي چيو ته گهوڙو وٺي اَچو ته پاڻي پياري اَچانس. اُتي ٻنهي جي پاڻ ۾ ملاقات ٿي. باغ ۾ واپس وڃي، ٻئي ٻريءَ هڪ هنڌ ويهي پاڻ ۾ پيار جون ڳالهيون ڪري رهيا هئا ته ڏڏا ڏوٻڻ به اچي لنگهي. پڇيائين ته هيءُ چور ڪير آهي؟ سسئيءَ چيو ته هيءُ چور نه آهي، پر دل چور ضرور آهي چو ته هن منهنجي دل چورائي آهي. ڏڏا پنئي کان سندس ذات پات پڇي. هن چيو ته مان ”آنسي“ ڏوٻيءَ جو پٽ آهيان ۽ مون وٽ جهجهو ڌن مال آهي. ڏڏا چيو ته جي تون هڪ چڱي ڏوٻي هڻڻ جي ثابتي ڏين ته مان توسان سسئي پرڻائي ڇڏيندس.

راڄ ڪمار پنئي ڪڏهين ڪپڙا ڌوتا؟ پر هن ڏاڏيءَ سبائٽپ سان، اُنهن ۾ رپيا وجهي، گهر گهر پهچائي ڏنان جيئن ڪنهن جي به داڻهن نه اَچي. ماڻهو رپيا ڏسي ڏاڍا

وري ڪجهه ڪاڏو پيتو. سسئيءَ کان سواءِ ماڳ گذارڻ لڳو. اها روئداد ڏسي ماڻهن سندس ماءُ پيءُ کي سمجهايو ته اُئين نه ٿيو مري ويندو، جي سندس حياتيءَ جو خير گهرو ته ڪيس جلد ئي سسئيءَ وٽ پهچائڻ جو بندوبست ڪريو. هنن حقيقت محسوس ڪئي. پنهي پيءُ جي سني گهوڙيءَ ”پوري“ گهري، ۽ پوءِ نٿي جي وات ورتائين.

رستي ۾ ٻڪرار نظر آيس جنهن هڪ قبر ڏانهن اشارو ڪري ٻڌايس ته هيءَ ڪنهن ”پنهي“ نالي ماڻهوءَ کان وڇڙيل ۽ ٿڙيل ڪنوار جي قبر آهي. اهو ٻڌي پنهي جو هوش اُڏامي ويو ۽ گهوڙيءَ تان لهي ”سسئي، سسئي“ پڪارڻ لڳو. اوچتو آواز آيو، ”هي پيا ٻر پيهي اندر اچ.“ پنهي ڌرتيءَ کان پناه گهري ۽ ڦاٽ پوڻ سان اندر سمائجي ويو. اُئين ٻئي پريمي وڃي هڪ هنڌ مليا.

پنهي جي گهوڙيءَ جون ٻشڪون ۽ سسئيءَ جي پلو جي ڪند اڄ ٿائين ٻاهر نڪتل نظر اچن ٿا. ماڻهو هن آستان جي اچا ٿائين يا ترا ڪندا آهن.

فارسيءَ ۾ سسئيءَ بابت ساهتيه

پنجابيءَ جي ٻرير ڪهاڻين، فارسي نظم ۽ نثر ۾ چڱي جڳهه ٻرايت ڪئي آهي. هي اُنهي زماني جون لکيتون آهن جڏهين پنجاب ۾ فارسي چالو هئي. سرڪاري لکپڙهه ۽ ٻيا ڪم عام طور ان ٻوليءَ وسيلي هلندا هئا. اهڙيءَ حالت ۾ پنجابيءَ جي لوڪ-پسند ڳالهين جا آزمودا فارسيءَ ۾ لکجي وڃڻ هڪ سياويڪ ۽ ضروري ڳالهه هئي. جيئن هير رانجها، سوهڻي مهيوال ۽ مرزا صاحبان جا رومانس فارسي مثنوين جا مضمون بڻيا، ليڪن سسئي پنهونءَ جو دڪانت به

مونکي رڳو سسئيءَ کپي ۽ مان هتي رهڻ جو پڪو ارادو ڪري چڪو آهيان." جڏهن رات پيئي ۽ ڪاڏو آيو ته مهرڪيءَ چيو، "جي تون ڪيچ هلڻ لاءِ تيار هجين ته مان کائيندس نه ته اُپواس رکندس." پنهوءَ چيو ته "اها ڳالهه ٺيڪ نه آهي، وڏيڪ تنهنجي مرضي. وٺيئي ته هتي رهه وٺيئي ته ڪيچ هليو وڃ." بحث ۾ اڌ رات گذري ويئي. آخر مهرڪي ڪيچ وڃڻ لاءِ محلات مان هيٺ آيو. رواني ٺيڪ وقت پنهوءَ کي چيائين، "پهاڙيءَ جو ته پاڪر پاڻي موڪلاءِ، وري اَلائي ڪڏهن گڏجاڻي ٿئي." پنهو موڪلائڻ لاءِ هيٺ لٿو ته مهرڪي پنهنجن دوستن کي اِشارو ڪيو جن اک ڇنڀ ۾ پنهوءَ کي اُٺ تي چاڙهي ڪيچ ڏانهن رخ رکيو.

سسئي جاڳي، ۽ پنهوءَ کي غائب ڏسي روئڻ رڙڻ لڳي. ماٽس سمجهايس ته تون ڏوهڻ آهين ۽ پنهو شهزادو، سو به پرديسي. هنيءَ ميلاپ ڪيئن ۽ ڪيترو وقت هلي ٿي سگهيو؟ هوءَ نيٺ توکي دوکو ڏيئي هليو ويو. هاڻي سندس خيال لاهه. پر سسئيءَ نه مڃيو ۽ روئندي رڙندي پنهنجي جا پير ونندي، بيابان ۾ پنڌ ڪڻ لڳي. رستي ۾ ڪرار کان سندس وات پڇيائين، پر هن ڪابه مدد نه ڏنيس. ٿڏهين سسئيءَ ڏري ماٺا کان رستو گهريو، جا ڦاٽي هن کي گود ۾ وٺي ملي هڪ ٿي ويئي. باهر رڳو سندس پلوءَ جي هڪ ڪنڊ رهجي ويئي.

هوڏانهن پنهو ڪيچ پهتو ته واڏايون وري ويون. سندس راڻيون به آيون؛ پر پنهي ڏانهن نه نهاريو. چوڻ لڳو ته منهنجو ڌرم ۽ ايمان، بلڪ سڀ ڪجهه سسئي آهي. ماٽس چيس ته گهٽ ذات جي ڇوڪريءَ سان پريم ڪري تو ڪٽنب تي ڪلنڪ لڳايو آهي؛ پنهنجين راڻين ڏي نهار ته سهڻيون هو ڇا ۾ گهٽ آهن؟ پر پنهي هن جي هڪ به نه ٻڌي ۽ نه

جوڙي جو اصلوڪو نالو "سسئي پنهون" بدلائي فارسي نالو "زيبا نگار" رکيو. قصي جي پهاڙيءَ ۾ لکيل آهي ته هن قصي جو آڌار هڪ رومانس جي ناٽڪ ۽ ناٽڪا جي سهيوگي نتا نواسي سيد علي نالي هڪ پوتر شخصيت جي نثر رچنا آهي.

۳- "نامهٔ عشق"- منشي اندرجيت جي رچنا آهي. هو ۱۹ ورهين لاءِ شيخ عالم جي شيوا ڪندو رهيو ۽ ۱۱۴۰ هجريءَ ۾ لاهور ڇڏي، نواب عبدالصمد خان جو منشي ٿي ملتان هليو ويو. اتي سسئيءَ جي ڪهاڻي ٻڌائين ۽ اُن ئي سال (۱۱۴۰ هجري برابر ۱۷۲۷ع ۾) هڪ مثنوي (۱) لکيائين جنهن ۾ ۹۸۲ بيت آهن. هر بيان جي پهاڙيءَ ۾ "ساقي نامي" جا ڪجهه بيت شامل آهن. ڪهاڻي "دستور عشق" (ليکڪ جوت پرڪاش) کان ڪجهه علحدي ۽ وڌيڪ سني آهي. منجهس سسئيءَ جي جنم کان اڳ (نجومين جي اڳڪٿي سبب) کيس جمڻ وقت ئي مارڻ جو حڪم خيال ۾ رکي، سسئيءَ جي دائيءَ جو ڪهل کائي کيس صندوق ۾ بند ڪري لوڙهيل ڇاڏايو ويو آهي. سسئيءَ جي سنڀاليندڙ ڌوٻيءَ جو نالو "مالڪ" آهي. پنهونءَ کي پڃاڻڻ لاءِ هن جا وزير آيا. قصي کي پريمين جي دفناڻڻ سان ختم ڪيو ويو آهي، ۽ ٻنهي جي مائٽن پيئڙن کي ڪوٺي، لالا جوت پرڪاش وانگر اپتار نه ڪئي وئي آهي.

۴- "دستور عشق"- فارسيءَ ۾ لکيل سسئي پنهونءَ جي ٻين قصن جي بيت ۾ پوري ۽ وڏي مثنوي لالا جوت پرڪاش جي "دستور عشق" آهي؛ منجهس ۲۳۴۸ بيت

---

(۱) ڊاڪٽر محمد باقر- اورينٽل ڪاليج مگزن- نومبر ۱۹۳۳ع، صفحا ۴۲-۴۳.

ڪيترن ني فارسي ليکڪن قلمبند ڪيو. مير طاهر محمد، علي شير قانع، مسٽر ايليٽ، ڊاڪٽر موهن سنگهه ۽ ڊاڪٽر محمد باقر اهڙين ڪيترين ئي ڇپيل توڙي اڻ ڇپيل (نظم ۽ نثر ۾) رچنائن جو ذڪر ڪيو آهي. (١) ڪوتا ۾ هيل تائين لکيل سسئيءَ جا قصا گهٽي قدر ڇاپي جو روپ وٺي چڪا آهن. سندن فهرست هن ريت آهي:

١- هيستائين معلوم ٿيل قصن ۾ سڀ کان پراڻو ”حسن و ناز“ آهي. مير طاهر محمد نسياني ١٦٢١ع ۾ لکيو ته مرحوم مير سيد معصوم شاه بکريءَ سسئي پنهون جي ڪهاڻي ڪوتا ۾ لکي ۽ اُن جو نالو ”حسن و ناز“ رکيائين. (٢) هو سيد صفائي حسيني ڪرمانيءَ جو پٽ هو ۽ هڪ وڏو ڪوي هئڻ کان سواءِ، سٺو تاريخ نويس به هو. سندن ”تاريخ سنڌ“ پراڻت جي سڀ کان وڌيڪ تفصيلواري تاريخ آهي جا هن سنه ١٦٠٠ع ۾ لکي. (٣) ليکڪ جو تخلص ”نامي“ هو، ۽ اڪبر ۽ جهانگير جي زماني ۾ چڱو نالو ڪمايائين. (٤)

٢- ”زيبا نگار“- حاجي محمد رضائيءَ جي هڪ پراڻي رچنا آهي جا هن ١٠٥٢ هجري (١٦٤٣ع) ۾ لکي. ليکڪ سنڌي اچارن جي ڏکيائي سامهون رکندي، هن پرهمي

(١) تاريخ طاهري- تحفة الڪرام- هسٽري آف انڊيا اِنز ٽولڊ بائي اِٽس هسٽوريئنس- قلواري، لاهور، مي ١٩٣١ع- اوريئنٽل ڪاليج مگزن- لاهور- ١٩٤٣-٤٤.

(٢) تاريخ طاهري.

(٣) هسٽري آف انڊيا- سر ايليٽ- جلد اول، لنڊن، ١٨٦٧ع، صفحو ٢١٣.

(٤) جرنل آف ايشياٽڪ سوسائٽي آف بينگال- فيبروري ١٨٣٨.

ڪيو. هيءَ رچنا ”دو بيتن“ ۾ لکيل آهي ۽ ڊاڪٽر باقر جي ويچار انوسار ٻوليءَ ۽ شعر جي هنر جي لحاظ کان فارسيءَ ۾ لکيل باقي قصن کان گهٽ درجي جي آهي. (١) ڊاڪٽر موهن سنگهه سندس ڇپجڻ جي تاريخ ١٩٢٥ع ڄاڻائي آهي. (٢)

٧- ”مثنوي سسئي پنهون“- ليکڪ پير فرحت بخش فرحت مخدومي. فرحت صاحب ١٧٧٧ع ۾ ڪرم شاهه جي گهر لاهور ۾ جنم ورتو ۽ ١٨٤٠ع ۾ گذاري ويو. ۽ ڍهپيران (ضلعو شيخوپورا) ۾ دفن ڪيل آهي. هن ”سسئي پنهون“ کان سواءِ ٻيو به گهڻو ڪجهه لکيو آهي. سندس هيءَ مثنوي ڊگهي سائيز جي ٤٥ ڪاغذن ۾ هڪ اڻ ڇپيل رچنا آهي، جنهن ۾ ڪل ١٣٢١ بيت آهن. هر حالت ۾ ١٨٤٠ع (ڪويءَ جي وفات) کان اڳ جي ٺاهيل آهي. قصو ڪهاڻي روپ ۾ ٻين قصن سان ڪافي ملي ٿو. سسئيءَ جي پيءُ جو نالو آدم جام لکيو ويو آهي ۽ پنهونءَ کي ڪيچ جي اڪبر عليءَ جو سڪيلڌو پٽ ڪوٺيو ويو آهي. فرحت صاحب هاشم وانگر ڊگهيءَ اُپٽار ۾ نه پيو آهي. هن جي ڪهاڻي ۽ سندس بيهڪ هاشم جي ڪهاڻيءَ سان ڪافي ملن ٿا.

٨- ”تحفة الڪرام“- ليکڪ علي شير قانع. ان ڪتاب ۾ هيءَ ڪهاڻي درج ٿيل آهي. ان جو اُردو ترجمو ”دل گداز“ نالي اُردو مگزن جي سيپٽمبر ١٨٩٨ واري پرچي ۾ ملي ٿو.

٩- نثر ۾ سڀ کان پهرين سنه ١٠٥٣ هجريءَ (١٦٤٣ع) ۾ سيد عليءَ جي لکيل ”سسئي“ جو پتو لڳو آهي.

---

(١) اورينٽل ڪاليج مگزن- نومبر ١٩٤٣.

(٢) جرنل آف ايشياٽڪ سوسائٽي آف بينگال- فيبروري ١٨٣٨.

آهن. ١١٣٦ هجري (برابر ١٧٢٣ع) ۾ لکي ويئي ۽ سنه ١٨١٢ع (١) ۾ ڪلڪتي مان شايع ٿي، ڪويءَ هوهڪ بيان ڪي "ساقي نامي" مان ڪجهه شعرن سان ختم ڪيو آهي. ڊاڪٽر باقر جي راءِ موجب، معلوم ٿئي ٿو ته منشي جوت پرڪاش پنجابيءَ جا جدا جدا قصا اڳيان رکي، سڀني تفصيلن کي ڪوتا جو لباس پهرايو آهي؛ سندس مثنوي ڪنهن به پنجابي قصي جو ترجمو نه آهي، ۽ واقعا، هر حالت ۾ پنجابي قصن مان ئي ورتا ويا آهن. ڊاڪٽر موهن سنگهه جي راءِ موجب، "هن ڪنهن کي هنديءَ ۾ "سسئي" ڳائيندو ٻڌي، فارسيءَ ۾ لکي." (٢) پر جيتري قدر قصي جي بيان ۽ ڪاويه ڪلا (شعري هنر) جو لاڳاپو آهي، هيءَ هڪ اوچي درجي جي رچنا آهي.

٥- "سسي پنون"- هن جو ليکڪ شري جسونت راءِ آهي؛ لکڻ جي تاريخ ١١٤٠ هجري (برابر ١٧٢٧ع) ٻڌائي وڃي ٿي.

٦- "وقايع - پنهون"- ٻن ڪوين جي لکيل آهي. پهريون حصو (جنهن ۾ ٦٤٢ بيت آهن) شهبازخان ١٢٥١ هجري (١٨٣٥ع) ۾ لکيو ۽ ٻيون حصو (جنهن ۾ رڳو ٨٠ بيت آهن) محمد حسين لکيو. محمد حسين جا ١٠ بيت شهبازخان کي هٿ آيا ۽ انهن کي اڌ پورو ڏسي هن قصي کي پورو

(١) ڊاڪٽر موهن سنگهه هن جي ڇپجڻ جي تاريخ ١٨١٥ع ٻڌائي آهي. ڏسو اوريئنٽل ڪاليج مگزين، آگسٽ ١٩٢٧ع، صفحو ٣٦. شايد اها هن قصي جي ٻئين ڇاپي جي تاريخ هجي.

(٢) قلواڙي، لاهور - مي ١٩٣١.

احوال اچي ٿو. اُن بعد سسئيءَ جي قبر ڦاٽي ٿي ۽ پنهون اُن ۾ سمائجي وڃي ٿو.

"پنهون سسئيءَ جي قبر ۾ داخل ٿيو،
جئين سهيءَ ۾ مولي ويندو آهي،
جئين يُونس پيغمبر مڇيءَ جي وات ۾ هليو ويو،
هن جو ستارو هيٺ ڪريو."

قصي جي ليکڪ جو نالو ۽ پتو ڪٿي به ڏنل نه آهي. پڇاڙيءَ ۾ لکڻ جو سال ١٨٦٨ع ڄاڻايل آهي. خبر نه آهي ته اهو قصي شروع ڪرڻ جو آهي يا نقل ڪرڻ جو.

منشي جوت پرڪاش جي ڪهاڻي

منشي جوت پرڪاش جي مثنوي "دستور عشق" هيلتائين فارسيءَ ۾ ڇپيل سسئي پنهون جي قصن ۾ هڪ خاص جاءِ والاري ٿي. هيٺ ڏنل ڪهاڻي ان جو اختصار آهي. ڪٿي ڪٿي "نامهء عشق" جي ڪهاڻي روپ کان فرق صفحي هيٺان شرح ۾ ڏنل آهي، ۽ ڄاڻڻ ته "وقايع پنهون" ۾ ڏنل ڪهاڻيءَ جو روپ ٻين قصن کان چڱو ڦريل آهي، اِن ڪري جوت پرڪاش جي ڪهاڻيءَ کان پوءِ هن ڪهاڻيءَ جو لُب (رڳو سسئي پنهونءَ جي وواهه تائين) ڏنو ويو آهي.

منشي جوت پرڪاش سسئيءَ جي پيءُ جو نالو "پرويز" بادشاهه ٻڌايو آهي. پنهونءَ جون، سسئيءَ لائق گهوٽ هجڻ جون ٿي آزمائشون ورتيون ويون آهن. آخرين آزمائش ۾ ڪاميابي حاصل ڪرڻ ۽ سسئيءَ کي ڏرڪ کان بچائڻ لاءِ غيبي سهائتا پهتل به ڏسيل آهي. ٻنهي ٻرهمڻ جي مرڻ کان پوءِ، سندن مٽن مائٽن ۽ دوستن کي قبر تي پهچايو ويو آهي. ڪهاڻي قبر مان آيل هڪ غيبي آواز سان ختم ٿي ٿئي.

الهندي طرف ڀنڀور شهر جي بادشاهه "پرويز" جي

١٠- ”ناز و نياز“ نالي سسئي پنهون جو نثر ۾ لکيل قصو مير طاهر محمد نسياڻيءَ جوڙيو. نسياڻي صاحب ٺٽي جي سيد حسن جو پٽ ۽ هڪ مشهور تاريخ نويس هو. هُن سنه ١٥٨١ع ۾ جنم ورتو ۽ ١٠٣٠ هجري (مطابق ١٦٢٠ع) ۾ تاريخ طاهري ختم ڪيائين. هي رومانس به لکيا اٿس. (١)

١١- ”غنچهٔ اميد“- ١١١٣ هجري (١٧٠١ع) ۾ لکي ويئي. (٢) هن جو ليکڪ وحيد دين بٽالوي آهي.

نثر وارن قصن مان رڳو ”ناز و نياز“ (١٩٢١ ٽائين) شايع ٿي چڪو آهي.

١٢- ڀائي رنڌير سنگهه رسرچ اسڪالر جي پنهنجن ڪتابن مان سسئي پنهونءَ جو هڪ لکيل نسخو مليو آهي جو تمام سهڻي ۽ مٺي فارسي نظم ۾ رچيل آهي. منجهس سسئيءَ جي سڄي ڪهاڻيءَ بدران هن جي ڏکن جو ورڻن آيل آهي جو ننڊ ۽ پنهونءَ جي ڀڄائڻ کان شروع ٿئي ٿو:

”سسئي ننڊ جي نشي ۾ مخمور،
دنيا جي ظلم کان غافل هئي؛
پنهونءَ جي عشق ۾ مست،
ڀائرن جي شرارت کان ناواقف هئي.“

اِهو قصو وڏي سائيز جي پنجن پنن جي اَڌ تي پورو ٿئي ٿو جنهن کان پوءِ پنهونءَ جو پريتما جي گولا ۾ وڃڻ جو

---

(١) علي شير قانع لکي ٿو ته محمد طاهر جو ”ناز و نياز“ ڪوتا ۾ آهي ۽ مارئيءَ جي رومانس بنسبت آهي (ڏسو هسٽري آف انڊيا- جلد پهريون- ١٨٦٧، صفحو ٢٦٣، ۽ تحفة الڪرام، صفحو ٣١).

(٢) مير ڪرامت الله هن کي فارسي نثر ۾ لکيل سڀ کان پهرين سسئي ڪوٺي ٿو. ”ترجمان“- لاهور- فبروري ١٩١٧.

حاڪم جو نالو علي ۽ خاندان جو هوت آهي. هن کي ست پٽ آهن. سڀني کان ننڍو پٽ، پنهون تمام سهڻو ۽ ڳڀرو جوان آهي. سسئيءَ ساڻن دل جي ڳالهه ڇوري ۽ چيائين ته جئين وٽيو لڳين پنهونءَ کي ڀنڀور ۾ وٺي اچو. سندن هٿان هڪ ڏاڍي سِڪ ڀري چٺي پنهونءَ ڏانهن به موڪليائين. جڏهين سوداگرن سسئيءَ جي درد وڇوڙي واري چٺي پنهونءَ کي پهچائي ته پڙهندي ئي هن سسئيءَ وٽ پهچڻ جو فيصلو ڪيو. ماءُ پيءُ گهڻو ئي روڪيس پر پنهونءَ نه مڃين. چاليهه ڏينهن منزلون ڪاٽيندو، واريا سو بيابان جهاڳيندو، هوءَ نيٺ درياهه جي ڪناري تي پهتو. سسئيءَ جي ٻيڙيءَ تي چڙهي هن درياهه پار ڪيو ۽ سسئيءَ جي باغ ۾ اچي لٿو. سندس اتي باغ کي ڪاٽڻ ۽ اجاڙڻ شروع ڪيو. (۱) سسئيءَ کي خبر پيئي ته عاشق اچي پهتو آهي. جڙتو غصو ڏيکاريندي، هوءَ (سسئي) ساهيڙين کي پاڻ سان وٺي باغ ۾ پهتي. ٻنهين جي ملاقات ٿي ۽ دل جو حال اوريائون. پنهونءَ چيو، ”هل ته نڪري هلون ۽ ڪيچ پهچي خوشيءَ ۾ گذاريون.“ ائين چئي هن سسئيءَ جي چوگرد ٻانهون ڦهلايون. مگر سسئي هٽي پري ٿي ۽ چوڻ لڳي ته ”مان بيشڪ تنهنجي آهيان پر شاديءَ کان اڳ، ان قسم جي حرڪت بس نه ڪري سگهندا سين.“ پنهون سسئيءَ جي مرضي بموجب هلڻ قبول ڪيو. سسئيءَ چيس ته وواهه ڪرڻ لاءِ ڪيس ڌوبي بڻجڻو پوندو. پنهونءَ مڃيو ۽ سسئيءَ جي مرضيءَ مطابق دوستن کي ڪيچ روانو ڪري، راجائي ڪپڙا لاهي، ڌوبين جو لباس اختيار ڪيائين. سسئيءَ چيس ته ”هاڻي منهنجي پيءُ

---

(۱) نامهءِ عشق موجب پنهون ڀنڀور پهچي، سسئيءَ کي چٺي لکي ٿو.

گهر هڪ تمام سهڻي ڇوڪري ڄائي. جوتشين کيس نهايت
بدنصيب ڄاڻايو. چيائون ته کنهن سان پيار ڪري وڇوڙي
جي ڏک ۾ ٻري مري، راڄائي خاندان کي ڪلنڪ
لڳائيندي. بادشاهه ان آپدا کان ڇوٽڪارو پائڻ لاءِ کيس
هيرن جواهرن سميت هڪ صندوق ۾ بند ڪرائي درياهه ۾
لوڙهائي ڇڏيو.

صندوق لڙهندي لڙهندي بادشاهه جا ڪپڙا ڌوئيندڙ
"اَتا" نالي ڌوٻيءَ اڳيان اچي لنگهي. هن صندوق کي
ٻاهر ڪڍيو ۽ سهڻي نئين ڄاول ڇوڪريءَ کي ڏسي ڏاڍو
خوش ٿيو. هُن هِن چنڊ جهڙيءَ نينگر جو نالو "سسئي" رکيو
۽ کيس ڌيءُ وانگر پالڻ لڳو. سسئي ٻارهن ورهين جي ٿي
ته هڪ رات سپني ۾ پنهون ڏٺائين. ڳاڙهن ڪپڙن وارو،
اُٺ تي چڙهيل پنهون هن کي تمام سهڻو راجڪمار لڳو.
سسئي مٿس موهت ٿي پيئي ۽ کيس ملڻ ۽ ساڻس ميلاپ حاصل
ڪرڻ لاءِ تڙپڻ لڳي.

سندس هِن عجيب پيار جي خبر هنجي ڌوٻڻ ماءُ کي
پهتي. هن ڌيءُ کي گهڻوئي سمجهايو پر سسئيءَ هڪ به
نه مڃي ۽ پنهونءَ جي وڇوڙي ۾ تڙپندي رهي. ٻيو ڪو
چاڙهو نه ڏسي، اَتي سڄي ڳالهه بادشاهه کي ٻڌائي. بادشاهه
پنهنجي ڌيءُ حيات ٻڌي تمام خوش ٿيو. هن اَتي کي هڪ
باغ انعام طور ڏنو، ۽ پتڻ جو محصول اُڳاڙڻ جي به اجازت
ڏنائين. سسئي پتڻ جي اُپت جي مالڪ ٿي ۽ ٣٦٠ ٻانهيون
سندس سيوا ۾ مقرر ڪيون ويون.

ڪجهه ڏينهن کان پوءِ هڪ قافلو پتڻ تان لنگهيو. قافلي
جي واپارين جون اکيون ۽ صورت، سسئيءَ کي سپني ۾ ڏٺل
پنهونءَ جهڙيون نظر آيون. پڇا ڳاڇا ڪرڻ سان معلوم ٿيس ته
ڪيچ کان آيا آهن. ڳالهين ۾ خبر پيس ته ڪيچ جي

ٻڌايو. هو ڏاڍو اداس ٿيو ۽ پنهنجن پٽن کي حڪم ڪيائين
ته پنهور وڃي، ڪنهن به ريت پنهونءَ کي هڪدم واپس
وٺي اچو. پنهونءَ جا ڀائر پنهور آيا. سندن نهايت خاطرداري
ڪئي ويئي. شراب جون محفلون مچي ويون. سسئي ۽
پنهونءَ کي خوب شراب پياريو ويو ۽ هو بي سرت ٿي پئجي
رهيا. ڀائر (١) ستل پنهونءَ کي ڀالڪيءَ ۾ وجهي، اٺ تي
چاڙهي، راتو واهه اٿي هليا. صبح جو سسئيءَ کي هوش
آيو ته پنهونءَ کي غائب ڏٺائين. گهٻرائجي ويئي ۽ ٻاڪارڻ
لڳي، پر چاڙهو نه ڏسي پنهونءَ کي ڳولڻ لاءِ بيابان ڏانهن
ڪاهي پيئي. ماءُ پيءُ گهڻو ئي سمجهايس ۽ ٻيچاريس، پر
هوءَ پنهنجي ارادي تي پڪي رهي. گرميءَ جون منجهنديون
ڏاريندي، تتي واري جهاڳيندي، لاچار ۽ ڏڪويل سسئيءَ
کي هڪ ريدار گڏيو. سسئيءَ شڪر ڪيو ۽ هن کان پنهنجي
پريتم جو ڏس پتو پڇيو. ريدار جو مَنُ بي ايمان ٿي پيو ۽
هو سسئيءَ کي پنهونءَ جي خلاف ڀڙڪائڻ ۽ پنهونءَ جو خيال
لاهي ساڻس گڏ گهارڻ لاءِ ستائڻ لڳو. وڏي آپدا ۾ ڦاٿل
سسئيءَ کي جند ڇڏائڻ لاءِ هڪ ئي طريقو سجهي آيو. ريدار
کي چيائين ته تمام گهڻي پياس اٿم؛ ڪو پاڻيءَ وٺي ته آڻي
ڏيم. ريدار خوشيءَ وچان پاڻي ڪڍڻ ويو ته سسئيءَ ڊوڙڻ
شروع ڪيو. ساڳئي وقت اَرداس ڪيائين ته ”اي هيٺين جا
همراه! مان پنهونءَ جي اَمانت آهيان، مونکي هن ريدار جي
پنجي کان ڇڏاءِ؛ مونکي پناه ڏي.“ سسئيءَ جي پڪار
قبول پيئي. زمين ڦاٽي، ۽ هوءَ ان ۾ اَلوپ ٿي ويئي.
ريدار پاڻي کڻي آيو ۽ سسئيءَ کي نه ڏسي ڏاڍو ششدر ٿيو.

---

(١) منشي اندرجيت، ڀائرن بدران، اَمير امرائن جو ذڪر ڪيو آهي.

وٽ وڃ ۽ چئينس ته مان ڌوٻڪو ڪم ڪندو آهيان، ڪجھ وقت کان بيڪار هئڻ سبب ڏاڍو تنگ آهيان، مونکي نوڪر ڪري رک. (۱) خدمت ڪندي سندس راضپو هٿ ڪري موقعو وٺي ڪانئس منهنجي گهر ڪج. ڀڳوان ڀلي ڪندو."

پنهونءَ ائين ئي ڪيو. آئي سندس ڪم پرکڻ لاءِ کيس بادشاهه جا ڪپڙا ڌوئڻ لاءِ ڏنا. پنهون ڀڳي مٿان ڪپڙا رکي، اچي گهاٽ تي پهتو. ڌوئڻ جو ڍنگ نه هوس انڪري ڪپڙا سٽي ساٽي ڦاڙڻ لڳو. سسئي به آئي آئي ۽ سندس حال تي کلڻ ۽ ساڳئي وقت ارمان ڪائڻ لڳي. پنهونءَ کي گهٻرايل ڏسي کيس دلاسو ڏنائين. پوءِ ڪپڙن جا ته ڪري، هڪ هڪ ۾ مهر وجهي، بيگمن کي پهچايائين ۽ پنهنجي ماجرا بيان ڪيائين. هوءَ سندس سچو پريم ڏسي، ڏاڍيون گد گد ٿيون. پوءِ هنن مُهرن سميت ڪپڙا واپس ڪيا ۽ آئينده پنهنجا ڪپڙا پنهونءَ کي ڌوئڻ لاءِ حڪم ڏنائون.

آئي پوءِ وري پنهونءَ کان درزڪو ڪم ڪرايو. سسئيءَ جي مدد سان پنهون انهي ڪم ۾ به ڪامياب ٿيو. ٻي آزمائش وٺڻ لاءِ کيس آرينا پچڻ لاءِ ڏنا ويا. پنهون هٿوڙو ڪٺي آهو پر آرينا پچي نه سگهيو. واپس ٿي وريو ته رستي ۾ سسئي گڏيس جنهن چيس ته هاڻي اهو ڪم مونکي ڪرڻ ڏي. آرينا ڏيڻ وقت ڏنل ڪارن بدران اڇا ڏسي حيران ٿي ويو. آئي پنهونءَ کي گڏوان جاڻي ڌيءُ هن جي حوالي ڪئي (۲) ۽ سسئي شاديءَ جي جيوت خوش گذارڻ لڳي.

ڪيچ پهچي پنهونءَ جي دوستن عليءَ کي سمورو احوال

---

(۱) جئين هير رانجهي کي پيءُ وٽ نوڪر [illegible] سو تئين سسئيءَ پنهونءَ کي ڌوٻيءَ جو نوڪر ٿيڻ [illegible] چيو.

(۲) نامهءِ عشق ۾ وواهه جي گهر، پنهونءَ طرفان ڪيل آهي.

آواز آيو "انسانو! روئڻ پٽڻ بند ڪريو. ماتم ڇا جو ٿا ڪريو؟ شڪر ڪريو ته جيڪي وڇڙيل پريمي هميشه لاءِ ملي هڪ ٿي ويا آهن." اهو ٻڌي ٻنهي ڌرين جي ماڻهن جو جوش گهٽيو ۽ سندن سڀئي پريم جا ڳڻ ڳائيندا وطن وريا.

شهباز خان ۽ محمد حسين جي ڪهاڻي

هن ڳڌيل رچنا (وقايع پنهون) ۾ سسئيءَ جو پنهون سان پيار جو لشيءَ جي چوڻ ڪري لکيل آهي. پنهونءَ جي سڀئي اُن کي وڏيڪ ڀڪو ڪيو. ڪيس ڀنيور گهرائڻ لاءِ قرض جي وصوليءَ جي چار وڏي ويئي. پنهونءَ کي پاڻ ڌوٻي ثابت ڪرڻ لاءِ پنهنجو نالو "غلام اسلام" ۽ ذات "سپل" ٻڌائڻي پيئي. شاديءَ کان پوءِ پريمين جون آپدائون گهٽي قدر جوت پرڪاش جي مثنوي سان ملن جهڙن ٿيون، انهيءَ ڪري وري دهرائڻ جي ضرورت نه آهي.

سسئي گهٽين سڪن ۽ سڪائن کان پوءِ ڀنيور شهر جي راجا آدم جام جي گهر ڄائي. نجومين اڳڪٿي ڪئي ته هوءَ ماءُ پيءُ لاءِ ڏک جو باعث ٿيندي، ان ڪري سٺي صلاح آهي ته ڪيس مارائي ڇڏجي. پتا واري پيار کان مجبور ٿي، بادشاه سسئيءَ کي مارڻ بدران صندوق ۾ بند ڪري لوڙهائي ڇڏيو. صندوق لڙهندي لڙهندي اُتا نالي ڌوٻيءَ وٽ پهتي جنهن سسئيءَ کي ٻاهر ڪڍي گهر ۾ پالڻ نپائڻ جو بندوبست ڪيو. ڇوڪري جوان ٿي ته صندوق ۾ پيل هڪ ڪاغذ مان ڪيس پنهنجي ڪتب وغيره جي باري ۾ پتو لڳو ۽ تمام دکي ٿي. ڪيس ڪنهن ڌوٻيءَ سان شادي ڪرائڻ جون رٿون رٿڻ لڳيون ته سندس بي آرامي هونءَ کان به وڌڻ لڳي. آخر پنهنجي من کي شانت ڪرڻ لاءِ هوءَ هڪ جو لشيءَ وٽ ويئي جنهن ٻڌايس ته هوت قوم جو بادشاه

قبر ۾، منڪر ۽ نڪير فرشتن سسئيءَ کان سندس ڪرمن جو حساب پڇيو. سسئيءَ چيو، "مونکي ته پنهونءَ کانسواءِ ٻئي ڪنهن جي خبر ڪانهي." فرشتا هن کي دوزخ ڏانهن وٺي وڃڻ وارا هئا ته هڪ غيبي آواز کين روڪي ڇڏيو. ريدار هيءَ اسرار ڏسي ڏاڍو حيران ٿيو.

هوُ (ريدار) سسئيءَ جي گم ٿيڻ واري هنڌ تي پرڪرما ڏيڻ لڳو ۽ مزار (قبر) ٺاهي، پاڻ مجاور ٿي ويٺو.

هوڏانهن پنهونءَ جو نشو لٿو ۽ هوش ۾ آيو ته ڀائرن جي چالاڪيءَ تي ڏاڍو غصي ٿيو. هن سسئيءَ وٽ وڃڻ لاءِ اُٺ جي مهار پٺتي موڙي. ڀائرن گهڻوئي روڪيس پر هوُ ٽلُ نه نه رڪيو. "سسئي، سسئي" پڪاريندو سسئيءَ جي قبر وٽ اچي پهتو. ڀرسان ويٺل ريدار کان نئين قبر بابت احوال پڇيائين. ريدار چيو ته "خود مونکي به هن ڳالهه جو پتو ڪونهي. هڪ ڦوهه جوان سندري، ڪنهن جي وڇوڙي جي سخت ستايل 'پنهون، پنهون' ڪندي هن ۾ سمائجي ويئي آهي."

اِهو ٻڌندي ئي پنهونءَ جي اکين مان لڙڪن جا درياهه وهي هليا ۽ ڏاڍي آهه زاري ڪيائين، هن جي پڪار ٻڌي قبر ڦاٽي پيئي ۽ پنهون منجهس سمائجي وڃي سسئيءَ سان مليو. (۱) ريدار اِهو عجيب نظارو ڏسي تهائين وڌيڪ حيران ٿيو ۽ آئي وئي کي ڇڻي ٻڌايائين. ماڻهو ويا ڪٺا ٿيندا. قبر کولي ويئي، پر اَندر ڪجهه هجي نه لڀي! اِها ڏڪندڙ خبر ڪيچ ۾ ۽ پنهور ۾ به وڃي پهتي ۽ ٻئي ڏيرون رنديون، رڙنديون، اُن هنڌ آيون. هاهاڪار مچي ويئي. اُنهيءَ وقت قبر مان

---

(۱) منشي اِندرجيت پنهنجي مثنوي اِلي (سسئي پنهونءَ جي موت تي) ختم ڪئي آهي. اِها ڀاڱي جوت پرڪاش کان وڌيڪ ڪلا سان ڀريل آهي.

رهيا اُڌارا وٺي ويو. اهي پئسا هن اڄ ڏينهن واپس نه ڪيا آهن، سو يا نه اوهين اهو حساب ڪتاب لاهيو يا پنهونءَ کي هٿي وٺي اچو. اسين وڌيڪ ترسي نٿا سگهون. جي ڇوٽڪارو چاهيو ته ٻن چئن ماڻهن کي پنهنجي ملڪ موڪلي، پنهونءَ کي هن معاملي کان واقف ڪريو." واپاري گهر موٽي وڏي ويچار ۾ پئجي ويا. آخر قافلي جي ٻن سردارن- ٻين ۽ ٻنيا- فيصلو ڪيو ته ٻنيا ڀنڀور رهي ۽ ٻين ڪيچ وڃي پنهونءَ کي وٺي اچي. ٻين روئندو رڙندو پنهونءَ جي دربار ۾ پهتو ۽ چيائين، "اوهانجي هلڻ کان سواءِ اسانکي نه ڇڏيندا." پنهونءَ سڄي ڳالهه ٻڌي. سسئيءَ جي لاثاني سونهن کان به واقف ٿيو، سو واپارين کي ڇڏائڻ ۽ سسئيءَ جو ديدار ڪرڻ لاءِ ڀنڀور روانو ٿيو.

ڀنڀور پهچي سسئيءَ کي ڏٺائين ته مٿس موهت ٿي پيو. کيس شادي ڪرڻ لاءِ چيائين. سسئيءَ چيس ته مان اُتي ڌوٻيءَ جي ڌرم جي ڌيءَ آهيان، جي مون سان شادي ڪرڻ چاهين ٿو ته راڄ ڀاڳـــ ڇڏي، ڌوٻي ٿيڻو پوندءِ. پنهونءَ قبول ڪيو ۽ سسئيءَ جي مرضيءَ اَنوسار پنهنجو نالو "غلام اسلام" ۽ ذات "سپل" ظاهر ڪيائين. پوءِ اُتي کان سسئيءَ جي ٻانهن گهر پائين. اُتي سوچ، ويچار ۽ پڇا ڳاڇا کان پوءِ سسئيءَ کي پنهونءَ سان پرڻائي ڇڏيو.

هنديءَ ۾ سسئيءَ بابت ساهتيہ

مير ڪرامت الله، مصر ٻنڌو جي ڪتاب "ڪوي ڪيرتن" ۽ ڊاڪٽر گريئرسن جي "ماڊرن ورنيڪيولر لٽريچر آف هندستان" جا حوالا ڏيندي لکيو آهي ته پنڊيان پشپه يا پشپ نالي ڪويءَ هن قسم جي هڪ پراڻي ڪهاڻيءَ کي ٧٧٠ بڪرمي ۾ هندي دوهن ۾ اُلٿو ڪيو آهي. مير صاحب اهو نه ٻڌايو

پنهون سندس جيون-ساٿي ٿيندو. سسئي اهو ٻڌي ڏاڍي خوش ٿي. پوءِ ماءُ کي ڪولي ٻڌايائين ته مان راڄائي ٻار آهيان ۽ شاهاڻي گهر ۾ وواهه ڪنديس؛ پر ڏوٻي ماءُ پيءُ سنديس اها ڳالهه ڪيئن مڃن؟

آخر سسئيءَ پنهنجين ساهيڙين جي چوڻ تي پنهنجي پيءُ کي چٺي لکي ۽ عرض ڪيائين ته مونکي هن ڀي سمجهه سياڻيندڙن کان آجو ڪر. آدم جام، خط ملڻ سان ئي جواب موڪليو ۽ پنهنجي ڪرتيءَ تي شرمندگي ۽ مجبوري ظاهر ڪري پڇيو ته هاڻي انهن کان ڪيئن معافي ملي سگهندي؟ سسئيءَ چيو ته مون لاءِ هڪ محلات ۽ باغ تيار ڪرائي مونکي ڀنڀور جو حاڪم مقرر ڪيو وڃي جيئن مونکي ايندڙن ويندڙن جو پتو لڳي سگهي. بادشاهه ٻئي ڳالهيون مڃيون. سسئيءَ ملاحن کي حڪم ڏنو ته مسافرن کان حال احوال پڇڻ بنا ڪين ٻيڙين ۾ نه چاڙهيو وڃي.

ڪجهه وقت ائين گذريو ۽ سسئيءَ کي پنهونءَ بابت ڪا به خبر نه ملي. آخر هڪ رات هن پنهونءَ کي سپني ۾ ڏٺو ۽ زار زار رئڻ لڳي. هن جي ڏک ۽ روئڻ تي پنهونءَ چيس ته مان جلد ئي توکي ڀنڀور ۾ ملندس. اهو سپنو ڏسي صبح جو اٿي ته سندس بيچيني وڌي وئي. پهريائين ته رڳو پنهونءَ جي خيال سندس دل ۽ دماغ تي قبضو ڪيو هو، هاڻي پنهونءَ سان پريم ٻجهي ويس ۽ ڏينهن رات سندس انتظار ۾ گذارڻ لڳي. ڪجهه ڏينهن کان پوءِ ڪيچ جي واپارين جو هڪ قافلو ڀنڀور پهتو. سسئيءَ کي پتو پيو تهن حڪم ڪيو ته ڪين قيد ڪري سامهون آندو وڃي. ويچارا واپاري گهبرائجي ويا، ۽ ڪجهه سوغاتون کڻي، سسئيءَ وٽ آيا ۽ پنهنجي قيد ٿيڻ جو سبب پڇيائون. سسئيءَ چيو ته توهانجو مهندار پنهون، هڪ دفعو ڪيچ کان اسانجي شهر ۾ آيو ۽ اسان کان گهڻيئي

پاتشاهه" کي سسئي سان پرڻائڻ کان اڳ شادي شده ڏسيو ويو آهي. سسئيءَ جو پنهونءَ سان جهڳڙو، جنتر منتر جو ورتڻ، پنهونءَ جو قتل، ووانن جي سواري، سسئيءَ جي قرباني، سرگواس وغيره، هن کهاڻي روُپ جون ڪجھ جهلڪيون آهن، جي ڪيس سموري سسئي ساهتيه کان علحدو رکن ٿيون. هن کهاڻيءَ جو خاص مطلب ٻن شادين ڪرڻ جو اُگرو نتيجو ۽ پتورت ڌرم جي پالن ڪرڻ جا فائدا ٻڌائڻ ٿي سمجهجي ٿو.

سچي ڪٿا ١٥ پدن (دوهڙن، سَورٺين، چوپين) ۾ بيان ڪيل آهي. گهڻا پد سسئي پنهونءَ جي وواهه، پيار پري شاديءَ بعد جيوَن، ۽ سسئيءَ جي پتورت ڌرم جو بيان ڪن ٿا. گروُ مهراج هندستاني تهذيب جي اِن پهلوءَ کان واقف هئا ته هن پريم کهاڻيءَ ۾ عام- ڀاونا جي بدران پتورت ڌرم جي ساراهه ۽ روحاني رنگ جون جهلڪيون نظر اچي رهيون آهن. دميتي ۽ شڪنتلا جهڙين کهاڻين ۾ سمايل رنگ ٿي پارٽي سياءَ موافق آهي. اِنڪري هن کهاڻي روپ ۾ اُنهي انگ کي زور وٺڻ لاءِ ڪيل ڪوشش معلوم ٿئي ٿي.

هڪ ڏينهن ڪپل مني هڪ هنڌ ويو. اُتي رنيا نالي هڪ سندر اَپڇرا ڏسي مٿس موهت ٿي پيو. جلد ئي هن جي ويرهه ڌرتيءَ تي ڪري پيئي جنهن مان رنيا پيٽ سان ٿي. رنيا کي هڪ ڇوڪري ڄائي، جنهن کي هوءَ سندو نديءَ ۾ ڦٽو ڪري، پاڻ سرڳ هلي ويئي.

ڇوڪري لڙهندي لڙهندي اُتي آئي جتي سنڌ جو راجا برهمدت بيٺو هو. راجا ڇوڪريءَ کي ڏٺو ۽ ٻاهر ڪڍي ڌيءَ ڪري پالڻ لڳو. هن جي چنڊ جهڙي ڇهري کي خيال ۾ رکي سندس نالو "سسيا" رکيائين. سسئي جوان

آهي ته هنديءَ جي سڀ کان پهرئين مسلمان شاعر مسعود سنبت ١١٨٠ ۾ "سسئي پنون" جي ڪهاڻي دوهن ۾ لکي جنهن کي وري اڪبر جي دور ۾ مشهور هندي ليکڪ گنگ ڀٽ جي هڪ شاگرد هندي نثر ۾ آندو. (١) مٿين ٻن لکيتن جي باري ۾ ٻي ڪا به خبر نه ملي سگهي آهي. راءِ بهادر هتوُرام به هڪ هندي قصي جو ذڪر ڪيو آهي پر نالو، پتو يا نمونو نه ڏنيو اٿس. (٢)

دسم گرنٿ صاحب ۾ هن ڪهاڻيءَ جو هڪ عجيب ۽ متهاسڪ روُپ به مليو آهي. هندي ساهتيه جي هن مهان گرنٿ جي "چرتر پکياني" (انڪل ١٦٩٦ ع) ۾ هند پنجاب جي ڪجهه وڌيڪ پريم- ڪهاڻين (هير رانجهي ۽ سوهڻي مهيوال (٣) وغيره) وانگر "سسئي پنون" جي رومانس کي به سٺي جڳهه ڏني ويئي آهي. چرتر نمبر ١٠٨ هن ڪهاڻيءَ جو بنياد آهي. (۴)

شري دسم گرنٿ جي ڪهاڻي

"چرترن" ۾ لکيل ڪهاڻي روپ جو بنياد يا ته متهاس آهي يا ليکڪ پاڻ ئي اُن کي اهڙي متهاسڪ چادر پارائي آهي جو هڪ عجيب ڪٿا ٺهي پيئي آهي. هن ۾ "پنهون

---

(١) ڏسو اوريئنٽل ڪاليج مگزين- نومبر ١٩٣٠ع، صفحو ٢ ۽ ترجمان، فبروري ١٩٢٧ ۽ اهسٽري آف پنجابي لٽريچر- صفحو ١٩.

(٢) قلوازي- لاهور- مي ١٩٣١.

(٣) تاريخ بلوچستان- صفحو ۴٧.

(۴) ڏسو چرتر نمبر ٩٨ (هير جي ڪهاڻي) ۽ نمبر ١٠١ (سوهڻيءَ جي ڪهاڻي). دسم گرنٿ- چرترن ڇاپو- ڀائي گردياسنگهه وارو ڇاپو- صفحا ٩٧ کان ١٠٠ تائين.

ڳهوڙو ڊوڙائي شڪاريءَ کي ماري وڌائين، پر پاڻ به
جلدي ڪري پيو ۽ ساهه ڏنائين. نوڪرن چاڪرن ڪيس ڪٺي
ڏاڍي سان لڳايو ۽ فڪر ۾ پئجي ويا ته سندس لاش ڪهڙي
منهن سان رانيءَ وٽ کڻي وڃون! انهي وقت آواز آيو،
”ڪهڙن خيالن ۾ آهيو؟ پنهون وڏو بهادر هو ۽ وڙهي جان
ڏني اٿس، انهيءَ ڪري هن جي لاش کي گهر کڻي وڃڻ
بدران ميدان ۾ ئي دفن ڪريو.“ ان طرح پنهونءَ جو لاش
دفن ڪري هو محلات ۾ آيا، ۽ رانيءَ کي حقيقت کان واقف
ڪيائون. سسئيءَ جو ته ٻڌندي ئي هوش هليو ويو. پالڪيءَ
۾ چڙهي، پنهونءَ جي قبر ڏانهن نڪتي. دل ۾ پڪو
ارادو ڪيائين ته يا ته پنهونءَ کي پاڻ سان وٺي اينديس يا
ته مان به انهيءَ پران ڏينديس. روئندي رڙندي هوءَ پنهونءَ
جي قبر وٽ پهتي. محبوب کي قبر ۾ ڏسي، ڪري پيئي
۽ هن سان گڏ لين ئي ويئي. ان ريت پتيءَ لاءِ پران ڏيڻ
واري پتورت سسئي سدو سرڳ ۾ وڃي پهتي. ديوتائن ۽
پرين هن کي ووان ۾ چاڙهي، جئه جئه ڪار ڪئي ۽ اندر
ديوتا ڪيس پهنجي آسن جو اڌ وهڻ لاءِ ڏنو. ان طرح دسم
گرنٿ جو ڪهاڻي روپ سسئيءَ کي پنهون سان گڏ سرڳ
پهچائي، سندس صدق ۽ پتورت ڌرم جي ساراهه سان
ختم ٿئي ٿو. (١)

---

(١) الف- هن چرتر جي سماپتي هيٺ لکيل سڌانتن سان
ڪئي وڃي ٿي:
١- مڙيءَ جو پاٽيءَ سان پيار- ٻئي هڪ ٻئي کان جدا
ٿي نٿا سگهن.
٢- گهڻئي دفعا پهاڄ جي ابرڪا سندس مڙس جي موت
جو سبب بڻجي ٿي.
ب- هن چرتر جون آخرين تڪون هي آهن:
”سهاڳــ، ملي يـــا ودوا ٿجي،
ڏڏيءَ جو نالو روز ياد ڪجي.“

تي ته راجا هنجي وواهه بابت خيال ڪيو ۽ "پنهون پاتشاهه" بابت پڇا ڳاڇا ڪري ڪيس ڪوٺايو. جلد ئي وواهه جي تياري ڪئي ويئي. سنڌريءَ کي ڏسي سڀني کي خوشي ٿي ۽ کيس آسيسون ڏيڻ لڳا. پنهونءَ جي سونهن ڏسي، زالون سڌون ڪرڻ لڳيون.

شاديءَ بعد پنهون پاتشاهه جي ڀيڻ راڻيءَ کي اِن ڳالهه جي خبر پيئي. هوءَ ڏاڍي حيران ۽ پريشان ٿي. گهڻي سوچ ويچار کان پوءِ، جنترن، منترن ۽ تنترن جي زور سان هن پنهنجي مڙس کي سسئيءَ کان ڦٽايو. هاڻي پنهون تمام اداس ٿي پيو. ننڊ، بک موڪلائي ويس ۽ محلات ڇڏي، ٻاهر گهمڻ لڳو. سسئيءَ پنهنجين سياڻين ساهيڙين کي ڪوٺائي ساڻن صلاح ڪئي. هنن جنترن ۽ منترن وسيلي پنهونءَ کي ٺيڪ ڪري ڇڏيو، ۽ وري ٻنهي جو پاڻ ۾ گهاٽو پريم ٿي ويو. پنهونءَ پنهنجي ڀيڻ زال ڇڏي ڏني. سسئي به هن کي پراڻن کان وڌيڪ پيار ڪرڻ لڳي؛ هن کان پل به پري نه ٿئي. لاڏ ۽ پيار هن جو هوش حواس گم ڪري ڇڏيو.

ڀيڻ زال اهڙو لاڏ پيار ۽ ميلاپ ڏسي جلڻ لڳي. هن بهادر ڇوڪرين کي گڏ ڪري صلاح ڪئي ۽ اهڙي پتيءَ بدران رن (ودوا) رهڻ بهتر سمجهيو. پوءِ فقيرياڻيءَ جو ويس ڌاري، مڙس کي مارڻ يا مارائي پنهنجي پٽ کي راڄ-گديءَ تي ويهارڻ جو پڪو خيال ڪيائين. هن سوچيو ته جي شڪار ڪندي ڪو پنهونءَ کي ماري ڇڏي، ته ان اوچتي موت جو ٻڌي، سسئي به مري ويندي. سو هڪ ماڻهوءَ کي بيشمار ڌن ڏيئي هن پنهون کي مارڻ لاءِ تيار ڪيو. هڪ ڏينهن موت پنهونءَ کي شڪار جي بهاني وٺي ويو. پنهون جڏهين گهاٽي جهنگل ۾ هلڻ لڳو ته شڪاريءَ تير هڻي گهائي وڌس. تير لڳڻ سان پنهون جوش ۾ آيو ۽

پنڊت سالگرام جي ڪهاڻي

پنڊت سالگرام "سالڪ" جي مثنوي "سسي پنون" ٢٥ آگسٽ ١٨٩٠ع جي رچنا آهي. پنڊت، مهاراجا رجندر سنگهه پٽيالي جو سهيوگي ۽ مهاراجا جي خانگي سيڪريٽريءَ سردار شمشير سنگهه جي ڪرپا جو لائق هو. اهو قصو هن شمشير سنگهه جي چوڻ تي لکيو جنهن جي هڪ ڪاپي پروفيسر پريتم سنگهه وٽ پيئي آهي ۽ مٿس سردار شمشير سنگهه جي صحيح به پيل آهي. هيءَ رچنا ڏگهن ١٠٦ پنن ۾ لکيل آهي.

سالڪ، سسئيءَ کي پنجاب جي هڪ راجپوت راجا جي ڌيءُ لکيو آهي ۽ کيس راوي نديءَ ۾ لوڙهيل ڏسيو آهي. پنهونءَ ۽ هن جي ماءُ ۽ پيءُ مائٽن سان ٿيل لکپڙهه جو ذڪر رڳو سالڪ ئي ڪيو آهي. سالڪ جي ڪهاڻيءَ جي رٿا هاشم جي رچنا سان ڪافي ملي ٿي.

پنجاب جي مشهور شهر ڀنڀور جي هڪ چندر ونسي راجا سسپال جي گهر مس مس هڪ نياڻي جائي. جوتشين چيو ته هوءَ سندس بيعزتيءَ جو سبب ٿيندي ؛ ان ڪري راجا کيس صندوق ۾ پوري، راوي درياهه ۾ لوڙهائي ڇڏيو. ڀنڀور جي رهاڪوءَ آتا نالي هڪ نِرَسنتان ڌوٻيءَ هن صندوق کي پڪڙيو. جيئن ته ڀيٽيءَ ۾ پيل ڌن مال هن کي امير بنائي ڇڏيو، ان ڪري هو سائي ڌوٻين جي حسد جو نشانو بڻيو. راجا وٽ دانهن پهتي. راجا سهڻي سسئيءَ کي محلات ۾ ڀڇائڻ لاءِ ڪرمچاري موڪليا، ۽ ڪائڻ سندس اصلي حال جو بيان ٻڌي ڏاڍو شرمسار ٿيو.

هڪ نجوميءَ سسئيءَ جي قسمت جو حال ٻڌائيندي ظاهر ڪيو ته هوءَ ڪيچ جي سندر شهزادي پنهونءَ سان

اُردوءَ ۾ سسئيءَ بابت ساهتيہ

سسئي پنهونءَ جي ڪهاڻي اُردوءَ نظم ۽ نثر ۾ ٻہ لکيل ملي آهي. پنڊت سالگرام ”سالڪ“، نواب محبت خان (١)، ۽ ڪيسرا سنگهہ جهاڳير، معمولي (رواجي) قصا لکيا آهن. سردار لالسنگهہ (٢) ۽ شري ڪرتارچند سمت (٣) اُنکي ناٽڪي لباس ۾ پيش ڪيو آهي. (٤) ”پنجابي ڪي روماني اَفسانـي“ (صفحا ٢٥ کان ٤٨)، ”پاڪستان ڪي عوامي ڪهاڻيئان“ (صفحا ٧٧ کان ٨٥) ۽ ”پنجاب ڪي رومان“ (صفحا ٥١ کان ٦٨) ۾ سسئي پنهونءَ جي ڪهاڻي اُردو نثر ۾ پيش ٿيل آهي. اُردوءَ ۾ ڪيترن شعرن ۾ هن جا ڪيترا حوالا اچن ٿا، جيئن تہ:

”خدا چاهي تہ بنا ڪوشش جي خزانـو همت اَچي وڃي،
اَتا ڏوبيءَ ڪي جيئن ملي صندوق هيرن (سسئي) جي.“

اُردوءَ ۾ چالـو ڪهاڻـي روپ جـو مثال ڏيڻ لاءِ، مون سالگرام ۽ محبت خان جي قصي جو اِختصار ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي آهي.

---

(١) هن جي رچنا جو نالو ’اسرار محبت‘ آهي.

(٢) سردار لالسنگهہ ريزيڊنٽ ڪشمير جو مير منشي هو. هن جي رچنا جو نالو ”نالہءِ محزون“ عرف ”سسي پنون“ آهي.

(٣) ڪرتارچند جي رچنا - ”مڪمل ڊراما سسي پنهون“ ١٩٢٨ ۾ ڇپيو.

(٤) ”ترجمان“ مگزن - لاهور - فيبروري ١٩٤٧ ۽ اورينٽل ڪاليج مگزن، لاهور، نومبر ١٩٣٠.

محلات ۾ وٺي ويئي. پنهونءَ بلوچن کي خاطري ڏيئي ڪاڻن موڪليو ۽ پاڻ سسئيءَ سان موجون ماڻڻ لڳو.

جڏهين اَٺين ڪي پتو لڳو ته ڏيٺس هڪ بلوچ سان رنگ رچائي ويٺي آهي ته هو ڏاڍو ڪاوڙيو. هن جي زال به اونين جي دغابازين ۽ نيچ حرڪتن بابت سسئيءَ کي گهڻو سمجهايو پر هوءَ باز نه آئي.

ڪيچم خبر پهتي ته پنهونءَ جي مٽن مائٽن به هن ڳالهه ۾ پنهنجي گهٽتائي سمجهي. ڀريائين ته پنهونءَ جي ڀائرن - اَمرؤ ۽ تمرؤ کي موڪلڻ جي رٿ ٺاهي وٺي پر پوءِ فيصلو ٿيو ته پنهونءَ جي ماءُ طرفان سسئيءَ کي هڪ سخت چٺي لکي وڃي. سسئيءَ جواب ڏنو، "پنهون منهنجو ڌرم ۽ ايمان آهي. جي توهان اَسانجي وواهه ۾ راضي هجين ۽ پنهون ڪيچم واپس اچڻ لاءِ تيار هجي ته مونکي اِتي رهڻ ۾ ڪوبه اعتراض نه آهي." جواب ۾ پنهونءَ جي ماءُ لکيو، "تون هڪ نيچ ڌوٻڻ آهين، ان ڪري پنهونءَ سان شادي ڪرڻ جو خيال لاهي ڇڏ." سسئيءَ جواب ڏنو "اهو غلط آهي؛ مان به شهزادي آهيان." پنهونءَ جي ڀاڄاين ۽ مائٽن به ڪافي ڪجهه لکيو، پر سسئيءَ اڳيان ڪنهن جي دال نه ڳري.

آخر هار مڃي، پنهونءَ جا ڀائر ڀنڀور آيا. هنن جي اَچڻ جو ٻڌي پنهون ڏاڍو خوش ٿيو. رات ٿي ته ڪاڻڻ پيئڻ لاءِ محفل لڳي. سسئيءَ ۽ پنهونءَ کي ايترو ته شراب پياريائون جو هوُ بيهوش ٿي ويا. پوءِ بلوچن بيهوش پنهونءَ کي ڀڃائي ڪيچم جو رستو ورتو. سسئي جاڳي، ۽ پنهونءَ کي پاسي ۾ نه ڏسي ۽ روئڻ رڙڻ لڳي. پوءِ پنهونءَ جي ڳولا ۾ ڪيچم وڃڻ جو فيصلو ڪري، نڪري پيئي. رستي تي "ڪاڪا" نالي ريدار گڏيس. هوُ هن جو برو حال ڏسي، خوف

شادي ڪندي. سسئي اهو ٻڌڻ سان ئي مٿس موهت ٿي
پيئي ۽ پنهنجي پيءُ کي لکيائين ته مونکي پاڻ وٽ گهرايو.
راجا بدناميءَ کان ڊڄي، هن کي راوي نديءَ جي ڪپ
تي هڪ بنگلو ۽ باغ ٺهرائي ڏنو، ۽ پڻ جو محصول اوڳاڙڻ
جو حق به عطا ڪيو. محل ۾ پنهونءَ جي چٽيل تصوير ڏسي
سسئي ڏانهس وڌيڪ مائل ٿي ۽ رات ڏينهن سندس ڌيان
ڪرڻ لڳي.

هڪ ڏينهن ڪيچم کان ڀاڀها ۽ ٻين نالي به واپاري آيا.
محصول اوڳاڙيندڙن سان جهيڙو ڪرڻ ڪري، هو سسئيءَ
وٽ فيصلي لاءِ پهچايا ويا. ڳالهين ۾ پنهونءَ جو به
ذڪر نڪتو. سوداگرن سسئيءَ جي دل وٺڻ لاءِ پنهونءَ کي
ڏاڍو ساراهيو ۽ پنهنجي برادريءَ جو ڄاڻايو. سسئيءَ کين
قيد ڪرايو ۽ انهيءَ شرط تي ڇڏڻ جو فيصلو ڪيائين ته هو
پنهونءَ کي ڀنڀور پهچائيندا. ٻين ڪيچ ويو ۽ اتي پنهنجي
بند خلاصيءَ لاءِ فرياد ڪيائين. سسئيءَ جي سونهن ۽ پيار
جي به ساراهه ڪيائين. پنهون سسئيءَ تي موهت ٿي پيو ۽
ڀنڀور وڃڻ لاءِ تياري ڪيائين. صلاحڪارن روڪيس ۽
مائٽن ٻن وڏن ڀائرن کي موڪلڻ لاءِ چيو. پر ٻين اهڙو سُر
آلاپيو جو پنهونءَ جو وڃڻ لازم سمجهيو ويو ۽ ڀنڀور پهچي ئي
هن دم پٽيو.

پنهون سسئيءَ جي باغ ۾ لٿو. سندس اٺن کان باغ ناس
ٿيندو ڏسي، مالهيءَ دانهن ڪئي. سسئي ٻانهين سميت
ٻاهر آئي. بلوچن کي خرب ماريائون. هنن چيو ته اسين ته
رڳو مالڪ جي حڪم موجب هتي لٿا آهيون ۽ اسانجو ڪو به
ڏوهه نه آهي. جڏهين سسئيءَ پنهنجي پلنگ تي پنهونءَ
کي سمهيل ڏٺو ته تهائين وڌيڪ ڪاوڙي، پر جائين نزديڪ
وڃي ڏٺائين ته هوش خطا ٿي ويس. پوءِ ته پاڻ پنهونءَ کي

ڀنڀور جي ٿي ويئي. هوءَ به سسئيءَ جي سونهن ۽ جوانيءَ تي اکن ڇڪن ٿي ويو:

”هوءَ هن مشعال تي موهت ٿي؛
هو به هن شمع تي پرواني وانگر فدا ٿيو.“

ڳالهه ٻولهه هلي ۽ ٻئي هڪ ٻئي کي ويجهو ٿيا. دل جي سودي ٿيڻ جي دير هئي ۽ پريم جي باهه ڀڙڪي اٿي:

”ٻنهي پاسن کان خوب ڇڪ ٿي،
دلين ۾ عشق جي باهه ڀڙڪي اٿي.“

پنهونءَ ڄاڻايو ته ٻئي ڏينهن ڪوچ ڪبو، انهيءَ ڪري رات گڏ گذارجي. سسئيءَ وواهه کان سواءِ ميل حرام سمجهي ناڪار ڪئي، پر گڏجڻ ۽ حال احوال ڏيڻ وٺڻ قبول ڪيو. ڳالهيون ڪندي ڪندي، ٻنهي کي ننڊ اچي ويئي. قافلي وارن ان ۾ ڪجهه راز سمجهيو. ڊپ لڳڻ ته ڪا آپدا نه اچي ڪڙڪي، سو سُتل پنهونءَ کي آهستي کڻي پنهنجو رستو ورتائون. سسئي جاڳي ۽ پنهونءَ کي نه ڏسي گهٻرائجي ويئي. هاڻي ڇا ڪري؟ آخر پنهونءَ جي اُٺ جا پير کڻندي هلندي ويئي. ماءُ پيءُ گهڻوئي روڪيس پر هن ٻڌو اڻٻڌو ڪري ڇڏيو.

سسئي جهر جهنگ جهاڳيندي، سختيون سهندي، ٻيرن جي اوٽ تي اچي ڪيچ پهتي. اڳيان ڍهل وڄي رهيا هئا. سسئيءَ پنهنجي ٻهچ ڄاڻڻ لاءِ نشانيءَ طور پنهونءَ کي منڊي موڪلي. هوءَ پنهون جي اچڻ جي انتظار ۾ ٿي ويٺي هئي ته ڪنهن اچي ٻڌايس ته هيءُ سڀ شادمانا پنهونءَ جي وواهه لاءِ ٿي رهيا آهن. سسئيءَ کي اهڙو ته صدمو رسيو جو ٻڌندي ئي دم ڏنائين. هوڏانهن پنهونءَ کي نشاني پهتي ته هو سسئيءَ جو پتو ڪڍندو اتي آيو ۽ معشوق

کان پڇڻ لڳو. مارُو بيابان جي لڪ ۽ واريءَ ۾، اڃ ۾ اُڃهامندي، سسئيءَ آخر ٽڙقي ٽڙقي جان ڏني.

ريدار تي ان جو اهڙو نه اثر ٿيو جو سسئيءَ جي قبر ناهي اُتي ئي مجاور ٿي ويهي رهيو.

هوڏانهن پنهونءَ کي سسئيءَ جي بيحاليءَ جو سپنو آيو. جاڳيو ۽ پٺيان مهار موڙيائين. رستي ۾ هڪ تازي ٺهيل قبر ڏسي، هن "ڪاڪي" فقير کان پڇيو ۽ جڏهين ٻڌائين ته "پنهون پنهون" ڪندي، هڪ نازنين هتي جان ڏني آهي ته، سندس هٿن مان ڪجهه ڪري پيو. پوءِ ته، ڏاڍا ورلاپ ڪيائين. "سسئي، سسئي" جون پڪارون ٻڌي، قبر ڦاٽي پيئي ۽ پنهونءَ کي سسئيءَ سان ملائي وري سڏي ٿي ويئي.

نواب محبت خان جي ڪهاڻي

نواب محبت خان "محبت" جي رچنا "اسرار محبت" ۾ ڏنل ڪهاڻيءَ جو روپ، سالڪ جي ڪهاڻيءَ کان گهڻو قريب آهي. اورينٽل ڪاليج مگزين ۾ ڏنل ڪهاڻيءَ ۾ سسئيءَ جي جنم، هن جي ماءُ پيءُ ۽ سنيالينڊز وغيره جو ڪو به ذڪر نه آهي. محبت خان پنهونءَ کي شراب پياري خمور ڪرڻ جو ذڪر نه ڪيو آهي پر ساڳئي وقت سسئيءَ جو ڪيچ پهچڻ، پنهونءَ کي پنهنجي اچڻ جي خبر ڏيڻ لاءِ پنهنجي منڊي (نشاني طور) موڪلڻ ۽ هن جي شاديءَ جو ٻڌندي ئي جان ڏيڻ جهڙيون گهٽنائون شامل ڪري، ڪهاڻيءَ کي هڪ نئون رنگ ڏنو آهي.

سسئي هڪ تمام سهڻي نازنين هئي. هڪ ڏينهن ڪيس ڪنهن ساهيڙيءَ ٻڌايو ته باغ ۾ هڪ بلوچن جو قافلو لٿو آهي، جنهن ۾ پنهونءَ نالي بلوچ کي ڏسڻ سان دل باغ باغ ٿيو ٿي. سسئي ٻڌندي ئي باغ ۾ پهتي ۽ پنهونءَ کي ڏسي

اَئِنڪن جي گزيٽيئر (١٩٠٧) ۾ ذڪر اختصار ڪان گهڻو اڳ، ليفٽننٽ برٽن، هن رومان جي مختصر ڪهاڻي پنهنجي ڪتاب "سنڌ" (١٨٥١) ۾ ڇاپي چڪو هو. اُن کان پوءِ هن "اَنهئپي وئلي" ۽ "سنڌ رِيوزٽيڊ" ۾ به ان جو ذڪر ڪيو.

ڊاڪٽر ايچ. ٽي. سورلي شاهه عبداللطيف جي جيون ۽ رچنا جي باري ۾ لکيل پستڪ جي ضميمي ۾ شاهه جي رسالي جو به هڪ عمدو ترجمو تيار ڪيو.

پر ڪهاڻيءَ جو ڪجهي روپ ته مسز پوسٽنس، برٽن کان به اڳ، پنهنجي پستڪ "ڪڇ" (١٨٣٩) وسيلي انگريزي جاڻندڙن لاءِ ڇپائي چڪي هئي.

ٽيمپل صاحب ڪهاڻيءَ جي متئين سنڌي يا ڪچي روپ بدران پنجابي روپ ورتايو. شايد ڪنهن وات ويندڙ پنجابيءَ کان ٻڌل ڪهاڻيءَ کي پنهنجو آڌار بڻائڻ بدران هن پنجابيءَ جي لوڪ-پريه رچنا "قصا سسي پنون" (ليکڪ ڪوي هاشم شاهه) کي مان ڏنو، ڀرپائين رومن اکرن ۾ لکيائين ۽ پوءِ تنت سميت "رومن اُردو جرنل" ۾ ڇپارايائين. انڊين اَنٽيڪئري (Indian Antiquary) ١٨٨٣ع ۾ به ڪهاڻيءَ جو اختصار ڏنو ائس ۽ ان جو آڌار به هاشم جي ڪهاڻيءَ جو روپ آهي. چار سال پوءِ هن پنهنجي مکيه رچنا "دَ ليجنڊس آف دَ پنجاب" جي ٽئين ڀاڱي (١٨٨٦ع) ۾، جنهن هاشم جي ڪهاڻي جو سار ڏنو ائس، اُتي هاشم جي گهڻي ئي مشهور بيتن کي رومن اکرن ۾ ڇاپڻ سان گڏوگڏ انگريزي ترجمو به شايع ڪيو.

متئين ڪيل بيانن کان سواءِ، هيٺ لکيل پستڪن ۽ رسالن ۾ به سسئي پنهونءَ جي ڪهاڻيءَ جا حوالا اچن ٿا:

(١) سنڌ بئلڊس - هارت ڊيوز

ڪي مٿل ڏسي، ٻاڻ بہ جان ڏنائين. (١)

انگريزيءَ ۾ سسئيءَ بابت ساهتيہ

سسئي پنهونءَ جي پريم - ڪهاڻيءَ ڪڇ، سنڌ ۽ پنجاب ۾ آيل ڪن انگريزي آفيسرن تي ڪافي اثر ڪيو، خاص طرح شروع ۾ ڪافي وقت سنڌ ۾ ڏيان ڇڪائيندي رهي. سر رچرڊ ٽيمپل هن ڪي هڪ تمام مشهور ۽ عمدي ڪهاڻي ڪري ساراهيو. مسٽر ڪنڪيڊ هن ڪي انگريزن جي ڏيان تي آيل ڪهاڻين (سنڌ جون پراڻيون ڪهاڻيون، جن ۾ هير رانجهو ۽ سهڻي ميهار بہ شامل آهن) مان سڀ کان اول ڪهاڻي ڪوٺيو آهي. (٢)

هن ڪهاڻيءَ کي ڀرپائين پوريءَ طرح سر ايف گولڊ سمڊ "سسوي ۽ پنهون" جي نالي سان انگريزي شعر جي صورت ۾ ڇپارايو. سنڌس ڪاويہ رچنا جو آڌار سنڌ ۾ سسئي پنهونءَ جي چالو روپ تي آهي. مسٽر ڪنڪيڊ بہ سنڌي روپ کي اپنايو آهي ۽ اُن کي انگريزي نثر ۾ لکي، ڀرپائين "ٽائيمس آف انڊيا" ۾ ڇپايائين ۽ پوءِ "ٽيلس آف اولڊ سنڌ" ۾ شامل ڪيائين. مسٽر ڪنڪيڊ پنهنجو سڄو ڪتاب مسٽر اَئٽڪن جي گزيٽيئر ۾ سسئي پنهون جي ڏنل حوالي کان متاثر ٿي لکيو. سنڌس مکيہ چٽر بہ سسئيءَ جي ڪهاڻيءَ سان لاڳاپو رکي ٿو.

---

(١) محبت خان کان سواءِ ٻيا سڀ قصہ نويس ان ڳالهہ تي متفق آهن تہ سسئي ڪيچ تائين پهچي نہ سگهي - ويچاري "پنهون، پنهون" ڪندي اڌ واٽ تي مري ويئي.

(٢) ٽيلس آف اولڊ سنڌ - ڪنڪيڊ، ١٩٢٢، ديباچو، صفحو ١.

ڏوهيڙا چوندا هئا. گرڌاري لال چولا وڄائيندڙ تمام سٺا ڏوهيڙا ڳائيندو هو ۽ پنهون بڻبو هو.

اهو "جلوس" انهن ماڻهن جي گهر ويندو هو جن کي پٽ نه ڄمندا هئا. اهي ٻاس ٻاسيندا هئا ته پٽ ڄمڻ جي خوشيءَ ۾ ايندڙ هوليءَ تي هو سسئيءَ پنهونءَ جو سانگ ڪرائيندا. جن سياڻن گهرن ۾ اهو "جلوس" ويندو هئو، تن جي گهڻي عزت ڪئي ويندي هئي.

سسئيءَ جي ڪهاڻي فلمي پردي تي

"نه هي چنڊ هوندو، نڪي ڪي هي تارا
مگر مان هميشه تنهنجو ئي رهندس."

(سبيڪا)

سسئي پنهونءَ جي پريم ڪهاڻي فلمي دنيا کي موهڻ ۾ پٺتي نه پيئي. ١٩٤٧ع کان اڳ ئي "سسي پنون" نالي پنجابي فلم ماڻهن کي موهيو. اڄوڪي پاڪستان جي "ائن ايوَر ريڊي پراڊڪشن" ان کي هندستان ۽ پاڪستان جي جنتا لاءِ اردوءَ ۾ فلمايو. فلمي ڪهاڻي سرڳواسي بابو فيروزدين 'شرف' لکي، ۽ پيش ڪرڻ جو شرف جگديش آنند کي پراپت ٿيو. سسئيءَ جو پارٽ سبيها، ۽ اُني ڌوٻيءَ جو غلام محمد ادا ڪيو. فلمي ضرورتن کي نظر ۾ رکي، ڪهاڻيءَ ۾ گهڻيئي تبديليون ڪيون ويون.

سنڌ درياهه جي ڪپ تي وسيل ڀنڀور شهر ۾ هر ڪو ماڻهو پنهنجي پنهنجي غلطانيءَ ۾ آهي. اوچتو، واڄن ۽ نغارن جي ڌن سان، گهڻي وقت کان اولاد لاءِ سڪندر بادشاهه آدم جام جي گهر ۾ هڪ ڇوڪريءَ جي ڄمڻ جو اعلان ٿئي ٿو. چوڌاري خوشي ڦهلجي وڃي ٿي.

(٢) پاپيولر پوئٽري آف د بلوچس - لانگ ورٿ ڊيمس
(٣) امپيريل گزيٽيئر آف انڊيا - گهڻن جلدن ۾
(٤) بلوچستان ڊسٽرڪٽ گزيٽيئر سيريز - آر. ايچ. هُگس
(٥) ڊسٽرڪٽ گزيٽيئرس آف ڪراچي - اٽڪ ۽ بهاولپور
(٦) پنجابي صوفي پوئٽس - ڊاڪٽر لاجونتي رامڪرشنا (مسز مدن)
(٧) هسٽري آف انڊيا باءِ انس اون هسٽوريئنس - جلد پهريون سر ايليٽ
(٨) جرنل آف د رايل ايشياٽڪ سوسائٽي آف بينگال - جلد ٧ ۽ ١٤
(٩) دانڊين انٽيڪئري - گهڻن جلدن ۾.

سسئيءَ بابت عام پرنَ ۾ سانگ

لالا ذنچتراءِ ملتان نواسيءَ مونکي ٻڌايو ته ملتان جا هندو، ١٩٤٧ع جي ورهاڱي کان اڳ، سسئي پنهونءَ جي ورسي ملهائيندا هئا. هر سال هوليءَ جي ڀڄاڙيءَ واري ڏينهن هِن ٻنهي جوڙي جا سانگ ناهي، گهڻي ذوق ۽ شوق سان پيش ڪندا هئا. ٻه سياڻا واپاري ڳچيءَ تي خاص سهڻا ڪپڙا ويڙهي، سسئي پنهونءَ جو روپ ڌاري، اُٺن تي سوار ٿي ايندا هئا. پوءِ سرگس ناهي، ڍول شهنائيءَ جي گونج سان ساري بزار مان لنگهندا، واٽ تي بيهندا ۽ منزلون ڪندا ويندا هئا.

واٽ تي ”سسئي“ ۽ ”پنهون“ جا واري وٽيءَ سان دوهرا چوندا ويندا هئا. ڪين وناٽڪ لاءِ ٻيا خوش مزاج جوان هنن جي اُٺن سان گڏ وڏا پيدل ويندا هئا. عام طور هوُ نورالدين جا ناهيل

”توکي مون ڏسڻ کان سواءِ دل ڏني آهي،
توکي مون خوابن ۾ پيار ڪيو آهي.
مان تنهنجي لاءِ آهيان، تنهنجو ٿي رهندس.
نه هي چنڊ هوندو ۽ نڪي ڪي هي تارا،
مگر مان هميشه ٿي تنهنجو ٿي رهندس.“

آخر پنهون، پنهنجي سپنن جي راڻيءَ جو وڇوڙو سهڻ کان، بيحال ٿئي ٿو، ۽ آب هوا بدلائڻ جي بهاني، ڏاڍيءَ مشڪلات سان، ماءُ پيءُ کان اجازت وٺي، پنهنجي مسخري شير گل ۽ ڪن دوستن کي ساڻ ڪري گهران نڪري ٿو. درباري ناچڻ ”غزاله“ (جا هن کي دل ئي دل ۾ پيار ڪندي هئي) لڪي ڇپي قافلي سان شامل ٿئي ٿي.

سير، شڪار ۽ غزاله جون ڪوششون، پنهونءَ جي دل بهلائڻ ۾ ناڪام ٿين ٿيون. هو سسئيءَ جي عشق ۾ پاڳل ٿيل بند ڪرڻ جي چنتا ۾ آهي. ڀنڀور جي نزديڪ پهچي، هو هڪ رات پنهنجن ساٿين کان کسڪي شير گل سميت، سسئيءَ جي شهر ۾ داخل ٿئي ٿو. قسمت ساٿ ڏني ٿي ۽ ٻنهي جو ميل ٿئي ٿو. اهڙين گڏجاڻين کي جاري رکڻ لاءِ پنهون ۽ شير گل، چوڌري آتي وٽ نوڪر ٿي ڪم ڪن ٿا.

پر اهڙو پيار ڪيترو وقت ڳجهو رهي سگهندو؟ سسئيءَ جو پنهونءَ سان اهڙو لاڳاپو، آتي جي هڪ ڳوٺاڻي ”دارا“ کي پسند نه ٿو پوي، ۽ هو ڪوڙيون سچيون ڳالهيون ملائي آتي کي ڀڙڪائي ٿو. ايتري قدر جو هڪ ڏينهن آتو پنهونءَ کي مارڻ لاءِ گهات تي وڃي ٿو، پر سسئيءَ جي اچڻ ڪري آپدا ٽري وڃي ٿي. آخر پنهونءَ جو صدق ۽ نيڪدلي، چوڌري آتي کي سسئي ساڻس پرڻائڻ کان ٽٽا روڪين. دارا کي خبر پوي ٿي ۽ اندر ۾ بدلي جي باهه ڀڙڪي ٿي اٿيس. هو پنهونءَ کي اُٺ جي سواريءَ جو مقابلو ڪرڻ لاءِ ڀڙڪائي ٿو،

انهي وقت ڪجهه بدسوڻ. تارا ٽٽڻ، ٻليون ٻڙڪڻ، وغيره.
ٿيڻ شروع ٿين ٿا، جنهن ڪري ماڻهو تازي ڄاول ڇوڪريءَ
کي بدنصيب سمجهڻ لڳن ٿا. جوتشي به ڪيس راڄ ڀاڳ ۽ جنما
ٽي بوجهو ڄاڻائين ٿا. گهڻي سوچ ويچار کان پوءِ، (١) ٻار
کي ڌن مال سان گڏ، صندوق ۾ بند ڪري، درياهه ۾
لوڙهين ٿا.

قسمت هن کي درياهه جي ڪپ تي ڪپڙا ڌوئيندڙ
"اَتا" نالي ڌوٻيءَ وٽ پهچائي ٿي. ڇوڪريءَ ۽ ڌن مال
هٿ ڪري، ڌوٻي ۽ سندس زال جا ڀاڳ کلن ٿا. هو ڪيس
ڌيءُ وانگر پالين ٿا، ۽ سندس نالو "سسئي" رکن ٿا، ڇاڪاڻ
ته هن جو روپ چنڊ سان ملي ٿو.

سسئي ڏينهون پوءِ ڏينهن گڻن ۽ سونهن جو بي نظير نمونو بڻجندي
وڃي ٿي. سندس ساراهه ۽ خبرون، ڀنڀور جون حدون ٽپي،
ٻـر وارن ملڪن ۾ پهچن ٿيون. ذات برادريءَ جا ڌوٻي،
هن جي ٻانهن گهرن ٿا. هڪ گوندو ڌوٻي "دارا" هن
پنيان هٿ ڌوئي پوي ٿو پر سسئي سندس گهر کي ٺڪرائي
ٿي ۽ ويڙ وروڌ جو به مقابلو ڪري ٿي. ڪيس هڪ جوتشي
ٻڌائي ٿو ته تون حقيقت ۾ شهزادي آهين ۽ ڪنهن شهزادي سان
ئي پرڻبينءَ. تصويرن ۽ خوابن جي ذريعي سندس واقفيت
ڪيچ مڪران جي شهزادي "پنهون" سان ٿئي ٿي. پنهونءَ
کي به سسئيءَ جا سپنا اچن ٿا ۽ سندس سونهن جي خبر
ملي ٿي. ان ريت ٻئي هڪ ٻئي کي ڏسڻ بنا ئي عاشق
ٿي پون ٿا:

(١) نـئين ڄاول ڇوڪريءَ کي ماءُ کان کسڻ وقت جـو
نظارو نهايت دردناڪ آهي.

"مون سمجهيو نه ٻن ٽن گهڙين جي مهمان آهيان،
مهنجي عشق جي رنگين ڪهاڻي آهي.
مونکي شڪايت آهي نه دنيا وارن گڏجي،
اسانجون خوشيون ۽ خزانو لٽيو آهي."

رستي ۾ هن کي هڪ ڀيانڪ طوفان گهيري ٿو وجي. هوڏانهن جڏهين پنهونءَ کي هوش ٿو اچي نه هو به سسئيءَ کي ملڻ لاءِ ڀنڀور واپس وڃڻ جو سعيو ٿو ڪري. "سسئي سسئي" پڪاريندو، بيابان جهاڳيندو، اچي رهيو آهي نه، اهوئي طوفان هن کي به گهيري وجي ٿو. ٻئي پريمي گهڻي ڪوشش ڪن ٿا پر جنهن ميلاپ لاءِ لڙڇي رهيا آهن، اهو سندن نصيب ۾ لکيل نه آهي. آخر اهو طوفان سندن دکن ۽ دفن ٿيڻ جو ڪارڻ بڻجي ٿو.

سسئيءَ جو ريڊيو تي گيت-ناچ

سسئي پنهونءَ جي داستان کي ريڊيو رستي پيش ڪرڻ جو موقعو ملي چڪو آهي. هن شرف جي قابل آل انڊيا ريڊيو، جلندر آهي، جنهن جي پربندڪن ان کي هڪ گيت-ناچ ذريعي چوڏس ڦهلائڻ جي ڪوشش ڪئي. هيءَ ڪهاڻي پهريون ڀيرو ٢ سپٽمبر ١٩٥٧ تي، ۽ وري ٻيو دفعو ١٤ فبروري ١٩٥٨ (رات جو) جلندر کان چوڏس ڦهلاءُ ذريعي پڌائي وئي. ليکڪ سردار تخت سنگهه ۽ ڊائريڪٽر سردار هربنس سنگهه بيدي هئا.

هن گيت ناچ (نائڪ) ۾ ريڊيو جي ضرورتن کي سامهون رکي، ڪهاڻيءَ جي ڍنگ ۾ ڪيتريون تبديليون ڪيون ويون، جن جو اختصار هن ريت آهي:

ڀنڀور شهر جي ٻاهران، درياهه جي ڪپ تي، اٽا نالي هڪ ڌوٻي ڪپڙا ڌوئي رهيو هو. سندس زال فاتان آئي ۽

۽ پنهون قبول ڪري ٿو. مقابلي کان اڳينءَ راتِ، دارا جو يار- شيرخان- پنهونءَ کي مارڻ جي ڪوشش ڪري ٿو پر ناڪام ٿو ٿئي. دارا مقابلي ۾ هارائي ٿو.

پنهور ۽ مڪران جي وچ ۾ پراڻيءَ دشمنيءَ جي اوٽ وٺي، دارا ۽ سندس ساٿي، بادشاهه آدم جام وٽ اُتي جي غداريءَ بابت دانهن ڪن ٿا. بادشاهه سڀني کي گهرائي ٿو. پنهون ۽ اُن پنهنجو بچاءُ پيش ڪن ٿا، پر بادشاهه کين جيل موڪلي ٿو، ۽ پاڻ سسئيءَ جي سونهن ڏسي مٿس موهت ٿي پوي ٿو. پرڌان منتري بادشاهه کي سسئيءَ سان وواهه ڪرڻ جي صلاح ڏئي ٿو. بادشاهه تيار ٿئي ٿو پر پنهونءَ جي جيئري سسئيءَ کي ماڻڻ ناممڪن سمجهي، پنهونءَ کي تيرن سان مارڻ جو حڪم ڏئي ٿو.

سياڳي ڏوهڻ جي مدبي هن گهٽنا کي ٽاري ٿي ڇڏي، ۽ راڻيءَ (سسئيءَ جي سڳي ماءُ) جي مدد سان پنهون تيرن جو نشان بڻجڻ کان بچي وڃي ٿو. جڏهين بادشاهه کي پتو لڳي ٿو ته سسئي سندس سڳي ڌيءُ آهي ته ڏاڍو پڇتائي ٿو. آخر هو سسئيءَ کي پنهونءَ سان پرڻائڻ لاءِ رضامند ٿئي ٿو.

پر قسمت کي ڪجهه ٻيو منظور آهي. پنهونءَ جي ٻانهي دارا سان ملي، ڀيانڪ رٿون ناهي ٿي. پنهونءَ جا ڀائر پنهونءَ کي مڪران واپس وٺي اچڻ لاءِ پنهور پهچن ٿا. شاديءَ جي تياريءَ ۾ مست پنهونءَ کي هڪ رات شربت ۾ دوا ملائي پيارين ٿا، جنهن سان هو بيهوش ٿي وڃي ٿو. انهيءَ حالت ۾ هو راتوواهه هنکي مڪران جي رستي وٺي ٿا وڃن.

جڏهين سسئيءَ کي پنهونءَ جي ڀڄائڻ جو پتو لڳي ٿو ته هوءَ ڪيس ڳولڻ لاءِ "پنهون، پنهون" ڪندي نڪري ٿي پوي:

ڪولي ٿو. ساهيڙيون سسئيءَ کي پنهونءَ جي اچڻ جي خبر ڏين ٿيون:

”اڄ هڪ واپاري ۽ وڏو سوداگر،
مڪران مان آيو آهي،
جڻ آسمان جو چنڊ زمين تي لٿو آهي.“

سسئي ڏسڻ وڃي ٿي. ٻئي هڪ ٻئي کي ڏسي اَڪن چڪن ٿين ٿا. پنهنجي واقفيت ڪرائيندي پنهون چوي ٿو ته مان هوت علي بادشاهه جو پٽ آهيان ۽ منهنجا ٽي ڀائر ڪيچ ۾ رهندا آهن. سسئي پنهنجي ماءُ پيءُ کي پنهونءَ سان شادي ڪرائڻ لاءِ مڃائي ٿي. سندن شرط موجب پنهون ڪپڙا ڌوئي کين ڌوٻي هجڻ جي ثابتي ڏئي ٿو. قائل ڪپڙن ۾ مهرون وجهڻ سبب، ڪپڙن جا مالڪ به خوش ٿين ٿا. پوءِ سسئي ۽ پنهونءَ جي شادي ٿئي ٿي ۽ هو خوشيءَ ۾ پنهنجي جيوت گذارين ٿا.

هوڏانهن پنهونءَ جا ماءُ پيءُ پٽ جي وڇوڙي ۾ تڙپي رهيا آهن. جڏهين کين خبر پوي ٿي ته پنهون ڀنڀور جي هڪ ڌوٻڻ سان شادي ڪري اتي ئي ٽڪيو پيو آهي ته هو ڪيس ڪيچ گهرائڻ لاءِ پنهنجن پٽن (هوتوءُ، نوتوءُ، چنوءُ) کي چون ٿا. هو پنهونءَ کي چٺيون لکن ٿا ۽ پاڻ ڀنڀور ڏانهن روانا ٿين ٿا. اتي هنن جي ڏاڍي مهمان نوازي ٿئي ٿي. محفل لڳي ٿي ۽ ڀائر پنهونءَ کي هڪ شيشيءَ ۾ ڀيل ڪا شيءِ، شراب جي پيالي ۾ ملائي پيارين ٿا. هو مدهوش ٿي پوي ٿو ۽ ڀائر اُن حالت ۾ ڪيس اُٺ تي چاڙهي وٺيو وڃن ٿا. سسئي جاڳي ٿي ۽ پنهونءَ کي نه ڏسي روئڻ رڙڻ لڳي ٿي:

”هاءِ، امڙ! مان ته ٻهه لڇي ويس، هاءِ!
اَمان اهي نه ڀُورا نگهه هئا، گڏجڻ ڪرڻ آيا هئا.
هاءِ اَمڙ! ٻاهران نه پنهونءَ جا دوست ٺڳجي آيا،
آيا هئا ڀڄائڻ! مان ته ٻهه لڇي ويس، هاءِ!“

ڪپڙا سڪائڻ لاءِ آڻي جدا جدا هنڌن تي رکيائين. راڻيءَ جي ساڙهي وڇائيندي، ان جي نـر سنڌان هڪڙ جي ڳالهہ شروع ٿي (ڏو ٻـڙ ٻارڻ بہ ساڳيءَ طرح بدنصيب آهي). پوءِ راڻيءَ جي پيٽ ٿيڻ جي، خبر پڌائي ٿي. ايتري ۾ زال مڙس کي پاڻيءَ ۾ ڪجهہ ترندو نظر اَچي ٿو. اُتا انـکي ٻاهر ڪڍي اچي ٿو. صندوق ۾ تازي جاول ڇوڪري ۽ ڏن مال ڏسي ٻئي حيران ٿي وڃن ٿا، ۽ ڀڳوان جو شڪر ڪري، "چنڊ ٽڪري" جو نالو "سسئي" رکي، کيس پنهنجي ڌيءَ وانگر پالـڻ ۾ لڳي وڃن ٿا.

سسئي جوان ٿيڻ لڳي ۽ سندس سونهن ۽ جـواني آئـي وئـي لاءِ ڪشش جو چقمق بڻجي پيئي. ايتـري ۾ ڪيچ مڪران جـي ڪن واپارين جو قافلو اچي ٿو. سسئيءَ جـون ساهيڙيون کيس منٿ ڪري قافلو ڏسڻ لاءِ وٺي وڃن ٿيون. اُني قافلي جي سردار "ٻبن" سان سندس واقفيت ٿئيٿي. ٻبن سسئيءَ کي ڏسي دل ۾ سوچي ٿو تہ جـي ڪيچ جـو شهزادو ڪنهن طرح سسئيءَ کي ڏسي وٺي تہ هو هڪ ٿـي پڪ پنهنجو سڀ ڪجهہ مٿانئس قربان ڪرڻ لاءِ تيار ٿي ويندو.

قافلو واپس وڃي ٿو. ڪيچ ۾ پنهونءَ جي محفل چالو آهي ۽ غـزال ناچ پيئي ڪري. محفل پوري ٿيڻ سان ئـي ٻـبن سسئيءَ جي سونهن جي ساراهہ ڪري ٿو:

"هن جا ڪير جهڙا اَڇا ڏند، جڻ موتين جي قطار،
هنجي گفتار ۾، مڌ ڀـر لـارين جــو لــال،
هنجـــي انـگ انـگ ۾ ماڪيءَ جـــي سڳنڌ،
خدا جو قسم هنکي ڏسي،
مونکي ڏاڍي خوشي ٿي."

پنهونءَ اهو ٻڌندي ئي ڀنڀور ڏانهن رخ رکي ٿو. اُتي پهچي، واپاريءَ جو ويس ڪري، باغ ۾ اچي ٿو ۽ پنهنجا عطر قليل

پستڪ سوچي (Bibliography)

١. ائٽڪنس اي - ايچ - گزيٽيئر آف دَ پراونس آف سنڌ، ١٩٠٧۔

٢. ايليٽ ۽ ڊاسن - هسٽري آف انڊيا اَٽز ٽولڊ باءِ اِٽس اون هسٽوريئنس، ١٨٦٧۔

٣. برجوائز ۽ شيروود، ڪولمبيا سئڪلوپيڊيا، نيويارڪ ١٩٥٠۔

٤. برٽن، رچرڊ، "سنڌ"، لنڊن، ١٨٥١۔

٥. برٽن، رچرڊ، "هسٽري آف سنڌ"، لنڊن، ١٨٥١۔

٦. برٽن، رچرڊ، سنڌ، د اَنهٽپي وئلي، ١٨٥١۔

٧. بُلر هيوجز، بلوچستان ڊسٽرڪٽ گزيٽيئر سيريز - واليوم ٢، ٣ - ١٩٠٦۔

٨. ٽيمپل سر رچرڊ، انڊين اَئنٽيڪئري - جلد ١٨٧٦، ١٨٨٢، ١٨٨٦ وغيره۔

٩. ٽيمپل سر رچرڊ، ليجينڊس آف د پنجاب - جلد ١، ٢، ٣، بمبئي - ١٨٨١، ١٨٨٦۔

١٠. پوسٽنس ايسائين - جرنل آف د ايشيائڪ سوسائٽي آف بينگال - ١٨٣٨۔

١١. مسز پوسٽنس - ڪڇ - آر رئنڊم اسڪيچز - لنڊن، ١٨٣٩۔

١٢. سورلي ايچ. ٽي - شاهه عبداللطيف آف ڀٽ، هز پوئٽري لائيف ۽ ٽائيمس - لنڊن، ١٩٤٠۔

١٣. گولڊسمڊ ايف جي، سسئي ۽ پنهون، لنڊن ١٨٦٣۔

١٤. هنٽر ڊبليو ڊبليو - امپيريل گزيٽيئر آف انڊيا - جلد ١ ۽ ٩ - ١٨٧٤۔

١٥. مرزا قليچ بيگ فريدون بيگ - چچ نامو - ڪراچي، ١٩٠٠۔

١٦. مرزا قليچ بيگ فريدون بيگ هسٽري آف سنڌ، جلد ٢، ١٩٠٢۔

١٧. ڪنڪيڊ سي. اي - ٽيلس آف اولڊ سنڌ، لنڊن ١٩٢٢۔

آخر ھوءَ پنھونءَ جي ڳولا ۾ بيابان جي راھ وٺي ٿي ۽ ڀڄائيندڙن تي لعنت وجھندي ٿي وڃي:

"بدنيّت ھوتُو! بدنيّت نوتُو!
اي ظالم! مون سان سٺو ورتاءُ نہ ڪيو!
مٺھن جا مٺا، قلب جا ڪوڙا!
مون وياريءَ سان ڏوھ ڪيو!"

رستي ۾ "ڪاڪا" ريڍار گڏجيس ٿو. سسئي ڪانئس پاڻي گھري ٿي ۽ زوردار ھڏڪي اچڻ سان، ھنجي ڏسندي ڏسندي، "پنھون، پنھون" پڪاريندي پراڻ ڇڏي ٿي. ريڍار سندس قبر ٺاھڻ لاءِ، پاڙن کي ڪوٺڻ وڃي ٿو.

ايتري ۾ پنھون بہ "سسئي، سسئي" پڪاريندو، اچي ٿو پھچي ۽ ريڍار واڻان قصو ٻڌي، زوردار ھڏڪي ڪاڻي دم ٿو ڏي. ٻنھي کي ھڪ ئي قبر ۾ پوريو وڃي ٿو.

ڪھاڻي روپ ھيٺ ڏنل بيت سان ختم ٿئي ٿو:

"امر سي ٿيا عشق جنجو سڦل،
سسئي ۽ پنھون کي نہ سمجھو مئل."

نام - سوچي

	صفحو
اَڪبر	١٨٠
آغا محمد	٥٢
امرتسر	١٥٠
آڏت	٦٥
آدم جام	٤٩
آري جام	٦٣
احمد يار	١٣٨
اَياز شيخ	١٢٣
اِندرجيت منشي	١٨١
ايليٽ ڊاسن	١٥
ٻهاول پور	١٦٦
بنارسي داس	١٤٨
ٻيمبو	٦٥
برٽن ليفٽننٽ	٤٥
برهمپر	٢١
برهمڻ آباد	٣٦
بلوچستان	١٢٨
بيڪانير	١٧٤
ٻاٻيها	١٧٦
ٻيهيل	١٣٧
ٻڌ سنگهه	٢٧
پيرو	١٢١
پميورا	٢٧
پنج ند	١٦٩
پنجاب	٦٩
پاڪستان	٢٠٧
پٺهون	٥٥
پوسٽنس مسز	١٠٥
ٺمرو	٦٤
ٽيڄاسنگهه	١٥٢
ٺٽو	٣٥
ٺل مارو	٦٥
ٽيمپل سر رچرڊ	١٥
ٽڙو	١٧٧
جيسلمير	٣٥
جڳرامداس دولترام	١١٣
جوت پرڪاش	١٨٥
عبداللطيف شاهه	١١٤
علي شير خان	١١٥
سورلي ڊاڪٽر ايڇ. ٽي	٢٠٥
سدارام	١٤١
سندرداس	١٣٦
سوهڻي مهيوال	١٧٩
سالگرام	١٩٩
سنڌ	١١٢
شهباز خان	١٩١
حافظ برخوردار	١٦٩
حيدرآباد	٣٠

١٨. لاجونتي رام ڪرشنا- پنجابي صوفي پوئٽس
(١٤٦٠ - ١٩٠٠) ١٩٣٨.
١٩. موهن سنگهه ڊاڪٽر- آن انٽروڊڪشن ٽو پنجابي
لٽريچر، ١٩٥١.
٢٠. ڪننگهم- اينشنٽ جاگرافي آف انڊيا- ڪلڪتو، ١٩٢٤.
٢١. هينري ڪزنس- د انٽيڪئٽيز آف سنڌ وٿ هسٽاريڪل
آئوٽ لائينس- ڪلڪتو، ١٩٢٩.
٢٢. هارٽ ڊيوز- سنڌ ٽيلس.
٢٣. ڪروُڪ وليم- فوڪ ٽيلس فرام نارڊرن انڊيا- بمبئي ١٩٠٦.
٢٤. علي شير قانع- تحفة الڪرام- ١٧٧٣.
٢٥. شيخ اياز- پاڪستان ڪي عوامي ڪهاڻيان، ڪراچي.

	صفحو		صفحو
ڪراچي	٢٤	محمد حسين	١٩١
ڪيچ	١٢٤	محمد دين	١٥٣
ڪنڪيڊ	١١٨	محبت خان نواب	٢٠٢
قليچ بيگ مرزا	٢	منڊار	١١٥
گرداس	١٨	رنيا آچرا	١٩٥
گوبند سنگھ گرو	١٢	راج محمد	١٦١
گولڊ سمٿ ايف	٢٠٤	راجستان	١٧٣
چنون	٦٤	رانجها	١٧٩
ڏيارام گدومل	١٦	رسالو (شاھ جو)	١٩
ڊسمر گرانٽ	١٩٤	روشن لال آھوجا	٣١
دامودر	١٣٢	لاڙڪاڻو	٢٧
دلي راء ڪاراني	٤٥	وارث شاھ	١٣٧
دلوُ راء	٢٤	وير سنگھ	٤٨
ديبل	٢٣	هير	١٣٦
ناهيڪا	٥٣	هاشم شاھ	١٣٨
فضل شاھ سيد	١٤٠	هارٽ ڊيوز	٢٠٥
مدينا	١٥٢	هيوُبلر	٢٠٦
مارئي	٣	هير رانجها	١٧٩
موهن سنگھ	١٥٦	هوت	٦٠
مارو ئل	٣٤	هوت علي	٣٢
مع سنگھ پاني	٧٥	هتو رام	١٧
مرزا صاحب	١٧٩	يوسف زليخا	١٣٥
مير ڪرامت الله	٢٥	يوڪريٽانيڊس	٤
محمد بخش ميمڻ	١٤٦	يوناني	٦
		يهودي	١٦٦

سسئي پنهونءَ جي قصي کي
نڌي ساهتيه ۾ خاص اهميت آهي،
نهنڪري ڪيترن شاعرن ۽ افسانه-
گارن پنهنجي رنگ ڍنگ ۾ ان
ان قلمبند ڪيو آهي.

پنجابيءَ جي ودوان هرنام سنگهه
ان، گهٽيءَ جاکوڙ ۽ اونهي ابياس
ٿا، 'سسئي هاشم' ڪتاب ڇپائي
ڌرو ڪيو آهي جنهن ۾ هن صاحب
سيد هاشم شاهه جو منظوم قصو
'سسئي پنهون' ۽ سوانح عمري ڏني،
ند ۾ ڪهاڻيءَ سان لاڳاپو رکندڙ
مثال ۽ روايتون پيش ڪيا آهن.
ڪتاب ۾ ڪهاڻيءَ جي بنياد،
مان، مڪان، گهٽنائن، پاترن
وغيره جي باري ۾ جدا جدا ٻولين
۽ پراڻن مان کوجنا ڪري حوالا ۽
حقيقتون ڏنيون ويون آهن.

ساهتيه اڪادميءَ جي وچار
وجب سنڌي ساهتيه جي پريمين کي
هن ڪتاب ۾ ورتل ڪيل کوج
چاڻ لاءِ خاص چاهه ٿيندو. انهيءَ
خيال کان ڪن چونڊ نڪرن جو
رجمو ڪري هيءُ ڪتاب سنڌيءَ
ڇاپو ويو آهي، جو اميد ته پسند
وندو.